نيٽين ننڊِ حرام



منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

بمعرفت

مقبول احمد،

ب يو فلم اسٽ

نبر

شاه جي حالي،

اروڙ ابيري

21.12.93.

ٽي وي فلم اسڪرپٽ

ٻيڙين ٻـڌ ڀـرام

(شاهه جي جمالي، ڪلام ۽ تخليقي تصورات جي آڌار تي)

رچناڪار :

منوهر بيدي - جگديش لڌاڻي

وينا پبليڪيشن

٧٠١، راڄو اپارٽمينٽ،

گول ميدان، الهاسنگر - ٤٢١٠٠١.

فون : 540103

نينڊين ننڊ حرام : هڪ نئون تجربو

— پروفيسر ڪليان آڏواڻي

”نينڊين ننڊ حرام“ هڪ ريڊيو - ناٽڪ آهي، جو منوهر امدي ۽ جگديش لڇاڻيءَ جي قلم جو هڪ نئون ڪرشمو آهي. هن اڳ به ڪن نامور هستين تي اهڙا ناٽڪ لکي پيش ڪيا آهن جي اها ٽائيم پردي تي پيش نه ٿيا آهن پر عام انسان هستين جي روپ ۾ پڌرا ٿيا آهن ۽ مقبوليت حاصل ڪئي اٿن. هننکي اهو امتياز حاصل آهي جو هن سنڌي ادب ۾ اها هڪ نئين صنف ايجاد ڪئي آهي. اهو ئي هڪ معجزو آهي جو هو ٻنهي کين رقابت ۽ دلي صداقت سان اهڙيون رچنائون رچيندا رهن ٿا. اهو هڪ حيرت انگيز مثال آهي؛ نه ته هن رشڪ ۽ حسد جي زماني ۾ ڪيئن جيڪر هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيندا اچن! اهو ئي هڪ راز آهي ته هو ڪهڙي طريقي سان ڪنهن موضوع جو احساس ٿا ڪن ۽ ان کي لباس پهرائڻ ۾ ڪهڙو فنڪاريءَ جو نمونو ڏيا وڃن. ٻنهي جو روحاني مطلب آهي ۽ ڄڻ روحاني لوڪ آهي.

هي ريڊيو ناٽڪ شاه ڀٽائيءَ جي زندگيءَ ۽ سندس سير-و-سياحت جي نسبت ۾ آهي ۽ ان کي مطالع ڪرڻ سان لڳي ٿو ته هن نه رڳو خود رسالي جو احساس ڪيو آهي، پر رسالي ۽ شاه جي سوانح عمريءَ تي عالمن ادب ۾ لکيل پڙهيو اٿن ۽ موزون هنڌن تي شاه صاحب جي ڪلام سان اثر انگيز مثال پيش ڪيا اٿن. جوڳين جي صحبت ۾ سندس قلب ڪيئن روشن ٿي ڪيميا جي صورت ورتي، سو سائنس ڪمال سنياسين جي گفتار مان پڌرو آهي.

عنوان : نيڻين ننڊ حرام
رچناڪار : منوهر بيدي ۽ جڳديش لڇاڻي
سال : ۱۹۹۳
تعداد : ۵۰۰ ڪاپيون
قيمت : ۹۹ رپيا

ڇپائيندڙ : راجيش لڇاڻي، وينا پبليڪيشن،
۷۰۱، راجيو اپارٽمينٽ،
گول ميدان، الهاسنگر - ۴۲۱۰۰۱.
فون : ۵۴۰۱۰۳
ڇپيندڙ : ديپ پرنٽرس،
۶، اما ساگر اپارٽمينٽ،
بابا ڍولورام دربار جي سامهون،
الهاسنگر-۴۲۱۰۰۱. فون : ۵۴۸۱۶۳

Title : NENEN NIND HARAM
(Video Film Script on the Life, Poetry & Creative Imagination of Shah Abdul Latif)
Authors - Manohar Bedee & Jagdish Lachhani
Year : 1993
Copies : 500
Price : Rs. 99/-

Publisher : Rajesh Lachhani
701, Rajiv Apt. Goal Maidan,
Ulhasnagar-421001. Tel. 540103
Printers : DEEP PRINTERS
6, Amma Sagar Apartment,
Opp. Baba Dholuram Darbar,
Ulhasnagar-421001, Ph. 548163

حوالي ۾ وڌيڪ پيو. قدرت کي شايد منظور هو ته کيس محبت جو ڦهري ڪاٽ لڳي ۽ سندس قلب ۾ سمايل شاعراڻي خزاني جي ڪليد کيس عطا ٿئي. اهو ٻهراڙون واقعو هو جنهن مٿس اهڙو اثر پيدا ڪيو ۽ جوڳي جو مارڳ ورتائين. سنياسين جي صحبت جي اثر ۽ مجاز جي اثر کي ناٽڪ ۾ اڪثر نروار ڪيو آهي:

يار سڄڻ جي فراق،
ڙي جندڙو ن! آڻون ماري...!
عبداللطيف چئي پرين اسان جو،
هميشه آ حسناڪ!
يار سڄڻ جي فراق...

مٿين سٽن واري موزون هيئت تي آڻي شاه جي دلي ڪيفيت آئيني مثل روشن ڪيو اٿن.

گذري ٺڪر ڪان هنگلاج تائين ڪاپڙين جي قافلي سان جيڪي نظارا ڏٺا، تن کيس سهڻي جي ڪشالن جي ياد ڏياري ۽ ڪنجهر ڍنڍ تي نوري ۽ ڄام تماچي جي عشق ۽ محبت جو نظارو اکين اڳيان بيٺس، موٽندي درياه جي دهشت جو درشن ڏٺائين. دل جي آئيني ۾ سهڻي جو حال پڙهو ڏٺائين. موٽندي گجرات کڇ، ڪاٺياواڙ، ٿر جو سير ڪندي، مومل ۽ راڻي، پنهل ۽ راءِ ڏياچ، ليلا-چنيسر ۽ مارئي جي قصن کي دلنشين ڪيائين ۽ پنهنجي ڪلام ۾ رقت-آميز اهڙي پيش ڪيائين. انهن سڀني سرن مان هن ناٽڪ ۾ سندن ڪلام مان اثر-پذير ٿيڻ آندا ويا آهن. فردوسي جنهن شاهنامو لکي، ايران کي امر ڪيو، سو چوندو هو ته جيڪي به جڳهون يا نظارا وغيره مون بيان ڪيا آهن، سي پنهنجي تصور جي پردي تي عيان اچي ٿيندا هئا. مهاڀارت ۾ سنجيه جو مثال ڏيکاري ٿو ته - اهڙن پهچل شخصن جو قلب

١٩ آلائشان اڳي ٿيا، موٽي ٿين نه مس-

هو ٥٠ [illegible] کان آجا هئا ۽ موٽي مٿن ڪا ميراڻ نه چڙهي.

روميءَ سچ چيو آهي - گروهه سنگ خاره...

” جيئن ٽڪ ٽڪ تون سخت پٿر هجين ته به ڪنهن درويش جي صحبت ۾ گوهر ٿي پوندين. “ پنهنجي لفظن ۾ اهو ساڳيو پڙلاءُ پيو آهي.

اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته شاهه صاحب جي همت اڪيري ڪٿي به موجود ناهي پر هو پاڻ سان هميشه روميءَ جي مثنوي ۽ شاهه ڪريم جو رسالو گڏ رکندو هو. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن سندس تڙ ڏاڏا شاهه ڪريم ۽ پٽ واري هنڌ تان لنگهندي پيشنگوئي ڪئي هئي ته ” اسان جي پوين مان هڪ لاثاني گوهر پيدا ٿيندو. “ ظاهريءَ طرح پنهنجي استاد نور محمد ڀٽيءَ وٽ الف کان زياده اڳتي نه وڌيو پر اهڙن خدا دوستن تي علم لدني نازل ٿيندو آهي، جنهن ۾ سڀئي علم سمايل هوندا آهن. مون کي خوشي آهي، جو جگديش ۽ منوهر الهيءَ جو ذڪر آندو آهي. انهيءَ مان ثابت آهي ته سندن مطالعو وسيع ۽ صحيح آهي. روميءَ جو مشهور سخن شاهديءَ طور پيش ڪيو اٿن:

علم اهل - دل نه از مڪتب بود،
بلڪ از تلقين ها خدا، رب بود.
بي ڪتاب و بي حساب و بي ادب
اوليا را حق ڪند علمي نصيب.

مطلب ته درويشن جي تعليم ڪنهن مدرسي مان ناهي، پر سڌو ڪيئن رب کان عطا ٿيل آهي. ڀلا ڪنهن حساب ڪتاب ۽ استاد جي ڪيئن هيءُ علم عطا ٿئي ٿو.

مرزا جي دختر جي عليائيءَ ۾ دنا طلبيءَ لاءِ ڪيس سندن

پنهنجي پاران:

اسان ٻن اديب - دوستن جي "نيڻين ننڊ حرام" اسڪرپٽ فارم ۾ ڇهن گڏيل رچنا آهي. هيءَ رچنا شاه جي (نامڪمل ئي سهي!) تصوير آهي. هن تصوير ٺاهڻ ۾ ٻن ڄڻن ڀاڱو ورتو آهي. هڪ لڪيرون ڪڍيون آهن ٻئي رنگ ڀريا آهن. هڪ دل لڳائي آهي، ٻئي دماغ لڳايو آهي- تڏهن ئي وڃي شاه جي هيءَ نامڪمل تصوير مڪمل ٿي آهي

سنڌ جي پوتر ڀوميءَ تي سنه ١٦٨٩ ۾، هڪ اعليٰ درجي جو، مهان سنت ڪوي شاه عبداللطيف پيدا ٿيو، جو دنيا جي مشهور ۽ معروف شاعرن ۾ هڪ ممتاز هستيءَ جو مالڪ آهي هنکي شاعراڻي قوت اعليٰ پيماني تي عطا ٿيل هئي، جنهن ڪيس هر طرح ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر بڻائي ڇڏيو. شاه جو شعر، انيڪ ادبي جوهرن سان معمور آهي، جنهن تي سنڌ ۽ هند جي سنڌين کي ناز آهي.

شاه ڀٽائيءَ جي امر ڪوتا ۾، سنت ڪوي ڪبير، سورداس، تلسي ۽ ميران وانگر ڀڳتي، وئراڳ، يوگ ۽ گيان جو ميل آهي. هن پنهنجي وقت جي مذهبي تنگدليءَ، تعصب ۽ ڪٽرپڻي خلاف آواز اٿاري، عالم جي صحيح نموني رهنمائي ڪئي. حسام الدين راشدي شاه لاءِ ٺيڪ ئي فرمايو آهي، "... درحقيقت هن جي ذات يا هن جو پيغام نه ڪنهن خاص طبقي جي ميراث ۽ نه ڪنهن خاص ملڪ جي ملڪيت آهي. هن جو ڪلام هر انساني برادريءَ جي ميراث آهي ۽ هن جو پيغام سڀني انسانن لاءِ آهي، پوءِ هو مشرق ۾ رهندا هجن يا مغرب ۾."

ٿي آئيو آهي؛ انهيءَ ڪري هو سنڌوش ۽ راڳ شاعر کي ڪر ڪيٽر جي پڙ سماچار ڏيئي سگهيو. ماڻهن ۽ هوم لاهن هئا ۽ سلطاني نظر سان پرکوني ۽ آڪاش جا درشن، پيش ڪيا اٿن. شاهه جو ڪلام به اهڙي نموني الهام جي صورت ۾ آهي، جنهن جو ٻئي پروٽداقت ڏو فرمائي. مطلب ته شاهه جا سڀ تجربا ۽ تصوف-پاڙائون ذاتڪ ۾ آئل آهن ۽ درويشن سان ملاقاتن سان گڏ شاهه سان جوڳين جي گهان-گوشت ۽ قاضين ۽ مخدومن جي دلين ۽ روحاني گفتار جو به ذڪر آندو ويو آهي. رسالي جي جدا جدا سرن مان به مثالي بيت پيش ڪيا ويا آهن.

وڌيڪ وستار جي ضرورت ناهي ڇو ته ”عيان را چه بيان“ سي ڄه پيڪي پڌرو آهي، تنهن کي بيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ذاتڪ پڙهڻ سان شاهه احساسات سهيون طرح طرح ڀلي سگهي ٿي ۽ ذاتڪ پڙهڻ سان (جي پيش ٿيو) حاضرين تي سندس اعليٰ شخصيت جو سڪو دل تي دائم قائم رهندو. مان لکاڻي ۽ انهيءَ کي بيحد مبارڪون ٿو ڏيان جو هن ناٽڪ جي صورت ۾ شاهه کي زنده روپ ڏنو آهي.

حافظ سچ، ٿو چوي ته:

هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد به عشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما (حافظ)

”هرگز اهو نه مري، جنهن جي دل عشق سان زنده آهي. دنيا جي دفتر ۾ اسان جي امرتا هميشه لاءِ اڪري پئي آهي.“

(ث)

سئنيما جي ايجاد جتي ناٽڪ - ڪلا کي ڪافي ڌڪ هنيو، اتي ريڊيو جي ايجاد "براڊ ڪاسٽ اسٽوڊيو" ۾ اُن جو جڻ نئو جنم ٿيو. پهريون ڊرامو ناٽڪ - ڪار کي مونجهارن جي منزلن جي سمجهڻ، ٽارڻ ۽ گوڙ شور کان مڪتي ملي. ريڊيو لاءِ ناٽڪ لکڻ وقت ناٽڪ - ڪار کي پڙدن جو مهان اسٽيج رکڻ ۽ فرنيچر ٽوڙڻ کان باز آڻڻ لاءِ Sexual Bribery ڏيڻ جي ضرورت نه هئي. تنهنڪري سواءِ ريڊيو - ناٽڪ، ليکڪ کي اسٽيج جي پابندين ۽ زمان ۽ مڪان جي پڙدن کان بہ مڪت ڪري ڇڏيو، ڇو ته ريڊيو - ناٽڪ ۾ زمان ۽ مڪان جي سوچنا صرف آوازن (Sound Effects) ذريعي ئي ڏني ويندي آهي. اسر اڄ جي يگ ۾ سائنس اسان کي اڄا بہ وڌيڪ سهولتون ميسر ڪري ڏنيون آهن ۽ اهو سائنس جي سهولت جو اُپيوگ. ڪلا جي کيتر ۾ بہ ٿيڻ لڳو آهي. اڄ وگيان ويڊيو - يگ کي جنم ڏنو آهي ۽ ويڊيو - يگ جو اهم ذريعو آهي ٽيليويزن، جا تمام تيزيءَ رفتار سان سئنيما تي بہ حاوي ٿيندي ٿي وڃي. اڄ اسان کي وگيان جي بدولت اها بہ سهولت ميسر آهي جو اسين پنهنجي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ ويهي، پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجي دل - پسند ڪا بہ ويڊيو ڪئسيٽ ڏسي سگهون ٿا. مطلب ته گهر ۾ ئي اسان کي ونڊر جو ذريعو ميسر ٿيڻ لڳو آهي

اڄ راماڻ ۽ مهاڀارت دنيا کي پاڳلپڻي جي حد تائين عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي، اها سڀني کي خبر آهي. "بنياد" جي رسيلي پنجابي تهذيب جي سگند سرحدون لتاڙي دور دور تائين پهچي چڪي آهي. "ٿمس" سالن جا سال ماڻهن کي ياد ڏياريندي رهندي ته پنجاب جي سکن ورهاڱي جي آگ ۾ ڇا ڇا سواها ڪيو ۽ ڪيتري حد تائين شعلن جي تپش سٺائون ۽ قربانيون ڪيائون. "چولي دامن ۽ سانجها چولها"

صحيح معنيٰ ۾ شاعر انکي ئي سڏي سگهبو آهي، جنهن جو ڪلام زمان و مڪان جي پابندين کان ٻاهر، هر دؤر ۽ هر ماحول سان ٺهڪندڙ هجي. شاهه صاحب کي شعر چئي ٽن صدين کان مٿي عرصو ٿيو آهي پر پوءِ به سندس ڪلام جي ڪشش ۾ ڪمي ڪين آئي آهي. اڄ به سندس ڪلام اسان لاءِ ساڳي موزونيت ۽ مناسبت رکي ٿو. شاهه، پنهنجي ڪلام ۾ جذبات جي اها تند تنواري آهي، جا اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۽ هند جي باشندن جي ڪنن ۾ گونجي رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان هن دفعي پنهنجي اسڪرپٽ جو مرڪز شاهه کي ئي بڻايو آهي. پر اسان "نيڻين ننڊ حرام" ۾ شاهه جي حياتيءَ جي هڪ اڻ ڇهيل پاسي کي ئي وٺڻ ڪوشيو آهي، جنهن جي اپٽار اسان جي سنڌي عالمن گهٽ ڪا ڪئي آهي. شاهه صاحب هنگلاج ڏانهن ويندي سڄا سارا ٽي سال جوڳين جي سنگ ۾ رهيو. اسين سمجهون ٿا ته اهو عرصو شاهه جي زندگيءَ جو هڪ اهم ترين عرصو آهي، جنهن شاهه کي ٺاهيو، ٺپيو ۽ نکاريو. اسان شاهه جي شعرن کي آڌار بڻائي ئي ان جي اپٽار ڪئي آهي ۽ موزون هنڌن تي شاهه صاحب جي ڪلام مان مثال پڻ پيش ڪيا آهن. اهو برابر آهي ته اسان ڪلپنا کان ڪم ضرور ورتو آهي، ليڪن ڪلپنا به اها، جنهن کي ڪو ٺوس آڌار آهي. جيڪڏهن هن ڏس ۾ اسان جي همت - افزائي ٿي ته شاهه جي تصوير کي ايندڙ جلدن ۾ مڪمل ضرور ڪيو ويندو، اها پنهنجي توهان کي خاطري آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته اسان شاهه کي اسڪرپٽ فارم ۾ ڇو لکيو؟ جواب تمام سولو آهي. اڄ جو زمانو صرف ڪتابن پڙهڻ يا ريڊيو ۽ ٽيپس ٻڌڻ جو نه آهي. اڄ جو زمانو آهي ڏسڻ - ٻڌڻ جو ۽ پهڻي ٽي. وي. ۽ وڊيو جو. ٽي. وي. اڄ جي دؤر جو هڪ زوردار ماڌيم آهي.

عاشق آنگن چڙهيا

(شاه : سهرو سفر ۽ تخليقي تصورات)

ليٽمن ندب حرام - ويڊيو لاٽڪ - ا

۾ سکن جي تهذيب کي سنڌن ذاتي ڳڻن کي نکاري سڌاري پيش ڪيو ويو آهي. ”مرزا غالب“ ۽ ”گفتگو“ ۾ اردو ادب ۽ اسلامي تهذيب ۽ ان جا تجليدار پهلو اجاگر ٿيئي بيٺا آهن. ”امير خسرو“ ۾ صوفي مت کي پرڪاشت ڪيو ويو آهي ته ”ڀارت ايڪ کوج“ ۾ ڀارت جو اتهاس دلچسپ ۽ پر اثر نموني دنيا جي اڳيان جلوه نما ڪيو ٿو وڃي.

پر جن سنڌين آزاديءَ جي صدقي سڀ ڪجهه قربان ڪري، ڀارت ۾ شرڻارٿي ٿيڻ قبول ڪيو، ڪٿي آهي انهن جي دکن، دردن، ارمانن ۽ ترڪل خوابن جي تصوير؟ جن سنڌين ڀارت ۾ اچي مٽيءَ مان سون بڻايو، پنهنجي عقل ۽ محنت سان نه فقط پاڻ کي سکيو ستابو بڻايو، پر ڪ هزارين هندستانين کي روزگار ڏنو، ڪٿي آهي انهن جي پرشارٿ ۽ پرمارٿ جو داستان؟ جيڪڏهن سنڌي ان طرح نظرانداز ڪيا ويا ته نه صرف دنيا پر اسانجون ايندڙ پيڙهيون به اسانجي ڳڻن، قربانين کان اڻ-واقف رهجي وينديون.

انڪري اڄ اسانکي پنهنجن مهان-هستين، سنڌين جي ڳڻن ۽ ڪلائن جو پاڻ پرچار ۽ ڦهلاءُ ڪرڻو آهي. اهو ڪوئي واندو ڪونهي، جو اسان سنڌين جي ڳڻن، ڪلائن ۽ مهان شخصيتن کي وڌيڪ پڌرو ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪري.

اسانجي دلي تمنا آهي ته سنڌي ڪلائون، سنگيت، گيت، لوڪ-ڪهاڻيون، لوڪچرڻ ۽ مهان-هستين جا جيون چرتر روچڪ نموني پڻ اڳيان پيش ڪريون. ان لاءِ اسان انهي-اسڪرپٽ ماڌيم چونڊيو آهي. جيڪڏهن ڪو سنڌي دانشور ۽ سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو شيدائي اڳيان وڌي ۽ پنهنجو فلمون بنائي وي سيريل ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ته اسان ان سان هر ڪنهن قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

— پروفيسر جگديش لڇاڻي

(هڪ وڏو سائو پن وچ مان ان طرح ڏيکاريل آهي جو هڪ گرائونڊ مان آسمان "الله" لفظ ٺاهي رهيو آهي.)

مرداڻو آواز: سنڌ جي عظيم ترين شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڏاڏو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هڪ دفعي نون هالن کان ٿي ڪري پري ڪراڙ ڍنڍ پرسان لنگهي رهيو هو. آس پاس واريءَ جا دڙا هئا ....

(شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو واريءَ جي دڙي جي پرسان لنگهي رهيو آهي. ڪراڙ ڍنڍ ۾ ڪنهن ڪنهن وقت هوا لهرون پيدا ڪري رهي آهي. ٻيءَ حالت ۾ پاڻي شانت آهي. آس پاس جي زمين تي ڪجهه ٻڪي ڇهڪي رهيا آهن. دور دور تائين واري ئي واري ڦهليل آهي. اوچتو هوا جي رفتار ڪجهه تيز ٿيندي ٿي وڃي ۽ آسمان لڪجهي ٿو وڃي. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو آسمان ڏانهن نهاري ٿو ۽ ريتيءَ کان منهن ۽ اکين کي بچائڻ لاءِ هٿ جو ڇوڙ ڪڍي ٿو منهن تي وجهي ۽ ڪجهه تکي رفتار سان اڳتي وڌي ٿو.

اوچتو اذان اقامت جو آواز چئني هوائن ۾ ترندو ترندو سڄي ماحول تي ڇانئجي ٿو وڃي.)

الله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر

اشهد ان لا اله الا الله ....

مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.
مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.

شاهه :

سُپرِيان جي سونهن جي، ڳالهه ڪين وَڃي،
وڃي ڏر دوستن جي، سُوري سر هَڃي،
عاشق انگن چڙهيا، ٻيو سڀڪو لڄي،
لڄي لهوءَ پر پٽيون، ٻهران سر سڃي،
عاقل لي اوڇون ٿيا، ٻورو ڪين لڄي.

(سر يمن ڪلياڻ-داستان ٧)

کيو آهي ۽ انسان کي قيامت جي روز شفاعت نصيب ڪجهان ء.

بيشڪ تنهنجو واعدو ڪوڙو ناهي پنهنجيءَ رحمت سان

او سڀ ڪان وڏا رحم ڪرڻ وارا!

(شاه عبدالڪريم الڙيءَ وارو ڪعبه شريف ڏانهن منهن ڪري سعادت مندانا انداز ۾ بيٺو آهي)

شاه عبدالڪريم: نيت ڪئي آهي مون....

(ڪجهه دير چپن ۾ ڪجهه ٻڌائي ٿو.)

الاه اڪبر

(شاه عبدالڪريم الاه اڪبر چئي ٻئي ٻنهي هٿن کي ڪنن تائين آڻي ٿو ۽ ٻئي دن کان ڪجهه هيٺ کاٻي هٿ جي مٿان ساڄو هٿ رکي ٿو ۽ هيئان کاٻي هٿ کي پڪڙي ٿو. هو نماز ادا ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهي. ماحول ۾ ثنا جي گونج.)

ثنا: تنهنجيءَ پاڪيءَ سان گڏ اي الاه منهنجي دل

توکي ياد ٿي ڪري

۽ تنهنجيءَ تعريف سان گڏ

مبارڪ نالو آهي تنهنجو

۽ بلند آهي تنهنجو شان

۽ توکان سواءِ ٻيو ڪوئي معبود ناهي.

أعوذ بالله من الشيطن الرجيم

بسم الاه الرحمان الرحيم

(شاه عبدالڪريم نماز پڙهي رهيو آهي. سوره فاتحه جي ماحول ۾ گونج)

سوره فاتحه: الحمد لاه رب العالمين

الرحمان الرحيم.....

نماز جي لاءِ حاضر ٿيو !
نماز جي لاءِ حاضر ٿيو !
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو !
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو !

اَلصلوٰة خيرٌ من النوم .....

نماز سمهڻ کان بهتر آهي.
نماز سمهڻ کان بهتر آهي.

(ڪجهه وقفو کان پوءِ)
قد قامت الصلوٰة ....

يقيناً" نماز قائم ٿي وئي .
يقيناً" نماز قائم ٿي وئي .

الله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر
•

(ڪجهه وقفو کان پوءِ)
اَللهم رب هذه ....
الله تون پروردگار آهين انهن سڀني ماڻهن کي سڏائڻ جو ۽
۽ قائم ٿيندڙ نماز جو.
نبي محمد صلي الله عليه و سلم جي وسيلي سان المدد
درجو عطا فرماءِ
انهن کي مقام محمود ۾ کڙو ڪجانءِ جنهن جو تو واعدو

۽ نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪندس
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪندؤ.
توهان کي توهان جو
۽ مون کي منهنجو
بدلو ملندو

لڪم دينڪم ولي دين.
الله اڪبر ....

(الله اڪبر جو پڙاڏو جڻ ته هر هنڌ گونجي رهيو آهي. ڪراڙ بند. واريءَ جا دڙا، آسمان. شاهه عبدالڪريم هڪ واريءَ جي دڙي جي پاسان بيٺو آهي، هن جي سامهون ڪجهه الله لوڪ فقير ۽ صوفي لاڪوفي بيٺا آهن)

شاهه عبدالڪريم: الله لوڪو! فقيرو! صوفيو! هوُ سامهون وارو واريءَ جو دڙو ڏسو ٿا نه؟ انهيءَ دڙي جي پاسان اسان نماز پڙهي هئي....
(ڪجهه دير دڙي ڏانهن نهاري ٿو.)
..... اسان جي اولاد مان هڪ ولي ۽ وڏو شاعر هن هنڌ پنهنجو آستان جوڙيندو.

(شاهه عبدالڪريم جون اکيون اهي جڻ مستقبل کي صاف صاف ڏسي ۽ پڙهي رهيون آهن.)

*

(واريءَ جا دڙا.)

آواز: شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي اها پيشنگوئي لفظ به لفظ سچ ثابت ٿي. پر ڪجهه عرصي کان پوءِ. جڏهن سنڌ

هر قسم جي تعريف الله جي لائق آهي
جيڪو تمام عالم کي پالڻ وارو آهي
وڏو مهربان
۽ نهايت رحم وارو آهي
روز جزا جا مالڪ (اي الله)
اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا
۽ توکان ئي مدد وٺون ٿا
اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ
انهن ماڻهن جي رستي تان جن کي
تو انعام سان نوازيو
۽ نه انهن جي رستي تان
جن تي تنهنجو غضب نازل ٿيو
۽ نه ئي گمراهن جي
رستي تان
آمين
بسم الله الرحمان الرحيم

(شاه عبدالڪريم الحمد شريف کان پوءِ سوره الڪافرون پڙهي ٿو.
سوره الڪافرون جي ماحول ۾ گونج .)
سوره الڪافرون: قل يا يها الڪافرون....
چئي ڏيو
اي ڪافرو !
نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪريان ٿو
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪريو ٿا

٣- اُهيان تي آهون ڪريان، نعرو منجهه نصيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٤- ڪاهل آهيان ڪوڙي، رسي لاه رقيب:
درد جديدي، حب حبيبي!
٥- حاذق آهئين هن جو، اڄين شال عجيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٦- دوا آهئين دل جي، ٻيو لاءِ رهيس، طبيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٧- اُلا! عبداللطيف کي، ڪوڙي لاء، قريب!
درد جديدي، حب حبيبي!

(شاه جي بيت جا فقير واڻي اهڙي تلفظ ۾ ڳائن ٿا جو شايد ئي ڪنهن کي چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي. ها ڳائڻ جو نوع اهڙو ته دلسوز ۽ دردناڪ آهي جو درد جي تصوير اکين جي سامهون اچي ٿي اچي ٿي.

دلسوز موسيقي ماحول کي لرزائي رهي آهي.)
" شاه جو رسالو" جو ڪلوز - اَپ
پڻا اُٿلائجدا وڃن ٿا.
هڪ صفحي تي لکيل آهي:

سوانح عمري
۽
سير و سفر

بئڪ گرائونڊ ۾ شاه جي تصوير.
اکين جو ڪلوز - اپ.

✻

1689ع ۾، ڪاهوڙن جي ماڳ ۾، حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو جنم ٿيو....

شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ! شاھ عبدالڪريم جي اها پيشنگوئي ان وقت سچي ثابت ٿي جڏهن سندس ڏڙ پوٽي شاھ عبداللطيف خلوت پسنديءَ جي لحاظ کان ڪوٽڙي ڇڏي ٽيڪ اٿهيءَ جاءِ تي اچي پنهنجن فقيرن صوفين لاڪوفين سان گڏ واريءَ جي دڙي مٿان ڇپرڪي مٿي وجهي پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙو اڏيو. هڪ ننڍڙي مسجد. اڄ سيد حبيب شاھ ۽ امڙ لاءِ حويلي. فقيرن ۽ صوفين لاڪوفين لاءِ مقرر حدون. اهو هو ڀٽ جو اصلوڪو روپ....

وقت بدلجندو رهيو ۽ ان سان گڏ ڀٽ جو روپ رنگ پڻ تبديل ٿيندو رهيو....

(ڇپرڪي مٿيءَ جو جهوپڙو بدلجي سادي سودي ڀٽ جهڙي شڪل اختيار ڪري ۽.... پوءِ.... موجوده ڀٽ اڀري ٿي اچي. ماحول وجداني موسيقيءَ سان ڀريو پيو آهي، احاطي ۾ فقير شاھ جي وائي ڳائي رهيا آهن- تن-بدن کان بيخبر، وجداني حالت ۾ جڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا سان جڙيا پيا آهن.)

وائي:- معلوم حال حبيب!

مون کي درد ڏنهي، وو!

درد جدائي، حب حبيبي!

١- آلودي آزار ڪان، تو لئه تپس طبيب!

درد جدائي، حب حبيبي!

٢- شادي ڏيہن صحت جي، غمي لاءِ غريب!

درد جدائي، حب حبيبي!

نور محمد: ڇو ائين...

شاهه: ٻيو وري ڇا جي؟ الف کان پوءِ ته ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه.

(نور محمد ڪان هلڪو ڇرڪ نڪري ٿو وڃي. هڪ پل لاءِ هن جي چهري تي عجب جا نشان نمودار ٿين ٿا. پوءِ هوُ شاهه جي اکين ڏانهن نهاري ٿو. شاهه هن جي اکين ڏانهن اول ئي نهاري رهيو آهي. ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. ڪجهه دير ملئيون ئي رهن ٿيون نياپن جي اچ وڃ ٿئي ٿي. پوءِ نور محمد هلڪي مُرڪ مرڪندي ڪنڌ ٿو اکيون هيٺ ڪري. ان وقت ماحول مان هلڪي مردانگي آواز ۾ هيٺ ڏنل بيت اوور لئپ ڪن ٿا.)

بيت: اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
(ڏيهو سنگيت)
هلائيج هيين ۾، الف سندي اوڙ،
ته ڪتابن جي ڪوڙ، منجهائي معلوم ٿئي.

نور محمد: ابا، تون پنهنجي حق تي آهين.

شاهه حبيب جي گهر ۾ ڪمرو / اندر / ڏينهن

(شاهه حبيب جي چهري جو ڪلوز - اپ)

شاهه حبيب: تون بيشڪ حق تي آهين. اول ۽ آخر الف ۾ فقط الف ئي آهي...

(شاهه حبيب پٽ کي پاڪر ۾ ڀري بيٺو آهي.)

شاهه حبيب: پٽ، انهيءَ مام جي مون کي پروڙ آهي. پر دنيا جي ريت لبڙهڻ لاءِ، ظاهري علم ضروري آهي.

(پيءُ ۽ پٽ جون پاڻ ۾ نظرون ملن ٿيون.)

شاهه حبيب: مان اعتقاد سان چئي ٿو سگهان ته تو کي پڻ لدني علم جي تحصيل آهي.... عام ماڻهن کي اها خبر ڪونه هوندي آهي.

وائي ڳوٺ / آخوند نور محمد ڀٽيءَ جو گهرو مدرسو / اندر / ڏينهن

پنجن ڇهن سالن جي ٻالڪ شاهه عبداللطيف جون معصوم اکيون، ڪئميرا جي پل بند ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته وائي ڳوٺ جي مشهور عالم آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي گهرو مدرسي واري صفحي جي وچ ۾ ٻالڪ لطيف کي هٿ کان پڪڙي هڪ ماڻهو بيٺو آهي. سامهون کاٽ جي چوڪرس منجيءَ تي نور محمد ويٺو آهي.

ماڻهو : سائين، شاهه حبيب صاحب سلام مڪو ائو.

نور محمد : اچ ابا، ويهه اچ. هيءَ ٻار ته شايد ...

(ان وچ ۾ اهو ماڻهو نور محمد جي اڳيان اچي هن جي پيرن جي پرسان ويهي ٿو رهي. ٻالڪ شاهه لطيف هڪ طرف ادب سان بيٺو آهي.)

ماڻهو : هائو سائين، هي ٻار اٿو شاهه حبيب جو نور نظر لطيف... شاهه صاحب جي مرضي آهي ته سندن جگر جي ٽڪري کي وائي ڳوٺ جو مشهور عالم فاضل سائين آخوند نور محمد ئي دنيوي علم عطا ڪري.

نور محمد : اها شاهه صاحب جي وڏي قدر شناسي ۽ عزت افزائي آهي جو هو اسان جهڙن ناچيز کي ان لائق سمجهن ٿا ....

(نور محمد شاهه لطيف کي پيار سان هٿ کان پڪڙي پنهنجي ويجهو آڻي ٿو. مٿي تي هٿ گهمائيس ٿو. لطيف جي چهري تي معصوميت ڀري مرڪ آهي.)

نور محمد : پٽ، تنهنجو نالو آهي؟

شاهه : لطيف - عبدل لطيف ...

نور محمد : ٻچا، چؤ الف ...

شاهه : الف.

لاڏلي ۽ نوراني فرزند شاهه عبداللطيف کي موڪلي
رهيا آهيون....

(گماشتو شاهه حبيب ڏانهن ان طرح نهاري ٿو ڄڻ ڪجهه چوڻ چاهيندو هجي پر پوءِ هڪدم پاڻ کي روڪي ٿو وٺي.)

شاهه حبيب: (ڪجهه زور سان) نورا - ميان نورا آ آ آ....

(شاهه حبيب جو خدمتگار نورو اوطاق ۾ داخل ٿو ٿئي.)

شاهه حبيب: پٽ نورا، لطيف آهي اندر؟

نورو: هائو سائين، ننڍو شاهه صاحب اندر ويٺو آهي - ڪجهه پڙهي رهيو آهي.

شاهه حبيب: پڙهندو هوندو پير روميءَ جي مثنوي - ذرا سڏينس ته سهي...

(نورو وڃي ٿو.)

شاهه حبيب اسانجو فرزند پنهنجي عمر جي لحاظ کان ننڍو هجي پر نوراني آهي نوراني.

(شاهه عبداللطيف اوطاق ۾ داخل ٿئي ٿو. هن جي عمر ويهه کن سال آهي. قد ۽ بت ۾ پورو پنو ۽ سندس چهرو ڪڻڪ رنگو ۽ ڪجهه ڦڪاڻ ڏي مائل آهي. پر سندس اکيون ڄڻ نور سان ٽمٽار لڳيون پيون آهن ۽ انهن مان ذهانت ۽ فهم ڄڻ وسي رهيو آهي. لباس سادو سودو ۽ تقريبا" پيءُ جهڙو ئي پيل اٿس؛ مٿو اگهاڙو، وارن ۾ ڪجهه گهنڊ پيل. ڏاڙهي ۽ مڇون چهري جي رونق ۾ اضافو آهن. پنهنجي هلت چلت ۽ ڳالهائڻ جي طور طريقي مان هو ڪافي سنجيده ۽ هشمت وارو لڳي ٿو.)

شاهه حبيب: پٽ لطيف، مرزا مغل سائين جو نياپو آيو آهي.
سندن دختر ڪجهه عليل ٿي پئي آهي ۽ دعا گهرڻ لاءِ اسان کي گهرايو اٿائون. اڄ اسان وڃي سگهڻ جي حالت ۾ ڪو نه آهيون سو تون ئي هليو وڃ.

ڪوٺڙي / شاهه حبيب جي اوطاق / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاهه حبيب جي چهري تي. هو ڪجهه بيمار لڳي رهيو آهي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

شاهه حبيب: ميان، اسان کي هلڻ ۾ ته نه عار آهي نه اعتراض. پر اڄ طبعيت ذرا ناساز آهي. ڪيڏانهن وڃڻ تي نه دل ٿي ٿئي ۽ نه وري بدن ۾ طاقت ٿي محسوس ڪجي.

(ڪئميرا پل بيڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته شاهه حبيب پنهنجي گهر جي منڍ ۾ اڏيل اوطاق ۾ ڪاٺ جي مسند تي ٽول وهاڻي جي سهاري ليٽيو پيو آهي. عمر پنجاهه کن سالن جي اردگرد اٿس. سلوار ۽ قميص ۾ ملبوس. سندس پڳڙي مسند تي ڪنڊ کان پئي آهي. هو گماشتو لڳندڙ هڪ ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو آهي جيڪو ادب سان مسند جي پاسي ۾ بيٺو هو.)

گماشتو: سائين، منهنجي مالڪ مرزا مغل بيگ صاحب جو توهان ۾ ڪامل ويساهه آهي. توهان کان سواءِ هو صاحب دعا قبولي لاءِ ڪنهن کي گهر گهرائيندا ئي ڪو نه آهن. توهان ڪامل مرشد آهيو ۽ سوال مرزا صاحب جي نياڻيءَ آشا جو آهي. ويچاري بيماريءَ سبب بيحال پئي آهي.

شاهه حبيب: ادا، اسان ته هميشه کان سائين مرزا جي اڌ سڏ تي اچي حاضر ٿيندا آهيون. پر اڄ اسان بلڪل لاچار آهيون- بس مان بيزار ۽ زندگيءَ مان ڪڪ لڳا پيا آهيون.....

گماشتو: (هٿ جوڙي) سائين....

شاهه حبيب: (گماشتي کي وچ ۾ ڪٽي) پر اسان مرزا صاحب کي انڪار به نه ٿا ڪري سگهون... اسان پنهنجي

ڪوٺڙي / مرزا جي حويليءَ جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(منظر شامته: مغل بيگ ارغون جي ڌيءُ آئشه ڪپڙن ۾ ويڙهي سيڙهي بستري ۾ پئي آهي. چهري مان صاف بيمار ۽ ڪمزور لڳي رهي آهي. پر، ان هوندي به چوڏس جي چنڊ جهڙو هن جو حسن بيماريءَ جي حالت ۾ به نکري بيٺو آهي. آئشه جي پيرانديءَ کان سندس ماءُ ويٺي آهي ۽ ڌيءُ جي پيرن جون ترين ڪپڙي سان مهٽي رهي آهي. اوچتو هڪ داشته ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي.)

داشته: مرزا صاحب ڪمري ۾ اچي رهيا آهن- هن سان گڏ نديو سيد صاحب به آهي.

(آئشه جي ماءُ ڌيءَ جي پيرن جون ترايون مهٽڻ بند ڪري ڌيءَ کي ڍڪي ڍومي ٿي ۽ پاڻ به لباس ٺيڪ ڪري ٿي. داشته ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ادب سان اٻي ٿي رهي. اوچتو دروازي تي لڳل چلمن هٽائي مرزا ۽ شاهه لطيف اندر داخل ٿين ٿا. هن کي اندر ايندو ڏسندي ئي آئشه جي ماءُ پلنگ تان لهي زمين تي ٻهي ٿي رهي.)

مرزا: (شاهه لطيف کي) شاهه صاحب، هيءَ اٿوَ منهنجي نورِ نظر آئشه- ڪافي ڏينهن کان ٻخار ۾ پئي آهي. دوائون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون، هاڻي دعائن جو ئي ڀروسو آهي.

(شاهه لطيف آئشه جي ويجهو وڃي هن جي منهن ۾ چتائي نهاري ٿو. آئشه به اکيون کڻي شاهه ڏانهن نهاري ٿي. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون ۽ شاهه بيخوديءَ جي حالت کي رسي ٿو وڃي. ان بيخوديءَ ۾ ئي شاهه جو هٿ اڳتي وڌي ٿو ۽ آئشه جو هٿ پڪڙي، چمي کي کڻي ٿو هٿ سان سوگهو جهلي. سڀ عجب

شاهه لطيف : جي آبا ... جيڪو توهان جو حڪم.

شاهه حبيب : پٽ، تون ٻيهر ٻيو دفعو مرزا سائين جي دولت خاني ڏانهن وڃي رهيو آهين....

(پيءُ پٽ جون اکيون پاڻ ۾ ملن ٿيون)

... مرزا مغل بيگ ارغون آهن ۽ سندن گهر ۾ سخت پردو آهي. وڏا ماڻهو آهن، ڪافي رسوخ ۽ رسائيءَ وارا، پر اسان کي عزت سان ڏسندا آهن- اسان جا، انهن کٽي سمجهه، ڇو معتقد آهن. اسان سيدن کان سواءِ ڪنهن به ٻئي اشر کي سندن گهر جي چائنٺ اورانگهڻ جي اجازت ڪو نه آهي...

(پيءُ پٽ جون نظرون وري هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.)

.... پٽ لطيف. تون وڃ ۽ الله کان اهڙي دعا پن جيئن مرزا صاحب جي دختر جي علالت بلڪل دور ٿي وڃي ۽ صحتياب ٿي پوي....

(هڪ دفعو وري پيءُ پٽ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه دير ماٺيون ٿي رهن ٿيون. پوءِ شاهه لطيف ڌيمو ڌيمو سر لوڏي ٿو ۽ ڪجهه به ڪڇڻ کان سواءِ ئي اوطاق کان ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو. ڪماڻتو تڙ تڪڙ ۾ شاهه حبيب کي سلام ڪري شاهه لطيف جي پٺيان پٺيان وڏيون وڏيون پرانگهون پريندو ٻاهر نڪري ٿو وڃي. شاهه حبيب ڪجهه دير ٻاهرئين دروازي ڏانهن خال ۾ نهاريندو ٿو رهي پوءِ اکيون بوتي ليٽي ٿو پوي.)

شاهه حبيب : (هيٺ ڌيمي آواز ۾)

علم اهل دل نه از مڪتب بود،
بلڪ از تلقين خاصه رب بود.
بي ڪتاب و بي حساب و بي ادب،
اوليا را حق ڪند علمي نصيب.

ويو ٻر ٻاهران مات ۽ صبر اختيار ڪيائين ۽ ان وقت
پنهنجي مرشد جي نور چشم کي ڪجهه به ڪو نه چيائين.
مرزا مغل بيگ سمجهي ويو ته دعا جي بهاني آلش جي
ڇيڇ ڀڪڙي جڻ اشاري ۾ شاه لطيف هن سان
شادي ڪرڻ جي خواهش جي ڀڏرائي ڪئي آهي.

(پردي جي تصوير بدلجي ٿي. هاڻي اسان ڏسون ٿا ته مرزا مغل
بيگ ارغون ۽ شاه حبيب هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. مرزا
جي چهري تي ڪنورتا مليل گمڀيرتا آهي ۽ شاه حبيب جي چهري
تي نرمائي ۽ خاڪساري ڇانيل آهي. مرداڻو آواز اوور لئپ
ڪري ٿو.)

آواز : جڏهن شاه حبيب کي خبر پئي ته سندس لخت جگر جي
دل وڃي مرزا مغل بيگ ارغون جي دختر جي حسن و
شباب جي ڪمندي ۾ اڙي آهي ته کيس ڪو خاص عجب
ڪو نه لڳو. هو خود به هڪ پهتل شخص هو، شاعر هو،
جهانديده هو ۽ کيس اول ئي اهڃاڻ ٿي نظر آيا ته
لطيف سان اهڙو ئي ڪو عجيب و غريب حادثو ٿيندو.
کيس خبر هئي ته اهي حادثا ئي زندگيءَ ۾ موڙ آڻين ٿا
۽ انسان ڪٿان جو ڪٿي وڃي ٿو پهچي. مجاز حقيقت
جي پل آهي.

اَلمجاز قنطرة الحقيقه

شاه حبيب کان پٽ جي عشق جو درد سٺو نه ويو. هو،
لڇي لاهي مرزا جي چائنٺ لتاڙي سندس گهر وڃي پهتو
۽ سندس ڏيئي جو هٿ پنهنجي پٽ لاءِ طلبيائين. مـ
ڪي ان وقت به ڏاڍو غصو آيو پر پي ويو
ڏندن مان هڪ لفظ نه ڪڍيائين. فقط
ڏسنداسهن .

مان شاهہ جي ان حرڪت کي جاچي رهيا آهن.)

شاهہ : (بي - اختياريءَ ۾) جنهنجي آگر سيد هٿ ۾
تنهنکي لهر نہ لوڏو ....

(مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي ٿو وڃي. ۽ پنهنجو ڪمان ٻاڻ سنڀالي ٿو وٺي. آئشہ جي ماءُ جي چهري تي اهو غصي ۽ عجب جون لڪيرون اڀري ٿيون اچن. هوءَ ڪجهہ چوڻ ٿي چاهي ۽ مرزا اشاري سان بيگم کي روڪي ٿو ۽ ڌيري ڌيري شاهہ جي ڀرسان اچي هن جي ڪلهي تي هلڪو هٿ ٿو رکي.)

مرزا : شاهہ صاحب، توهان جا لک لک شڪرانا - منهنجيءَ دختر جي دوا نہ ٿي وني ۽ ڪنهن دعا نہ ملي سگهي.

(اشارو صاف آهي تہ هاڻي وڃو. مرزا ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو. شاهہ بہ ڌيري ڌيري هن جي پٺيان پٺيان هلندو چلمن هٽائي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. چلمن جنبش کائي پنهنجيءَ جڳهہ تي اچي ٿي وڃي. آئشہ خالي خالي نگاهن سان چلمن طرف نهاري رهي آهي.)

(شاهہ عبداللطيف جي هٿ ۾ آئشہ جي چهري واري تصوير جو پردي تي **Statue** . مردانو آواز اوور لئپ ڪريٿو.)

آواز : شاهہ عبداللطيف، ويهن ورهين جو نوجوان، آئشا جو ماهہ منير جهڙو منهن ڏسندي ئي بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو ۽ بي اختيار سندس زبان مان هي لفظ نڪري ويا.

جنهنجي آگر سيد جي هٿ ۾،
تنهنکي لهر نہ لوڏو.

اهي لفظ ٻڌندي ئي مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي

٢- جا تي ڪاٿي محبوبن جي،
آهه حسن جي هاڪ!
يار سڄڻ ....
٣- سرمو سهي ڪر اکين جو،
خاص پيران جي خاڪ!
يار سڄڻ ....
٤- عبداللطيف چئي، پرين اسان جو،
هميشه آ غمناڪ!
يار سڄڻ ....

(شاهه رحيمه جي دڙي تي چڙهي رهيو آهي. هو سڄو رستو سان لڳي ويو آهي.)

※

شاهه حبيب جي حويلي / اندر / ڏينهن

(شاهه حبيب مسند تي طول وهاڻي جي سهاري ليٽيو پيو آهي. پنهنجن خيالن ۾ گم، غم ۾ غلطان، حيران پريشان. چلمن هٽائي، شاهه حبيب جي وڏي بيگم ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي. پر شاهه حبيب کي سڌ به ڪو نه ٿي پوي. ٿوري ٿوري هلندي هوءَ اچي پٺار جي پرسان بيهي ٿي. هاڻي شاهه حبيب جي خيالن جي تار ٽٽي ٿي ۽ هو بيگم ڏانهن نهاري ٿو.)

بيگم : دنيا جا ڏک، درد دور ٿا ڪريو، اگهن کي سک ٿا ڪريو، گمراهن کي سڌين دڳ ٿا لڳايو، پر پنهنجي لال پنهنجي جان جي بيماري کي ڪجهه سمجهائي ان اوڙاه کان آجو نه ٿا ڪريو...

(شاهه حبيب ڪجهه جواب نه ٿو ڏئي فقط پنهنجي زال جي منهن ۾ نهاري ٿو.)

ٻڌو سيدن لاءِ ڪوٽڙيءَ جي ان گهٽيءَ ۾ رهڻ ئي
مشڪل ٿي پيو....

(پردي تي ڪاري رات جو نظارو - نه چنڊ، نه تارو. فقط اونداهي ئي اونداهه. ڪڏهن ڪڏهن مشعلن جا اُلا نظر ٿا اچن. اهڙيءَ طرح اونداهي ئي اونداهه آهي.)

آواز : آرغونن سيدن سان پاڻي ڪيو. شاهه حبيب لاءِ ان کان
سواءِ ٻيو ڪوئي رستو ئي ڪونه بچيو ته هو سڀئي ڪتاب
قيمتي سوڌو اُتان لڏي ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهي....

(شاهه حبيب ۽ سندس ڪٽنب قيمتي سامان سوڌو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي.)

آواز : شاهه حبيب مجبور ٿي، ڪوٽڙي ڇڏي، اتر طرف، ڪجهه
مفاصلو پري وڃي ٽار حويلي اڏي ويٺو.

(شاهه حبيب ۽ هن جو ڪٽنب نئين حويليءَ ۾ ويٺا آهن. شاهه جو اداس چهرو ۽ غم ۾ ٻڏل اکيون.)

❋

واريءَ جا دڙا / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه عبداللطيف ويڳاڻن وانگر ريگستان ۾ ڀٽڪندي محبوب کي پڪاري رهيو آهي. شاهه لطيف جو درد وائيءَ جي صورت ۾ اظهار پائي رهيو آهي.)

شاهه : (وائي ڳائي ٿو.)

يار سڄڻ جي فراق،
ڏي جهڙيون آئون ماري!
يار سڄڻ جي فراق!
ان در دوس جي ڪيئن جو هوندا،
موں جهڙا مشتاق!
يار سڄڻ....

پنهنجي اصل ۽ نسل کي ياد ڪر. تون معمولي
عورت ڪو نه آهين. تون مخدوم دياني عربيءَ
جي دختر آهين. مخدوم دياني جهڙو مجذوب
هو. خدا جو مجذوب، الله جو ديوانو.

بيگم : پر سائين، منهنجو پهريون پٽ ته ....

شاهه حبيب: درويش جي دعا کان پوءِ جيڪو پهريون پٽ ڄائو ۽ خدا کي پيارو ٿي ويو. اهو ان لاءِ جيئن ان جو عقل، ان جو فهم، ان جي ذهانت ۽ ان جي عمر اسان جي هن ٻئي لطيف کي ملي وڃي. ڌيرج ڌار وهلور نه وڃ.

بيگم : سائين، توهان ڀلي مون کي سڀ سمجهاڻيون ڏيو ۽ هزارين حيلا هلايو پر ماءُ جي دل ماءُ جي دل آهي .... مون کي ڪجهه به ڪري، ڪهڙي به طريقي سان لطيف آڻي ڏيو - سائين لطيف آڻي ڏيو.

(بيگم روئي پئي وڃي. شاهه حبيب به رومال جي ڪنڊ سان اکيون اگهي ٿو. مسند تان هيٺ لهي ٿو. پيرن ۾ جتي پائي ٿو ۽ زال جي منهن کي ٻنهي هٿن ۾ پڪڙي، اکين سان آٿت ڏيئي، ڌيري ڌيري ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. بيگم جون اکيون اڃا آليون آهن.)

واريءَ جا دڙا / ٻاهر / ڏينهن

(دور دور تائين ڦهليل ريگستان. واريءَ جا دڙا. آسمان ۾ سج. زمين تتل. چوطرف واري ئي واري. واريءَ جا طوفان. شاهه حبيب پنهنجي پٽ جي ڳولها ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. هو سڄو

بيگم : مان لطيف کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهان. سائين ڪو ڀلو ڪريو. ڪجهه ڪريو. اڄ ٻه يا ٽي ڏينهن ٿي ويا آهن جو لال جو مکڙو ڪو نه ڏٺو اٿم. سائين ڪجهه ڪريو نه ته مان مري ويندس سائين....

شاه حبيب: (گهري ۽ ڏکي آواز ۾) جڏهن جگر جي ٽڪري نور-نظر کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون لکين جتن ڪيا، هڪ ٻئي جي پٺيان ٽي شاديون ڪري تنهنجي سهڻي جي مٿان ان ٻهاڄن جو بوجهه وڌم، ڇا ان کان هڪ پل به پري رهڻ مون لاءِ ممڪن آهي؟ بس، هڪ ڳڻتي آهي، هڪ وسواس آهي ته جيڪو لطيف، سائين لطيف جهڙي الله-لوڪ جي دعائن سان مليو آهي، ان جو ڪڏهن، به ڪنهن به حالت ۾ وار به ونگو ٿيڻ وارو ناهي....

(شاه حبيب چپ ٿي ٿو وڃي. سندس زال ڪجهه ڪڇي ڪو نه ٿي فقط خاوند جي منهن ڏانهن نهاري ٿي.)

شاه حبيب: ياد اٿيئي لطيف سائينءَ ڇا چيو هو؟ چيو هئائين- وڃ، وڃي خوشيون ملهاءِ مهان حبيب! توکي هڪ پٽ ڄمندو جيڪو پنهنجي وقت جو قطب ٿيندو ۽ ان جو نالو منهنجي نالي پٺيان رکجانءِ - يعني عبداللطيف- دلجاءِ رک، اسان جي لطيف کي ڪجهه به ٿيڻ وارو ناهي. هن کي ته پنهنجي وقت جو قطب ٿيارو ٿي ڪري سڄيءَ دنيا کي رستو ڏيکارڻو آهي....

بيگم : سائين، دنيا کي رستو ڏيکارڻ وارو، مون کي ته ائين ٿو لڳي، اڄ پاڻ ئي رستو ڀلجي ويو آهي.

شاه حبيب: تون ائين نه چئو، خدا جي نالي ائين نه چئو.

شاهه لطيف : ٻيئي ڪٿي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

(شاهه حبيب ٻيهر حب ۽ پيار مان پٽ کي ڪٽي تي گلي لڳائي ۽ پوءِ ٽڪرو ٽڪرو واريءَ جا ٿيهه هٽائيندو ٿو وڃي. ان وقت ۾ شاهه لطيف جون نظرون دور-تمام گهڻو دُور ڪجهه تلاشي رهيون آهن.)

※

سانگرو واهه / ٻاهر / ڏينهن

(سانگرو واهه جي ڪپ تي شاهه لطيف ويٺو آهي . هو ڄڻ ڪنهن تي خيال ۾ اٽڪيو ته گم آهي جو هن کي اِها به سمجهه ڪونه ٿي ٿئي ته هن جا هٿ ڪڏهن ڪا ننڍڙا ننڍڙا پٿر - پٿر چونڊن ۽ ڪڏهن ڪا واهه ۾ اڇلائي لهرون پيدا ڪن. اجايل ٻڪريون پياس ٻجهائڻ لاءِ دور ڪنان واهه طرف ڊڪنديون اچي رهيون آهن. ٻڪرين جي ”مين مين“ جو آواز، ڊڪڻ جو آواز ۽ گلي ۾ پيل گهنڊڙين جي ڪن ڪن جو آواز شاهه لطيف جي محويت جي تار ٽوڙي ٿو ڇڏي. هو ٻڪرين ڏانهن نهاري ٿو.

ٻڪريون واهه ۾ منهن وجهي پياس ٻجهائن ٿيون. شاهه کين ڏسندو ٿو رهي.

پياس ٻجهي وڃڻ کان پوءِ اهي ٻڪريون واهه ۾ ڦولهڙيون ٿيون وڃن.

شاهه لطيف ڏسندو ٿو رهي.

واهه ۾ ڦولهڙيون ڪرنديون ٿيون رهن.

شاهه ڏسندو ٿو رهي. شاهه جون اکيون ڪنهن سوچ ۾ گم آهن.

واهه ۾ ڦولهڙيون وجهي ٻڪريون واپس هلنديون ٿيون وڃن. شاهه سوچ ۾ گم آهي.

واريءَ سان ڍڪجي ويو آهي. هو هر هر اکين کي پٽڪي جي ڪنڊ سان صاف ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو آهي ته من ڪو لطيف جو نشان پتو ملي.

اوچتو هڪ جت اچي ٿو اتان لانگهائو ٿئي. هو شاهه حبيب جي پرسان اچي ٿو لهي. طوفان جي آوازن سبب انسان کي ڪجهه به ٻڌڻ ۾ ڪون ٿو اچي پر اشارن مان ائين ٿو لڳي جڻ ايڪ سليڪ کان پڇڻ جت شاهه حبيب کي هڪ طرف اشارو ڪري ڪجهه ٻڌائي ٿو. جت سلام ڪري پنهنجي راهه وٺندو ٿو وڃي. شاهه حبيب ان طرف ڏانهن وڃي ٿو جيڏانهن جت اشارو ڪري ڪجهه ٻڌايو هوس.)

(شاهه عبداللطيف نيم بيخوديءَ جي حالت ۾ واريءَ جي دڙي ۾ اڌ دٻيو پيو آهي. واري سندس بدن تي ته چاڙهيندي ٿي وڃي پر شاهه لطيف کي ڪائي ڪل ڪونه ٿي پوي.

شاهه حبيب دور کان اچي رهيو آهي.

شاهه لطيف واريءَ ۾ پيو آهي.

شاهه حبيب جي نظر پٽ تي پوي ٿي. هن جا قدم ڪجهه تيز ٿي وڃن ٿا.

شاهه لطيف جي نيم - بيخود جسم جي مٿان شاهه حبيب جو پاڇو پوي ٿو. شاهه حبيب پٽ جي اهڙي حالت ڏسي ڪجهه دير لاءِ ته سڪتي جي حالت ۾ اچي ٿو وڃي. هو پٽ جي اڌ پوريل بدن ڏانهن خالي نگاهن سان نهاريندو ٿو رهي. شاهه لطيف کي ڪجهه به خبر ڪونه ٿي پوي.)

شاهه حبيب : (نهايت ئي دردناڪ انداز ۾) :

لڳي لڳي واءُ، ويا اکرڙا ڍڪجي.

(شاهه لطيف ان سوزناڪ صدا تي مدهوشيءَ جي حالت مان چرڪ ڀري سجاڳ ٿئي ٿو ۽ پيءُ کي وراڻي ٿو ڏئي.)

شاهه حبيب ۽ شاهه لطيف يعني پيءُ ۽ پٽ جو
مڪا ميلو خارجي ثابت ٿيو. هڪ ڏينهن موهه ۽ ممتا
جا سڀ بندڻ ٽوڙي اوچتوئي اوچتو، بنان ڪنهن
کي ٻڌائڻ چتائڻ جي شاهه لطيف جهنگ ـ منهن ڏيئي،
مائٽن کان الوپ ٿي ويو. دنيا جي سچي ۽ حقيقي
تصوير ڏسڻ لاءِ دنيا کان دور هٽي. ڪنارو ڪري
ويٺو.

(شاهه عبداللطيف ريگستان ۾ واريءَ جي هڪ دڙي تي چڙهي
رهيو آهي. Statue شاهه کي سادي سودي پوشاڪ پهريل آهي.
بدن تي ڪاري ڌاڳي سان سبيل هڪ گيڙوءَ رتي ڪفني، مٿي
تي سفيد رنگ جي وڏي ٽوپي ۽ ڪلاهه ۽ ان جي مٿان ڪاري
رنگ جو ڪپڙي جو ٽڪر ويڙهيل. سندس هٿ ۾ جوڳين جي
بيراڳين جهڙي لٺ آهي. کاڌي پيتي لاءِ پاڻ سان هڪ ڪشڪول
کنيو اٿائين. پيرن ۾ جتي ڪانه اٿس. شاهه جي ان تصوير سان
گڏ ئي شاهه جي بابت ۾ هيٺ ڏنل بيان ڏنو وڃي ٿو.)

بيان : (مرداڻي آواز ۾)
ڀيرومل مهرچند "لطيفي سير" ۾ لکيو آهي ته -
سير ۾ تعليم آهي. پر جو اکيون کولي نه هليو تنهن
جهڙو سير ڪيو تهڙو نه ڪيو. سچو سيلاني سدائين
اکيون کولي هلي ٿو ۽ هيءَ ساري قدرت، جا هڪ
ڪامل ڪتاب جي مثل آهي تنهنجو هر هڪ جزو
چڱيءَ ريت جاچي ۽ خاص خاص ڳالهين مان ان
وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اهڙو سچو سيلاني شاهه
لطيف هو. عام خلق رواجي ڪتاب پڙهي ٿي پر

شاهہ لطيف : (پاڻ سان) ٻڪريون جي واڌ مان پياس نہ ٻجهائن
ها تہ واهہ ڪي گدلو نہ ڪن ها....
(ڪجهہ دير بعد)
ڳولهيندي ٿي ڳولهيندي رهان.
ڪنھن نہ ملان هو سدا
جو تہ سائين !
جيڪو فراقان سو وصالان نہ ٿئي !

(شاهہ جو گنڀير چهرو - سوچ ۾ ٻڏل اکيون . واهہ. هاڻي واهہ جو
پاڻي صاف آهي. ڦولڙين جو ڪٽي ۽ نالو نشان آهي ئي ڪونہ.
شاهہ لطيف واهہ ۾ اڀرندڙ لهرن ڏانهن نهاريندو ئو رهي.)

*

(پردي تي شاهہ لطيف جي چهري جو ڪلوز- اپ)

آواز : شاهہ عبداللطيف تي عشق جو خمار اهڙو تہ غالب
هئي ويو جو هن لاءِ گهر ۽ شهر جڳ شمشان ٿي
پيا ۽ بيابانن صحرائن ۾ ڀٽڪڻ ۾ ئي هن جي دل
کي عجيب سڪون ٿي ملو ۽ بي-انداز راحتون ٿي
ملون .
شاهہ جو اندر تہ اول ئي اجلو هو. عشق جي جلون
ان اجالي ۾ بي-پناهہ جلوہ ۽ رنگ پري ڇڏيا. عشق
جي ڪيف وسرور شاهہ لاءِ روحانيت جون راهون
کولي ڇڏيون ۽ روحانيت شاهہ جي عشق ۾ اتساهہ
او نهائي ڀري ڇڏي، بيحد اُڌام پري ڇڏي، گنڀير
گهرائي ڀري ڇڏي ۽ پرستش جي قابل پاڪيزگي
ڀري ڇڏي.
شاهہ جو عشق فقط شخصي عشق نہ رهيو. هاڻي
اهو سڄي عالم لاءِ روحانيت جو رهبر اٿهي پيو.

(شاهه اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو ڪمس ڪي جوڳي ڏسڻ ۾ ٿا اچن جيڪي پنهنجيءَ ئي مستيءَ ۾ مگن، دنيا کان بيخبر ريگستان لتاڙيندا ڪنهن منزل ڏانهن هلندا ٿا وڃن.

شاهه اڳتي وڌي رهيو آهي - ڪجهه تيز رفتار سان. جوڳي هلندا ٿا وڃن.

شاهه جا اڳتي وڌندڙ پير.

جوڳين جا اڪيچار پير.

شاهه جوڳين سان ملي ٿو وڃي ۽ مستيءَ ۾ اچي ڳائي ٿو.)

شاهه : ڏولي سا ڏورين، جا جوڳ سڱي، نه پڳي،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪو ڙين،
وڃا اُس وڙين، جمع لهايت ناهه ڪا.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : ڏيک نه ڪڍو ڏونگرن، جيڪي ڏيک ڪرين،
اهڃاڻون عالم جون، اوريان لڪي آهن،
تهان پوءِ ڏسين، پريان سندي ڳالهڙي.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : سدائين سفر ۾، رهن مٿي راهه،
پرين پڙ رب پنڌ ڏي، منجهه موالي ماهه،
جن الله سين آگاهه، هلوا تڪيا پسون تن جا.

(جوڳين ۽ شاهه جو سفر جاري آهي.)

شاهه : سامي ڪامي پرينءَ لڳ، ڪسي ڪيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪي، تهڙو تن ثواب،
او تن آڳي ڪاڻ لون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، تون ڪئن پڇين تن کي؟

(سفر جاري آهي)

هن اڪثر قدرت جو ڪتاب پڙهيو هو ۽ قدرت جو نظارو هن جو مڪتب هو. شاهه صاحب جو اهڙو اول ئي ڪليل هو باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي ڪماليت حاصل ڪرڻي هئس.

قدرت جي مڪتب مان ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب جي پڙهڻ جو نمونو ئي پنهنجو هو. هن جون اکيون، ڪن ۽ ٻيا حواس سڀ ٻيءَ طرح جا هئا ۽ هن جي خيال جي رفتار به نرالي هئي.

شاهه صاحب جيڪي سئر سفر ڪيا سي سڀ سچي سائينءَ جي اڪنڊ ۽ اڪير وچان... سفر جي آزمودن ۽ اٿون سندس حقيقي عشق کي تحريڪ ۽ ترقي ڏني. هو اڳ ئي سون هو، پر هاڻ پارس ٿي پيو... اهڙو سهڻو ۽ سنجيدو، مٺو ۽ من-موهيندڙ ڪلام هو تڏهن چئي سگهبو آهي جڏهن هرهنڌ اکيون کوليون هلبو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي هن کي سچو سيلاني سڏجي ٿو.

(فوٽو ٽيل تصوير ۾ حرڪت پيدا ڪئي ٿي ۽ اسان شاهه لطيف کي واريءَ جي دڙي تي چڙهندو ڏسون ٿا. چوگرد واري ۽ واريءَ جا دڙا. دور دور تائين ڦهليل ريگستان. خاموشيءَ ۽ تنهائيءَ وارو ماحول. شاهه واريءَ تان اٿي وتندو ٿو وڃي. فضا ۾ هڪ ڏوهيڙو گونجي ٿو.)

ڏوهيڙو: هنئين سڄڻ سارينا،
ڪٿي هوندم هير؟
اچي لالن ات ڏسن،
متي الکن پير؟
ٿي ونهڻ وير،
ڪچهه ڪير هيان ڪن سين؟

ڪنهن ٽڪر ڪان پوءِ شاھ جي رسالي ۾ ڪنجھر ڍنڍ جو ذڪر اچي ٿو. ان تعلق ۾ "ھيلايا" نالي ڳوٺ آھي؛ ھيلاين واري ٽڪريءَ جي ھيٺان ڪنجھر ڍنڍ لڳي وھي.

ھيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي ۾ وڏاھ،
اھي وھي وچ تماچيءَ جي ساھ،
لڳي آسر واءُ، ڪنجھر ھندورو ٿئي.

شاھ صاحب پنھنجي ڪلام ۾ لوڪ ڪھاڻين جي رستي جيڪو روحاني راز ۽ آتمڪ انڀو جو وستار ڪيو آھي، ان جي شروعات، لڳي ٿو، اتان ئي ٿي.

(شاھ لطيف ھيلايا ٽڪريءَ تي ويٺو آھي. اڪيلو، پنھنجي خيالن ۾ گم.)

ھيلايا ٽڪريءَ تان شاھ صاحب ڪلپنا جي اکين سان اھو نظارو ھو-بہ-ھو ڏٺو....

شاھي محلات. ھيٺان وھندڙ ڪنجھر ڍنڍ. گلن ڦلن کي رقص ڪرائيندڙ آئر جي ھوا. چانڊوڪيءَ جيان چمڪدار لھرون. ڪنجھر ڍنڍ ھيٺ ھڪ پينگھو جنھن ۾ لڏندي لڏندي ڄام تماچيءَ نوريءَ سان پيار جون سرڪيون ڀريون ھيون.

نوري ھئي نہ مھاڻي ھار:
جنھن سڪو رڃ سرلنڌڙي ڏين راتين ۾ راڻي.

(ڪنھن ھيلايا ٽڪريءَ تي ويٺل شاھ لطيف جي نظر جي ڪنڊ ڪان ڪنجھر ڍنڍ کي گھور ڪري ٿي. ڪنجھر ڍنڍ ۾ ھڪ شاھي ٻيڙو تري رھيو آھي.)

ٻيڙيءَ ۾ ڄام تماچي ۽ نوري ٻئي - ليلا ۾ مگن آھن. ٻئي جڻ ھڪ ٻئي تان صدقي وڃي رھيا آھن. آس-پاس کان بيخبر. لڳي ٿو جڻ ڪامديو ۽ رتي ھڪ وڏي عرصي جي وڇوڙي کان پوءِ ھڪ ٻئي

شاهه : جي پاڻين جوڳي ٿيان ته سڱ سڀئي ڇڻن،
وڃي در دوستن جي، نانگا ا ڪير لسن،
پٽ ٿمين جي ٽڙن، جن ڀڄهي لسه ڀڄهو.
جي پانيئن جوڳي ٿيان ته سڱ سڀئي ٽوڙ،
جي جاوا نه چاهيندا، جسيءَ ٿمين سي جوڙ،
ته تون ڀڇين ٽوڙ، محبت جي ميدان ۾،
(سفر جاري آهي)

شاهه : پٽ ڇڏيائون پٽ ۾، ڏڌ ڇڏيائون ڏس ا
آلا نشان اڳي ليا، مرڻي ٿين لسه مس،
هيءَ ڇڏيائون حس، وڃي مڪالهه ڪل ليا.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن. نظارا بدلبا ٿا رهن. واريءَ، ميدان، پهاڙ، جهنگ، درياهه. سفر جاري آهي.)

جابلو پرڳڻو / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه لطيف جي ڇهري جو ڪلوزاپ. هو جابلو رستا پار ڪندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

آواز : (مرداڻو) شاهه عبداللطيف ڀٽجي رسالي جي سر ڪاهوڙيءَ
۾ ڪنجهي ٽڪر جي واکاڻ ڪئي آهي، جو نه الهيءَ ٽڪر
رستي ٿي هو ڪن جوڳين جي سنگ ۾، هنگلاج جي
تيرٿ تي ويو هو. ڪنجهي ٽڪر تي روحاني اسرار نه
ڄاڻين ۽ ڪاپڙين جي لاءِ نه جاچيائين. هي "ڪنجهي"
جي معنيٰ "روحاني ڏيس ڏسا راهه" وٺي گهرجي.
ڪنجهو ٽڪر حيدرآباد سنڌ جي ڏکڻ طرف آهي ۽ ان
جي دامن ۾ ڪاليءَ جو مندر آهي.

٢- ڪنڌ ڳيءَ گوشو ڪيو
عطر اوس او تيائين :
هيري ....

لوڙيءَ سان ڄام جي ملادي.
شاد مانا.

٣- انڊا، منڊا آئيا
سخا سڌ وڌائين!
هيري ....

مهاڻا مالا مال ٿي ڳايو ڄن.
سڀڏن خوشيون ايمثال آهن.

٤- پسو جوڙ جوان جو
ڪر هٿ ڪوڙ مٿائين!
هيري ....

لوڙيءَ ۽ ڄام جي سهاڳ رات.
ٻئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾.

٥- قيمت ڪمٽن سين،
جهڙي ومت وڌايئين!
هيري ....

لوڙي سخاوتون ڪئي ٿي
ڪري. سڀ هن مان خوش آهن.

٦- موتي مڇيءَ هٿ تي،
ڪوڏن جهن ڪڍايئين!
هيري ....

سڀيون لوڙيءَ وٽ سلام لاءِ
اچن ٿيون. لوڙي نمرتا سان
پيش اچي ٿي.

٧- ماڻڪ ميائن ۾
چاڙهن جهن چڙهيائين!
هيري ....

اسڪري ٿي لوڙي ڄام جي ماڻهون
ٿي سر رکي ليٽيل آهي. ڄام
ڀاڪر ۾ ڀريس ٿو.

٨- ڏاڍي سون سوال ۾
رهي رالڊ ڪيائين!
هيري ....

سڀيون خوب سهڪار ڪيل. لوڙي
اداڻي وڃي ٿي. ڄام لوڙيءَ کي
ڀاڪر سان وٺي ٿو وڃي.
لوڙي ٻت-رائي.

٩- ڀاڻمڪ آئي ڀاڻ سين،
لعلون سڀ لٽيائين!
هيري ....

١٠- ڦمرو زا ڦيرون تسان
گهوري سڀ گهورايائين!
هيري ....

پڙهي ۾ لوڙيءَ ۽ ڄام جي
لاڙ بيت - ليلا.

سانَ ملي رهيا آهن.
شاهه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز-اپ. هو پڪ تڪ پنهنجي ڏانهن نهاري رهيو آهي.
شاهه : (چپ مرڪندي ۾)

سو سلامت سپرين، مرڪڻا تسون ۾ موهيج!
آهن لار اکين جـو، وڙان مون ۾ وهمبج،
تماچي! تڪبج، ڪو ڏيهن ڪنجهر ڪملن.

(شاهه پنهنجي ڏانهن نهاري ٿو، پنهنجي ۾ نه پهڙو آهي نه جام ۽ نه نوري. لهرون، لهرون ۽ فقط لهرون.)

✻

هيلايا ڏڪري - ڪنجهر ڍنڍ/

(لانگ شاٽ، ڏڪري تي شاهه اڪيلو بيٺو آهي. ڪنجهر ڍنڍ وهي رهي آهي. سنگيت.)
شاهه : هيري هنڌ وڌائين،
وهي سائين وچ ۾!
(سنگيت. وائي سان گڏ ئي نوري-جام تماچي جو سڄو عاشقاڻو دور دهرائجي وڃي ٿو.)

•

وائي

هيري هنڌ وڌائين،
وهي سائين وچ ۾!
هيري ....
۱- نوازش لـوڙي جي،
آهي تماچي تـالئين!
هيري ....

درشيه

شاهي پهڙي ۾ سوار جام-
نوري تي نظر ٿي اولس-

نوري جا ليڪ جام کي گهائي
ٿا وجهن - نظرون ملن ٿيون.

هندو : هائو سوامي جي، اهو ٺٽو نگر ئي آهي.

(ڪجهه ڏکي آواز ۾)

ٺٽو، جتي سمه سؤ سال اڳ ڀائپي مرڪز راڄ ڪندو هو جنهن هندن سان ڀائپي ڪندي هئي ۽ جنهن کي ورونڌ ديو جي اوتار امر لال سيڪت ڏيندي سندن دڳ لاتو ۽ سمجهايو ته هندو - مسلم هڪ ٻئي جا ويري نه پر ڀائر آهن، ڀائر.

شاهه لطيف: ابا، جي توکي ست سؤ سال پراڻين ڳالهين جي خبر آهي ته سهڻي ميهار جي پريم - ڪٿا جي به ڄاڻ هوندءِ، ڪيئن؟ اسان ته ٻڌو آهي ته سهڻيءَ جي قبر هتي ٺٽي ۾ ئي ڪٿي آهي.

هندو : سائين، سهڻيءَ جي قبر ته برابر هتي به آهي. پر سهڻي-ميهار جي قصي بابت ڪيئن ڳالهيون مشهور آهن.

شاهه لطيف: اَبا، جيئن ته؟

هندو : سائين، ڪي چوندا آهن ته اهو پنجاب جو قصو آهي. اُتي سهڻي-ميهار کي چون سوني-مهينوال. ڪن جو وري چوڻ آهي ته اهي ٻئي پريمي شهدادپور ۾ ٿي گذريا آهن. شهدادپور مان اڳي درياهه وهندو هو. سهڻيءَ جي قبر شهدادپور شهر جي ٻاهران جڙيل آهي ۽ ميهار جي قبر ته شهدادپور شهر جي وچ ۾ هڪ پاڙي ۾ آهي.

شاهه لطيف: اسان جو خيال آهي ته اها پريمين جي جوڙي لڳ ٺٽي ۾ ٿي گذري آهي. ابا، اسان سهڻيءَ جي قبر جو ديدار ضرور ڪنداسين. اَبا، سهڻيءَ جو ساهڙ سان ازلي ناتو هو. ڏٺيءَ جي عاشقن جي [illegible]

١١- اٽي، عبداللطيف ڇئي
اڇلي اَمـل ڏنائين!
ڀري ....

جام انهن لوُرِيءَ جو اُرلهه
ڪري. جام هن تسان صدقي
وڃي رهيو آهي.

ڪڇو رستو / ٻاهر / شام

• (جوڳي ۽ شاهه لطيف ڪڇ جا رستا، ڏڙا، جهنگل پار ڪندا اڳتي وڌندا ٿا وڃن ۽ مردانو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز : سنڌ ۾ جڏهن سمن جي صاحبي هئي تڏهن سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ پهريائين ساموئي نگر هو. اڄ اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي جيڪو مڪليءَ ٽڪريءَ جي اُتر طرف، ٻه ميل پري تي، هڪ مٿاهين پٽ تي قائم آهي. جام تماچي ۽ نُوريءَ جون تربتون اڄ تائين اُتي آهن. ساموئيءَ کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ ڪلان ڪوٽ ٿيو ۽ ان کان پوءِ ٺٽي جو شهر سنه ١٣٤٠ع ڌاري ٻڌو.

ٺٽو اڳتي هلي ان ڏينهن سان ڀرپور هڪ وڏو نگر ٻڌجي پيو، جنهن ۾ نواب جو محل به هو. نواب جي محل جي چوگرد سدائين رونق لڳي پئي هوندي هئي.

• جيتوڻيڪ ٺٽي جون گهٽيون سوڙهيون هيون پر ته به اڻاٽ واپار جو مرڪز هو ٺٽو. سرسبز کيت، گهرو هنر ۽ ڀريل بندر، جاهي ٻين ساموندي بندرن تان ڏيساورن سان واپار جو سلسلو. ان وقت ٺٽو سنڌ جو لڪ هو....

(جوڳي ۽ شاهه ٺٽي جي وچ ۾ پهچي چڪا آهن. هڪ ماڻهو جيڪو هيئت چلت مان هندو لڳي رهيو آهي، سامهون کان اچي رهيو آهي. جوڳين جي وچ ۾ اچي هو هٿ جوڙي سڀني کي پرڻام ڪري ٿو.)

جوڳي : آها، هو سامهون ٺٽو نگر ته آهي نه؟

شاهه لطيف: نه ڪاتيءَ نه ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو،
انگ اُتهين لکيو، جت نه رسي پانهن،
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن؟ قضا قلم وهائيو.

(سنگيت. ماحول ۾ وائي گونجي ٿي ۽ سهڻي-ميهار جي زندگيءَ جا خاص خاص واقعا ڏيکاريا وڃن ٿا.)

وائي	درشيه
مدد ٿي ميهار! يار! ساهڙ! سائر سير ۾! مدد ٿي	سهڻي درياءَ ۾ لڙهندي لڙهندي ميهار کي سڏي رهي آهي.
١- اونها ڪن، اتانگ تڙ. اؤلي هڙ، آڌار! مدد ٿي	سهڻيءَ کي ڏسندي ئي عزت بيگ هوش وڃائي ٿو ويهي.
٢- ڏينهن ڏهلا ڏمر سين، آهيان اوهان ڌار! مدد ٿي	سهڻيءَ کي ڏمر سان نهارڻ. عزت- بيگ تلا ڪنهن وقت نوڪر ٿي رهي ٿو.
٣- ٻيڙل پاڻي پار ڪري. آس اُڀا آر! مدد ٿي ...	عزت بيگ ميهار. سهڻي ۽ ميهار تي فدا ٿي وڃي ٿي. نهار.
٤- تتي گهڙي سهڻي، آڳهه رءَ آڌار! مدد ٿي	سهڻيءَ جي ڏمر سان شادي. ميهار سنياسي ٿي ويو.
٥- ڪاري رات، ڪچو گهڙو، توڏيءَ کي تنوار! مدد ٿي	سهڻي ميهار کي جوڳيءَ جي ويس ۾ سڃاڻي ٿي.

۽ ازلي آهي...
عدن ناهه عشق، ڀڃائي ڀان لهي-
ڀڄن جي مهار کي، ڀڄي سي مهار،
ڏرهو تنهن ڀار، عشق جنهن کي آڪرو.

(هندو شاهه لطيف جي اکين ۾ عجيب چمڪ ڏسي ٿو. جوڳين جي مقناطيسي ڪشش کان ۽ هو بچي نه ٿو ۽ آخر سهڻي کي پرڻام ڪري انهن جو رستو وٺي هلندو ٿو وڃي.

سج لهڻ وارو آهي. جوڳي نم جي هڪ جهُڙ وڻ جي ڀاسي ۾، زمين تي ئي ڌڙو جمائي ويهي ٿا رهن.

شاهه لطيف جوڳين کان ٿورو پريرو وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهي. هن جي ڪلپنا جي اکين ۾ سهڻي-ميهار جي پيار-ڪهاڻي رقص ڪري رهي آهي.)

شاهه لطيف: وهه تڪ، واهڙ تڪ، جمع ڏهن، تڪ ترالي،
جن کي عشق عميق جو، حلوت خيالي،
وارثين سي، والي ادئڙو جن هٿ ڪيو.

(شاهه جي تصور ۾ اهو نظارو ڦري ٿو وڃي جنهن ۾ سنڌس هٿ ۾ آنهن جي ڇيڇ آهي. شاهه جي اکين جو ڪلوز-اپ.)

درياهه / ڀاهڙ / رات

(لانگ شاٽ. درياهه ۾ دهشت آهي ڪچو گهڙو پرزا پرزا ٿي چڪو آهي. سهڻي ٻڏندي ٻڏندي ميهار کي پڪاري رهي آهي. پر درياهه جي دهشتي شور و غل سبب هن جو آواز لهرن ۾ ئي دفنائجي ٿو وڃي.)

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ)

هڪ ڌوٻي: يا الله! هيءَ ڇوڪري ته سونهن ۾ سچ پچ چنڊ آهي.
ڪهڙي سنگدل ماءُ - پيءُ هن کي هيئن ڪٺي لهرن
جي حوالي ڪيو آهي.

ٻيو ڌوٻي: آها، هل ته هلي هيءَ درياهه جي سوکڙي لالا محمد
جي حوالي ڪريون.

(ڌوٻي صندوق ۾ ٻي ڪنيا کي وجهي، ٻڪ ڪولي، محمد جي
گهر طرف وڃن ٿا. محمد پنهنجون ٻئي ٻانهون وڌائي ڪنيا
کي هنج ۾ کڻي ٿو. هو ڏاڍو خوش آهي.)

محمد: ننڍور جي شهر ۾، محمد ڌوٻيءَ جي گهر اسان تو جهڙي
هيري جو استقبال ٿا ڪريون. ڌيئڙي، تون خدا تعاليٰ
جي نعمت ٿي ڪئي لالا جي گهر جيءَ آئين، ڀلي آئين. مان ٻانڊ
اولاد جو سڪايل آهيان. مون کي ته بس - گهر ٻيٺي ٻها
خزانو ملي ويو. خزانو.

هڪ ڌوٻي: سائين، سونهن ۾ ته ننڍڙيءَ ساڳي سان چنڊ نه آهي...

محمد: رچي يار، جڏهن چنڊ جو نالو کنيو اٿئي ته هن ماڻڪ
جو نالو به ٿا ڪٺي رکون سسئي. ڇوڪريءَ جو چنڊ سسئي.
(سڪينس.)

وائي: ١- ننڍڙا لهو ٻانڊ سان، ٻو رهيو ٻر نيائي ا
ڇوري....

(رانديون ڪنديون ڪنديءَ، ٻکندي ڊکندي سسئي جوان ٿي
وڃي ٿي. سونهن ۽ جواني جو شمر ۽ شعلو.)

وائي: ٢- ٻو رهيو ڪندس ٻر جر،
پرندس ٻاڻي ا
ڇوري....

(پنهون پنهنجي ننڍو ۾ شان سان گاڏين تي ويٺو آهي. هن جي
سامهون هڪ ماڻهو ويٺو آهي.)

مندر کٽ تي سمهي پئي آهي. سندس ٻر ۾ ڳاڙهن چاول ڪڻيا ليٽي پئي آهي. کٽ جي پاسي ۾ مندر جو پتي نائون ٻانهن ٻڌو آهي.)

نائون: مندر، مان ارهڻ آهيان، جوتش جو ڄاڻو آهيان. هن ڪنيا جي گرهن جو گهرو ابياس ڪيو آهي. اسان ٻنهيءَ ۾ هڪ ماڻڪ - موتيءَ جهڙيءَ ڪنيا کي جنم ته ڏنو، پر...

مندر: پر ڇا سائين؟

نائون: هن ڪنيا جو لڳن هڪ أجنبيءَ سان لکيل آهي.

مندر: أجنبيءَ؟ يعني ڪير؟

نائون: ڪوئي ٻه ڌاريو - ٻئي ديس جو، ٻيءَ جاتي جو، ٻيا ٻئي ڌرم جو... ڪوئي ٻه ڌاريو ماڻهو...

مندر: پوءِ؟

(ٻئي جون اکيون ٻاڙ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه طئه ٿي وڃي ٿو.)

(نائون هڪ صندوق پاڻيءَ واهه جي لهرن جي حوالي ڪري ٿو. صندوق ترندي اڳتي وڌندي ٿي وڃي. نائونءَ جي اکين ۾ پاڻي آهي. هو ڌوتيءَ جي ڪناريءَ سان اکين جون آليون ڪنڊون اگهي ٿو ۽ واپس وري ٿو. صندوق ترندي رهي ٿي. سنگيت.)

وائي: ڇوري ڇڏ ۾ ڇپريسن
ٻارو ڇل ٻانهي،
جاڻ جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ٻالي!
ڇوري ....

(ٻيهر جي پر، درياءَ جي ڪناري تي ڪجهه ڌوٻي ڪپڙا ڌوئي رهيا آهن. اوچتو هڪ صندوق ترندي ترندي اچي ٿي ڪناري ٿانئين پهچي. ڌوٻين جي نظر صندوق تي پوي ٿي. صندوق ڪناري تي آڻي کولن ٿا ته اندر هڪ ننڍڙي چاول ڪنيا ٿا ڏسن.)

(پنهون درياهه جي ڪناري تي ڪپڙا ڌوئي رهيو آهي. سسئي
هن جي پرسان بيٺي آهي. پنهونءَ جي هٿن ۾ زخم ٿي ٿا وڃن
۽ ڪپڙا به ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ٿا وڃن. پنهون ملول آهي.)

سسئي: (پنهونءَ جي هٿن ۾ پيل ڇالن ۽ ڇتل زخمن کي چمندي)
صدقي وڃانءِ تو تان، قربان وڃانءِ تنهنجي همت تان...
فڪر نه ڪر. هر هڪ ڪپڙي جي تهه ۾ هڪ هڪ اشرفي
وجهي ڇڏ ته پوءِ ڪنهن وٽان به شڪايت ڪو نه ايندي.

(سسئي ۽ پنهونءَ جي شادي وڏي طومان ۽ شان مان سان ٿئي ٿي.
آري جام بيهوش ٿي ٿو وڃي. سندس ٽي پٽ چنري، هوتي ۽
نوتي کيس هوش ۾ آڻين ٿا.)

چنري: ابا، مان توهان جي سر جو قسم ٿو کڻي چوان ته اسان
ٽئي ڀائر پنهونءَ کي هر حال ۾ واپس وٺي اينداسين.

(مجلس چالو آهي خان ڀائر رقص به ڏسي رهيا آهن ۽ شراب به پي
رهيا آهن.
پنهونءَ کي باقي ٽي ڀائر گهڻو شراب پيارين ٿا. پنهون بيهوش
ٿي ليٽي ٿو پوي.
اڌ رات جو خان ڀائر پنهونءَ کي اٺ تي کڻي ڪيچ مڪران
ڏانهن هليا ٿا وڃن.
سسئي ننڊ ۾ الوٽ آهي.
اٺ ڊڪندو ڊڪندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.
سسئي ننڊ ۾ غلطان آهي.)

وائي: ۴- اديون! عبداللطيف چئي،
ايندم آرياڻي!
چوري....

(سسئي زارو زار رئندي برپٽن، جهنگلن ۽ جبلن ۾ پنهنجي پنهونءَ
کي ڳولهي رهي آهي.)

ماڙهو: قبلا، ڪيچ مڪران کان وٺي سنڌ-هند تائين هنن اکين هزارين-لکين حسن جا شهپارا ڏٺا آهن. پر حضور، سسئي، سسئي آهي. آهي ته محمد ڌوٻيءَ جي دختر پر رهندي آهي محل جهڙي مڪان ۾.

پنهون: اڇا!

ماڙهو: پنهنجن ساهڙين جي وچ ۾ ائين لڳندي آهي جيئن...

پنهون: (مرڪندي) ستارن ۾ ماهتاب!

ماڙهو: (سر لوڏي) جي، جناب!

پنهون: ته هل ميان! دير وري ڇا جي؟ هاڻي اسان جو قافلو پنهور ۾ ئي هلي منزل ڪندو.

(سسئي ساهڙين سان گڏ مشڪ ۽ عنبر خريد ڪرڻ لاءِ پنهونءَ جي قافلي ڏانهن اچي ٿي.

سسئي ۽ پنهونءَ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون.

ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهن ٿا.

سسئيءَ جون ساهڙيون هن کي کلي وٺي ٿيون وڃن. پر لوڙو اڳتي وڃي سسئي وري پنهونءَ ڏانهن نهاري ٿي.

ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. چپ مرڪي سلام ڪن ٿا.)

وائي: ٽه هوت! ۾ ڇڏيس هيڪلي
هيءَ جا وندر وڪاڻي!
ڇوري....

(محل جي هڪ ڪمري ۾ سسئي پلنگ تي ويٺي آهي. محمد بيٺو آهي.)

محمد: مان تنهنجي شادي ڪنهن به حالت ۾ اهڙي شخص سان نه ٿو ڪرائي سگهان جيڪو نه فقط پرديسي اجنبي آهي بلڪ پنهنجي ذات جو به نه آهي.

سسئي: ابا، پنهون به ذات جو ڌوٻي آهي. جي اعتبار نه اچوَ ته آزمائي ڏسو.

کي پڪاريو، جنهن ڦاٽي ڪپڙن پنهنجي گود ۾ الٽم
وشرام ڏنو. پنهوار جو ابدالدو ڏسي سسئيءَ ٻه
پرماتما در پاڌايو. پرماتما سندس پت رکي. پهاڙ
ڦاٽو ۽ سسئي اندر سمائجي ويئي.

بيو جوڳي : اهو اوهماسي. مان ٿي برهم آهيان. پاڻ کان الڳ
نه برهم آهي، نه پرجاپتي، نه پرماتما ۽ نه پرميشور.

شاهه لطيف : ڪوڙي آهي ڪرهيار، جت تو پوري! پاڻيو،
پنڌ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ٿي وڍڪار.

جوڳي : الک نرنجن...

(ونيد نامه. دور کان جوڳين جو گرو مهايوگي پرونتامت اچي
رهيو آهي. هن جي عمر جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. سنهڙو
شڪل شرير ان مان شڪتيءَ ۽ چستيءَ جون جهلڪون نڪري
رهيون آهن. قد ڪجهه ڊگهيرو، ڳچي لنبي، ڪمر سنهڙي، مٿي تي
جٽائون، ڏاڙهي مڇون صاف، ڳلهي تي رودراڪش جي لنبي مالا،
اکين ۾ تيج، نراڙ تي ترپنڊ. هو ان طرف وڌندو ٿو اچي جنهن
جي ڇانوَ ۾ جوڳي ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن. سڀ کان اول شاهه
لطيف جو ڌيان مهايوگي پرونتامت ڏانهن ڇڪجي ٿو. ان کان
پوءِ ٻيا جوڳي به گروءَ ڏانهن نهارن ٿا. مهايوگي وڃي ويجهو
او وجي. سڀ جوڳي ۽ شاهه هن جي سواگت ۾ اٿي ٿا بيهن.)

شاهه لطيف: جت نه پکيءَ پر، تت ٽمڪي پاڙي،
پير پارينڊو ڪير ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري؟

(پرونتامت سلو اچي ٿو شاهه لطيف جي اڳيان بيهي ۽ ٽمڪوان
اکيون ڪڍي ٿو شاهه جي اکين سان اٽڪائي. شاهه پيهه گنڀير
آهي. ڪجهه ئي پلن ۾ پرونتامت جون ڪوجهي اکيون پنهنجي تڪ
ڇڏي مرڪڻ لڳن ٿيون. ساڳي وقت هن جي چپن تي به هلڪي
مرڪ اڀري ٿي اچي.)

(شاهه لطيف ۽ جوڳي هڪ شاهي وڻ جي هيٺان ويٺا آهن.)

شاهه لطيف: اي ڪير ڪميڻين، جنين سڀن پر ڏکيا ڪري،
لوچين ڇو نہ لطيف چئي، هاري! لاءِ هوتن؟
لنڊن لباڳين ڪي، او پالا اڇن،
سي پنهون ڪوہ پڇن؟ جي سنجهي رهن سمهي.

هڪ جوڳي: تون ڪوي آهين. تنهنجي ٻهڄ ٻاري ٻاري ٽانئين آهي، سرسوتيءَ جي ٽوٽي ڪريا آهي. سنگيت ۽ مذرتا تنهنجيءَ ڪوتا جون خاص خوبيون آهن. هنگلاج هلين ٿو. اتي ڪالي ماتا سهيل مدرا ۾ آهي. ڪاليءَ جي ڪريا ٿيڻ نہ تنهنجيءَ ڪوتا ۾ اوج کڻي اچي ويندو. سورج ٿي چمڪندين، جڳ مٿان، سورج ٿي، اهڪ چنڊ پيدا ڪندين، اهڪ چنڊن ۾ پرڪاش پسريندين، اهڪ چنڊن کي ڪلائون دان ڪندين.

(شاهه لطيف سر جهڪائي ٿو. هن جي چپن تي هلڪي هلڪي مرڪ آهي.)

ٻيو جوڳي: الک ...

سڀ جوڳي: الکهن ...

جوڳي : جئہ گورکناٿ ...

سڀ جوڳي: جئہ گورکناٿ...

شاهه لطيف: سڄڻ سنجهيءَ، منهن ونڙهي مڻين جڻين،
او جاڳو اکين ڪي، جاڙوہ نہ ڏيئي،
هتان تہ پيئي، ٿي ڪهو ڪڇين ڪرين!

هڪ جوڳي: سسئي ارڌانگ شڪتي. شِو آهي چندرما. سو سسئي پڻ چندرمکي. سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ تي سيتا ماتا جي جيون ڪٿا جي پوري پوري ڇاپ آهي. جيون ڀر ڏک سهي الکہ سيتا نہ ماتا ڀرڻيءَ

قرآن کي الاهه جو ڪلام مڃيو ٿو وڃي، بلڪل ٺيڪ آهي. انهن گرنٿن جي رچنا ڪندڙن جو ايشور سان سڌو سمپرڪ هو. هنن پنهنجون ساڌنائن ۽ تپسيائن سان پنهنجيءَ آتما جو، پنهنجيءَ چيتنا جو ايترو ته وڪاس ڪيو هو جو هو ايشور سان گفتگو ڪري ٿي سگهيا، پنهنجي سامهون گهرائي ٿي سگهيا ۽ ٻاڌ هن وقت وٺي ٿي سگهيا.... پر لطيف، اهو سڀ چمتڪار مانسڪ استر تي ٿيندو آهي جنهنکي صوفي تصوف سڏيندا آهن ۽ اهم برهماسمي يا اناالحق جهڙا لفظي چتر آهن. اهي منتر پڙهائيندا آهن ته چولڻ جي ڪيتري آتمڪ اُنتي ٿي آهي- روحانيت جي رستي تي ڪيترو اڳتي وڌيو آهي.

شاهه لطيف: پر سوامي جي، اهي منتر ته ڪم به ڏئي ٿو سگهي.

پروتنات: (مرڪندي) برابر، ڪوئي به ڏئي ٿو سگهي پر پوءِ انهن منترن مان آتما نڪري ويندي. پوءِ اهي فقط لفظ هوندا، منتر نه. لطيف، من-وچن-ڪرم جو ميلاپ ئي شبدن کي منتر بڻائي ٿو.

شاهه لطيف: گيان جو، وديا جو آهي ڪوئي انت؟

پروتنات: نه ڪو آد، نه ڪو انت! ايڪ ڪوئي جنم ڪڍي هن وٽ، هن سرشٽيءَ کي ڪجهه سمجهڻ لاءِ. پوءِ اسان رشين چيو آهي- نيتي نيتي: هي به نه، هو به نه!

شاهه لطيف: ڪامل پرکن انهن ۾ چيو آهي ته پاڻ سڃاڻي له پرماتما-

پروتنات: ڇا، پاڻ سڃاڻڻ ايترو سولو ٿو سمجهين؟ جو پڙهي، سو برهمندي.... جيڪو برهمانڊ ۾ آهي سو تنهنجي شرير ۾ به آهي. پر، مان وري ٿو چوان: ڇا پاڻ کي،

پروتناٿ: پٽ لطيف، مٺا وارو آهين، پر ڪجهه لٽ چڙهيل الٿي- سنساري سنڌ جي لٽ. سڀ آهي، تمام سڀ آهي. جن چالاڪ ماري آهي، اهي ڪڏهن ڪڏهن پٽ به اچي پيا آهن. ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهڻ لئي سڄي ڳيان جو صحيح مارڳ آهي.

شاهه لطيف: (اکيون جهڪائي) سوامي، منهنجي من ۾ توهان جي باري ۾ نه ڪو سنسو آهي نه سنڌيهه..

پروتناٿ: (شاهه کي اڏ ۾ ڏسي، ساڄو هٿ مٿي کڻي) پٽ لطيف، يوگي ترڪال درشٽا ٿيندا آهن. هڪ يوگيءَ لاءِ نه ڀوت آهي نه ڀوشيه- ٻر هڪ لمحو ورتمان آهي. هڪ يوگيءَ جي سامهون جڏهن ڪاٺ جي ڪائي لڪڙي آندي ٿي وڃي ته ان جو سڄو اتهاس يوگيءَ جي ڪلپنا درشٽيءَ جي سامهون گهمي اچي ويو. اتهاس- وڻ جي ٻج کان وٺي ان لڪڙيءَ جي شڪل ۾ اچي ٿي وڃڻ تائين سڄو اتهاس- سڄي ياترا.... لطيف، تون اڄ لئي سوچي رهيو هوندين نه ته هي سڪل، بکايل ۽ ڪمزور شرير ۽ ڪالو پروتناٿ!

شاهه لطيف: سوامي جي، مون کي ٽپرس هو. توهان لاءِ من ۾ ڪائي گستاخيءَ جي ڀاونا ڪرڻ هئي... مان خدا جو....

پروتناٿ: نه، پٽ نه، قسم نه کاءُ. تون قسمن، شاهدين ۽ ثبوتن کان گهڻو گهڻو مٿي آهين. تنهنجو ڀول لئي ترماڻ آهي، ساکشي آهي.

شاهه لطيف: ته ڇا سوامي جي، وڌ ڦران ان ڪري ٿي....

پروتناٿ: هائو، ان ڪري ئي. بلڪل ان ڪري ئي... ويدن کي اڀياس- رهت جهو ويو آهي. بلڪل ٺيڪ آهي.

آهن. ڇو ته هنن لاءِ به ڪيترائي نقطا لاڀڪاري ۽ روشني-بخش آهن.)

پروتناٿ: آتمڪ مارگ ۾ ڪٿين موڙ آهن، ڪٿين طلسمي دوڪا آهن، ڪٿين گمراهه ڪندڙ شڪتيون آهن، ڪٿين سبزباغ آهن ۽ ڪيترئي ئي مرگ-ترشنائون آهن. انهن سڀني آپدائن مان فقط هڪ پورڻ گرو ئي جگياسوءَ جي رکيا ڪري ٿو سگهي.

(شاهه لطيف پروتناٿ ڏانهن ان طرح ٿو نهاري جڻ ان گفتي جي ڪيس اها ۾ وڌيڪ سمجهاڻي گهرجي- وضاحت گهرجي.)

پروتناٿ: ٺيڪ آهي پٽ لطيف، اَسان توکي اها حقيقت سولي نموني ٿا سمجهايون.... آتمڪ مارگ تي ڪجهه ئي قدم کڻڻ کان پوءِ تماشا شروع ٿي ٿا وڃن.... اسان انهن تيندڙ گهٽنائن کي تماشا ٿا چئون جيئن ٺيڪ جگياسو انهن کي چمتڪار سمجهندو ۽ ان مايا جار ۾ ڦاسي اهين سوچيندو جڻ ته ڪيس ڪي الؤڪڪ شڪتيون مليون آهن. حقيقت ۾ اهي مايا جا رنگ هوندا آهن، شيطان جون شرارتون ۽ ڪارستانيون هونديون آهن- هڪ جگياسوءَ کي، هڪ طالب کي گمراهه ڪرڻ لاءِ، هيٺ ڪيرائڻ لاءِ جيئن اهو جگياسو پنهنجي منزل تائين نه پهچي سگهي- نه ايشور ۾ لين ٿي سگهي ۽ نه الاهه جي اڳيان سرخرو ٿي سگهي- اُن سرو شڪتيمان سان هڪ ٿي سگهي.

شاهه لطيف: شيطان جي ڪارستانين کان ته مان به واقف آهيان. ان کان بچڻ جو طريقو آهي- خاڪساري، تواضع، سوامي جي، جا سڀني گڻن ۾ مُول گڻ آهي. جڏهن وقت هوندي نوڙت اُن وقت اها گڻ ڀاڳهي ڀڃندا ايندا

پنهنجي پنڌ کي، پنهنجيءَ هستيءَ کي سڃاڻڻ سولو
آهي؟

(شاهه لطيف ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم ٿي ٿو وڃي. لڳي ٿو ڄڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ پهچي ويو آهي. پروتنامڪ ڪجهه دير تڪتڪي لڳائي هن جي چهري کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ پاڻ به خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. اتي ڪنا ٿمل پيا جوڳي جيڪي ڌيان سان پنهنجي گروءَ ۽ شاهه لطيف جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا، هاڻي انهن ۾ به ڪجهه چرپر پيدا ٿئي ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳن ٿا. ڪي ڪي جوڳي اڳتي وڌي وڃي هڪ وڏي پٿر تي ويهي ٿا رهن. انهن جي ديکا ديکي ڪجهه ٻيا جوڳي به آس پاس ڪٿي نه ڪٿي ويهي ٿا رهن. هر سڀ آهن پنهنجي گرو پروتنامڪ ۽ شاهه لطيف ڏي واجهون ٿي.)

شاهه لطيف: گروءَ بنا ڪم ڪونهي-

(پروتنامڪ خاموش آهي)

شاهه لطيف: ڏوڏ دل تان دور ڪري،
ڪر ساڃن! صفائي،
من لا شيخ له فشيخه الشيطان،
ان ري اونداهي.

پروتنامڪ: هائو لطيف، گروءَ بنا، مرشد بنا اونداهي ئي آهي.
آتمڪ ياترا ۾ اڻيڪ وکون- واٽاڙون آهن، خوف ۽ خطرا آهن. جگياسوءَ کي، طالب کي جيسين ڪو سچو گرو، ڪامل رهبر نه ٿو ملي تيسين هن لاءِ منزل تي رسڻ ممکن ناهي....

(شاهه لطيف پوري ڌيان سان مها يوگي پروتنامڪ جون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي. جدا جدا مدرائن ۾ ويٺل ۽ الڳ الڳ قسم جي ڪمن ۾ لڳل جوڳي به هن جي گفتگو ڪن لائي ٻڌي رهيا

شاه لطيف: سوامي جي، مون قرآن شريف جو مطالعو ڪيو آهي
مڪمل صدق سان. جلال الدين روميءَ جي مثنوي
ته اڄ زبان ياد اٿم. پنهنجي تڙ ڏاڏي شاه عبدالڪريم
بلڙيءَ واري سائين جو ڪلام ته رڳ رڳ ۾ رچيو پيو
آهي. پر، سوامي جي، هيءَ اونڌي منهن وارو
امرت ڪنڊ.... چندر تنتو... انهن جو لاڳاپو شايد
يوگ ودِيا سان آهي.. مون لاءِ اهي نيون ڳالهيون
آهن....

پرونتناٿ: سنسار ۾ گهڻو ڪجهه نئون ناهي- فقط نالا بدليل آهن.
مُول وستو ساڳي آهي، فقط جدا جدا ڪنڊن ۽ جدا جدا
ڀاشن تي جدا جدا ودوانن ۽ وچارڪن پنهنجي درشٽي
وڌي آهي.... تو پنهنجي تڙ ڏاڏي جي باري ۾ ٻڌايو
هو ته تنهنجي باري ۾ هن هڪ اڳڪٿي ڪئي هئي...

(شاه لطيف جواب ڏيڻ جي بجاءِ هاڪار ۾ سر لوڏيندو. هن جون
اکيون ڀوريون هيٺ آهن پر منهن ٿورو مٿي ڪري پرونتناٿ
ڏانهن نهاريندو.)

پرونتناٿ: ان کي يوگي پوشيده درشٽي ۽ سنڪلپ شڪتي چوندا
آهن. ٿي ٿو سگهي تنهنجي تڙ ڏاڏي جي آئينده
ڏسندڙ اک ترڪي ۽ تنهنجي آستان کي پنهنجي سامهون
مورت-روپ ۾ ڏٺو هجي.... يا ائين به ٿي ٿو سگهي ته
هن جي من ۾ اها اڇا پيدا ٿي هجي ۽ هن پنهنجي
سيني روحاني قوتن کي ڪٺو ڪري سنڪلپ ڪيو
هجي ته هيءُ ٿئي ۽ ائين ٿي ويو- تنهنجي تڙڏاڏي
جو اهو سنڪلپ تو پورو ٿي ويو. تون سنسار ۾
اچي وئين....

(پرونتناٿ مرڪندڙ نظرن سان شاه لطيف ڏانهن نهاريندو. هن جي

۽ شيطان جو ڪلا بازيون، هن جو وار به ونگو نه
ڪري سگهندا هون. سوامي جي، مان ته هر هر ٻاڪ
ڪي اهو ئي چوندو آهيان ته:

ٻانبو منهن مونن ۾ غربت ساڙ ڳڏار،
مفتي منجهه وهار، نه قاضي ڪانهارو نه ٿئين.

(اوم جو آواز اوور اڪثر ڪريٿو. پروتمات ۽ شاه آواز طرف نهارن ٿا.

ٿورو ئي پرڀرو هڪ جوڳي ٻئي ٻانهون پنهان ڪري، هٿن جي آڱرن جي آڌار تي زمين تي ٻنهرو ليٽيو پيو آهي. هو ٻنهنجن ئي خيالن ۾ محو آهي ۽ ان حالت ۾ ئي هن جي منهن مان ٻه-چار دفعا اوم-اوم جو آواز نڪري ٿو وڃي. اوچتو، آسمان طرف نهاريندي هو ڪبير جو هڪ دوهو آلاپي ٿو.)

جوڳي: ڳڳن منڊل ۾ اولٽا ڪٿان،
تهه امرت ڪا واسا!
سڳرا هوئي سي جهر جهر پيا،
نڳرا جاءِ پياسا!!

(شاه لطيف سولي نگاهن سان مهايوڳي پروتمات ڏانهن نهاريٿو.)

پروتمات: ڳڳن-منڊل ۾ اونڌي منهن وارو هڪ امرت ڪنڀ آهي. ان کي جوڳي چندر تتو به چوندا آهن. ان امرت-ڪلش مان لڳاتار امرت-ڌارا وهندي رهندي آهي. جيڪو ان امرت-ڌارا جي چڪي پيندو آهي، اهو اجر-امر ٿي ويندو آهي. پر اهڙو نصيب ڪنهن مڪت-يوڳيءَ جو ئي ٿي سگهندو آهي، جنهن کي ڪو ئي پورڻ-گرو مليو هجي. ڪبير ان دوهي ۾ ناٿ پنٿي يوگين جي ان مهتا جو ئي ورڻن ڪيو آهي.

٢: ڪاھوڙين وٽ رات گذار

(شاھ : سوڳ ـ ٻار گرئي ڪڇھ قدم)

ليٽمن لعل حرام : ويڊيو ناٽڪ ـ ٢

چهن ٿي ۽ هلڪي مرڪ آهي. شاهه لطيف بلڪل چپ آهي.)

پروتنات: پرماتما چاهيو ته تون آستان ۾ جوڙيندين- آخر، پٽ لطيف، هي سڀ برهمانڊ پرميشور جي سنڪلپ جو ئي ته نتيجو آهي. قرآن ۾ به ته اهڙو ورڻن آهي. ڪين؟

شاهه لطيف: هائو. آهي- ڪن فيڪون. ڏٺيءِ حڪم ڪيو تـ "ٿيءُ" ۽ ڪائنات پيدا ٿي وئي. پر، سوامي جي، ايتري طاقت ڇا ڪنهن ماڻهوءَ ۾ به ٿي سگهي ٿي؟ آخر ولي ۽ جوڳي به ته انسان ئي آهن...

پروتنات: ڪندلني... پٽ لطيف، ڪندلنيءَ جي جاڳ.

شاهه لطيف: ڪندلني؟ ڪندليءَ جي جاڳ؟ ڇاهي اها ڪندلني؟

پروتنات: سڀ ڪجهه هڪ ئي ٻڌڪ ۾ ڄاڻي وٺڻ ٿو چاهين پٽ لطيف؟ ڌيرج رک. ڦل کي پچڻ ڏي. انتظار ڪر ان گهڙيءَ جو جنهن گهڙيءَ کان وٺي تنهنجيا جيون ۾ وشيش گهٽنائون ٿيڻ شروع ٿينديون- ان سمي جي پرتيڪشا ڪر.

(شاهه لطيف کي اٿي ٿي ڇڏي پروتنات اڳتي وڌي ٿو وڃي.
شاهه لطيف جو ڪلوز-اپ.)

شاهه لطيف (پڙ پڙ ڪندي) ڪندلني....

(شاهه لطيف جي سوچ ۾ ٻڏل اکين جو E.C.U)

موريءَ جو مقام / ٻاهر / ٻپهرات

(وائيڊ شاٽ. ڪراچيءَ کان ٻه ڪن ميل پري، جبل جي دامن ۾ جڙيل ”موريءَ جو مقام“ جي آس-پاس جو ميدان اُتي ۾ سڀ نظري رهيو آهي. انڌيري-اجالي جو ڇهڻي ميلاپ اکين کي آنند ڏيئي رهيو آهي. هڪ ساڌو يڪتاري تي ڪبير جو پد ڳائيندو ميدان لتاڙي جبل طرف وڌندو وڃي رهيو آهي.)

ساڌوُ: اَوَ ڌوُ جوڳي جڳ سي نيارا!
مدرا نرت سرت ڪر سنگي ناد نہ کنڊت ڌارا!!
اَوَ ڌوُ....

(پروتنات، جوڳي ۽ شاهه لطيف ميدان طرف اچي رهيا آهن. ساڌوءَ جي گيت جو آواز اوورليپ ڪري ٿو.)

ساڌو: بسي گگن ۾ دني نہ ديکي چيتن چوڪي بيٺا!
چڙهه آڪاس آسن نهين ڇاڏي، پيوي مهارس ميٺا!!
اَوَ ڌوُ....

(شاهه لطيف ڪجهه رڪجي مها يوگي پروتنات جي منهن ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري ٿو. پروتنات مطلب سمجهي ٿو وڃي. هن جي اشاري سان سڀني کي رڪجڻ لاءِ چوي ٿو. سڀ جوڳي رڪجي ٿا وڃن.)

پروتنات: ان ٻڌ ۾ ڪبيرداس سهج-يوگيءَ جو اصلوڪو روپ سنسار جي سامهون رکيو آهي....

ساڌوُ: ارگت ڪنٿا مانهين، جوڳي، دل ۾ دارپن جو وي!
سهس اڪيس ڇهه سئه ڌاڳا، نهچل ناڪي پووي!!
اَوَ ڌوُ...

پروتنات: سهج-يوگيءَ جو ساهه ڪنٿا ۽ ڌاڳا ۾ جاپ ٿي آهي. جڏهن اهڙا ايڪيهه هزار ڇهه سؤ جاپ پورا ٿيندا آهن تہ پاڻمرادو ”ناد“ پيدا ٿيندو آهي.

مون سي ڏٺا، ماءُ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
هي اڄهي الڙي، تن جنگن سنديءَ جاهه،
تنين جي ساجاهه، ڏرهو ڏئي تار ۾.

(سر کاهوڙي-١)

اڄ نه اوطاق ۾، جاڳڻ جوڳيئڙن جو،
ساري سنياسين کي، ولڙين تان رو،
لس! ٻاريان لو، لاهوتي لڏي ويا.

(سر رامڪلي-٨)

ڪڏهن تان پاڄهه اچي، ساجن! مڇ سلام،
مک لڌهنديءَ سڀرين! ڪيو لس تمام،
هتين هاج وه اسي، ليڪين لڌ حرام،
دوس! نه سهان دام، توُن ولڙ لو ويلا ڪريان!

(سر ڏهسي-٧)

۲. اهو ئي ٺاهه موڙي جو مقام آهي جتي سسئي
ئي پاڻ ڏين ڏيل آهن.

(ڪنڀرا موڙي جي مقام کي ڪوڙ ڪري رهي آهي. هن وقت مقام بلڪل سنسان لڳو پيو آهي- نه مجاور، نه سوري ڪو مسافر.)

پروتناٿ: هائي ڪلاچي پري ناهي- ڪوهه ڪن پنڌ مس هوندو.

شاهه لطيف: هنگلاج ته ڪلاچيءَ جي اوڀر طرف آهي نه؟

پروتناٿ: هائو، اٽڪل سٺ پنجهٺ ڪوهه پري.

(جوڳي جئه جئه ڪار ڪن ٿا.)

سڀ جوڳي: جئه شو شنڀو-
جئه امبي پاروتي-
جئه هنگلا ديوي-

هڪ جوڳي: الک....

سڀ جوڳي: نرنجن.

پروتناٿ: پٽ لطيف...

شاهه لطيف: (ڪجهه مرڪندي) هائي سوامي جي توهان سڀ
سوريه- نمسڪار ڪندا ڇو ٿا...

پروتناٿ: سوريه ديوتا درشن ڏيئي رهيو آهي.

(شاهه لطيف هڪ پٿر کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهي. هو پنهنجن
ئي خيالن ۾ گم آهي.)

پروتناٿ: (سوريه نمسڪار ڪندي سڌو ٻڌي ڇاتيءَ جي سامهون
اچي هٿ جوڙي)
اوم مترايا نمهه
(اچي هٿ مٿي آيا ڪري ڪمان وانگر ٻڌي)
اوم راويا نمهه...

(سڀ جوڳي هٿ جهڪي پنهنجن هٿن جون اچي ترڪون ڌرتيءَ
سان لڳائي جهڪن ٿا. پروتناٿ به انهن مدرا ۾ جهڪيل آهي.)

شاهه لطيف: ناد - انهد ناد؟

پروتمات: هائو، انهد ناد - انهيءَ انهد ناد مان ئي پرڪاش ٿيندو آهي ۽ ان پرڪاش جو ظاهري روپ آهي "مها بندو" مها بندو ٽن قسمن جو ٿيندو آهي - اچار، گيان ۽ ڪريا. پوءِ انهن کي ئي ڪٿهن سورج، چنڊ ۽ اگني چوندا آهن ته ڪٿهن برهما، وشنو ۽ شو به سڏيندا آهن.

(ساڌوءَ جي گيت جي وچ ۾ پروتمات ۽ شاهه لطيف ۾ جيڪا گفتگو ٿئي ٿي، ان وقت به گيت سان واسطو ڌيمو ڌيمو سنگيت چالو آهي. گيت اڳتي وڌي ٿو.)

ساڌو: پرهه اڳين ۾ ڪايا جاڳي ترڪٽي سنگم جاڳي!
ڪهي ڪمر سونهي جوڳيو، سهج جن لنو لاڳي!!
آءُ ڏؤ......

(ساڌو اڪتارو وڄائيندو وڄائيندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪمر جو پد پورو ٿي چڪو آهي پر اڪتاري جو ڌيمو ڌيمو آواز ماحول ۾ اڃا ڦهليل آهي.)

پروتمات: ترڪٽيءَ تي ڌيان ڪندڙ ۽ شرير جا سڀ پاپ برهم اگنيءَ ۾ ڀسم ڪندڙ يوگي ئي يوگيشور جو پد پراپت ڪري ٿو.

شاهه لطيف: وڏو ڪورو ڏنڊو آهي.

پروتمات: سو ته ٿيندو ئي - آخر به يوگساڌنا کي هيڏيءَ وڏيءَ اوچائي تي پهچائيندڙ يوگيشور گورکناٿ ئي ته آهي.

(پروتمات ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌن ٿا. ٻئي جوڳي به هنن جي پٺيان هلڻ لڳن ٿا. ڪجهه دير اڳتي وڌندا ئي رهن ٿا.)

شاهه لطيف: سوامي جي، لڳي ٿو اسان موريءَ جي مقام تائين پهچي ويا آهيون هو ڏسو سامهون، جبل جي دامن

ڪنڊا ۽ ڪيلا مانگر مڇ جي ڄارين ۾ وڃي ٿا انڪري ٻيڙا سبب هو تڙڦڻ لڳي ٿو. ٺيڪ اُن وقت مورڙو وٺي ٿو رسا لوڏي. ٻاهر مورڙي ميربحر جا همراه سانن سان پاڇاڙيون جوڙي وٺي ٿا انهن جي ٻنهي تي ٻڙل مڇا رکن. سان وٺي ٿا ٻاهر ۽ انهن سان ڳنڍ ني رسا مٿي ڇڪيا ٿا اچن.

شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ. هو خيالن ۾ گم آهي. اوچتو هو ڌيري ڌيري اکيون کولي ٿو ۽ سامهون نهاري ٿو. ميدان ۾ جوڳي آسڻ ڪري رهيا آهن. ڪي اُرڌ متسيندر آسڻ ۾ ڪي اُشٽراسن ڪري رهيا آهن . ڪي پروتاسن ڪندي انساني پهاڙ لڳي رهيا آهن ته ڪي وري سکاسن جو آنند ماڻي رهيا آهن. مها يوگي پروتنات پدماسن ۾ ويهي ڌيان ڪري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اُنهن جا لڏو لوڏ ...
ڪن ڪلاچيءَ ڪوڏ ...

(ڪجهه دير چپ چاپ جوڳين ڏانهن نهاريندو رهي ٿو جيڪي يوگ - آسڻ ڪرڻ ۾ مگن آهن .)

شاهه لطيف: اُنهن جا لڏو لوڏ ،
ايءُ ٻڙ گهاتو ٽڙن جي،
ڪن ڪلاچيءَ ڪوڏ ،
سڪ نه سندا ڪلهين .

(شاهه لطيف جوڳين ڏانهن نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: (پاڻ سان ڳالهائيندي) نماز ادا ڪرڻ وقت اسان مومن به ته اهڙي وانگر ڪندا آهيون... ڏينهن ۾ پنج

پروڊڪشن: اوڻ سوڙيا يا لمحا...
(شاهه لطيف جوڳين جي سورن - تمسڪار کي ڏسي ضرور رهيو
رهيو آهي پر هن جي چهري مان صاف ظاهر آهي ته سندس خيال
ٻئي پاسي ٻڏي رهيا آهن.)

شاهه لطيف: ڪو جو ڦير ڪلاچ ۾، گهڙي سو لئي،
هيڙ ڪونه ڏئي، ته رڃ ڪهاڙي رنديا؟

(شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ. هن جي خيالن جي لهرن
جي سامهون مورڙي ميربحر جي زندگيءَ جو اهم واقعو چٽو ٿيندو
ٿو وڃي...)

(مورڙو ميربحر پنهنجن ساٿين سان گڏ ڪلاچيءَ جي ڪن طرف
وڃي رهيو آهي. هن جا ساٿي پاڻ سان هڪ مضبوط لوهي پڃرو
کڻي وڃي رهيا آهن، جنهن جي ٻاهرين پاسي تکا ڪنڊا ۽ ڪيلا
لڳل آهن. هنن سڀني جي چال تيز آهي...

ڪلاچيءَ جي ڪن جو درشيه. مورڙو ميربحر پنهنجن ساٿين
سميت اچي پهچي ٿو ۽ ڪن ڏانهن چتائي نهاري ٿو. هن جا ساٿي
لوهي پڃرو پرسان ئي رکي ٿا ڇڏين. مورڙو هڪدم وڃي ٿو
پڃري جي اندر ويهي.)

مورڙو: (ساٿين کي) يارو، پڃري کي ڪن ۾ ڪيرايو. جڏهن
رسا لڏندا ڏسو تڏهن ان کي ڇڪي ٻاهر ڪڍو.

(پيئڪر مانگر مڇ شڪار لاءِ تيار ويٺو آهي.

پڃري کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪندي ئي، مورڙي کي
ڳرڪائڻ لاءِ وات کولي پڃري کي جهپٽو ماري ٿو. پڃري ۾ لڳل

جهڙا ڪي ارلاطون طالب گهرجن....
ڪنڌي سارِيان ڪان،
يا امين! امان!
يا الاهي! ٻاجھ ٻلائي ٻانهان...

ٻروڪنات: الڊو م ٻڌ چالو آهي- ڪٽندين، ضرور ڪٽندين...

(ان وقت ڏور ڪان ڪولر م ڪوتا جون ڪي سٽون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. آواز مردانو، پر پڪو ۽ دردِيلو آهي.)

چوپائي: نيند نه ٻرهه رڻ جو آوا،
سڀ ڪمهوار جان ڪوه لاوا!
ڏهه چند اڙ چندن چهروُ،
ڏڪڻ ڪره تن ٻرهه ڪنهوڙ!
ٻرهه ناگ هوه سر چڙه ڏسا،
هوه اگن چندن مهن ٻسا!

(شاهه لطيف چوپائي ٻڌندي جوڳيءَ ڏانهن نهاريندو.)

شاهه لطيف: هي نه ڪمل ناٿ آهي.... درد-فراق جو قتيل لڳو اچي ٿو.... ڇا ٿي ڳالهائين؟

(ڪٿمبرا ڪمل ناٿ کي ڪو ڪري ٿي جو ٻيچتاليءَ واري عالم ۾ آهي.)

ڪمل ناٿ: محمد ڪوي جڙ ٻولي ڪيا،
تا تن رکيو نه ساس،
جهڙ مڪ ڏيکا تهڙ هيا،
سا لو آلي آس!!

(ٻيا جوڳي ڪمل ناٿ جي ٻراهه نه ڪندي اڳتي وڌن ٿا. ڪمل ناٿ جوڳين ڏانهن نهاري ٿو ۽ "الک نرنجن" جو نعرو هڻندي اڳتي وڌي ٿو ۽ انهن جوڳين سان وڃي ملي ٿو.

ڪٿمبرا ٻروڪناٿ ۽ شاهه لطيف کي گهور ڪري ٿي. هو ٻئي

دفعا. نماز پڙهو ... نماز جي اُمت وڌي ... پڙهڻ جا
آسڻ ۽ مدرائون ... ڪٿي نماز ۽ پڙهڻ ۾ ...

(ڪجھ دير لاءِ اونهي اُٻيءَ ۾ پئجي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: ڏسڻ ڏسڻ جي ته همه کي حق چون.

(شاهه لطيف اٿي ٿو بيهي ۽ جبل جي دامن ۾ جڙيل "موريءَ جو مقام" طرف ڌيري ڌيري هلڻ شروع ٿو ڪري. جوڳي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ رُڌل آهن. شاهه لطيف هلندو هلندو اچي ٿو اُن مقام تي بيهي، جتي موريءَ جا ڇهه ڀائر ۽ موري پاڻ دفن ٿيل آهن. شاهه لطيف مقام ڏانهن خيالن ۾ گم نگاهن سان نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: رام ويو، راوڻ ويو، ڪرشڻ ويو، ڪنس ويو،
حضرت محمد ويو، حسن ويو، حسين ويو، معاويه
ويو، يزيد ويو.
ادا موريا، هر چيز جاسي،
رهي سي خدا ... بس رهي سي خدا!

(شاهه لطيف خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. هن کي آس پاس جي سڌ بلڪل ڪانه ٿي رهي. اوچتو ڪو ٿي هن جي ڪلهي تي هٿ ٿو رکي ۽ ان سان گڏ ئي مهاڀوڳي پروتناٿ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.)

پروتناٿ: بس لطيف، هاڻي اسان کي به هلڻ گهرجي.

(شاهه لطيف اڃا به پنهنجن خيالن ۾ گم آهي.)

شاهه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي جيئن ته ٽڪ نهاري پروتناٿ
جي منهن ڏانهن ڏسو آهي.)
انسان جو نفس مانگر مڇ مثل آهي ۽ سندس طمع
جي حد ئي ناهي .... انهيءَ نفس کي نهوڙڻ لاءِ،
ماري ماٺ ڪرڻ لاءِ، شڪست ڏيڻ لاءِ موريءَ

ڪوي هو. سندس حياتيءَ ۾ دهليءَ جي تخت تي ستا سارا ڇهه بادشاهه ويٺا - ستا سارا ڇهه - بهلول لوڌي، سڪندر لوڌي، ابراهيم لوڌي، بابر، همايون ۽ شيرشاهه! پر جائسي گڻ-گان شيرشاهه جو ئي ڪيو آهي. چوندا آهن جائسي ڪاڻو ۽ ڏاڍو ڪروپ هو. هو هڪ ڪن کان ٻڌي به ڪو نه سگهندو هو. ٻڌايون ٿا ته جڏهن شيرشاهه جي درٻار ۾ ويو ته درٻاري سندس بدصورت چهري کي ڏسي کوب کليا. جائسيءَ شانتيءَ سان پڇيو، موهيڪا هنسس ڪ ڪوهره؟ مون تي ٿا کلو يا ڪنڀر تي؟....

شاهه لطيف: واهه! واهه! موهيڪا هنسس ڪ ڪوهره... واهه جو سوال آهي.

پروتڏات: پوءِ ته ڪويءَ جو شيرشاهه سان پريم ٿي ويو. هنهجي امر گرنٿ پدماوت ۾ شيرشاهه کي آشيرواد به ڏني اٿائين. صوفي طبيعت وارو انسان هو ۽ عربي، فارسي، سنسڪرت ڀاشائن جو ودوان هو.

شاهه لطيف: پدماوت ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو اٿائين؟

پروتڏات: ليٺ اوڌي ڀاشا ۾... پدماوت جي رچنا جي عربي، فارسي يا سنسڪرت ۾ ڪري ها ته اهڙو پرسڌ به ڪونه ٿئي ها.... ڪوتا اها جا لوڪ جي مڻهن ۾ واسو ڪري وڃي. جائسيءَ جي ڪوتا سندس جيون-ڪال ۾ ئي پرسڌ ٿي وئي هئي. ڪمل ناٿ ٻڌائي ٿو ته سندس هڪڙو چيلو ناگمتي جو ٻاره-ماسو ڳائي ڪري ڀکيا پنندو هو. امٿيءَ جو راجا ٻاره-ماسو ٻڌي ايترو ته پرسن ٿي ويو جو چيلي کان ڪويءَ جو نالو-پتو پڇيائين. راجا عزت سان جائسيءَ کي امٿيءَ گهرايو.

”موئن جي مقام“ کي پوئتي ڇڏي اڳتي وڌي رهيا آهن.)

پروتمات: پريم ۾ دوکو ڪائي جوڳي ٻيو آهي. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ هوڪ اٿندي اٿس ته. ڪوڪ نڪري ٿي وڃي اٿس.

شاهه لطيف: اهڙن ماڻهن لاءِ ڀوڳ آهي؟ ڇا اهڙا ماڻهو ڪنهن به وقت ٿاٻو کائي همت ڪري نه ٿا سگهن؟

پروتمات: پٽ لطيف، ٿاٻو کائي ته هرڪو ٿي ڪري ٿو سگهي. مان به ته تون به. هوڏڻ جپ تپ، يوگ وئراڳ، گيان ڳڻتي سڀني لاءِ آهي. جيڪو وهندو سو لهندو. ڪرڻ جي ڳالهه ڪان ڪو ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ته ڏٻو. جي ڪريو ته وري چڙهڻ جو جتن ڪيو!

شاهه لطيف: هندن کي اهو وڏو سهارو آهي ڇو ته پنر جنم ۾ توهان جو وشواس آهي. مومن لاءِ ته قبر ڪان پوءِ قيامت ئي آهي.

(پروتمات ۽ شاهه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. ٻئي هلڪو هلڪو مرڪي رهيا آهن.)

پروتمات: آن جو ذڪر نه ڪر پٽ! پنر جنم هوندو ته سڀني لاءِ هوندو. قيامت هوندي ته سڀني لاءِ هوندي. پرماتما جو وڌان سڀني لاءِ سمان آهي. الله کي پوئلڳن جي پرواهه ناهي. سڄي سرشٽي ئي هن جي آگر ساڻ ٻڌي پئي آهي.

(ٻئي اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاهه لطيف: هوءِ اڳين ڇڏن مهن پسا... واهه واهه!
اهي سڄڻ اوڻ اوڻ اوڻ ....

پروتمات: جانسي ڪريءِ جون آهن. ڪهڙي نه موهن کي جاڳ ڪونه آهي. پر ڪمل نافه جي مکون ٻڌم ته وڌو

(ڪجهه دير چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا. ٻيا جوڳي به ٽولي ٺاهي اڳيان پٺيان هلندا ٿا رهن.)

ڪمل ناٿ: ڪنهڱڙهه جي راجا راجاسنگهه جي درٻار ۾ درٻاري ڪوي هوس. راڻا جي جو مون تي وشواش اپار هو. پر درٻار يعني منصوبن ۽ شڙيانترن جو گڙهه-استان. ڪوئي ڪنهن کي سهي ڪو نه. هر ڪو ٻئي کي حڪمرانيءَ ۾ پنهنجي جيون جي سار ڪٿا پيو سمجهي. منهنجا به ڪيترا ئي دشمن ها. راڻا جي جا ڪن ڀرڻائون ته مان فقط ڪوي ڪو نه آهيان پر سٺو گائڪ به آهيان. انهيءَ ڪري وڌيڪ اعتبار ڪرڻ لاءِ اهو به چيائونس ته مان تڏهن ئي اهتران ٽولي ڳائي سگهندو آهيان جڏهن ڪنچنا نرتڪي منهنجي سامهون هوندي آهي. راڻا جن جي دل ۽ دماغ جو ... ته ... انهيءَ ڏينهن درٻار ۾ آيس ته ڇا ٿو ڏسان، راڻا جي مون ڏانهن نهاري مند مند مرڪي رهيو آهي ۽ سڀ درٻاري اک-ڇنڀ ڪري هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن. جان جو اوڏانهن نظر وڌم ته دماغ ڦري ويو. ڪنچنا ويٺي هئي اتي، سورنهن سينگار ڪري نرتيه لاءِ بلڪل تيار...

شاه لطيف: ڇا ڪنچنا سان ڪنهن ٻي اوچل هئي؟

ڪمل ناٿ: هئي. بلڪل اوچل هئي. دشمن به ڇني ڇني تنهن هيو هو.

شاه لطيف: سو ڪنچنا سورنهن سينگار ڪري نرتيه لاءِ بلڪل تيار ويٺي هئي... پر ڪمل ناٿ! اهي سورنهن سينگار آهن ڪهڙا؟

ڪمل ناٿ: ٻڌ رهيا جن ڇڙهه گهرجن. جو به سورهون سينگار آهي

ان وقت کان ڪوئي آئي ٿي رهي ٿيو ۽ ان ڌرتيءَ
تي ٿي ٻراٽ لڳايائين.

شاهه لطيف: عالمن کي انسان ته سمجهائي ٿا سگهون. پر آهر ڌرتيءَ
ڪي جوهري ته ملڪ وارو ٿي آهي. لال ڪمائين
منجهيءَ ۾ ڏيهه رهندو؟

پروشناٿ: اشتاوڪر جو ته اهڙو ئي قصو آهي. وڏو وڏوان هو،
پر جوڙيل ۾ اٺ وڪر هئس. سو جوندا ئي هئس
اشتاوڪر. راجا جنڪ جي درٻار ۾ ويو ته سڀ درٻاري
کلڻ لڳا. پر جنڪ سان جيڪا ڳالهه-ٻولهه ڪئي
اڄالهه اها مثال آهي. اشتاوڪر جي ڪيئا سنسار جي
اصول سمجهڻ مان هڪ آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ته
ڪرشن جي گيتا کان به چار قدم اڳتي وڌي ٿي وڃي.
(ان وقت ڪمل ناٿ هلندو هلندو هتن جي ڀاسي ۾ اچي ٿو
پهچي. هن سان گڏ ڪجهه ٻيا جوڳي به آهن. پروشناٿ ڪمل ناٿ
کي اشارو ڪري ويهڻ لاءِ چوي ٿو. ڪمل ناٿ ٻين جوڳين
کي اشارو ڪري پروشناٿ ۽ شاهه لطيف سان گڏ هلڻ لڳي ٿو.)

پروشناٿ: اچا ڪمل! ڀلاءِ لطيف کي ته ورائي ڪٿان وٺي ۽
جوڳي ٿيو لڳين.

ڪمل ناٿ: گروديو چيا رکيو آهي انهن اڄاڻن ۽ وهمن لڇالن جي
دنيا ۾ .... جيڪو لڌو هو سو ٿيو، جيڪو لڌو
وارو هوندو سو ٿيندو. اسان آهيون ٿي ڪرم جو
ويٺا اسنا پڙهون ۽ حساب-ڪتاب ڪريون.

پروشناٿ: اچا، لطيف جي به ڪو جوڙي ئي حاضر آهي.

ڪمل ناٿ: گروديو، توهان کي ته سمجهي ڪهاڻيءَ جي پوري
پوري ڄاڻ آهي. توهان ئي ڪجهه ٻڌايو

پروشناٿ: ته اچا، توهان سمجهو ويٺا اٿو ۽ ٻڌو.

(راڻاجيءَ جي سدواد ۾ سمايل حرف-لجنس تي درٻاري واه واه ڪن ٿا. راڻاجي مسڪرائيندي چوڌرد نهاري ٿو ۽ ڪمل ناٿ ڪجھ ڪروڌ ۾ لڳي رهيو آهي.

اوچتو ڪمل ناٿ راڻاجيءَ ڏانهن هٿ ڪري ٿو ۽ ڪنچنا ڏانهن منهن ڪري ڳائڻ شروع ٿو ڪري. سازندا ساز وڄائن ٿا ۽ ڪنچنا نرتيه جون مدرائون پيش ڪري ٿي.)

ڪمل ناٿ: چنچل نه سنتا ڪي جھلڪ، جھلڪيو جوبن انگ،
ديپت ديھه دھون مشعل، ند نيف لتاڪا رنگ.

(راڻاجيءَ ۽ درٻاري واه واه ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: ديپت لاتڪا رنگ وسن برڇي ڳوٺ-سي،
چترائي نهن چڙهي تنو ڪيه لاج پرڪاسي،
ديھه لنمبن يار اجون ڪٽ پلي لٽي نهن،
جوبن آيو جتو تنو مگدتا چنچل نهن.

راڻاجي: واه واه ڪمل ناٿ، واه!... جوبن آيو جتو تنو مگدتا چنچل نهن، جواب ناهي...

(درٻاري به وچ وچ ۾ واه واه ڪندا ٿا رهن.)

راڻاجي: ڪنچنا ڪامني! تنهنجو به جواب ناهي! ڪري جي ڪلپنا ڪي ديھه جي مدرائن سان تو ساڪار ڪري ڇڏيو... اسان جي اکين جي سامهون وهسندي جو چترو چنچل ڇڏيو-هاڻ وٺ...

(گلي مان موتين جي مالا لاهي ڪنچنا ڏانهن اڇلي ٿو. ڪنچنا مالا کي جهٽي هردي سان لڳائي گلي ۾ پائي ٿي ڇڏي ۽ جھڪي ڪري پرڻام ٿي ڪري. راڻاجي ۽ ڪنچنا جون نظرون ملن ٿيون. هڪ جي نظرن ۾ پياس آهي ته ٻئي جي نظرن ۾ سمرپڻ. ڪمل ناٿ ڪجھ پريشان نظر اچي رهيو آهي.)

راڻاجي: هائو مهاراج، اجا اسان جي پياس ڪوسلا اجھي

اسريءَ جو ٻڌو رنا هڻڻ ۽ هڪ ٻرلڪيءَ مان اُٿا
آشا رکڻ آهي ٻڌن ڪان ٻيو گهرڻ....

(ٻروڪنبائڻ ۽ شاهه لطيف ڌهاڪو هلڪو مرڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: اوچتو راڻاجيءَ جو حڪم ٿيو - هاڻي اسان جي درٻار جو سرمور ڪري ڪمل ناٿ هڪ مندر ۽ منوهاري ٻرنسر - ڪمت مباڪيءَ جهڙي ملي سڙو ۽ ڳالهائيندو ۽ ڪمل-لنٿي ڪنچيا الهن ٻولن تي لرزيه ڪندي....

(ڪمل ناٿ جي ڇهري جو ڪلوز-اپ. تاڙين جو آواز. ڪمل ناٿ جي اکين جو ڪلوز-اپ. تاڙين جو آواز جاري آهي. ڪمل ناٿ جون اکيون ماضيءَ جي وادين ۾ گم ٿي ٿيون وڃن. تاڙيون مسلسل جاري آهن.)

راڄ - درٻار / اندر / صبح

(ڪئميرا ڪمل ناٿ جي اکين تان پل-بيڪ ڪري ٿي. اسان ڏسون ٿا ته هو راڻاجيءَ جي سامهون بيٺو آهي - مندري، سپاهي ۽ ٻيا درٻاري عهديدار پنهنجين پنهنجين شاهي ڪرسين تي راڻاجيءَ جي تخت جي سامهون ٻن قطارن ۾ هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. درٻار ۾ عام جنتا به ويٺي آهي. درٻار جي وچ ۾ ڏو دائرو خالي پيو آهي جنهن جي هڪ طرف ڪجهه سازندا ويٺا آهن. راڻاجيءَ جي اشاري تي ڪنچيا ناز و انداز سان لڏڪندي لڏڪندي دائري جي وچ ۾ اچي ٿي بيهي.)

راڻاجي: ڪري ڪمل ناٿ، ڪنچن ۽ ڪامني سامهون آئي. هاڻي ڏيکار پنهنجيءَ ڪلا جو ڪرشمو ...

راڻاجي: ٺمري الڳا ۾ ڇو ر بسنت ڳوري...
(ڪنچنا خوب ايمانداريءَ سان پاؤ-پرورشن ڪري ٿي.)
ڪمل ناٿ: ٺمري الڳا ۾ ڇو ر بسنت ڳوري!
ان ڇورن ميرو سو اس لرٺو،
مسن ٻلينو جو را- ڇوري!
ٺمري...
(راڻاجي ۽ درٻاري خوب واهه واهه ڪن ٿا ۽ تاڙيون به وڄائن ٿا)
ڪمل ناٿ: ڇوڙ ڏيئي ڪن ٻند چوليا،
ٺڪرائن ڇو ر هر الهو ري!
ٺمري...
(سڀ واهه واهه ڪن ٿا.)
ڪمل ناٿ: ”ڪمل ناٿ“ ان دونن ميري،
ناحق ڪمي چمت چوري!
ٺمري...
راڻاجي: بلڪل ٺيڪ. ڪوڙ جو ڪٽو به ناهي
ان ۾. ان دونن ميري ناحق ڪمي
چمت چوري...
(اوچتو گهنگهرن جو آواز راڻاجيءَ جي سنواد کي ڪٽي ٿو ڇڏي.
ڪنچنا پوري جوش و خروش سان نچي رهي آهي. سڀني جو
ڌيان ڪنچنا ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي.)
ڪنچنا: ميري ٺمڪت ٺؤ آه هوس ٺهري سن ڀڄانون ري،
بجه بس ڪٿي رس لٿه اڌرن ڪو ڳر لپٽانون ري،
ڪار-امڪر نڪاس ڀڄن ڪس ڇهو سرانون ري،
ٺهوي پار آڻهو ڪر چاڙون لسب گهر جانون ري.
راڻاجي: ڪنچنا، جي ڳالهه آهي ته پوريءَ درٻار ۾ اسان کي
خوش ڪر- اسان جو هوش اڏاءِ- اسان کي مهنجي

آهي اڃا ٻهار، ڪوتا جو امرت گهول

(ڪمل ناٿ جهڪي پرڻام ٿو ڪري.)

ڪمل ناٿ: دڙڪن لڳيس، ٻلڪت هيو، ٻڪل ڪرت الڳ آن،
اي تيري سڀ ٿي وشو، اهڙين نمڻين ٻان.

(درٻاري واه واه ڪن ٿا، پر راڻاجي ٻڌڻ سان کيال ۾ گم آهي. ڪمل ناٿ ڪنڊليءَ جون ٻاقي چار سٽون ڪجهه جوش ۾ چوي ٿو.)

ڪمل ناٿ: اهڙين نمڻين ٻان، آج اَمت اڇرج ڀاري،
ملت ڪرهجي گهاءِ ڪري، اهڙي تيه ماري،
ڪاڙهي اوڙهه تست ڙهت اُهڃار تڙڪ دڳ،
جيه لاڳت تيهه لڳن ديت ٿهن لڳن لاءِ دڳ.

راڻاجي: (پنهنجي نند مان سجاڳ ٿيندي) هاه! ڪمل ناٿ، هاه!
ڪلهجو چيري چڙهئه...
جيه لاڳت، تيهه لڳن ديت ٿهن،
لڳن لاءِ دڳ!... واه واه!!

پنهنجي اڙيا ته پوءِ ليڪين لڌ اهڙي ڪٿان؟

(ڪنڀا چوڙ چمڪائي لهرائي ٿي. راڻاجيءَ جو ڌيان ڇڪجي ٿو ۽ ڪنڀا جي شرير ڏانهن ڀاسجن ڏڙن سان نهاري ٿو. ڪنڀا ڪجهه وڌيڪ اُنجهڪ مڌرائون ڏيکاري ٿي.)

راڻاجي: ڪنڀا جهڙي ڪامڻي سامهون آهي. ڪوي جي،
پراهون کي ڪهڙا، ڪامڻائون جاڳاءِ ڪامنائون.

(ڪمل ناٿ جو منهن سڄو وقت ڪنڀا ڏانهن آهي ۽ راڻاجيءَ ڏانهن پٺي. فقط پرڻام ڪرڻ وقت هو راڻاجيءَ ڏانهن منهن ڪري ٿو.)

ڪمل ناٿ: تيري انگيا ۾ چور اڃان ڳوري!

راڻاجي: واه! واه! واه!

درٻاري: واه! واه! واه!

(راڻا جي منتريءَ ڏانهن سوالي نظرن سان نهاريندو.)

منتري: [illegible] ڪمل ليکا جي [illegible] جو هو توهان

[illegible] انهن ۾ ڏنهي ڪوتاهيءَ ڪري [illegible] گيت ڳائي

[illegible] اسان اهو [illegible] ويا آهن. ڪجهه [illegible]

[illegible] حد ٽپي وئي. توهان ڪنهن ديويءَ کي

[illegible] ڏيئي ڇڏيو آهي. ڪمل ليکا، توهان

کي [illegible] آهي! ان [illegible] وڌيڪ

راڄ دربار جو ڪهڙو ته ايمان ٿي سگهي؟

آهه، راڻا جي، گستاخيءَ جي به ڪا حد هوندي آهي.

هي ڪمل ليکا ته مريادا جون سڀ سيمائون پار ڪري

ويئي آهي.

ڪنترائي درباري: ها ها! منتري جي ليکي [illegible] رهيا

آهن. ڪمل ليکا گستاخيءَ جون سڀ

حدون لتاڙي ويئي آهي.

(راڻا جي چهري تي [illegible] صاف صاف ظاهر آهي.)

راڻا جي: گستاخي... گستاخي! ڪري ڪمل ليکا، ته اسان جو

[illegible] ايمان ڪهڙو آهي، اسان جي [illegible]

[illegible] جو ايمان ڪهڙو آهي... تو... اسان جي خانداني

[illegible] اسان جي خانداني شاهي دربار

[illegible] جو ايمان ڪهڙو آهي... [illegible]

(ڪجهه دير چپ ٿو رهي.)

راڻا جي: اسان توکي... اسان توکي هن وقت کان وٺي جلاوطن

ٿا ڪريون ... [illegible] ... [illegible] اسان

[illegible] جي راڄ جي [illegible] کان ٻاهر [illegible]

(اسان [illegible] ڪري [illegible])

([illegible] جي [illegible] تلوار [illegible] مان [illegible])

ڀالي جو مڪالو ٻڌاءِ...

(اشارو سمجهي ٻه آڌ اڳهاڙا بدن داسيون سونهري جي ٿري ۾ سونهري صراحيون ۽ ٻلور جا گلاس کڻي راڻاجيءَ جي ڀرسان اچي بيهي رهن ٿيون. جام ٻه سونهري هاڻي آهن. راڻاجي صراحيءَ مان شراب جام ۾ اوتي ٿو. جام چپن سان لڳائي ٿو.

ڪڏهن هڪ لهرو ڪالي جهٽڪي سان هٿيجي ٿو، جي جي هٿن ڪپڙن کي هٿ زمين تي ڪيري ٿي ڇڏي. ڪان هڙهه نقطا لڳيا ۽ الله رسول ۽ راڻاجيءَ جي سامهون ڊاڪري ۾ اٿلي آهي. درٻاري عجب ۾ اچي ٿا وڃن.

ڪمل ناٿ جي پنهنجي راڻاجيءَ طرف آهي ۽ ڇهري تي غصو اٿس. درٻاري ان لقاءَ مان سمجهي ٿا وڃن ته هوا جو رخ ڪهڙي طرف آهي.

ڪڏهن ان تي حالتس ۾ جنون اڙاڻو ته ڀرتار ورائو ترتم ڪري ٿي. سازندا هن کي ٻوڙو ٻوڙو ساٿ ڏين ٿا ڪجهه دير تائين اهو بدتميزيءَ جو طوفان جاري رهي ٿو.

راڻاجي جام تي جام ڏهندو ٿو رهي.

آخر راڻاجي ڪڏهن کي هٿ جي اشاري سان روڪي ٿو وقت گهرائي ٿو. ڪڏهن راڻاجيءَ جي سامهون اچي بيهي ٿي. راڻاجي پنهنجي ڳچيءَ مان ڪجهه موتين جون مالائون لاهي ڪڏهن جي ڳلي ۾ وجهي ٿو. درٻاري خوشيءَ ۾ تاڙيون وڄائن ٿا. ڪمل ناٿ راڻاجيءَ ۽ ڪڏهن کي ڪاوڙ سان ڏسندو رهي ٿو. هن جي چهري تي ازحد ڪاوڙ آهي.

درٻارين ۾ ڪجهه ڀس ڀس ٿئي ٿي.)

هڪ منتري: (ٻالي ڪري) راڻاجي، هي ڪهڙو انسان آهي...
درٻار جو ادب، درٻارين جو احساس ۽ سڀ ڪجهه
وساري ڇڏيو اٿن...

چڙهيو. دل، دماغ، جسم سڀ جلي رهيا ها، ٽانڊن
واڱر ٻري رهيا ها. درٻار مان نڪتس ته نه
هوش ٺڪاڻي ها نه حواس. جيڏانهن واٽ مليم،
هلندو ويس. ڪيترائي ڏينهن ۽ راتين جي خاڪ
ڇاڻيندو رهيس. نه بک نه اُڃ. نه سڌ نه سماءُ.
ڪنهن ڇا منهن موڙيو، منهنجو ته ڄڻ دان ئي
ويو، دنيا ئي وئي.

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن)

ڪمل ناٿ: هڪ ڏينهن بکايل، اُڃايل، ٿڪل، ٽٽل، اڌ بيهوشيءَ
جي حالت ۾ هڪ وڻ جي هيٺان پيو هوس ته
سواميءَ جو ديا ڀريو هٿ منهنجي مٿي تي محسوس
ڪيم... پوءِ ته ڄڻ هڪ قسم جو چمتڪار ٿي ويو.
سوامي منهنجي دماغ ۾ روشنيءَ سان، پيار ڀريل
وچن سان، پنهنجائپ واري وهنوار سان ۽ گهڻن
گهڻن گيان سان مون ۾ سمپورڻ ڦيرو آڻي ڇڏيو.
ڇا جي ڪريان، ڇا جي راجدرٻار ۽ ڇا جا بندن!

شاهه لطيف: ٺيڪ پر اها ته ڪڏهن دور جاڳندو آئين.
ڪيئن ؟

ڪمل ناٿ: اها ڪچو آهيان-ڪجهه ڪچو. ڇڪ ٿي محسوس
ڪريان ٿو ڦاسڻ وارو ناهيان. ڪرندس ڪو نه ۽
نه ڪو ٿابو ڪاليندس.

پرونتنات: گهمنڊ نه ڪر ڪمل ناٿ. مايا کي گهٽ نه سمجهه.
پرماتما پنهنجون سمپورڻ شڪتيون، سندر روپ ۾
مايا ۾ ڀري ڇڏيون آهن. ٻهش جو مثال هميشه ياد
رکندو ڪر.

ڪمل ناٿ: ڪميا ڪريو گرو ديو، ڪميا ڪريو.

ڪيئي وڃي زور سان اندر وڃي لڪو ڇڏي. درٻار ۾ سس-پس
شروع ٿي وڃي ٿي. سڀني جون نظرون ڪوي ڪمل نائڪ تي
آهن. ڪمل جي چهري مان غم ۽ غصو صاف ظاهر آهي. هو
ڌيري ڌيري هلندو هلندو سرڪي ڪنچنا جي ڀرسان اچي
ٿو بيهي.)

ڪمل ناٿ: هلڻ ٿي مون سان گڏ؟

ڪنچنا: (ابوجهائي مان) ڪيڏانهن؟

ڪمل ناٿ: ٻڌاءِ ڪونه ته مون کي ديس-نيڪالو مليو آهي؟

ڪنچنا: تون مون کي پيار ٿو ڪرين، منهنجو سچ ٿو سڃاڻين
ته هن وقت سوالي آهين پر جهڙي جو پورو هلت هلين؟

ڪمل ناٿ: سوالي ۽ ٻيو؟ تون چوين ڇا ٿي؟

ڪنچنا: مان بلڪل ٺيڪ چئي رهي آهيان. اڄ تائين ته منهنجو
نصيب ڪنهن آهي. اڄ ٿي نه ٻاهر تيرو ڪاٽو آهي جو
راڻاجيءَ جي ڪرپا-درشٽي مون تي پئي آهي. ۽ اڄ
ٿي، هاڻي ٿي توکي چاهين ٿو ته منهنجي سک-سوڀاڳ
کي لت هڻي توسان گڏ هلي بن-بن ڀٽڪان؟

(ڪمل نائڪ منجهه ڊپ غم ۽ غصي گڏيل نظرون سان ڪنچنا
ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ڪنچنا چهري ۽ اکين مان بلڪل اڻڄاڻ،
معصوم ۽ ويچاري لڳي رهي آهي. ڪمل نائڪ زور سان زمين تي
پير هڻندي نڪرو نڪرو درٻار کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

ڪليو منظر / ٻاهر / ڏينهن

(پروگرام، ڪمل نائڪ ۽ شاهه لطيف هڪ ئي قطار ۾ اڳتي وڌي
رهيا آهن. ٻيا جوڳي هنن جي پٺيان پيران اچن پيا ٿا.)

ڪمل ناٿ: ڪنچنا جي وهنوار مون کي بلڪل ٻاڪل بنائي

ترسرا جي هتيا ڪري ڇڏي". ترسرا جي ڀاءُ ورتر اندر کي شڪست ڏني ۽ اندر کي هن سان صلح ڪرڻو پيو. دشمن دوست ٿي ويا. پر اندر آهي هرفني. سام، دام، دنڊ، ڀيد سڀ نيتيون ڄاڻي. هڪ ڏينهن دوکي سان اندر ورتر کي به ختم ڪري ڇڏيو. اندر تي ٻيو پاپ چڙهي ويو- هڪ برهم هتيا ۽ ٻيو وشواس گهات جو پاپ. ان ڪري اندراسن ڇڏي، پراشچت ڪرڻ لاءِ ڪيس ايڪانت جل ۾ سمادي لڳائڻي پئي.

سوال اُٿيو ته تيستائين سرڳ جي رکشا ڪير ڪري ۽ ڪاروبار ڪير هلائي. ان لاءِ ڌرتي لوڪ جي راجا نهش کي هر طرح يوڳيه سمجهيو ويو ۽ نهش پنهنجي جيون-ڪال ۾ ئي اندراسن تي ويٺو!...

(پروتماڻ، ڪمل نات، شاه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ڪجهه ڏيهه ڇپ ڇاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن. ماحول ۾ مڪمل گنڀيرتا ڀريل آهي.)

پروتماڻ ۽ پت لطيف، پڻ ۾ سدائين مد سمايل هوندو آهي. سڀاوَ جي لحاظ کان ديوتائون سدائين ديوتائون هوندا آهن ۽ دئيت سدائين دئيت. پر انسان جي گت-مت ٻرلي آهي. هو ڪنهن به پاسي وڃي ٿو سگهي.

هڪڙي ڏينهن نهش جي نظر وڃي اندر جي پتني شچيءَ مٿان پئي. سونهن ڏسي سرابجي ويو. من ۾ وڪار جاڳي اُٿيس. وڪار کي دليل سان پختو ڪري ديوتائن کان طلب ڪيائين ته مون کي پورو اندر بڻايو. اندراسن ڏيئي اوهان اندر بڻايو اٿو. هاڻي اندراڻي ديوي شچيءَ سان منهنجو وواه ڪرائي مون کي پورو پورو اندر بڻايو.

شاهه لطيف: نهش جو ڪهڙو مثال آهي؟

(ڪجهه دير سڀ چپ چاپ هلندا ٿا رهن.)

پروتنات: نهش جو نالو وٺڻ ڪال کان وٺي پلو وڌندو آهي ۽ هنجو مثال ڏنو ويندو آهي. "شريمد والميڪي رامائڻ" ۽ وياس-ڪرت "مهاڀارت" ۾ به نهش جي ڪٿا اچي ٿي. ان ڪٿا مان پتو ٿو پوي ته انسان بار بار مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انساني ڪمزوريون بار بار کيس هيٺ گهلي ٿيون اچن. انسان کي پنهنجين ڪمزورين تي جيت حاصل ڪرڻي ئي آهي چاهي ان لاءِ کيترائي ڀيرا کيس ڪرڻو ڇو نه پوي...

شاهه لطيف: پر اها ڪٿا آهي ڪهڙي؟

پروتنات: پر لطيف! تپسيائن ۽ يوگ-سادنائن جو اُديشه هئڻ گهرجي برهم ۾ لين ٿيڻ- آواگمن جي چڪر کان مڪتي ۽ موڪش جي پراپتي. پر ڪي رشي-مني-جپي-تپي اهڙا به ٿي رهيا آهن جن سک-ڀوڳ ماڻڻ لاءِ ۽ اي-ڪنڪي عيش-عشرت ڪرڻ لاءِ تپسيائون ڪيون. اهڙو ئي هڪڙو تپسوي هو ترسرا جنهن کي اندر جو تخت حاصل ڪرڻ جي اڇا هئي. اندر ترسرا ڏانهن اپسرائون موڪليون پر تپسوي ان جال ۾ ڪو نه ڦاٿو...

شاهه لطيف: (مرڪندي) واهه! جي ڄاڻين ڏٺا ڇال، ته به لاهوتي لنگهي ويا...

پروتنات: بلڪل ائين ٿيو. لاهوتي لنگهي ويا، پر اندر به اندر آهي. پنهنجو راڄ بچائڻ لاءِ هٿيارن ڪرڻ کان به جهجهڪندو ناهي. اندر وٽ هڪڙو اچرڪ ۽ اموگهه هٿيار آهي وجر ۽ ان وجر سان ئي هن تپسويءَ

آهي منهنجي اندر جي پريت. سچ پچ جي سڪ ۾ سڀ سانگ، ته پرتا ئي آهن نه! ڪهڙي ڪل نه الائي هو چاهه ۾ تو راضي ٿئي.

ڪلاچي ڳوٺ جو ٻاهريون حصو/ ڏينهن

(وائيڊ شاٽ: ڪلاچي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي مهاڻا ئي رهن ٿا. ڪجهه مهاڻا ڪکيءَ هاٺيون ڪاريون ۽ ڇپريءَ هاڻا ڇپر ڪنهو اچ-وڄ ڪري رهيا آهن. ڪن مهاڻن جي ڪلهن تي جار به آهن. ڪي مهاڻيون مٿي تي مڇين سان ڀريل ڪارا ڪٽيو پنهنجن پنهنجن گهرن طرف وڃي رهيون آهن. ڪارن مان بدبودار پاڻي هيٺ وهي رهيو آهي. مهاڻيون رنگ، جون ڪاريون شڪل ۾ بدزيبيون پر جسماني طور چست ۽ ڦڙت آهن.

شاهه لطيف هڪ وڏي پٿر جي وڻ جي ڇانوَ ۾ اڪيلو ويٺو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن وقت جوڳي هن جي آس- پاس ڪو نه آهن. هڪ مهاڻي، جنهن جي مٿي تي خالي ڪارو آهي، لڏندي لمندي، ڇيلهه کي مٽڪائيندي شاهه لطيف جي ڀرسان لنگهي ٿي وڃي. هوءَ ڪجهه گنگنائي رهي آهي.)

مهاڻي: لوڪ لاڄ جي فڪر نه ڪنئي،
سڀئي ئي جند وار ڏني،
مٺن لئي صدقي جاوان يار تون!
سر گهول گهما وان يار تون!

(مهاڻي ته اڳتي وڌي ٿي وڃي پر شاهه لطيف هن جي الحان لهار ٻڌندو ٿو رهي.)

سائين هاڻ ۾ آهي سوپ ۽ ويهڻ ۾ آهي هار.
جيڪي سمنڊ سيوان سي لئي ماڻڪ ۽ موتي ميڙين
ٿا. جيڪي رڳو هلڪڙيون ٻيڙيون ٺوليندا اهن جي
همت ته رڳو سنگهه ۽ سڳون لئي لڳيون آهن. اهڪي
راه اَلاه جي، اهڪي، اهڪيءَ ٻت!

(ٻروتنامه، ڪمل ذات ۽ شاه لطيف جي ٻنهان ٻنهان ۽ آس-پاس هلندڙ جوڳي ڏاڍي اُتساه سان "الک نرنجن" جو گهوش ڪن ٿا ۽ ان کان پوءِ هڪدم سگهيون ۽ ترليون وڄائڻ شروع ٿا ڪن. جٽائون ڇڙيل، ديهه تي ڀڀوت ململ، پير اڳهاڙا، ڀڳيون ويس اوڍيل جوڳي، ماحول تي پنهنجي عجيب ڇاپ ڇڏيندا ڪريل ۽ ڪوچ ڪندا پيا وڃن.

شاه لطيف جي ڏاڙهي ڪجهه وڌي وئي آهي ۽ وار به وڌا ٿي ويا اٿس. بدن ۾ ڪجهه لهڪاريل ٿر ڦڙيس ۽ چمڪ. پير اگهاڙا جيڪي مٽيءَ سان ڀڄي ويا آهن. هن وقت تائين شاه لطيف جي بدن تي اڇي سلوار ۽ اڇو چوغو ئي اوڍيل ٿي رهيو آهي. شاه لطيف اُڪنڪي لڳائي جوڳين جي ڀڳتي ويس ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

شاه لطيف: اڄ ملنديس ماءُ! ڏ چا ڪنديس ڪيڙا،
جيجل! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م پاه!
مون کي جهل م پاه!
اڄ ملنديس ماءُ!

(پروتنامه مرڪندي شاه لطيف ڏانهن نهاري ٿو.)

شاه لطيف: سوامي جي، هنگلاج واري ڪالي ماتا به ته ماءُ ئي
آهي.... مان پاڻ به ته هڪ جوڳياڻي ئي ته آهيان.
منهنجو جوڳي ته آهي، اهو هڪ ڏاتي جنهن جي
فراق ۾ جهنگل-جهنگل، پربت-پربت ڀٽڪي رهي

شاهه لطيف: مون ڀانيو مزمان، هميشهه هوندا ڀرين،
مون ڀانيو مزمان!...
(سسئي لڙڪ ڪري ٿي.)
سسئي: مون ڀانيو مزمان!
هميشهه هوندا ڀرين، مون ڀانيو مزمان!
شاهه لطيف: ڪهي ڪميڻي هليا، ڪهل ڪيائون ڪان،
ڏئي ويا ڏاهه ڪي، سورن جا سامان،
ڇورو رات جوان، جيڏهون جتن ڪري ويا!
(سسئيءَ جو ڀاڱو - لڙڪ جاري آهي.)
شاهه لطيف: وارو! ڏر وٺي ويسا، آريچا آظلام!
سسئي: وارو! ڏر ولي ويسا، آريچا آظلام!
شاهه لطيف: آڻائون آريءَ جا، پنهون ڏي پيغام،
هه، ڪيائون ڀاڳ ڀر، منهان مڻهي مام،
سنهوُ را سانت ڪٿي، ويساهي ويسام،
ڪاڪون! رات قيام، جيڏهون جت ڪري ويا!
(شاهه لطيف جي سامهون سسئيءَ جو ديوانا وار، جنون ڀريو رقص.
رقص غم ۽ عشق جو عجيب سنگم آهي.
اوچتو رقص ڪندي سسئي الوپ ٿي وڃي ٿي.)

(ڪجهه جوڳي مندان ڀار ڪري شاهه لطيف ڏانهن اچي رهيا آهن.
هنن سان گڏ هڪ ڀروهت ڇوڪرو به آهي. ڇوڪري کي ڀڪي ڏوکي
ڀريل آهي، مٿي تي ٽلڪ، چوٽي، جڻيو ۽ هٿ ۾ هڪ لٺ.)
شاهه لطيف: ولهون ويلا، واڻ، جوڳين جهليا جان ۾،
اُجهو رهه الاهه، ڪولهي ڪاپڙين جو.
(ان وقت ڀروهت ۾ ڪن جوڳين سان گڏ اچڻ لاءِ اچڻو.

شاهه لطيف: سسئيءَ! تنهنجي ۽ منهنجي هڪ ئي راهه آهي.
توکي ان کنهن جي تلاش هئي ته مون کي ان کنهن جي تلاش آهي. تون به دردن جي ماري هئين ته مان به فراقن ۾ قتيل آهيان.

لکين لوڙائون، سهيون آهين سڀ ۾،
سر ۾ سورائون، ڪڍ پڇاڙي پاڻ سين!

(دور کان فراقن جي ماري سسئي اچي رهي آهي. اگهاڙا، ڏڏر سان لٿل ۽ چڙيل وار، سڪل منهن، اکين ۾ ڳوڙها ڀريل، شرير ۾ ستائي، لباس ليڙون ليڙون ٿيل، پير ڦٽيل، سراپا درد و سوز جي تصوير. هوءَ آهستي آهستي هلندي شاهه لطيف جي سامهون اچي ٿي بيهي.)

سسئي: لطيف، منهنجو سورائون آهي عشق ۽ اڻڳو آهي فرقت جو سوز ۽ منزل مقصود آهي پنهون.... سورائون جي ضرورت پوندي توکي، هڪ علاج ڪو وڃين ته ان ڪري.

شاهه لطيف: ڀلي ٿي. ڇوڪ اي سسئي، شاهه لطيف سلام ٿو ڪري تنهنجي عشق کي ۽ تنهنجي درد ڪسي! مدد ته مدجهان تن،

پسي لڪ لڙن جي،
جا ٻر ڪاهوڙين، سا ٻر سکي سسئي...
اي عشق ۾ فنا ٿي وڃل سسئي!
سندي لالن لاڏ، مٿان پوءِ مدد ڏئي!

سسئي: اهو هرگز نه ٿو مري جنهن جي دل عشق سان زنده ٿيل آهي. اساڄو لسالو هميشه لاءِ دنيا جي دفتر ۾ اڪرايل رهندو. وسري ويندو؟

(ماحول ۾ سنگيت جي گونج، ڪلام جو شروعاتي سنگيت. ٻڌن ان قسم جي آهي جو ان تي لرزي ڪري سگهجي.)

شاهه لطيف کي جوڳين جهڙو ئي لباس اوڍيل آهي.)

پرونتناٿ: ڀرون ن پاٽو حب نديءَ تي ڪنداسين.

شاهه لطيف: پاٽو؟

پرونتناٿ: منزل پڙاءُ. جتي جل-پان ڪجي، ڇپو-ڇپرو ڪجي.

شاهه لطيف: جوڳين کي ۽ پاٽو ڪرڻ جي لوڙ پوي؟

پرونتناٿ: لطيف، ڏنگو ۽ آهين... ڇا جوڳين کي شرير ڪونهي؟ شرير آهي ته شرير جا سڀ ٻنڌن ۽ هوندا ۽ اهو ۽ نه وسارج ته اسان سان گڏ اڳوڻو ۽ آهي ۽ ويچارو پروهت جوڳي ڪونهي.

شاهه لطيف: ڇرچو سمجهي آيو سوامي! ٻيو ڪو مطلب ڪو نه هو...

پرونتناٿ: لطيف، جوڳين جو پاٽو الڳي پوڳ، ڏيان، پرماتما جو چنتن. سنسار ۾ آيا آهيون ته سنساري ڌرم ته پالڻا ئي آهن... فرق آهي اُديشه جو، انتر آهي وچار-ڌارا ۾. جڳت لاءِ سنسار سچ آهي، هڪ جوڳيءَ لاءِ سنسار جا سچ ۾ مٿيا ئي آهن.

شاهه لطيف: هوُ ڏسو قافلو. هنگلاج جا جاتري.

(جوڳين کان ڪجهه پنڌ اڳيان هڪ قافلو هنگلاج ڏانهن وڃي رهيو آهي. قافلي ۾ زالون، مرد، ٻار، نياڻيون، ٻڍا، جوان سڀ آهن. ان قافلي جي اڳيان ۽ هڪ اڳوڻو هلي رهيو آهي جنهن جي پيٺ سان لٺ ٻڌل آهي.)

شاهه لطيف: سواميجي! حب نديءَ ۾ واڳهوُ آهن. ڪلاچيءَ جي ڪن وانگر؟

ڪمل ناٿ: ڇو لطيف، اتي ۽ مورڙي جهڙي ڪا ڪهاڻي ڪهڻي ڇا؟

پرونتناٿ: نه. حب نديءَ اجا ته واڳهن ۽ ماڳرمڇن کان آجي

ڪجهه ئي دير ۾ پروانداڪ، سڀ جوڳي ۽ اڳوڻو شاهه لطيف جي اڳيان اچي ٿا بيهن. شاهه لطيف ٻه اٿي کڙو ٿيو. پرفتندات اڳوڻي ڏانهن نهاري ٿو. اڳوڻو هڪدم ڪيس پرڻام ڪري ٿو. اڳوڻو شاهه لطيف جي ڇهري ۽ لباس ڏانهن عجب ڀريل نظرن سان نهاري ٿو.

شاهه لطيف سڀ سمجهي ٿو وڃي ۽ مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: اڳوڻا سائين! منهنجي منزل ٻه هنگلاج ئي آهي. هتان جوڳين سان گڏ ئي مان ماتا جو درشن ڪندس.

(شاهه لطيف اکيون بند ڪري ڇهن تي مرڪ آڻي هڪ ازغيبي مستي جي عالم ۾ اچي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: اچ مليندس ماءُ! ڌاڄنا ڪندس ڪيڙا،

جيجان! جوڳياڻي، تنهن مون ڪي ڇهل ۾ پاءِ،

هوت ڀروچي لاءِ، ڪنهن ڪر پائيان.

پروتنات: لطيف ۽ پاڻ ڪي ستي ۽ سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. هن ٽائين ڀٽڪڻ جا الڪ رستا آهن. ڪي چاتل ۽ ڪي اڻچاتل. ستي جو پيرو ڪري لا پرماتما ٽائين پهچي سگهجي ٿو. اصل تت آهي اند جي اگ. پيو سڀ ته رک آهي رک.

ڪچو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اڳوڻي تي. هو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪئميرا جي پل هڪ ڪرڻ ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته اڳوڻي کي هڪ جهڙي ڀيت سان بدل آهي. هو اڪيلو اڳيان هلي رهيو آهي ۽ جوڳين جو قافلو هن جي پنيان هلندو پيو اچي. پروانداڪ ۽ شاهه لطيف ميڙ ۾ گڏ هلي رهيا آهن. هن جي بلڪل پنيان ڪمل ناٿ ۽ به ٻي پيلا جوڳي آهن. باقي جوڳي انهن جي پٺيان آهن.)

شاه لطيف: (وچ ۾ ڪٽي، يڪدم) وحده لاشريڪ آهي.

(ڀروتناٿ، شاه لطيف ۽ ڪمل ناٿ مرڪن ٿا. هنن جي مرڪ آتمڪ سنتوش جو ثبوت ڏيئي رهي آهي.)

ڀروتناٿ: هو هڪ آهي ۽ سرشٽيءَ جي ڪڻ-ڪڻ ۾ سمايل آهي.

شاه لطيف: (ڪجهه سوچي)

ڪوڙين ڪايائون تنهجهون، لکن لک هزار،
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار!
بس. درسن ڏارون ڏار!

اڳو ڏو: (رڙ ڪري) هنگلاج جا جاتريو! حب ندي اچڻ واري آهي. ٻاٽو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. جئه هنگلا ديوي!

جوڳي: (هڪ آواز ۾) الک نرنجن.

ڪچو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي)

آهي. ٻاقي هن طرف، جت نديءَ جي آس-پاس
روح سو هوندا آهن.

شاهه لطيف: روح؟

پروتڏات: روح هڪ ڄاڻو هڙ آهي. روحن جا پير اچا ٿيندا
آهن. ڏينهن جو ڪٿي به نظر ڪو نه ايندو. ويچارا
ماڻهن کان ڊڄندا آهن. پاڻي پيئڻ لاءِ ٻه رات جو ئي
جت نديءَ تي ويندا آهن. لطيف، تون ڪهڙيءَ ٿيءَ
۾ پهچي ويو آهين؟

شاهه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي)

اُتي ڪيهن نه اوليا، سنت ويا سالم،
هيڪائي هيڪ ٿيا، احد سين عالم،
بيا ڀلا بالم، آگي ڪيا اڳهن.

(پروتڏات سڪ ڀريل نظرن سان شاهه لطيف ڏانهن نهاريندو)

پروتڏات: شل وڏي آورجا ماڻين پت لطيف، تون به پاڻ سالم
آهين، پوتر هردي وارو آهين. سدائين سنت ويندين.
تنهنجي لاءِ ڪولي اوتر آهي ڪي ڪو نه. تون پاڻ
سمپورڻ پرڪاش آهين.

شاهه لطيف: سواميجي، سچن کي ڪو سور ئي نه پهچندو.
قرآن پاڪ ۾ به فرمايو اٿائون:
لا خوف عليهم ولاهم يحزنون

پروتڏات: سنساري چڪرن مان آزاد آتما اَبعد ڪيڏو پرماڻ آهي
تنهنجي آتمڪ وڪاس جو ۽ پرڪاش آتمڪ جو
تون اگياني سنسار کي ٻڌائيندين ته ٿئي ۽ سمت هڪ
ٿي آهي، فقط ٽالن جو ن ڇنڪون الڳ الڳ آهن.
تون وڏي واکي ڇولڊن ته جي پرماتما هڪ آهي ۽
اُهو آهي ته الله به...

پاسو وٺي ٻيهجي ٿا وڃن. واپسيءَ وارو قافلو هنن جي پاسي کان ڌيري ڌيري هلندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف : اِن اَلاهه وتريهب اَلوتو - ڏٺي هڪ آهي ۽ ڪيس هيڪڙائي وٽندڙ آهي. ڪلام پاڪ جو فرمان آهي سوامي جي!

ڪملناٿ : ايڪو اُرهم دوتييو ناستي - ان الک برهم کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه! اهو ويدانت - واڪيه آهي لطيف سائين!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف کلن ٿا. ڪملناٿ جي منهن تي شرارتي مرڪ آهي.)

شاهه لطيف : مون کي هندو ڌرم ڪافي پيچيدو لڳندو آهي. هندو نرگڻ برهم پر به وشواس ڪن ته سگڻ برهم پر به! پرماتما الک به آهي ته اوتار به وٺي ٿو. برهما، وشڻو ۽ مهيش شڪتيون به آهن ته شرڌا به آهن! سوچيندي ئي مٿو ڦرڻ ٿو لڳي.

پروتناٿ : پٽ لطيف، هڪ مکيه مٽو وساري ڇڏيئه. سڀ ڪجهه ڇوڙڻ کان پوءِ رڳو ڇيو آهي- نيتي نيتي! هي به نه، هو به نه. سڀ رهسيه ان سوٽر ۾ ئي سمايل آهي وتس! هي به نه، هو به نه.

شاهه لطيف : يعني؟ يعني ته...

پروتناٿ : هائو، ائين. يعني تـه فقط توُن ۽ فقط توُن. توُن هڪ بوند مان اُڀريو آهين. توُن پاڻ هڪ بوند آهين، توکي نـي ساگر اُڀٽو آهي. پـر ڪيئن؟ هي سڀ شاستر، هي سڀ مت-متانتر، هي سڀ ڀوڳ، وراٽ روپ پراپت ڪرڻ جا ئي رستا آهن. رشين ان کي مڪتي به سڏيو

سوتر ڌار (فقط آواز)

هنگلاج جا جاتري جڏهن لنديءَ کان ٻڌي ٻواليءَ جي ڪوهيءَ تي منزل ڪندا آهن. هتي ديوي ڀوانيءَ جو ڪوئي مندر ڪونه آهي، فقط ڀالو رکيل آهي. شاهه لطيف به جوڳين سان گڏ اتي منزل ڪري ٻڌي اڳتي وڌيو...

ٻواليءَ جي ڪوهيءَ کان ٻڌي واٽ تي ڪافي ور-وراڪا آهن. انهيءَ هنڌ کي عام طرح "گهنٽيڪا" چوندا آهن. اها سوڙهي واٽ بيحد تنگ ۽ ور-وڪڙن سان ڀريل آهي.

درشيہ

جوڳين جي قافلي کان اڳ ويندڙ قافلو ميدان ۾ هڪ هنڌ آرام ڪري رهيو آهي: هڪ هنڌ رڌ پچاءُ به ٿي رهيو آهي.

جوڳين ۾ شاهه لطيف اڳتي وڌي رهيا آهن.

تنگ ۽ ور وڪڙن سان ڀريل واٽ.

(گهنٽيڪا مان ڏرهتين جو قافلو ۽ انهيءَ پٺيان پٺيان جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڃي رهيو آهي. هڪ ٻيو قافلو هنگلاج جي ياترا ڪري واپس اچي رهيو آهي.
ٻنهي قافلن جي اڳوڻن جي نظر هڪ ٻئي تي پوي ٿي. ٻئي اڳوڻا هٿ جي اشاري سان پنهنجن پنهنجن قافلن کي روڪن ٿا.)

موٽندڙ اڳوڻو: جئه هنگلا ديوي!

ويندڙ اڳوڻو: جئه هنگلا ديوي!

(ويندڙ اڳوڻو هٿ سان اشارو ڪري موٽندڙ قافلي کي رستو پار ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. هنگلاج طرف ويندڙ ٻئي قافلا هڪ

وڏيڪ لاڙو رکندا آهن. صوفين جو مجازي عشق انسان جي ان مشڪلات کي دور ڪرڻ جو ئي هڪ رستو آهي. ڇو ته من، بنا پريم ۽ صدق جي نه ٽڪي لڳڻ وارو ئي ناهي. پوءِ به ان نامراد من کي قابوءَ ۾ آڻڻ جو هڪ رستو آهي.

ڪمل نات: لطيف، ڪبير جي هڪ سٽ آهي:

اوه پرش د پواڌ پد پو،
پگمه هيمه نرسنه پائي!

اهو سچو ڀڳتيءَ جي پاونا جو ئي چمتڪار آهي جو ديون جو ديو ورامت پرش برهم ڀڳت پرهلاد لاءِ نرسنهه اوتار ڌارڻ ڪري ساڪار روپ ۾ پرگٽ ٿئي ٿو پر اسلام پورڻ - روپ ۾ ايڪ - ايشور - وادي ڌرم آهي - فقط هڪ الله ۾ عقيدو رکندڙ مذهب

پروتمات: ان ڪري اسلام جي پيروي ڪندڙن ۾ انوکي ايڪتا ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

شاه لطيف: حدون ۽ دائره ايڪتا نه آڻيندا ئي سوامي جي!

پروتمات: پر لطيف، سمنڊ جي هوائن کي سهاڻائه - سگريو جي ڀاءُ پاليءَ کي وردان مليل هو ته دشمن هن جي سامهون ايندي ئي پنهنجي اڌ شڪتي وڃائي ويهندو. رام جهڙي اوتاري پرش به هنجي سامهون وڃڻ ٺيڪ نه سمجهيو ۽ وڻ جي پٺيان لڪي پاليءَ تي تير ڇڏيو. پاليءَ ڇڏي به ڏٺس ته: رام، مون کي تو ويرن وانگر نه، پر هڪ شڪاريءَ وانگر ماريو آهي. پر، مهنجو اشارو سمجهي ويا هوندا.

شاه لطيف: سمجهي ويس سائين! بلڪل سمجهي ويس. پر،

آهي. وراٽ روپ ۾ مڪتي، ٻئي اوپرا آهي
نه پرماتما جي مايا آپرمپار ؟ ان آپرمپار جي پار
وڃڻو آهي توکي.

شاه لطيف : سوامي جي ، صدين جو رچيل آهي اهو مايا جار.
پر ويدن ۾ ته پرماتما جو نراڪار روپ ئي پرگٽ
ڪيل آهي...... ساڪار روپ ۾ اوتار لـــ......
پوءِ ڇو ڪلپنا آهي نه؟

پروتشات : ائين ناهي، پرماتما جي ساڪار روپ جو بيان
سڀ کان اول رگويد جي پرش - سوڪت ۾
ملي ٿو. پڙ :

सहस्र शीर्षा पुरुष: सहस्राक्ष: सहस्रपात ।
स भूमिं विश्वतो वृत्वात्यतिष्ठद्दशाङ्गुलम ॥

رگويد ۾ پرماتما جي وراٽ سروپ جو ذڪر
ڪيل آهي. ان وراٽ پرش جا هزارين مٿا،
هزارين اکيون ۽ هزارين چرڻ آهن. هن پرٿويءَ کي
چئني طرفن کان گهيري رکيو آهي ۽ پوءِ به هو
فقط ڏهه آڱر آهي.

لطيف، جيتوڻيڪ برهم جو اصلي روپ نرگڻ،
نراڪار ۽ الک ئي آهي پر نرگڻ برهم جي ڀڳتي
ڪٺن آهي. ڀڳوان شري ڪرشڻ "گيتا" ۾ صاف
صاف چيو آهي : " اويڪت (نرگڻ) ۾ چت
کي ايڪاگر ڪرڻ کي تمام گهڻو ڪشٽ ٿيندو
آهي ڇو تہ نراڪار گتيءَ کي ڄاڻڻ / پائڻ ،
ديهه - ڌاري منش لاءِ سڀاوڪ طور ڪشٽ -
پرد آهي.

ان لاءِ، هت لطيف ، پيغمبر سگڻ ساڪار ڏانهن

لطيف، تون هن دنيا ۾ پنهنجي هستيءَ کي نور
۾ لپيٽيو آيو آهين، تون پرڪاش جي آڳ آهين. ان
آڳ جي تڪ ۾ مايا جا چار پگهرجي وهي ويندا ۽
فريب جا ڍير خاڪ ٿي ويندا.

(قافلي جو سفر جاري آهي.)

شاهه لطيف: هڪ ڏرتي پيو الڙ ۾ عشق جي آڳ - عاشق
کي ان چپن جي وچ ۾ پچندي ڏسڻ نماڻو آهي.

پروتناٿ: ڀلائي چاشني صوفين جي ڪلام ۾ رنگيني ۽
دلڪشي ڀري ٿي ۽ ڀڳتن جي ڀڳتيءَ کي رس-
ڀريو بڻائي ٿي. يوڳ - مارڳ ۽ گيان - مارڳ تہ
سڪل نرت رسما آهن. ڪوئي فولادي هردو
۽ لوهي شرير وارو سادڪ ئي انهن مارگن تي
لڳاتار ياترا جاري رکي سگهي ٿو.

ڪمل ناٿ: سمجهه نہ لطيف! تون ڀريم جي ڪير مان جنڪا
ڪرڙي نٿا ڏهندين ان ۾ يوڳ ۽ گيان جو، ڀڳتيءَ ۽
ڪاڄن جيترو ئي انداز هوندو. چڱا تہ ڪر.
تنهنجي ڪرڙي ماڻهو آگرين چنبي چڙهي ڪائيندا-
ڪائيندا ۽ گرڻ ڳائيندا......

شاهه لطيف: مان ڪرڙي نٿو وارو ڪير؟
ڀانئين ڀسي ڀاڻ کي، ڀانئين محبوب،
ڀانئين خالقي خوب، ڀانئين طالب تن جو!

پروتناٿ: ڪمل ناٿ، وڏي ڀڳ واري ڳالهه آهي ڀلا. ڀلا
فقير جي ڪشڪول ۾ هتان هتان ڪٺي ڪيل
گيان جي منتري وارتا ناهي. لطيفو ڀڏو بہ آهي
تہ آڏيو بہ آهي.

(قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

رام ٻلي ٻاليءَ کي لڪي ماريو هجي، هنومان ڪيس
سامهون وڃي ماري ها!

(پروتنات هڪدم اٿي ٿو وڃي ۽ ڪجهه دير ٽڪ ٽڪ شاهه لطيف جي منهن ۾ نهاريندو ٿو رهي. پوءِ مرڪي، ڏاڍيءَ سڪ سان ڪٺي ٿو شاهه لطيف کي گلي لڳائي. ڪمل ناٿ پنهنجين اکين جون ڪنڊون اگهي ٿو.)

✻

(هنگلاج مان واپس ايندڙ قافلي جا سڀ جاتري سوڙهو لنگهه پار ڪري چڪا آهن. گرهستين جي قافلي جو اڳوڻو جاترين کي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪري پاڻ به اڳتي وڌي ٿو. انهن کي اڳتي وڌندو ڏسي جوڳين جو قافلو به اڳتي وڌي ٿو.)

شاهه لطيف: مون کي لڳندو آهي ته هودي ۽ هدا هڪ جاءِ رهڻ وارا ناهن. توهان جو سنگ ۽ ساٿ ملڻ کان اڳ مون به بيت لکيا ها ته:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چؤ.
جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چؤ.

پروتنات: بلڪل سچ چيو آهي تو لطيف! پنهنجو آپو وڃائڻ کان پوءِ ئي پرماتما جي وڏائي ڪري سگهجي ٿي. جيسين اندر ۾ خودي هوندي، اهنڪار هوندو، مان - پڻو هوندو، تيسين انسان پرماتما جي نالي ۾ فقط پنهنجي پيو وڏائي ڪندو، پنهنجون صفتون پيو ڳائيندو ۽ پنهنجو گڻ - گان پيو ڪندو.

ٻئون چاڪا ڏئن. قدرت
هن جڳهه جي نظاري کي
عجيب ترقي بخشي آهي.
ٻيدي لڪ جي نزديڪ
ٻه ننڍيون کوهيون آهن، جن
کي ”سيتا ماتا جون کوهيون“
ڪري سڏيندا آهن.

هنگلاج ياترا جي اوسار شري
رامچندر جڏهن پنهنجي پتني
سيتا ۽ ڀاءُ لڪشمڻ سان گڏ
چوڏهن سالن جو بنواس پورو
رهيو هو تڏهن الهي عرصي
۾ هنگلاج آيو هو. سيتا
ماتا جون کوهيون ڪچيون
آهن. تنهڪري جلد جلد
ڏٽجي وڃن ٿيون ته ماڻهو
اهي وري سوري صفا ڪندا
آهن.

ٻيدي لڪ کان پوءِ ڪارڙي
ناڪو اچي ٿو. شاه صاحب
جي وقت ۾ الهي ناڪي
تي لس ٻيلي جي جام جا
ملازم هنگلاج جي جاترين جو
سامان ڪولائي ڏسندا هئا.
ٻدن تي ٻل ڪرڻ کي
چڙهي ڪري ٻاقي سهڻي

سمنڊ جو درشيہ

سيتا ماتا جي کوهين
جو درشيہ

گرهستين جي قافلي جو سڄو
سامان کليو پيو آهي. ملازم
تخميني لڳائي رهيا آهن ۽
[ان مطابق محصول وصول
ڪن ٿا.
[شاه صاحب جي ڏکي ڇهري
جو] ڪلوز - اپ.

سوٽر ذارا: (فقط آواز)	درشيه
شاهه لطيف سر ديسي ۾ سسئي جي منهن مان چوايو آهي ته: وروراڪا وچ ۾ لکين آڏا لڪ، هوٿي آڏا هڪ، سي ڪيدا ڪوهه ڪندين ڪي؟	جبلن جي پاڙا جاري آهي.
لڪ ۽ وروڪڙن واري واٽ جنهنکي عام طرح گهٽڪا چوندا آهن ۽ جنهنکي روحاني معنيٰ ڏيئي شاهه صاحب "سوڙهي سگهڙ" ڪوٺيو آهي انهن گهٽڪائن مان لنگهبو ته اول متاهون پٽ ايندو ۽ پوءِ لڪن ٺمان لڪ ايندا ويندا. سڀ کان اول ايندو اربدو لڪ.	گهٽڪائن جا ڪجهه درشيه
پربدي لڪ جو نظارو نهايت وڻندڙ ۽ دلڪش آهي.	پربدي لڪ جو درشيه
هيٺي قدرتي طرح هڪ ٽڪري جبلن جي قطار کان جتي، ڌار لي، عمدو لقاءُ لڳائي بيٺي آهي.	جبلن جي قطار ۽ ٽڪريءَ جو درشيه
پربان سمنڊ جي ورن چوليون	

تحقيق جي تڪبر ڇڏي، جيسين ڪيائون جواب،
تن ڪهڙو ڏوهه حساب، جن هڏڙي هادي حل ٿيا!

پروتڏات : پٽ لطيف، توهان ڇو ائين ناڪي شرمندو محسوس ڪريو ٿا؟ جو ڪرڻگا سو ڀرڻگا، هم ڪيون هون اداس؟

شاهه لطيف : ڏک تو ٿئي ته مغلن جي راڄ ۾ هندن تي هيڏيون ڄڙائون مڙهيون وڃن....

پروتڏات : مغلن جي راڄ ۾ نه ڇو... ڇو اورنگزيب جي راڄ ۾. پٽ، مغل ته اڪبر به هو.

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن.)

پروتڏات : ٻرجا جو پيارو ۽ انصاف پسند راجا ٿيڻ به نصيب وارن جي قسمت ۾ لکيل هوندو آهي. اڪبر نصيبن وارو هو. لطيف، سنڌين سميت ئي ٻاڳين سان ملندي آهي. سو ترپرسٽ آهي ته زوال ڪالي و ٻرامت پسندي. جنهن ماڻهوءَ جو وناش ٿيڻ وارو هوندو آهي، ٻاڳي ٻهراڻ سندس پسندي پوشت ڪندو آهي.

شاهه لطيف : مون پڌو آهي ته اڪبر بادشاهه سڀني ڌرمان وارن جو رواج ٿي ڪڍي ڇڏيو هو.

پروتڏات : ماڻهن ۾ گهٽو هو. چار هئس ته احسان جهڙو ڪو ٻوجهه ڪونهي ۽ احسان فراموشيءَ جهڙو ڪو گناهه. امرڪوٽ ۾ ڄائو هو، راڻي پرساد جي محلات ۾. ان جي سوڍن جا اڪبر جي پيءُ همايون تي احسان ها. ٺٽي جي حاڪم شاهه حسن ارغون سان لڙائي ڪرڻ لاءِ راڻي پرساد همايونءَ کي پنهنجو لشڪر ڪڍي ڏنو هو. ان لاءِ اڪبر هندن سان سدائين

وڏن چاهي سڀني سامان تي
محصول لڳائيندا ها. جيئن
ته اهو محصول فقط هندن
کان وصول ڪيو ويندو هو
ان لاءِ شاهه صاحب کي ڪافي
ڏک رسيو هو.

(پروهت، ڪمل ناٿ، ٻيا جوڳي ۽ شاهه لطيف ناڪي وٽ اچي قطار ۾ بيهي ٿا رهن. ملازم جوڳين کي ڏسي کلن ٿا.)

شاهه لطيف: اسان جوڳين - سنياسين تي ڪلر ڇو ٿا؟ مهرباني ڪري حساب ڪري ٻڌايو ته. اسان کي ڪيترو محصول ڏيڻو پوندو؟

(ملازم مذاقي انداز ۾ جوڳين جي شرير ڏانهن نهارين ٿا.)

هڪ ملازم: توهان جوڳي چار ئي پهر درد ۾ ڇڪياچور، توهان جون ڪفنيون مٽيءَ جهڙيون ميريون، توهان جي جٽائن جا رسا ڇڳل، توهان جي بدن تي ڪپڙن جي بجاءِ فقط لنگ ڍڪڻ لاءِ لنگوٽ ۽ پيوند جا ٽڪر، توهان پنو ۽ کائو. اسان توهان کان محصول وٺي توهان جو مان - شان ڪيئن وڌائينداسين. وڃو اڳتي، ڇڏيو جاءِ.

(پروهت، شاهه لطيف ۽ جوڳي ناڪي کان اڳتي وڌي ٿا وڃن. شاهه لطيف ڏاڍو دکي لڳي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: سوامي جي! هي لوڙا نادان ڪانئي ۽ هيري ۾ فرق به نه ڪري ڄاڻن. هي اگهاڻي ڇا ڄاڻن ته جوڳين، سچن جوڳين جي شڪتي ڇا ٿيندي آهي...

• ونا جن محراب، جسو جامع تن جو،
هينئين نماز قلب ڪري، تن کي ڪياڙون طواف،

جي آهي. ان ڪري اُنهي
جڳهه کي سڏيندا ٿي آهن
انباولي.

انباولي: کان پوءِ ايندي
وندرنءِ. وندرنءِ انباولي ۽
سونهاڻي جي وچ ۾ آهي.
وندرنءِ کان سونهاڻي پنج
ڪوهه پري آهي.

وندرنءِ جو نظارو.

سونهاڻي: کان ڪوهه کن اڳ
هڪ ڊڀون ٽٽل قلعي جا
نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان
قلعي کي "هالا وارو ڪوٽ"
ڪري سڏيندا آهن. ان ڪوٽ
جو نماڻ درياهي ڇوڙن ۽
ڊاکن تي نظر رکڻ لاءِ ڪيو
ويو هو.

"هالا وارو ڪوٽ" جا اوشيش
ڏيکاريا وڃن ٿا.

سونهاڻي اصل ۾ مهاڻن جي
مهاڻي هئي. سمنڊ جي ويجهو
هئڻ سبب هي هنڌ واپار ۾
ايترو ته ڦليو ڦوليو جو مٿس
نالو ئي پئجي ويو- سونهاڻي!

سونهاڻي ۽ سمنڊ جا ڪجهه
شاٽس.

سونهاڻي: کان پوءِ شاهه لطيف
جوڳين سان گڏ "گرو چيلي
جي رڻ" ۾ داخل ٿئي ٿو.
گرو چيلي جو رڻ...

جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو
ٿو وڃي.

سدا ڀئور پريا. جڏهن گاديءَ تي ويٺو تہ هڪدم
امرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين تہ توهان مهنجي
پيتا سان بلڪل وفادار ٿي رهيا هيا ۽ مان ٻالڪ
امرڪوٽ ۾ ڄائو هوس، تنهنڪري توهان جي
ملڪ مان سالياني ڏن وٺڻ مان حرام ٿو سمجهان،
ان ڪري توهان کي سڀ ڍلون معاف آهن.

شاه لطيف: اڪبر امرڪوٽ ۾ ڄائو معنيٰ...
ڪا جهل نہ پل، نڪو واءُ ڏيهہ ۾!

ڪملناٿ: لطيف، اها ست مان جيڪر ڪوتا ۾ هيئن چوان:
نہ ڪو ڏن نہ پل، نڪو واءُ ڏيهہ ۾!

شاه لطيف: ڪري جي! ڏن، پل ۽ واءُ - دهراءُ ناهي
هڪ ئي معنيٰ ۾ سهني لفظن جو؟ جهل ۽ پل
لفظ سڻڻ کي مليل آزاديءَ جو اهڃاڻ ٿا ڏين.
ٿر وارن کي مليل سکن جو سهانو وڏائي ٿا
چڙهن. توهان جو ڪهڙو راءِ آهي سواميجي؟

پروتنات: هاڻي ٻڌڻ کي ڪاوڙ - ڪلا جي بہ چاڙ رکڻي
پوندي؟

(قافلو ڪجهہ دير چپچاپ اڳتي وڌندو ٿو رهي.)

سوترڌار (فقط آواز):
ڪارڙي ناڪي کان پوءِ وقت
تي هڪ هنڌ ٿوري باغاسه
آهي. اتي جهڪي وڻ آهن
انهن ۾ گهاٽائي انهن جي وڻن

درشيہ
انباوليءَ جو درشيہ.

پروتمات: لطيف، هيءَ آها ٿي ڦوڙلدي آئي جنهنجي وهڪري جي دهشت سبب سڀئي اڳتي نه وڌي سگهي هئي ۽ واپس وري وئي هئي.

شاهه لطيف: سواميجي، مون کي سسئيءَ کي الائي گهڻا سلام ڪرڻا پوندا. عشق جو اوتار هئي ۽ درد جي لهن کان چوٽيءَ تائين جٽي تصوير... سواميجي، سورمي سسئي پلي ڦوڙ نديءَ جي وهڪري جي تڪ جي دهشت سبب واپس وري هجي، پر اهو نه مڃڻو ٿي پوندو ته هن درد جي ماريءَ سڀ پهاڙ جا ڏکيا رستا پار ڪيا ها.

(شاهه لطيف ٻئي ٻانهون آسمان طرف کڻي دردڀلي آواز ۾ ايمن تولم ۾ چوي ٿو.)

شاهه لطيف: ڏونگر! ڏو راهو، ڀورين چوندس ماڻ ڪي:

"پهڻ پير ڀڃون ڪيا، ڪريون ڇهون تو،
رحم نه پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪندس:
وو! مون سين جبل تو جاڙون ڪري!"

ڪمل ناٿ: لطيف، تو ۾ سسئيءَ جي روح واسو ته ڪونه اچي ڪيو آهي؟

شاهه لطيف: شل ڏٺي ڪري انهن ڏئي، ادا!

(ٺيڪ ان وقت سڀ پهاڙ جي قطارن ۾ ٽڪي ۽ دردڀلي زناني آواز ۾ "وو او او او او" جو واڪو ۽ ان جو پڙاڏو گونجي ٿو ۽ ان کان پوءِ "مون سين جبل تو جاڙون ڪري - مون سين جبل تو جاڙون ڪري - مون سين جبل تو جاڙون ڪري" جي گونج ماحول ۾ چوڌاري ڦهلجي ٿي وڃي!

شاهه لطيف جي اکين جو E. C. U.

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي ٽلٽ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو پروتناٿ سان گڏ اڳتي وڌي رهيو آهي، سندن ٽمام پٺيان باقي جوڳي به ٽولين ٺاهي اچي رهيا آهن)

شاهه لطيف: گرو چيلي جو رڻ! آخر هن جڳهه تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

پروتناٿ: ٻڌائيندا آهن ته هڪ گرو پنهنجي چيلي سان گڏ جي، هنگلاج جو درشن ڪرڻ لئي ويو. جنهن وقت پٽي گرو چيلو هن جڳهه تي پهتا ته اڃ اچي پريشان ڪين. هنگلاج جي واٽ تي جيڪي به پڙاءُ آهن، انهن سڀني تي پاڻي ملي ٿو سگهي، فقط هن جڳهه جي آس پاس ۾ پاڻي ملڻ ناممڪن آهي. گرو - چيلي کي اڃ اهڙو ته وياڪل ڪيو جو هو ماندا ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيا ۽ اتي ئي ڦٿڪي پراڻ تياڳيائون. ان کان پوءِ هن استان جو نالو ئي پئجي ويو: گرو - چيلي جو رڻ.

(جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڌندو ٿو وڃي.)

اڳوڻو: (جوڳين ڏانهن منهن ڪري) جوڳيو! هنگلاج جا جاتريو! گرو - چيلي جو رڻ لتاڙي آيا آهيون. هو ڏسو، سامهون ٿي قوڙندي آهي. هن وقت ته چڻ سڪي پئي آهي، پر چوماسي ۾ ڦوڪجي ڪري وهندي آهي. قوڙندي هاڙهي جبل جي پيڙيءَ وٽ آهي. جوڳيو! هاڙهو جبل بلوچستان کان هلي، هتي قوڙنديءَ وٽ اچي کٽي ٿو.

(پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ جوڳي قوڙنديءَ جي پرسان اچي ٿا بيهن.)

وڻهي ڪيرو نه وڃڻ،
تن آڏ ٻسڻ آرام،
ڏھ ۾ ڳڏڻ رام،
ٻنڌان ڇنا ڪانڙي.

لهوت آستان جي ياترا تي وڃي مهمه واري آهي. ڏھ ۾ ڳڏڻ رام. ياترا ۾ تي جڳماسو* ڪي گهان جا امله ماڻڪ - موتي ملي ٿا وڃن. قادر جي قدرت جو جل - ول ڪان آهو ۽ نجو ديدار ساڻ ڪ ڪي سڄڻن* جي تمام وڃهو آڻي ٿو ڇڏي.

هنگلاج جا ياتري چندر ڪوپ کان هلي "سنگل" تي اچي منزل ڪندا آهن.
حقيقت ۾ "سنگل" ٻہ مڪان آهن: هڪ ننڍو سنگل، ٻيو وڏو سنگل.

سنگل نالي وارا ٻہ مڪان ڏيکاريا وڃن ٿا. جوڳين جو قافلو اتي رکجي ياترو ڪري ٿو.

سنگل کان موٽ اچي ٿي:
اگهور ندي!
هوءَ ندي هاڙهي جبل جي هڪ پاسي آهي ۽ اتي پاسي هنگلور يا هنگول ندي!

اگهور ندي* جو درشن.

اسڪام شاهت. هاڙهي جبل ۽ ان جي ٻنهي پاسن کان وهندڙ

سٽي ڳاهڻ ڪاٽيندي پٻ ڦهاڙ ڦاڙ ڪري رهي آهي.)

اڳـوڻـو : جو ڳڻو! هتان اڳڀرو هلبو ته جلد ئي هڪ ڪلراٺو
ميدان نظر ۾ ايندو. ان ميدان کي چندر ڪوپ
ڪري چوندا آهن. اتي جهڪي به کوه آهن، اهي
قدرتي آهن يعني ڪنهن ماڻهوءَ جا کوٽيل ڪونه آهن.

(ڪيترا "چندر ڪوپ" کي ڪـوَر ڪري ٿي. اتي ڪاري
ڪپ لڳي پئي آهي. ان ڪپ جا ڪيترن ته هڪ پئي مٿان
جمي تمام وڏا ڍڳا ٿي پيا آهن. ان وقت، اتي رکي ڪي
آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

جوڳين جو قافلو ڍڳن جي ڀرسان بيٺو آهي.)

اڳـوڻـو : هي آواز ٻڌو ٿا نه؟ هنگلاج ٿي ٻولي، هنگلاج
ٿي ٻولي! ڀاڳن وارا آهيو جو آواز ٻڌي رهيا آهيو.
جي آواز ٻڌڻ ۾ نه اچن ته سمجهو توهان جي ياترا
اجائي وئي، تيرٿ قبول نه پيو.

(رکي رکي پاڻمرادو ڪي آواز ايندا ٿا رهن.)

✱

سوتر ڌار (فقط آواز)
شاهه صاحب سر رامڪليءَ ۾
چيو آهي ته:
لوهيندي ٿي لهو لطف
چڙهي گنجو گلر،
گروءَ سيدي گس ۾،
جن ڪيا تن تمام،

درشيہ
اڳوڻو ۽ جوڳي هنگلاج طرف
وڌندا ٿا وڃن.

ڪري ڇڏيندڙ آهي ۽ ماتا جو درشن سڀ ڪشٽ
ني ڪٽي ٿو ڇڏي، سڀ ڏک درد دور ٿو ڪري
ڇڏي.

(مهايوگي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هڪ وڏي ڪنب ۾ سڏان ڪن ٿا، ڪورو ڪپڙو پڌن ٿا، سرن (نعلين غفانن) ۾ اندر گهڙي، ڦيرو ڏيئي، ٻئي هنڌان ٻاهر نڪري ٿا اچن. جنهن ته سرن مان فقط هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جي جاءِ آهي ان ڪري سڀ جاتي هڪ ٻئي جي پٺيان پٺيان قطار ۾ لنگهي ٻاهر اچن ٿا.

هنگلا ديويءَ جي پٿر تي لٽڪيل اوستا ۾ ٺهيل مورتي!

هنگلا ديويءَ جي سڄي شرير تي سندر لڳل آهي. ڪيترا ئي هندو ۽ چاهي مسلمان درشن ڪري رهيا آهن. هندو ۽ مسلمان جاتري چاهي هنگلاج جا فقير ديويءَ جي شرير تي هٿ ڦير ڪير اوتي رهيا آهن. هنن جي اها ئي ڪوشش آهي جنهن ماتا جي شرير تان ڪير سگهي نه ۽ ماتا سدائين ڪير سان آلي رهي. ان وقت پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف به ديويءَ جي استان ۾ داخل ٿين ٿا ۽ ڪجهه گهڙيون، خاموشيءَ سان ديويءَ جي الوڪڪ سندرتا جو آنند ماڻيندا رهن ٿا.

هڪ فقير: يا علي! ناني اي اي اي ... حق! ناني اي اي
اي ... حق! هنگلاج جي نانيءَ جو ڪير نه سگهي!
يا علي، هرگز نه سگهي! ورنه، ورنه، اسان جو
نصيب رٺو ۾ رلي ويندو.

(هنگلاج جا فقير ۽ هندو - مسلمان جاتري ديويءَ تي ڪير اوتڻ لڳن ٿا.)

شاهه لطيف: هيءَ به هڪ عجيب رسم آهي.

پروتناٿ: رسم نه چئو لطيف، صدق آهي، وشواس آهي،
ڀروسو آهي. هنگلاج جي فقيرن، پوڄارين ۽ هندو -

اگهور ندي وري ٻن جبلن
جي وچ مان وهي ٿي. انهن
جبلن مان هڪ کي سڏين ”چندر“
۽ ٻئي کي ”وچندر“.

پراڻن ۾ هڪ ڪٿا ٿي اچي
تہ چندر - وچندر نالي ٻہ وڏا
دئيت ها جن جو ديويءَ سنهار
ڪيو هو.

هنگول ۽ اگهور ندين جي
نزديڪ آشاپور نالي مڪان ۾
ڪالي ماتا جو آستان آهي ۽
ان جي ڀرسان ڏيڍ ڪوهہ ڪن
پنڌ تي آهي هنگلاج!

ٻہ نديون.
چندر - وچندر جبلن جي وچ مان
وهندڙ اگهور نديءَ جو درشن.

آشاپور جا ڪجھ شاٽس.
ڪالي ماتا جو درشن.

هاڙهي جبل جي پاڙ / ٻاهر / ڀرپات

(لانگ شاٽ. هاڙهي جبل جي پاڙ ۾ هنگلا ماتا جي غفا جي ڀرسان زمين جي سڌي ٽڪر تي جوڳي ويٺا آهن. پروتناٿ ۽ شاهہ لطيف سڀني کان الڳ الڳ ويٺا آهن.)

شاهہ لطيف : ڇپون ڇپر ڪٿ، هڪ ٻراٽيون ٻالئان،
جتي ڀان راتڙي، مرون مڙهيا مٿ،
سهڻي جيءَ سهٽ، ڏولڪر ڏولي مون ٿيو!

پروتناٿ : هِتي، هنگلاج جي ياترا پراپت ٿي آنگي ۽ ڇڙ ؛ - چور

ڇڪجي ويو آهي ۽ سڀني چهرن تي عجيب قسم جا جذبا نمايان ٿي رهيا آهن، ان ڪري پروتناٿ اک جي اشاري سان شاهه لطيف کي وڌيڪ ڳالهائڻ کان روڪي ٿو. شاهه لطيف اشارو سمجهي هڪدم چپ ٿي وڃي ٿو ۽ هنگلا ديويءَ ڏانهن نهارڻ لڳي ٿو.)

پروتناٿ : بس لطيف، ڪمر ڇاٽي سچ چيو آهي. اکين تہ ڪنهن ڪجهه ڏٺو ناهي. ڪنهن ٻڌو ناهي ٻڌا ٿا. وري ٻہ آخرين سچ تہ صدق ئي آهي. فقط صدق....

ڪملناٿ : لطيف، هنگلا ماتا تہ سڀني جي آهي- جوڳين جي، سنياسين جي، گرهستين جي، هندن جي، مسلمانن جي، سڀني جي... دل ۾ صدق ۽ شرڌا رکي هن در تي اچ ۽ مرادن واري جهولي ڪنهن - ڀار ڀري وڃ!

(پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هنگلا ديويءَ کي نمسڪار ڪري قطار ۾ ٻاهر نڪرن ٿا. فقير خالي خالي نظرن سان هنن کي ٻاهر ويندو ڏسي رهيا آهن.)

※

هاڙهي جبل جي ٻاڙ / ٻاهر / ڏينهن

(لانگ شاٽ. هنگلا ماتا جي غفا جي ٻرسان زمين جي سڌي نڪر تي ڪمرا ئي جاتي، ماتا جو درشن ڪرڻ کان پوءِ جل- پان ڪري رهيا آهن

پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هنگلا ديويءَ جي غار مان ٻاهر اچي رهيا آهن. شاهه لطيف سڀني جي اڳيان آهي ۽ مجذوب حالت ۾ آهي. کيس پنهنجي تن بدن جي بالڪل سڌ ڪانہ آهي.

مسلم جاتين جو اهو وشواس آهي تہ جيڪڏهن
هنگلا ديويءَ جي شڪل تان ڪير سڪي ويندو تہ
هن لاءِ ٻرو ٿيندو. ڪير سڪي وڃڻ ڪي هر هڪ
قسم جو ڀانڪ اڻسوڻ ڪري سمجهندا آهن.

شاهه لطيف: انسان ۾ عجيب عجيب قسم جا آثار ۽ سهارا ڳولهي
لڌا آهن... ٻڌو بہ آهي ۾ ملي ڇا ٿو انسان کي؟

ڪملداڻ: ڪجهہ بہ نہ ــ ڪجهہ بہ نہ ..... رج رج ۽ رج.

شاهه لطيف: ڪمل، زر کي انڌو ڪيو تہ زر ٿي تہ ملندي.
زر يعني عام لوڪن جي زبان ۾ رج... مٽي ۽
ڌوڙ......

پرونداس: هنگلا ديوي هندن لاءِ ماتا آهي پر مسلمانن لاءِ
ناني! نانيءَ، ماءُ جي ماءُ ــ ناني! وري مسلمان
هنگلا ديويءَ کي حضرت عليءَ جي ڏاڏي ڪري
سمجهندا آهن.

(شاهه لطيف جي اکين ۾ چمڪ ٿي رهي پري مرڪ آهي. پرونداس
هن ڏانهن نهاري ٿو.)

شاهه لطيف: هنگلا ديويءَ کي ڪالي ماتا بہ سمجهو ويو آهي تہ
ماتا پاروتي بہ. جنهن حالت ۾ هنگلا ديوي ايتري
پراڻي آهي، قديمي آهي تہ حضرت عليءَ جي
ڏاڏي ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ شايد توهان کي خبر نہ
هجي تہ حضرت علي خليفي عثمان غنيءَ جي خون
ٿي وڃڻ ٿي هجري ٣٥ ۾ چوٿون خليفو ٿيائو ويو
هو. حضرت عليءَ جو هر مسلمان جي دل ۾ خاص
درجو ان ڪري آهي جو هو صاحب نہ فقط حضرت
محمد جو ناٺي هو پر حسن-حسين جو پيءُ بہ هو...

(جيئن تہ ڪجهہ محاورن جو ذڪر شاهه لطيف جي گفتن ڏانهن

جي ڪانءِ طاقت ڪانهي. لطيف، وڏي ڪربلا
۾ اٿي، وڏو مهڻ ملهو الهي.

شاهه لطيف: (المستيءَ ۾ آلاپي ٿو)

سانڍين ننڍا ٻار، وڏا
تن ٻانڌن ننڍا ٻار،
توکي آرس اکڙين ۾!
ٻاتا ٻاڙ ٻوارين ٻگهه مڇڻ ٻاتار،
پتڙ ٿو ٻور ڪري، آئي تنهنجي وار،
سڄون راتيون سمهين، ڪهڙو منجهه خمار،
ڪ تو ڪنهن نه سئي، هلڻ جي هاڪار؟
تانگهه ٿيو ٽڪڙا، سچي ايءَ سنيار،
نعب نه ڪجي اٿري، سٽڻ ادا يار!
سانئينءَ ڪنهن سڃ ڪي، تون ڪوڙو منجهه قطار،
ڪ تو ڪنهن نه سئي، ڪڇ جي ڪوڪار؟
گهڙيان ٿي ره گهڙي، اِلاهي ٿهار!
هوءِ جو شڪ شارڪ جو، تنهان رکه ستار!
ڪل نفس ذائقة الموت، پڙهو اي پچار!
شڪار تون شهباز جو، تون تان منجهه شڪار!
يوم يفر المرءُ من اخيه، جت پڇندا ٻار،
ٿر هو چڙو تار ۾، اچڻ تون اوسار!
لڪ مڙائي لنگها، هڪڙهن ويا هزار،
ڏاڍي جي الاهه کي، هوند ڏٺين پرڻين پار،
جوڙن متان جنڪي، دلي تنهنجي دار،
جيڏو آهه حديث ۾، الذيءَ "اي غ" آچار،
وٽيءَ ڪنهن ولهن سهن، ڪنجي پُر ڦهار،
سا ڪنهن هلي ترسين، جا ٻاگي کان پتار؟

مستيءَ جو عالم هن جي دل و دماغ تي طاري آهي. هن جي الست
چال مان اهو فيصلو ڪرڻ تمام مشڪل آهي ته هو هلي رهيو
آهي، جهومي رهيو آهي، ڦيرڙون پائي رهيو آهي يا رقص
ڪري رهيو آهي.

جوڳي ۽ ڪملناٿ عجيب نظرن سان شاهه ڏانهن نهارين ٿا.
پروتناٿ جي چپن تي جاڻڪاري ڀري مرڪ آهي. هن جي اکين
جي چمڪ مان ۽ منهن تي ڇانيل سنتوش جي ڀاوَ مان ظاهر
آهي ته هو سڀ ڪجهه سمجهي رهيو آهي. هن کي ڄاڻ آهي ته
ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇو ٿي رهيو آهي.

پروتناٿ: (شاهه لطيف ڏانهن نهاريندي ڌيرج ڀاڻ سان
ڳالهائيندي) پٽ لطيف، ماتا هنگلا ديويءَ جي
ٿوني وشمش ڪريا ٿي آهي......

(شاهه لطيف جي المستي جاري آهي.)

پروتناٿ: ماتا ٿرڪي وري گهرائيندي... لطيف، ٿوتي ماتا
جي مهر جا مينهن سدائين وسندا رهندا... پٽ،
جس تنهنجي در جو دربان ٿي رهندو...

(شاهه لطيف زمين تان مٽيءَ جي مٺ کڻي ان ڏانهن نهاري ٿو.
مٽي ڌيري ڌيري هن جي آڱرين جي وٿين مان وهندي ٿي رهي.)

شاهه لطيف: مٽي ملهائتي مرڻين کان،
مٽيءَ جو ڏس مان،
جهڙي پالي لعل پس پرن هيئان،
مرندا ان ته سچو بدن ليڪندو،
رهنده سدا سر مٿان سوار!
مٽيءَ جو ڏس مان،
شان ۽ طومان!

پروتناٿ: (پائيمرادو) هنگلا ديويءَ جي مٽيءَ جي مٺ دليا

(شاهه لطيف فقط ڪنڌ ڌوڻي ڪري هڪار ڪري ٿو.)

پروتناٿ : تنهنجي جيون ۾ وشش گهٽنائون ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن. هاڻي توکي ڪنڀلي ۽ ڪنڀليءَ جي جاءِ بابت جانڪاري ڏيڻ تمام ضروري آهي - بيحد ضروري .. پر لطيف، اها بندر ٻري آهي، منزل دور آهي. هن لمبي ياترا جي الست ۾ ڇا ملندو، ان جي نه توکي خبر آهي ۽ نه اسان کي - پر، اڳتي وڌڻ ضرور آهي، ضرور......

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ڪجهه قدم گڏجي اڳتي وڌن ٿا.)

✻

ڀهاڙي رستا / ٻاهر / ڏينهن

پروتناٿ، ڪملناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌندا ٿا وڃن. اٻاڙڪا رستا، لاهيون، چاڙهيون، ڇپن تي چڙهڻ، ڇپن تان گسڪندي لهڻ. هڪ هنڌ ڪجهه ڇاپادار استان ڏسي جوڳين جو قافلو اتي پڙاءُ ڪري ٿو.

ڪملناٿ : سوامي جي، توهان سٺو ڪيو جو اڳڀرو ٿي ڪان اسان کي آجو ڪيو. هاڻي اسان آزاد آهيون.

پروتناٿ : پر ڪمل، اسان کي ڪو واپس نه ڪلاچيءَ ڏانهن ورڻو ڪونهي جو اڳوڻي کي اٽڪائي رکون. اسان رستا جوڳي، اڄ ڪٿي ته سڀاڻي ڪٿي. ماتا جو درشن ڪيوسين، هاڻي ڏسون ته ماتا ڪيڏانهن ٿي موڪلي.

شاهه لطيف : ته ها سوامي جي، ڪائي منزل ته ضرور خيال ۾ هوندي توهان جي؟

جھڙا جال ۾ لڙهي، سڄي اي سنهارا،
جر وسارئين وهسرا! ٻئين جي پڪار.

(شاهه لطيف جي وائيءَ ۾ ساحل دڙد جي خوشبوءِ نه فقط آس-پاس وڻن جائين کي ملڪ پروتمامه سوڙو جوڳين کي به ڏڦاڻي ڇڏي. هر ڪوئي پنهنجا پنهنجا ڪم ڇڏي پاري ڀاري ڏيان سان شاهه لطيف جي دردلي صدا کي ٻڌندو ٿو رهي. ڪجهه گهڙيءَ جنهن جاتي ته طاعت ۾ ڪرڻ شروع ٿا ڪن.)

پروتمات : ڪمال آهي، ڏاڍي لطيفي جي ڪلام جو ڪمال؟
هي نوجوان انهن ٻي مائهن کي پنهنجي وس ۾
ڪندا، پنهنجي ڪرتا جو ديوانو بڻائيندا ۽
سنسار ۾ خوشبوءِ ڦهلائيندا.

شاهه لطيف : آهرندي ٿي سج، پرين جي پسندو ن،
ڪڏي پيئي ڏج، اکڙيون ڪانگن کي!

پروتمات : اهو الهيءَ هيڪلا ديويءَ جو چمتڪار. ماتا ٿي
جائين اکيون اڳي چارهون، ڏنو هوءَ نه ڪمل؟
ڪريءَ جي ڪلپنا ۽ پرلم جي آگ. پن ستن ۾ لي
اکين کي مهاآئيوگي ۽ ان-آئيوگي بنائي ڇڏيو آهي!

(پروتمامه ڏاري ڏيري هلندو شاهه لطيف جي سامهون اچي بيهي ٿو. جيتوڻيڪ هن وقت شاهه لطيف شالمه آهي ته به سندس اکيون دور دراز آسماني ويراڻين ۾ ڪجهه ڳولهي رهيون آهن. پروتمامه پنهنجو ساڄو هٿ آهستگيءَ سان شاهه لطيف جي ڪلهي تي رکي ٿو.)

پروتمات : هاڻي وقت اچي ويو آهي ته تنهنجي سوال جو
جواب ڏجي اي لطيف!

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتمامه ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتمات : ڪندڙي ۽ ڪندڙيءَ جي جاڳ- ياد اٿئي، لطيف؟

مهرشي پاتنجليءَ جو يوگ - درشن مڪمل انسان
والاري ٿو...

شاهه لطيف: مون هندن جا چار ويد ته پڙهيا آهن پر اهي ڇهه
شاستر ڪهڙا آهن؟

پروتناٿ: ويشيشڪ، نياءِ، سانکيه، يوگ، اُتر - ميمانسا
۽ ويدانت. انهن کان سواءِ سؤ ڪن اُپنشد به آهن،
جيڪي اصل ۾ ويدن سان ئي واسطو رکن ٿا......
پر لطيف، تون انهن چڪر ۾ نه پئو - بلڪل پٺتي
ويندين. نياءِ تڪ - وتڪ سيکاريندو، سانکيه
ناستڪ بڻائي ڇڏيندو. ايترا ته رستا آهن جو
هڪ به رستو هٿ نه ايندو. انهي لاءِ ئي ته آخر
هار مڃيندي رشين چيو - نيتي نيتي: هي به نه،
هو به نه.

(شاهه لطيف ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي. ڪمل ناٿ ڪجهه
چنچل ٿو لڳي، شايد انهي لاءِ جو ته ڪمس انهن سڀني ڳالهين جي
ڄاڻ آهي.)

پروتناٿ: مهرشي پاتنجليءَ يوگ شبد جي معنيٰ سمجهائي:
چت جي ورتين تي روڪ ٿام رکڻ واري ساڌنا.
پر اڳتي هلي يوگ جو ارٿ ڪافي ڪشادو ٿي
ويو. اهڙي هرڪا ساڌنا جيڪا آتما جو پرماتما
سان ميل - ميلاپ ڪرائي انهي کي يوگ چوڻ لڳا.
انهي جو نتيجو اهو نڪتو جو ڀارت ۾ ڪيترن ئي
قسمن جا يوگ شروع ٿي ويا. خود گيتا ۾ ئي
ارڙهن قسمن جي يوگن جو اُپديش ڏنل آهي.
پر ساڌنا جي ڪيتري ۾ مکيه طور اشٽانگ يوگ ئي
قبول پيل آهي. انهي اشٽانگ يوگ جي آڌار تي

پروتناٿ : منزل ۽ پڄاڻ، هڪ ئي آهي. باقي سڀ ته وشرام-گهر آهن. جوڳي رڳون رڳي ۽ ڪاريه ڪرم لاهي ڪم ڪونه ڪندا آهن. اسان جي جيون جي لاڳو هوا جي حوالي آهي ۽ هوا جو مالڪ آهي پرماتما. پنهنجو سڄو جيون هن هڪ جي حوالي ڪري ڇڏ. لطيف، پوءِ تون مڪت ٿي ويندين- بلڪل مڪت. تنهنجا سڀ ڪم هن جا ڪم ٿي ويندا ۽ پنهنجا ڪم هو پاڻهي پورا ڪندو.

(سڀ جوڳي ڪاٺي نه ڪاٺي جڳهه ڳولهي ويهجي ٿا وڃن. سڀئي ڏاڍا ٿڪل، ماندا، بکيا ۽ پياسا آهن. ڪپڙي جي ڳوٿريءَ مان ڪجهه رکيون سڪيون روٽيون ڪڍي هڪ- ٻه گراهه کائن ٿا ۽ پاڻيءَ جا ٻه- ٽي ڍڪ پيئن ٿا. پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ڪجهه به ڪونه ٿا ورتائين. ٻئي سڀني کان الڳ هڪ چمب جي ڇايا ۾ ويهي ٿا وڃن. سندن پنڌان ڪمل ناٿ به اچي ٿو ۽ پروتناٿ جي موڪ آگيا پائي هنن سان ئي گڏ ويهي ٿو رهي. هن وقت به شاهه لطيف ڪي جوڳين جهڙو ئي لباس اوڍيل آهي.)

پروتناٿ : پُٽ لطيف، اسان کي ياد ٿو اچي ته اول ۾ اسان توکي ٻڌايو هوسين ته يوڳ- پد- پراپتيءَ جا ٽي مارگ آهن: يوڳ- مارگ، گيان- مارگ ۽ ڀڳتي- مارگ. ڀارت ۾ يوڳ- ابياس تمام پراچين ڪال کان ٿيندو آيو آهي. يوڳ جو ذڪر ويدن ۾ به ملي ٿو. اُپنشدن ۾ ته يوڳ کي اڃا به وڌيڪ مهتو ڏنو ويو آهي. جنهنڪي اڄ ڪله سڀ هندو ڌرم ٿا سڏين، اهو اصل ۾ سناتن- ڌرم آهي ۽ سناتن- ڌرم جا ڇهه پراچين شاستر آهن جن ۾

پروتناٿ : ۽، ڇو تہ تون هڪ ٻالڪ وانگر سرل آهين.
نروڪار آهين ۽ معصوم آهين.

(شاهہ لطيف اکيون کڻي ٿو جهڪائي)

پروتناٿ : ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار بہ ٿيندي آهي تہ سگڻ ۽ ساڪار بہ ٿيندي آهي. برهم ۽ الاه جي ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار ليکبي پر رام، ڪرشڻ، محمد ۽ علي؏ جي ڀڳتي سگڻ ۽ ساڪار ليکي ويندي...

شاهہ لطيف : پر اسلام ۾ تہ فقط الاه جي عبادت ئي جائز آهي...

پروتناٿ : سمجهڻ جي ڪوشش ڪر ڀٽ لطيف! جڏهن تون حضرت محمد جو گڻ گان ٿو ڪرين يا علي؏ جي تعريف ۾ ڪجهہ چوين ٿو تہ اها سگڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي ليکبي. يا محمد! يا يا علي! چوڻ وقت جي ڪائي تصوير، ڪائي صورت تنهنجي ڪلپنا ۾ اڀري ٿي ۽ ان وقت، ان گهڙي؏ ۾ تنهنجي اها سگڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي آهي. پر جي "محمد" جو نالو تون الڪہ پرماتما جي اَرٿ ۾ ڪم ٿو آڻين تہ اها نرگڻ يا نراڪار ڀڳتي ئي ليکبي. ڪبير جو رام، ياد رکج، "دشرٿي رام" ڪو نہ آهي پر "پرم برهم" جي معنيٰ ۾ اچي ٿو ان ڪري ئي ڪبير نرگڻ اُپاسڪ بہ چيو ويو آهي...
اَمت ڀٽ، وڌ اڳتي. وڌڻ سان ئي وڌڻ ٿيندو.
هل تہ ڪجهہ حاصل ٿئي.

(پروتناٿ، ڪمل ناٿ ۽ شاهہ لطيف اڳتي وڌن ٿا . هنن سان گڏ ٿي پيا جوڳي بہ هنن جي ڀڄنن ڳائڻ شروع ٿا ڪن. جوڳين جو اڳتي وڌندڙ قافلو .)

لئي ڪجهه ٻيا يوگ ٻڌايا ويا آهن جيئن ته هٺ-يوگ، راڄ يوگ، تپ يوگ ۽ منتر يوگ. هاڻي ته يوگ جي معنيٰ لئي وڃي هٺ-يوگ ۽ منتر-يوگ رهي آهي.

سو، ڀٽ لطيف، تون ڏس ته يوگ مارگ ڪٺن ۽ ڏ تن جي تپسيا سان ڀريل آهي. گيان مارگ اٿئي رکو. ويتو جهڙو هر درشن-شاسترن ۽ گرنٿن جو اڀياس ڪر، واد-وواد ڪر، ترڪ-وترڪ ڪر ۽ هن-هن سان پنهنجو متو ٽڪراءِ. ٻيو، ڀڳتي مارگ اٿئي سرس، رس-ڀريو، رس-ڀنو ۽ رس-مئو. تون ڪوي آهين. ڪوين کي گهڻو ڪري ڀڳتي مارگ ئي وڻندو آهي. سورداس کي ڀڳتي مارگ وڻيو، ميران کي ڀڳتي مارگ وڻيو، تلسيداس کي ڀڳتي مارگ وڻيو ۽ ڪبير کي به ڀڳتي مارگ ئي وڻيو. جيتوڻيڪ هو ڌرم اپديشڪ به هو، سڌارڪ به هو، يوگي به هو ۽ وڏو وچارڪ به هو، پر هو ڀڳت ڪبير جي روپ ۾ ئي مشهور. ڀٽ ڀڳتيءَ ۾ هڪ عجيب قسم جي مستي آهي، شڪتي به آهي ئي.

شاهه لطيف : سوامي جي، توهان مونکي ڪنڀليءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ وارا هئا...

پروتمات : ڌير ج سان ڀٽ، ڌير ج سان سڄو سلسلو سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. اتاولو نه ٿيءُ. تون آهين ته ڌير-گنڀير پر هن وقت ايترو چو ٿي رهين آهين؟

شاهه لطيف : چو ته سوامي جي، مان هڪ بلڪل نئين ڳالهه ٻڌڻ وارو آهيان، ڪجهه بلڪل نئون سکڻ وارو آهيان.

پروٿناٿ : لاتعمت ڪان وٺي وجرهان ٿاٿين پاترا ڪندڙن تہ
پاڻ مرادو سمجهي ويندڙن تہ انسان ڪڏهن ڪڏهن
ڪيترن ئي پرم-پد-پراپتيءَ جي پهاڻي انهنجا سوارٿ
پورا ڪري ۽ اندرين جا سڪ ماڻي. آتمڪ ڪيترو بہ
ڪمزور ٿيون شيطاني شڪتيون گهيري اچن. اهو
بلڪل ڇتو ٿي ويندو تنهنجن اکين جي سامهون...
ان لاءِ اسان توکي چيو هئوسي تہ سڀ کان وڌيڪ
سنڌ ۾ سرڪشمت آهي ڀڳتي مارڳ. پرماتما کي
نرگڻ ڪري ڪٿين يا سگڻ، ڪوئي فرق ڪونہ ٿو
پوي. سڀاڻو اوم جو وٺين، الله جو وٺين، رام
جو وٺين، ڪرشڻ جو وٺين يا محمد جو وٺين.
ڪهڙو ٿو فرق پوي. مقصد تہ آهي پنهنجي من
جي ورتين کي اونچائين تي پهچائڻ. پاترا تہ توکي
پاڻ ئي ڪرڻي آهي، اهي لالا تہ فقط نالا آهن-
دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ بهانا آهن. ڇڙهڻو توکي ئي
آهي...
شاه لطيف : پر همت وٺي تہ هوءَ هلندو نہ؟
پروٿناٿ : لولو لنگڙو آهين؟ ڪوئي همت وٺي ڪونہ هلندو.
تون پنهنجو همت پاڻ ئي اڪڙيندين پر سمجهندين
تہ تنهنجو اشٽ ديوتا ئي توکي هلائي. اهو ئي راز
اٿئي، اهو ئي ڀيد اٿئي. اهو ڄاڻڻ تہ سڀ ڄاڻڻ.
(شاه لطيف سوالي نظرن سان پروٿناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)
پروٿناٿ : پڌ پٽ لطيف! جنهن وقت اسان تنهنجي سامهون نہ
هونداسين ان وقت جي توکي اسان جي ضرورت
پوندي تہ تون اسان کي ياد ڪندين، اسان کي سڏ
ڪندين ۽ اسان تنهنجي سامهون اچي بيهنداسين ۽
توسان ڳالهائينداسين... پر، آهي اسان نہ هونداسين،

شاهه لطيف: سڳهڻ سڏ نه سڻن جي، تان ڌڪن ڌڪوڙي،
ٻيا آهن ٻئي پت ۾، مٿن ماموري،
لڳن ليئو لطيف چئي، سدا جي سوري،
ٻرت جن ٻوري، تن روهو وهامي راتڙي!

پروتنات: سچ ٿو چوين لطيف! جن جي دلين ۾ پرماتما لاءِ پريم آهي، تن جي رات ته ڇا پر سڄي زندگي درد - سور سهندي ئي گذري ٿي. پر، جن جي لنو لڳل آهي پرماتما سان، انهن جي ٻاڙ ۾ وهڻ سان ئي ڪشت ڪٽجو وڃن، آتمڪ آنند جي سڳنڌ پڻ سان تن - من وهنجيو وڃي.

شاهه لطيف: وٺان واٽ وڃان، رهي اڄجي راتڙي!

(ڪجهه دير پروتنات، شاهه لطيف ۽ جوڳي چپچاپ اڳتي وڌندا رهن)

پروتنات: اسان ناٿ پنٿي آهيون.

شاهه لطيف: ناٿ پنٿي؟

پروتنات: جوڳين جا ٻه ڪئين پنٿ هوندا آهن. اسان ناٿ- پنٿي آهيون. اسان شو ڀڳوان کي آدي- ناٿ ڪري مڃيندا آهيون. ڪي وري ٻڌ- مت کي مڃيندڙ مهاياني ۽ هينياني هوندا آهن. تنهنڪان سواءِ چوراسي سڌ به آهن سڌ- پرمپرا ۾ وري ڪي سهجياني ته ڪي وري وجرياني. ٻوڌ ۾ سڃي جو وشواس آهي پر هر هڪ مت جو ٻوڌ انهيجو انهيجو آهي.

(شاهه لطيف جي چهري مان ائين ٿو لڳي ڄڻ هو سڀ ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي به گهڻو ڪجهه ڪونه ٿو سمجهي سگهي. پروتنات هن جي اها الجهن ڏسي هلڪو مرڪي ٿو.)

ٻروچي راهون / ٻاهر / ڏينهن

(جوڳي ۽ شاه لطيف ٻروچي راهون جهاڳيندا اڳتي وڌندا وڃي رهيا آهن. الائي ڪيترو هليا آهن، ٻنهي جي منهن تي ٿڪان جو نشان به ڪونه آهي. ازغيبي المستي ۽ جي عالم ۾ هلندا ٿا وڃن. لڳي ٿو جڻ هلڻ ۽ هلڻ ئي هنن جي منزل آهي.)

شاه لطيف: رلان ٿي، راڻا! هند نهاريو هجرا،
ڀڃي کيهه ڪٽن ٿي، ڏيا ڀلنگ ڀراڻا،
ڏريائي ڏوڙا ڏيا، ڏور ره وهاڻا،
جاڙون، گل، ڄپاس، وڻ تو ره ڪوماڻا،
ميندرا! ماڻا، تو ره ڪندي سن ڪن سهون.

ڪمل ذات: لطيف، اڃا لڳي ٿي اٿئي، ڇٽي ڪاله ٿي......
ڇوڙون نه ڇوڙي، ٽوڙون نه ٽوڙي، اهڙي لڳن
لڳي ساڄن سون! ڪيئن؟

ٻروڌات: هڙو ٻڙو اٿڻ ناهي. ٻٽ لطيفي جي انڌ، ۽ ٻولي
جو ساز ته سدائين وڄندو ئي رهندو. ٻر اڻ ۽
سر ۽ ٻول، ٻرماڻما جا هوندا. ڪويسر جي هڪڙين
جهڙي ڪلا ۽ ٽي ۽ جي مول ڪوله وڪامندي.
لطيفو ٻولي - ماڙي ڪوي آهي، صوفي شاعر آهي.
هن جو عشق الاه جو ئي هڪ ٻيو نالو آهي.

شاه لطيف: جڳ جن ئي ڇڏيو، عاشق تن نه سڪيو،
اکيون تن نه روئي، ڳوڙها جن ڳل ڳڙي.

ٻروڌات: ٻڌ ڪمل ٻٽ؟ لطيفو عاشق ٻرابر آهي ۽ صبر
وارو به اٿئي، ڌير گمڀير به اٿئي. روئندو، ٻس
اکين مان ٻاڻي وهي ڳلن تان ڳڙندس ڪونه...
لياڻن ۽ والڪر جلندو سڄو ڏينهن، ۽ ٻاهر ٻاڦ نه
ڪيندو!

آهي اسان نہ هونداسين. اهو تون پاڻ هوندين- تون پاڻ هوندين. تون پاڻ ئي، اسان جو روپ ڌاري ڪري، اسان جي گمان ۽ ساڃاهن ۽ شڪتين کي پاڻ سان کڻي پنهنجي سامهون ئي اچي بيهندين ۽ پنهنجي رهبري ڪندين.

(شاه لطيف اڳڀرو ٿي گڏ گڏ ٿي ٿو وڃي جو هيٺ اکين ۾ پاڻي ٿو اچي وڃي ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ سوامي پرونانند جا ڪڻي ٿو پير پڪڙي. هڪ عجيب نظارو آهي. سڀ جو ڪي انهي ٿا وڃن ۽ ان نظاري جو آنند ماڻين ٿا.

شاه لطيف: سوامي جي! سوامي جي!

پرونانند: هائو ڀٽ لطيف! هائو! تون ئي آهين. تون ئي آهين. تون پاڻ آهين. توکان سواءِ ٻيو ڪوئي آهي ئي ڪونہ. هيڏانهن هوڏانهن، هيٺ هيٺ، جيڏي ڪٿي تون جنهن کي ڏسين ٿو، محسوس ڪرين ٿو، اهو ٻيو ڪوئي ناهي- تون، تون ۽ فقط تون ئي آهين. سڀني برهمانڊ ۾ سمايو پيو آهين تون. تون پاڻ ئي گرو آهين، پاڻئي چيلو آهين ۽ پاڻ ئي گمان ۽ ڀڳتي آهين. تون پاڻئي پاڻ کي ئي جدا جدا ڪرم ڪندو جدا جدا نظارن ۾ ورهايل ڏسين ٿو. ڀٽ لطيف، آهين تون ٻر ڪڏهن بہ "مان" نہ چئجانءِ. سڀ ڪجهہ، "مان" سوڌو، "هو" جي حوالي ڪري ڇڏجانءِ. ان ڪري تون ڪڏهن نہ سڙ ڇوتون ڪائيندين.

(شاه لطيف آلين اکين سان پرونانند ڏانهن نهاري ٿو. پرونانند شاه لطيف کي ڀاڪر پائي ٿو. مها - ملن جو هڪ الوڪڪ درشيہ آهي اهو.)

آهي سوئي پنڊ يعني شرير ۾ آهي. پنڊ لطيفه ۽ انسان جو شرير سمورو سرشٽي، سڄي ڪائنات جو هڪ ننڍڙو روپ آهي. ان آڌار تي ئي ڪلپنا ڪئي وئي آهي ته هر منشيه جي شرير جي اندر وشو-شڪتي به آهي ته قسمين قسمين اوهام به آهن. انهن کي ئي چڪر چئبو ويو آهي. سمورن سرشٽي جي سمپورڻ شڪتي کي مها ڪنڊلني چئبو ويو آهي. ڪنڊلني شبد هيٺين نموني آهي :

कुण्डले अस्या: स्त: इति कुण्डलनी

يعني اها شڪتي جنهنجا ٻه ڪنڊل هجن، ڪنڊلني آهي. اهي ٻه ڪنڊل آهن اڙا ۽ پنگلا - جن کي ڪبير سهجي من - مڻو جي ڀاشا ۾ انگلا - پنگلا جي نالن سان پڪاريو آهي.

شاهه لطيف : ڪبير صاحب يوگ جي خاص لفظن جو استعمال به ڪيو آهي؟

پروتمات : ڪبير جي واڻي ۾ يوگ ۽ تنتر جا جيترا وشيش شبد ڪم آيل آهن، شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪوي جي ڪاويه ۾ هجن. اها ڪبير جي ئي وچتر شڪتي آهي جو اڄ به هو ڪوين ۾ اوڏان جڳهه والاري ٿو.

شاهه لطيف : (ذهني آواز ۾) سچ آهي سوامي جي!

پروتمات : اڙا ۽ پنگلا ٻه ناڙيون آهن. انهن جي وچ ۾ سشمنا ناڙي آهي. انهي سشمنا ناڙي مان ئي ڪنڊلني شڪتي مٿي وڌندي آهي.

اڙا ۽ پنگلا ناڙين جو اپيوگ تہ هميشه ئي رهندو آهي ۽ سشمنا ناڙي جي راهه اڪثر بند ئي رهندي آهي. يوگ جون خاص ڪريائون ڪرڻ سان ئي سشمنا - پٿ کلندو آهي ۽ ڪنڊلني - شڪتي

شاهه لطيف: سوامي جي! ڪنڊلني ...
(پروتناٿ هڪ پل رکي شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو. پوءِ مرڪي ٿو.)
پروتناٿ: هائو، ڪنڊلني. اسان کي چڱيءَ طرح ياد آهي.
(ڪجهه دير خاموشي.)
پروتناٿ: ڪنڊلني جاڳائڻ جو ورڻن هٺ-يوگ جي گرنٿن سان گڏو گڏ تنتر جي ڪيترن ئي گرنٿن ۾ ملي ٿو. ڪنڊلني جاڳائي ڪري ئي اسان يوگي آتم-جوتيءَ جو درشن ڪري سگهندا آهيون ۽ انهد ناد ٻڌي سگهندا آهيون.

ڪنڊلني پنهنجو پاڻ ۾ ئي ناد-سوروپ، جوتي-سوروپ ۽ شڪتي-سوروپ آهي. هر ناد، جوتي ۽ شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ سادڪ کي چڪر-ڀيدن ڪرڻو پوندو آهي. يوگ-سوتر ۽ شو-سنهتا گرنٿن ۾ ڇهه چڪر ليکيا ويا آهن پر اسان ناٿ-پنٿي ۽ تانترڪ چڪرن جي سنکيا ڇهن کان وڌيڪ مڃيندا آهيون. اهي چڪر ٽوڙڻا پوندا آهن تڏهن ئي سادڪ جي ڪنڊلني جاڳندي آهي ۽ ڪيترن قسمن جون سڌيون کيس پراپت ٿينديون آهن.
(ڪجهه دير شانتي)
پروتناٿ: پٽ لطيف! جيئن ته اهو سڀ ڳوڙهو ڪلپنا ۾ هلندڙ رهندو آهي، سوکم آهي، اسٿول ناهي، ان ڪري متن ۽ وچار ڌارائن ۾ ايڪتا ناهي. جهڙين جيئن پاتو، تيئن ئي مڃيو ۽ پڙهيو. پر هڪ ڳالهه ۾ سڀ يوگي شامل راءِ آهن ته ڪنڊلني-سادنا سڀني قسمن جي يوگ-ڪريائن جو آڌار آهي.
يوگ-شاستر جو سڌانت آهي ته جيڪو برهمانڊ ۾

ڪڍندي - شڪتيءَ جو جاڳرڻ هرگز نٿو ٿي سگهي.

شاهه لطيف: بلا شيخ من يمشي في الطريق - جو مرشد کان سواءِ طريقت ۾ هلي ٿو سو ڄڻ ابليسءَ جي سنگت ۾ هلي ٿو......

(اوچتو هوا جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي. گهوگهاٽ جا آواز اچي رهيا آهن. دور کان واهوڙو اچي رهيو آهي. چوطرف ڌوڙ ئي ڌوڙ ڇانئجي ٿي وڃي. بروقت، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ٻاڙ جي ڇپڻ جو سهارو وٺي ويهي ٿا رهن. چوگرد دز جو ٻرو ۽ ٻڌجي ٿو وڃي.)

✻

سوتردار (فقط آواز)	درشيه
شاهه لطيف سر سسئي آبري	
جي داستان ٻڌن ۾ چيو آهي:	
جهڪس ياد ڪياس،	سرسبز زمين جا نظارا.
وڃي وڻڪار ۾،	مانري ۽ چراگاهه
جلد جريدي ڄنگ ۾،	
اديون اچ ٽماس،	
وڃي ڪيچ ڀنڀياس،	
ٻارو ڇاٽي پاڇه سين.	
۽......	
واقف نه وڻڪار جي،	
ٻاٽي ڪنهن نه ٻاڳ،	"جانو" چراگاهه
جبل جلدائون ڪري،	"جانو" ٻاڙ...
ڏکه ڏيکاري ڏاڳ،	

جو متاثين پاسي وڌڪرو ٿيندو آهي ۽ ڪنڊلني
شڪتي جاڳندي آهي. ان پد تي پهچي سادڪ جا
پراڻ شڌ ٿي ويندا آهن ۽ هو ان شونيه-پٽ مان
نروڙ انهد ناد ٻڌندو رهندو آهي.

(ڪجهه دير لاءِ سڀ چپ چاپ اکيون هڻندا ٿا رهن. اوچتو
پروتناٿ هڪ هنڌ پهچي ٿو وڃي. شاهه لطيف چاهي جوڳي به
ويهي ٿا رهن.)

پروتناٿ : پٽ لطيف! برهم کي پرڪاش ۾ آڻيندڙ ناد ئي اوم
ئي آهي. ان جو سڌن سادن شبدن ۾ اهو مطلب
آهي ته برهم ئي برهم کي پرڪاش ۾ آڻي ٿو.

شاهه لطيف: وڏو گورکڌندو آهي.

پروتناٿ : گورکڌندو شبد ئي ته اسان جي مهاپرڳي
گورکناٿ جو يوگ اُتو پرسڌ نه ٿي ها. لطيف، اسان
جيڪو ڪجهه توکي پڌايو ٿو ۽ اڃا به جيڪو ڪجهه
توکي پڌائيندا سين آهي سڀ پستڪ ۽ پوٿيون پڙهڻ
سان يا ڪنهن جي پڌائڻ سان سمجهه ۾ اچڻ واريون
ڳالهيون ڪو نه آهن. يوگ جي اها ڄاڻ سادنا-پڌتي
مان، جنهن جاهي تڏهن ڪرڻ سان ئي پراپت ٿيڻ
واري ناهي. ان کي ته اکين جي سامهون ره پرو،
ڪري ڏيکارڻو هوندو آهي. گرو ڪندو، شش
ڏسندو ۽ سکندو. يوگ سادنا ۾ گروءَ جي پد-پد
تي ضرورت پوندي آهي. ان ڪري ئي اسان
ناٿ پنٿي يوگي، سنياسي، وجرياني، تانترڪ ۽
سڀ پوءِ گروءَ ۽ ڪامل مرشد جو اُتو ڳڻ-ڳان
ڪندا آهيون. سڀ گروءَ کانسواءِ سنسار جا ڇاهي
ٻيا سڀ ڪم راس ٿي وڃن پر يوگ-سادنا ۽

واري اُڀرانديءَ ۾ ساوڪ ۽ سرسبز زمين آهي. انهيءَ ماٿريءَ ۾ وسيع چراگاهه آهن. انهن چراگاهن مان هڪ جو نالو آهي: جانُو!

ماٿري
وسيع چراگاهه.

"جانُو" نالي وارو هڪ پهاڙ به آهي ۽ انهيءَ پهاڙ جي پاسي ۾ ٻه "جمر" ۽ "جر" نالي وارا جبل به آهن.

"جانو" پهاڙ
جمر ۽ جر جبل

"ونڪار" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي ۽ اهو ڳوٺ لس-ٻيلي کان ڪمرڙ جبل جي قطار سان لڳو لڳ آهي.

"ونڪار" ڳوٺ
ڪمرڙ جبل جي قطار.

ان ڪمرڙ جبل مان ڪي "هارن" ندي نڪري ٿي جا پٺيارا پٽ لتاڙيندي، ڪونڙي تعلقي جي ڳوٺ "سال مڪان" وٽان لنگهي سنڌو ندي ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي.

هارن نديءَ جو آسمان مان نظارو
هارن نديءَ جو سنڌو نديءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو نظارو:

ڪونڙيءَ کان "سال مڪان" ستن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي ۽ ان ڳوٺ جي آباديءَ ۽ خوشحاليءَ جو دارو مدار

سال مڪان ڳوٺ جو نظارو.

لکي لڪ لطيف چئي،
معذور متاع،
اُتي اوڏو آءُ،
جت هوس هيڪلي آهيان.

۽......

وڏا وڻ وڻڪار جا،
جت ناڳ ڇڄن ليلا،
اُتي عبدال لطيف چئي،
ڪيا هيڪلين هيلا،
جت ڪڙم نه قبيلا،
اُت رسج رهبر! راهه ۾.

"ڦڙ" ۽ "ڄڙ" جبل......

۽......

وڻچاري ۾ وڻڪار،
اڃ نه ڏلو ڪڏهين،
مهر نه هئي ماڙهين،
هو سڀ هندو ڪار،
جت ڪمائين يار،
سڙن ڪارڻ سرتيون!

ڪيرٿر جبل جي قطار...
"وڻڪار" ڪوٽ...
"ٻارن" لڪڻ جو نظارو..

هنگلاج جي ياترا ۽ هنگلا ماتا جو درشن ڪرڻ کان سواءِ شاهه لطيف مها يوگي پرو تداس ۽ ٻين جوڳين سان گڏ لاهوت طرف ويو جنهنجو اصلوڪو نالو گوڪل هو.

لس - ٻيلي جي ان اُتر - اولهه

ڀروتناٿ : (گايتري منتر جو جاپ ڪندي.)

ॐ भूर्भुवः स्वः तत्सवितुर्वरेण्यं भर्गो

देवस्य धीमहि धियो यो नः प्रचोदयात ॥

ॐ शांति शांति शांति ......

(پس-منظر ۾ ڪجھ دور شمع. ڪجھ قدرتي نظارا. وايو منڊل ۾ ڦهليل "اوم" جي ڌوني. جوڳي پنهنجن جدا جدا يوگ-ڪريائن ۽ سادنائن ۾ لڳا پيا آهن. ڪمل ناٿ پدماسڻ لڳائي ويٺو آهي ۽ پراڻايام ڪري رهيو آهي. نظر نڪ جي چوٽيءَ جي سڌ ۾ اٿس. پر ڪريءَ جو چنچل من لڳي ڪونه رهيو آهي. هو ڌيري ڌيري اکين کي ٽيڙو ڪري ان طرف نهاري ٿو جتي مها يوگي ڀروتناٿ ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن.

ڀروتناٿ ۽ شاهه لطيف به پدماسڻ ۾ ئي ويٺا آهن پر هوءَ ڪجھ ڳالهائي رهيا آهن. ڪمل ناٿ پنهنجيءَ جڳھ تان اٿي هنن جي پرسان پدماسڻ ۾ ئي ويهي ٿو. ڀروتناٿ چاهي شاهه لطيف هن ڏانهن بلڪل ڌيان ڪونه ٿا ڏين.)

شاهه لطيف: گهڙو ڀڳو ته گهور ڪيو، پاڻان هو حباب،
واڃٽ وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ۾ صواب، آئون گهڙو ئي گهور ڪيان.

ڪمل ناٿ : (مذاق ڪندي) هاهه! هاهه! لطيف-ناٿ! سنڌ پيا جي سڀي يوگ - ڪريائن ۾ هي سهڻيءَ جو گهڙو ڪٿان گهڙي آيو؟ آسان-پاسان ڪاڏي لنگهندي ڏٺي ٿو چا؟

(ڀروتناٿ ڪجھ تکين نظرن سان ڪمل ناٿ ڏانهن نهاريو. ڪمل ناٿ هڪدم چپ ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف پنهنجن ئي خيالن ۾ محو آهي.)

"ٻارن" نديءَ جي پاڻيءَ تي
آهي. ان ڪري ان طرف
چوندا آهن ته:

وسي جي وڻڪار،
ته سرهي ٿئي سال ڌياڻي!

ڪهوڙ جبل جي وڻڪار ڏيڻ
۾ وسڪارا ٿيندا ته سال
مڪان جون گهر ڌياڻيون
سرهيون ٿينديون.

سال مڪان جي آسودگيءَ جا
ڪجهه ڏ رشيه ....

شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
جبل جهاڳيندو. پهاڙن تان
پنڌ ڪندو، اڻانگن پيچرن
کي پار ڪندو، خوف ۽
خطرن کان بيپرواهه، اچي
ٽس-پلي پهتو.

جوڳين جو قافلو ۽ شاهه لطيف
اڻانگن راهن تان اڳتي وڌندا
ٿا وڃن.

لس ٻيلو / باهر / سنڌيا

(ڪئميرا ڪلوز مهانڳي پرولتاريت جي چهري تي. هو ڌيان ۾ مگن لڳي رهيو آهي. ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ لـسي اسان ڏسون ٿا ته پرولتاريت ۽ ٻيا جوڳي دعا-چت ٿي گايتري منتر جو جاپ ڪري رهيا آهن. شاهه لطيف به هنن سان گڏ آهي، پرولتاريت جي ڀاسي ۾ ويٺو آهي ۽ ڌيان ۾ مگن آهي.)

ڪمل ناٿ: گرديو، توهان بلڪل ٺيڪ چئي رهيا آهيو. سچ جنهن ڪبير جو توهان اداهرڻ ڏنو آهي، الهي ڪبير ني ڪيترن هنڌ آتمڪ گيان جون ڳالهيون رکن ۽ سڪن شبدن ۾ ڪيون آهن. شبد-ناد جو ورڻن ڪندي چيو اٿائين:

سبدهن تالا، سبدهن ڪونجي، سبدهن سبد سمايا!
سبدهن سبد سي پرچا پيو، سبدهن سبد سمايا!!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف چپ آهن.)

ڪمل ناٿ: ڪبير ناد-بندو جو ورڻن به تمام رکي-سڪي ڀاشا ۾ ڪيو آهي:

अव्यक्त नादैं बिन्दु गगन गाजै
सब्द अनहद बोले।
अतरि गति नहि देखै नेड़ा।
ढूंढत बन बन डोले॥

شاهه لطيف: سوامي جي، ناد ته سمجهيم پر بندو ڇا هي؟ ناد-بندو جو ياڳ ۾ ڪهڙو تعلق آهي.

پروتناٿ: ناد-بندو جو ياڳ ۾ اهو ئي سمبنڌ آهي جهڙو آتما ۽ پرماتما جو آهي، جهڙو جيو ۽ برهم جو آهي، جهڙو انسان ۽ الله جو آهي.

شاهه لطيف: سو ڪيئن سوامي جي؟

(ڪمل ناٿ منهن لڪائي مرڪي ٿو. شاهه لطيف جو ڌيان ان طرف ڪونه ٿو وڃي پر پروتناٿ ڏسي ٿو وٺي، ڏسي ڪري به هو ڪمل ناٿ جي حرڪت کي نظرانداز ڪري ٿو ڇڏي.)

پروتناٿ: ڀٽ لطيف، هڪ دفعو وري اسان توکي ناد-بندو جو ارٿ سولي نموني سمجهايون ٿا. اسان جوڳي ناد-بندو شبدن جو پرلوڪ انيڪ ارٿن ۾ ڪندا آهيون. عام طور ناد جو ارٿ آهي سوکشم شبد

پروتناٿ : ڪوي لطيف جو سهڻيءَ جي گهڙي سان ڪوئي مطلب ئي ڪونه آهي. ڪويءَ پنهنجي پڪڙ سان انهدناد جو ورڻن ڪيو آهي ... اها ست وري ڪ-چئبو، پٽ لطيف، ڇاب واري ...

شاهه لطيف : واحد وڃي وجود ۾،
رهيو روح رباب ...

پروتناٿ : ڪمال پٽ، اها ست فقط پڙل-پڙايل ڳالهين جو دهراءُ ڪونه آهي. الله جي آنيوٽ جي تصوير آهي... ساڌڪ جي سچي ساڌنا جي سڳنڌ آهي. ان ست ۾ ... بيجان شبد نه آهن اهي، اهو ته هڪ جاندار ۽ جاڳرت منتر آهي. سچي هستي لئي برهم ئي وٽي آهي ۽ سچيءَ هستيءَ مان ئي انرهم-ناد گونجي رهيو آهي ...

پٽ ڪمال، سڀني سنتن مهاتمائن ۽ ڀڳت ڪوين اهو ئي طريقو اپنايو آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو رستو آهي ئي ڪونه. ڪوتا ۾ ڳالهه چوڻي آهي نه رس پورو ئي پوندو، مڌرتا آڻڻي ئي پوندي ۽ سڱيت ڀريا ٻول چوڻا ئي پوندا. ڪبير جو هي دوهو ضرور پڙهيو هوندءِ:

لڱنا ڪي ڪر ڪولري، پتلي پلنگ بڇاءِ!
پلڪن ڪي چڪ ڏالڪي، پيءَ ڪو ليا رجهاءِ!!

ڪوي مهراج، ڇا توهان ان دوهي کي شرنگار رس ۾ ليکيندئو؟ ڀڳتي انس ۾ ٻانهم جي ساگر ۾ ئي وڃي سمائجندي آهي. ڀڳت ڪوي ڀاڳ کي استري بڻائي ها ته ڪنهن لاڳا جو سهارو وٺي، ڪوئي فرق ڪونه آو ٿيي.

ڪمال داس : ڪبير جهڙو الممست، نڊر، ڦڪڙ، اکڙ، صاف-گو
۽ همعصر پرلو شايد ئي ٻيو ڪو ٿيو هجي،
هڪ هنڌ چئي ٿو ٿانئين :

बिन्दु राम जो तरवै भाई ।
सुमरै क्यों न परम गति पाई ॥

و ڀلا جي رڪشا ڪرڻ ۽ ارهمپرلا پالڻ سان ئي
جي سنسار جي ساگر مان پار پوڻ ممڪن هجي ته
پوءِ جهڪر سڀ ڪدڙا ۽ هيجڙا پرم - پد کي پائي
وڃن!

(شاه لطيف جي چهري تي هڪ هلڪي مرڪ نمودار ٿئي ٿي. صاف ظاهر آهي ته ڪبير جي صاف-گوئي ۽ دليل جي پختگيءَ کيس ڏاڍو متاثر ڪيو آهي.)

پروتنداٿ : چوڻ جو مقصد فقط اهو آهي ته آڌياتمڪ انڀوتيءَ
کان سواءِ، روحاني احساس کان سواءِ ڪاشي ۾ ساڌنا
ڪرڻ اچڻ واري ناهي. اندر ۾ اگهي نه هوندي ته
ڪجهه به پڄڻ وارو ناهي.

شاه لطيف : لا تقنطوا من رحمة الله ... ڌڻيءَ جي مهر مان اميد
نه لاهيو.

پروتنداٿ : اهو به سچ آهي. پرماتما جي سامهون ته ڪي هلي
حيلو ۽ نه حجت. وٽس ته پڻ پوڙي چڙهي ۽ وٽس
ته پٽر به ناري چڙهي!

(ڪجهه وقت جوڳين جو قافلو ۽ شاه لطيف چپ چاپ اڳتي وڌندا
ٿا رهن.)

شاه لطيف : سڀ جوڳي اهڙن ئي هوندا آهن جهڙن ٻڌوهان
آهيو؟ ٻڌوس، مالائون، ڪنن ۾ ڪنڊل...

پروتنداٿ : اسان جوڳين ۽ اوڌوتن جو سوروپ اهڙو ئي هوندو

جيڪو ڍيري ڍيري اسٿول روپ ۾ بدلجندو ٿو
وڃي ۽ آخر ۾ سرشٽيءَ جي رچنا جو ڪارڻ بڻجي
ٿو. ناد جو ارٿ انهد ناد به آهي. ان کان سواءِ
ناد برهم ۽ پرماتما جي ارٿ ۾ به ڪم ايندو آهي.
بندو شبد جو ارٿ آهي ويرج. ان شبد جو
پريوگ اسان جوڳي برهمچريه ساڌنا جي ارٿ ۾ ڪندا
آهيون. پر بندو شبد مان جيو آتما يعني منش
يا پراڻيءَ جو به ارٿ نڪري ٿو.
اسان جي ڀڳوان مهاپرڀو گورکناٿ ته ناد - بندو
ساڌنا کي ئي رڌيون-سڌيون پراپت ڪرڻ جو هڪ
ئي يڪو رستو سمجهيو آهي. ڀڳوان گورکناٿ پنهنجيءَ
واڻيءَ ۾ صاف صاف شبدن ۾ گهوشڻا ڪئي آهي ته:

नाद बिंद है फाका मिला

जिहि साध्या ते सिधँ मिला ॥

اسان ناٿ-پنٿي جڏهن ناد ۾ بندوءَ جي سمائڻ
جي ڳالهه ڪندا آهيون ته صاف ارٿ هوندو آهي
پرماتما ۾ جيو آتما جو لئه ٿي وڃڻ، لين ٿي وڃڻ..
اڙي او شيطان ڪملناٿ، تون لڪي لڪي
مرڪين ڇا ٿي پيو؟

ڪملناٿ: گرديو، مان اهو سوچي مرڪي رهيو هوس ته
توهان بندوءَ جي واکيا ضرور ڪندؤ پر "ڪسري"
وارو حصو اڏائي ڇڏيندؤ...

(ان تي پروتناٿ کان هلڪي کل نڪري ٿي وڃي. شاهه لطيف
عجب ڀريل نظرن سان پنهنجي ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ: هاڻي پڙهه لطيفي ڪي، جيڪا شيطاني الهي دماغ
۾ ۽ دل ۾...

ٻڌي آهيون.
اسان ڪنڪريءَ جي اندران هرڻ جي سڱن مان ٺهيل هي واڄو رکندا آهيون. توکي ته ڄاڻ آهي سنڱي واڄو ڪيئن وڄائبو آهي!...

(اوچتو سنڱي جي وڄڻ جو آواز ٿيو اچي. پروٿنات ۽ شاه لطيف ٻئي ورائي ڏسن ٿا ته ڪملاتف هنن جي ٻنهي ڀريان اچي رهيو آهي ۽ سنڱي وڄائي رهيو آهي.)

پروٿنات : ۽ هيءَ الٽي ميڪلا ...

(پروٿنات ڪمر ۾ ٻڌل هڪ خاص قسم جي رسيءَ کي ڇهي ٿو.)

پروٿنات : هيءَ آهي گھنگھاري چڪر...

(پروٿنات شاه لطيف کي گھنگھاري چڪر ڏيکاري ٿو. لوهه جي شڪن کي ٽيڙو ميڙو ڪري هڪ قسم جو چڪر ٺاهيو ويو آهي. ان جي وچ ۾ هڪ سوراخ ڪيل آهي. ان سوراخ ۾ ڪوڏي پيئي آهي.)

پروٿنات : اسان منتر پڙهي ڦوڪ سان هيءَ ڪوڏي ٻاهر ڪڍندا آهيون. ان کي ئي گھنگھاري گورکڌنڌو به چئو ويندو آهي...

شاه لطيف: ڇا توهان جو انهن سڀني ٻاهرين ڳالهين ۽ نشانين ۾ وشواس آهي؟

پروٿنات : خاص ڪري... ان ڪري مان ٻنهي ٻوڳين کي سمجھائيندو رهندو آهيان ته چڪر پالي ڌارڻ ڪرڻ ۽ منتر پڙهي، ڦوڪون ڏئي ڪوڏي يا ڌاڳو ڪڍڻ جي ڪائي ضرورت ڪانه آهي...

(شاه لطيف سوالي نظرن سان پروٿنات ڏانهن نهاري ٿو.)

پروٿنات : منتر جون شڪتيون ۽ آڌياتمڪ شڪتيون ڪوڏيءَ جي ڪم ٿي نه وهائڻ گھرجن. اسان

آهي جهڙو ڏسڻ ۾ ٿو. ٻڌن ٿي پڪوسڻ ته هوندي
ٿي آهي ۽ ٻهر سدائين لنگا ٿي رهندا آهن اسان
کي ڪن-ڦڻا ٻوڪي ۽ چوندا آهن چو ته اسان پنهنجا
ڪن ڦاڙائي ڪنڊل پائيندا آهيون.

شاهه لطيف: سوامي جي، جي برو نه لڳڻ ته توهان ٻڌائيندا ته
ان مان ڇا ٿيندو؟ ڪهڙو ٻه پرابت ٿيندو آخر
ڪن ڦاڙائي ڪنڊل پائڻ مان؟

پروتناٿ: پت لطيف، هن شرير جي رچنا عجيب آهي.
ڪهڙي انگ تي ڇا ڪرڻ سان ڇا نتيجو نڪرندو
يا شرير جي ڪرياڻ تي ڪهڙو اثر پوندو ان جو
ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏيڻ ممڪن ناهي...... پر اڳتو
اسان ٿوڪي ٻڌائي ٿا سگهون ته ان پرتا جي شروعات
مهاٻوگي متسيندر ناٿ ۽ مهاٻوگي گورکناٿ ڪئي
آهي. اسان ٻوگين لاءِ ڪجهه پيون نشانيون ڌارڻ
ڪرڻ به ضروري هوندو آهي. مکيه طور اسان
ڪنگري، ميکلا، سينگي، گهنگهاري، رودراڪش،
آڌاري، گودڙي، کپر ۽ جهولو ضرور ڌارڻ
ڪندا آهيون.

(شاهه لطيف پروتناٿ جي شرير تي ڌارڻ ڪيل نشانين ڏانهن
نهاري ٿو. سندس نظر پروتناٿ جي ڦاٽل ڪن ۽ ان ۾ پيل
ڪنڊل تي ٽڪجي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: ڪنڊل ته ڏسين ٿي پيو ٿو. ڏس، سڀني ٻوگين
جا ڪن ڦاٽل آهن. اسان مان ڪيهن وقت به ڪنگري
ڪون آهي. ڪنگري هڪ قسم جو واڄو آهي ۽
اهو فقط پرٿوريءَ جا پوڳئه ٿي پائڻ سان رکندا
آهن ۽ وڄائيندا آهن. اسان گورکنائي ناٿ پنٿي

شاهه لطيف: لڳي ٿي ٿو پڻ ته توهان جي سنگت ۾ مون اُسو لڳايو آهي.

پيرو قنات: اهي سڀ نشانيون اسان لوڪن کي ان لاءِ شهر تي ڌارڻ ڪرڻيون ٿيون هون جيئن اسان کي سدائين ياد رهي ته هن سنسار جو اصلوڪو روپ ڇا آهي ۽ اسان جي جيون جو ۽ جنم وٺڻ جو اُديش ڪهڙو آهي. اسان لوڪن لاءِ سؤ سال به ڏهن پلن جي برابر آهن.

شاهه لطيف: سؤ سال ڏهن پلن جي برابر ڪيئن ٿا ٿي سگهن سوامي جي؟ آخر به سؤ سال سؤ سال آهن ۽ ڏهه پل ڏهه پل.

پيرو قنات: ڌيان سان ٻڌ جاني پٽ لطيف - بلڪل ڌيان سان...

(قافلو اڳتي وڌي رهيو آهي، ڪجهه دير سڀ چپ چاپ اڳتي وڌندا ٿا رهن. ڪمل ناٿ شاهه لطيف سان گڏو گڏ هلي رهيو آهي.)

پيرو ثمات: پٽ لطيف، هڪڙو ماڻهو سپنو ڏسي رهيو هو — تمام عجيب ۽ سلسليوار سپنو ڏسي رهيو هو، اسان کي اڪثر سلسليوار سپنا ڪونه ايندا آهن. پر هو ماڻهو سپني ۾ هڪ پوري ڪهاڻي ڏسي رهيو هو. سڀ کان اول هن پاڻ کي هڪ ننڍڙي ٻالڪ جي روپ ۾ ڏٺو. پل ٿي نه گذريو ته هن ڏٺو ته هو هڪ ٺاهوڪو نوجوان آهي سپني ۾ ئي شادي ڪري ٿو، پنهنجي ءِ ڪي ماڻي ٿو ۽ ٻارن جو پتا ٿئي ٿو. پل مس ٿا گذرن ته هو ڏسي ٿو ته هن جو هڪ پٽ جوان ٿي ويو آهي ۽ شادي به ڪئي اٿائين. نه فقط ايترو پر پنهنجي پٽ کي پتا جي روپ ۾ به ڏسي ٿو - پنهنجي پاڻ هاڻي ڏاڏو ٿي ويو ۽ ويو پرس، وڏي عمر وارو ڏاڏو! لطيف! ڌيان ڏي. سنسار

پوکي چاهيون ٿا پنهنجن سڌن جي آڌار تي لڏي،
کي الهي پار ڪري سگهون ٿا جتي ته ڌرتي، تي
هلي رهيا آهيون. پر ان مان اسان کي ملندو ڇا؟
۽ ان مان اسان وڃايو ڪهڙو؟ سمجهه ۾ ٿي
لطيف؟ جڏهن پوڙهي اسان کي ندي پار ڪرائڻ لاءِ
ڪناري تي هڪي اڀي آهي ته منهنجون
شڪتيون ۽ آتمڪ شڪتيون ڇو وڃايون.
سڌن کي اتي ڪم آڻي جتي پيا سڀ رستا بند
ٿي ويا هجن.

(شاهه لطيف جي چهري تي اهڙا ڀاو ڏسڻ ۾ اچن ٿا جڻ اها
ڳالهه نه فقط هن کي وڻي آهي پر هن جي سڀاءُ سان لهڪي به آئي
آهي. پوکين جو قافلو هلندو ٿو رهي.)

پرونتات : هي ٻه روح آڪاش جي مالا آهي. روح ارڪامه شو-
شمڪر ۽ آڪاش ارڪامه اڪ. هيءَ انسان ڏس ۽
ان کي ٿي اڪ چيٽو آهي. جڏهن داڻي ۾ هڪ اڪ
هجي اهو مهاشڪتيشالي ٿيندو آهي. لطيف، اسان
جي هن سچي مالا ۾ اڪ - اڪثي روح آڪاش
جا داڻا پويل آهي. ڪڏهن ڏيهن روح آڪاش جي
مهما پڙهانيندا سون. لـون ڪاپيدا نه ڪري
سگهنداسين ته هنن داڻن مان اسان جي شرير کي
ڪيتري ئي شڪتي ملي ۽ من، چت ۽ پڌي ۾
ڪيترو ٿو سنتلن رهي. اسان جو هي ڪمرو رنگ
جو لمبو چولو ائٽي، گودڙي ۽ ڏنڊو ته سدائين پاڻ
سان کڻندا ئي آهيون. جهاز-ٿورڪ جي جهاز-ٿورڪ
۽ رکيا جي رکيا. اسان هٿ ۾ ڪهڙو سدائين کڻندا
آهيون؟ ...

آهن ڏاڍو سهاڻو. سيڙ دان ۾ ڏنا سؤ گهوڙا،
تو سؤ سلامن ۾ ٿي ڪم پورو ڪري ڇڏيو! پڪو
ڪري آهين- شبدن جو جادوگر ۽ ڪلپنائن جو
ڪاريگر...

پروتڏات : بس، وڌيڪ نه چئجانءِ... بلڪل نه. لطيفو فقط
شبدن جو شعر ناهي، ڪرم- ويو به آهي. ڪجهه
عرصو ترس، ڏهه ٿي دشائون هن جي پرڪاش
سان اجلون ٿي وينديون- اجلون!

(شاهه لطيف خيالن ۾ گم، پوکڻ جي قافلي سان گڏ اڳتي
وڌندو ٿو وڃي.)

⁂

اس - ٻيلو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي.
ڪئميرا جي ٽل اسٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو هڪ
گهاٽي وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو آهي ۽ ڪجهه سوچي
رهيو آهي.)

شاهه لطيف: چارڻ لڳو، هنڌ گهڻو، ڪي چوڻاٽي چئيج،
هيءُ کي هلائيج، اَئي آئون نه اچڻو.
اَئي آئون نه اچڻو، هيءُ کي هلائيج...

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز- اپ. خيالن ۾ ٻڏل نظرون)

⁂

۽ هڪ ماڻهوءَ کي ڏاڍو اُنهيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ
پنجاهه ڪن سالن جي عمر گهرجي. جيتوڻيڪ پنجاهه سالن
جو ڏاڍو به ڪي قدر جوان ٿي اڀرندو. ۽ سڀني
۾ هڪ انسان ڏهن-ويهن سالن ۾ ، ڪجهه گهڙين ۾
ڏاڍو به ٿي ٿو وڃي!
پنجاهه سالن جو اثر پڻ ، سڀني ۾ ، ڪجهه گهڙين ۾
ملي ويو سڀني ڏسندڙ کي!
لطيف! هن درشٽانت جي گهرائيءَ ۾ وڃ. جاڳرت
اوستا جا پنجاهه سال سپن-اوستا جي ان گهڙين جي
برابر آهن!
اسان ڀوڳي اهو ٿي سمجهندا آهيون ته سون سالن جو
جيون ان گهڙين جو سپنو ٿي ته آهي!
ان ڪري، لطيف! هي سڄو سنسار، هن سنسار جا
سڀ ٿي اثرؤ ان گهڙين کان وڌيڪ قيمت ۽ اهميت
رکن ٿي ڪو نه ٿا- سو ، سڀني جيون ، گهڙيون!

ڪمل ناٿ: لطيف، هن سڀني جي سنسار ۾ مهاداني "سپڙ"
جهان کي سڀ-ڪارڻ ڪري وڃڻ گهرجن... چوندا
آهن ته هن لس-ٻيلي جو هڪ حاڪم ٿي گذريو
آهي سپڙ. هن جي سخاوت، اداريا ۽ دان-پنج
جون ڪيئن ڪهاڻيون پرسد آهن. هڪ دفعي هڪ
مڱڻي چارڻ کي هڪ سؤ تازي گهوڙا دان ۾ ڏنائي
ڇڏيائين... وري چارڻ به ڪهڙو؟ جيڪو نه ڳائي
ڄاڻي نه وڄائي ڄاڻي!...

شاهه لطيف: سپڙ سردار، لس-ٻيلي جي ڄام کي لطيف جا
سو ڀيرا سلام!

ڪمل ناٿ: ادا لطيف، ڪجهه سلام اسان لاءِ به بچائي رکو... ۽

چمن جي صفي ۾ گلاب جي ٽڪن جهڙا ٻُٽر جا ڳوڙها هجن- جن سان ڪير جي ٽاڪا وهندي هجي، ٿغاري جي شڪل جهڙو ٻُٽر هجي، ٻهگهو ۽ جهولو ٿرڪي سگهڻ جهڙا ٻُٽر هجن ۽ ٿوڪا جهڙو ٻُٽر هجي، اهو اِستان فقط "گوڪل" جي نالي سان ئي سڏجي سگهي ٿو- ۽ "گوڪل" نالو ئي ان جڳهه کي خاص قسم جي دلڪش معني عطا ڪري سگهي ٿو.

جڏهن اِنسان کي پرماتما ذرا ۾ ڪامنا ڏڪتي ڏسي هوندي ۽ جنهن ڀارت جي پراچين اتهاس جو ٿورو ٻه اڌيين ڪيو هوندو ان جي منهن مان هي اِستان ڏسندي ئي اچانڪ نڪري ويندو: آها! هي ئي ته جسوداــنندن شري ڪرشڻ ڀڳوان جي گوڪل ڀومي آهي!

(ٻيو سڪند شانعي)

گاٻون، ڪير، جهولا ... ڪرشڻ ڪنهئي ڪـٰن سوهه آهي ڪوئي ٻيو دنيا ۾ ماکڻ-چور ۽ راس-رمڻا؟

شاهه بلاول جي درگاهه ۽ لاهوت جو درمياني رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز شاهه بلاول جي درگاهه جي هڪ خدمتگار تي. ڪئمرا جي ٻال اٿڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هن جو لباس فقط ڪاري ڪفني آهي ۽ ٻير اُگهاڙا اٿس. شاهه لطيف هن سان ڳالهه ڪري رهيو آهي، پروتلاش ۽ جوڳي هن جي ٻنهي پاسن اچي رهيا آهن. پروتلاش، جوڳين جاهي شاهه لطيف کي ساڳئي ڪير رنگ جو پهراڻ اوڍيل آهي.)

خدمتگار : شاهه صاحب، تـوهان سيد آهيو، مومن آهيو،

سوترڌار (فقط آواز)

شاهه لطيف جي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي ته هڪ دفعي هن لاهوت ڏانهن وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو هو ته ان تي سندس پيءُ شاهه حبيب روڪيو هوس ۽ چيو هئائينس ته لاهوت وڃڻ ۾ ڏاڍيون مصيبتون ۽ آفتون ڪي ليکي ڏيڻ پيو ته الهيءَ پاسي جن، ڀوت، ناڳ ۽ بلائون آهن. سڄو رستو خطرن سان ڀريو پيو آهي.

انهيءَ تي شاهه لطيف پنهنجي پيءُ کي جواب ڏنو

ابا مهان!

لکو جن جهان ۾، اکر سڄي ناڳ......

شاهه لطيف جاکوڙن تي هريل هو ۽ مشڪلاتن کان ڊڄڻ وارو ڪونه هو. پر جڏهن وقت هو لاهوت طرف، جوڳين جي قافلي سان گڏ وڃي رهيو هو ته کيس به محسوس ٿيو ته سندس پيءُ ڪو وڌاءُ ڪونه ڪيو هو. هن اڻانگي پاسي، واٽ تي جيڪي خوف ۽ خطرا آهن تن جو ذڪر شاهه لطيف به ڪيو آهي:

ڇپنا ڇور ڇڇن ۾، ڀر ۾ بلائون...

ڀر ۾ بلائون به آهن ۽ ڀب جبل پاسي ڇپنا به جام آهن.

باقي رهيا جن ۽ ڀوت...

ڇوون سڀ تان، ڏنا ڪنهن ڪونه آهن...

هڪ ئي ڳالهه، بلڪ مکيه ڳالهه...

ڀب جبل ۾ واهڙون آهن جن تي انب، انجير، ڏاڙهون، ڪيوڙا ۽ نارنگيون ٿين ٿيون. هن جابلو ملڪ ۾ هيءَ باغات سچ پچ هڪ قسم جو معجزو آهي. پر اهو چمتڪار ڪو اڄ جو ڪونه آهي بلڪ ان وقت کان وٺي وجود ۾ آهي جڏهن وقت لاهوت کي چوندا ٿي ها "گوڪل" - ڳائن جو پوتر استان: گوڪل! جنهن جڳهه تي ميون سان ڀريل وڻڪار هجي، باغات هجي،

جبل جو صفو لاهوت / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز لاهوت صفي جي ڇت ۾ قدرتي نموني ٺهيل ڳاڻه جي ٿڻن جهڙن پٿر جي ڳوڙهن تي. انهن پٿريلي ٿڻن مان ڦاٽي ڦڙو ڦڙو ڪري همت ڳڙي رهيو آهي.

ڪئمرا جي پال ٿيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته صفي ۾ پروتناس، جوڳي، شاهه لطيف ۽ خادم بيٺا آهن سڀني کي ڪاري رنگ جي ڪفني اوڍيل آهي. خادم لاهوت جو اتهاس بيان ڪري رهيو آهي.)

خادم : جڏهن شاهه بلاول سائين هتي قدم مبارڪ ته رکيا، ان وقت هي جبل، هيءَ زمين ۽ هيءَ ٻاغاس گوڪل نالي هڪ ديو جي قبضي ۾ هئا. گوڪل ديو هن ملڪ جو حاڪم هو ۽ سوا لک ديو هن جي زيردست هئا.

سائين شاهه بلاول صاحب هتي اچي چلا ڪيا ۽ پنهنجيءَ عبادت جي زور تي گوڪل ۽ سندس تابعدار ديون کي هتان ڀڄائي ڪڍيو. سائين شاهه بلاول صاحب اولياءَ هئا ۽ سائين قلندر لعل شهباز جا همعصر هئا. شاهه بلاول سائينءَ جي درگاهه هن جبل جو حقيقي سينگار آهي. هر سال رمضان مهيني جي نائين تاريخ درگاهه ۾ عرس لڳندو آهي، جيڪو سالده ٽي ڏينهن هلندو آهي...

عرس ۾ اڪثر مومن ئي شامل ٿيندا آهن...

(اوچتو درگاهه جو خادم خاموش ٿي وڃي. هو محسوس ٿو ڪري ته، شاهه لطيف ۽ جوڳين جو ڌيان هن جي ڳالهين ڏانهن گهٽ آهي. هو سڀ ڳاڻه جي ٿڻن جهڙي شڪل وارن پٿرن جي ڳوڙهن ڏانهن نهاري رهيا آهن، جن مان ٽمڪو ٽمڪو ڪري

روزي نماز جا پابند آهيو، توهان لاءِ ”لاهوت“ جي زيارت معمولي ڳالهه رهي ٿي ۽ توهان ان جا حقدار به آهيو... پر هي جوڳي...

شاهه لطيف: ادا، جي مون مومن هوندي به هنگلاج ماتا جي قدمن ۾ سر جهڪايو ۽ ماتا جو درشن ڪري اٽاد آنند ۽ مستي حاصل ڪئي ته ڪهڙو سبب آهي جو هي جوڳي ”لاهوت“ جي زيارت نٿا ڪري سگهن؟

خدمتگار: جوڳي ”لاهوت“ جي زيارت ڪن، ان ۾ ڪوئي هرج ڪونه آهي... رنگ پيدا ڪري ٿو هي جوڳيا لباس - اهو گيرو رنگ..

پروتناٿ: (وچ ۾ ٿي خدمتگار کي چئي) بت لطيف! اسان سڀ جوڳي ڪاري ڪفني اوڍڻ لاءِ بلڪل تيار آهيون. اسان جوڳين جون پيرون به جهڪي نشانيون ڪاني اوڇڻ پيا رنگ پيدا ڪندا هون، اسان ڪجهه وقت لاءِ الهنکي تياڳڻ لاءِ به تيار آهيون ... پر هن بيابان ۾ اهڙيون ڪفنيون آڻيندئون ڪٿان؟

خدمتگار: ان جو فڪر توهان نه ڪريو- اهو ذمو هن خادم جو...

ڪمل ناٿ: نه مهان، ڪاري ڪفني پائي لاهوت جو ديدار ڪرڻ جو ذمو اسان ايدن جو...

(سڀني کان هلڪي ڪل لڳي ٿي وڃي.)

خدمتگار: توهان مهرباني ڪري اتي ٿي ترسو، مان اجهو ٿو ڪفنين جو بندوبست ڪري اچان...

(خدمتگار واپس وڃڻ لاءِ موڙي ٿو. پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ جوڳي اتي ٿي ويهي ٿا رهن. خدمتگار تيز تيز قدمن سان شاهه بلاول جي درگاهه طرف وڃي رهيو آهي.) ✻

لاهوت واري صفي جي ٻاهران / ڏينهن

(پروهتاڻ، ٻوڳي ۽ شاهه لطيف خادم سان گڏ لاهوت واري صفي کان ٻاهر نڪري رهيا آهن. ڪجهه اڳي قدم هلڻ کان پوءِ پروهتاڻ ۽ شاهه لطيف سنڌي جي اڳيان اچي ٿا وڃن. باقي سڀ هنن جي پٺيان پٺيان اچي رهيا آهن. خادم سنڌي جي پٺيان پٺيان هلي رهيو آهي.)

شاهه لطيف : سوامي جي، مان ڏن ٿي ويس گوڪل جو درشن ڪري، اکيون ٺري پيون گوڪل جي ڪلپنا جو ديدار ڪري!

ٺڙا چاليها لک چاليهه،
جهڙو سڄڻ پرين جو!

پروهتاڻ : لطيف، هي گوڪل ناهي، گوڪل لاهوت ٿي ويو- وجود ٿي وڃائي ويٺو...

شاهه لطيف : سوامي جي، خدو نه ڪريو- سڀ ٿيو سمجهان- ايترو اپوجهه ناهيان...

(پروهتاڻ مرڪي ٿي.)

شاهه لطيف : سوامي جي، هيءَ سنڌ ناهي، بلوچستان جي سرزمين آهي. هتان جا مڪاني ماڻهن "گوڪل" نالو ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهيا؟ سو "گوڪل" لفظ ميسارڻ لاءِ هتي افواهه ڦهلايا ويا ته گوڪل هڪ ڀيانڪر جن-ڀوت جو نالو آهي ۽ جيڪو ان لفظ کي اچاريندو ان جو خير ناهي. گوڪل جن اچي پرگٽ ٿيندو ۽ نالو وٺندڙ کي کائي ويندو... ان طرح لاهوت وجود ۾ آيو.

(ڪجهه دير اتي چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاهه لطيف : گوڪل جي درشن کان پوءِ هنگلا ماتا ٻار بار

ٻاٽي سمهي رهيو آهي.)

خادم : چوندا آهن اڳي انهن ٽڪرن مان ڪير وهندو هو - هاڻي ته بس ٻاڻيءَ جا ڦڙا ئي ٽڙندا نظر اچن...

شاهه لطيف : توهان انهن مان ڪير وهندو ڏٺو هو؟

خادم : نه ابا، اسان فقط ٻڌو آهي ته اڳي ڪير وهندو هو...

شاهه لطيف : شايد انهن ڏينهن ۾ جڏهن هن استان کي "گوڪل" ڪري سڏيندا ها...

(خادم ڪجهه ترڪڻ لڳڻ سان شاهه لطيف طرف نهاري ٿو. ڪمل ناٿ جي چهري تي مرڪ نمودار ٿئي ٿي ۽ هو منهن ڪٽي ڏو ڦيري ڇڏي.)

خادم : هو ڏسو نغاريءَ جي شڪل جهڙو ٽڪر - اها آهي بيبي فاطما جي ٽوڪري! بيبي فاطما سڳوريءَ انهيءَ ٽوڪريءَ ۾ ماني پچائي هئي...

(ٽوڪريءَ جو ڪلوز - اپ.)

خادم : ... ۽ هن ٽڪرن ۾ پينگهو ڏسڪي، بيبي فاطما سڳوريءَ امامن کي پينگهي ۾ لوڏيو هو........ عجب نه ڪائو. حضرت محمد ﷺ هتي آيا ها. حضور جن هتي هڪ ٽڪر مان ڪشتي پيدا ڪئي هئي- اها ڪشتي اڃا تائين هتي موجود آهي- لاهوت کي معمولي جڳهه نه سمجهو سائين! هيءَ مڪي شريف جو دروازو آهي- خاص دروازو ...

ساڄن مٺڙس سوُر ،
سکه نه مٺڙيس سهڙان ،
ساڄن مٺڙس سوُر !...
ڊهوئي جي اکين جو ڪلوز- اپ.
شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز- اپ.
ڊهوئي جون اکيون ڄڻ جاندار لڳي رهيون آهن.
خيالن ۾ گم شاهه لطيف جون اکيون...

✳

سوٽر ڌار (فقط آواز)	درشيه
هنگلاج جو پهريون دفعو درشن ڪرڻ ڪان پوءِ شاهه لطيف ۽ جوگي واپس ڪلاچي آيا...	واپسي ياترا جا ڪجهه درشيه
۽ پوءِ ديول-ڪوٽ جو ديدار ۾ ڪيائون...	ديول ڪوٽ جي زمين
ليلا - چنيسر جي لوڪ - ڪٿا وارو ديول ڪوٽ شاهه لطيف جي سر ليلا- چنيسر وارو ديول ڪوٽ...	ليلا ۽ چنيسر جون تصويرون

بيت: (مرداڻو آواز)

چنيسر سڀن چاڙهه ، مٿان ڪا مدد ڪري ،
ڪالهه ڪنهن جو نه وَٽي، ڪرب ۽ ڳاهه ،
جي ڏٺي تو رڙياڻ، ته دوس ڏسائي داسڙو ،

مون کي پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي- مان ماتا ڏي
ويندس، اوس ويندس. اسان سڀ ماتا هنگلا ديويءَ
جي درشن لاءِ هلنداسون- هنگلاج هلنداسين!

(پروڊيوسر شاهه لطيف جي پر خيال چهري ڏانهن نهاري ٿو ۽ مرڪي ڪنڌ لوڏي ٿو.)

✻

هنگلا ماتا جو ٿان / اندر / ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز هنگلا ديويءَ جي چهري تي. ڪئميرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا پٿر تي ٺهيل هنگلا ديويءَ جي شرير تي مجاور ۽ جاتري ڪمر اوتي رهيا آهن. شاهه صاحب ٽڪٽڪي لڳائي ماتا جي چهري ڏانهن نهاري رهيو آهي. لڳي ٿو ڄڻ ماتا جي ڪشش هن تي مقناطيسي اثر ڪيو آهي. پروڊيوسر ۽ ٻيا جوڳي ڪجهه پريان بيٺا آهن ۽ اهو نظارو ڌيان سان ڏسي رهيا آهن.

هن وقت پرگهن چاهي شاهه لطيف جي بدن تي جوڳيا رنگ جو لمبو چولو پيل آهي ۽ جوڳين کي پهنجون سڀئي نشانيون شرير تي ظاهر ڪيل آهن. شاهه لطيف جو هڪ بيت اوور لئپ ڪري ٿو. جنهن ۾ هو پاڻ سڏ- پڙ ڪويل انسان جي حالت ۾ آئي بيٺو آهي ۽ ديويءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

بيت : ويني ڏر نه پوَن، ستي مان نه سمهان،
جي ميٺي پلڙن رتن، ساجن ملي تنهنکي...

(ڪجهه پل خاموشي)

ڪنهن هڪ سنڌر سهڻي ڏيهه
جي - جنهنجو نالو هو :
ڪونروُ ...
ڪونروءَ جو مڱڻو سندس
سؤمت ڪماديءَ سان ٿيل هو...
۽ هڪ ڏينهن....

ڪونروُ پنهنجن سهيلين
سان گڏ باغ ۾ گل - چرچا
ڪري رهي آهي.

محل ۾ ڪونروءَ جو ڪمرو / اندر / صبح

ڪئمرا ڪلوز ڪونروءَ جي چهري تي. ڪئمرا جي ٽل اپ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هوءَ آدم قد آئيني جي سامهون اڀي سينگار ڪري رهي آهي. ان سان گڏو گڏ هوءَ ڪجهه گنگنائي رهي آهي:

ڪونروُ : (گنگنائي ٿي) منهنجي، تو گرڌر گوپال، نند ڪي لال،
دوسرو نه ڪوئي!
هان جي، دوسرو نه ڪوئي...

(ڪجهه دير چپ رهي سينگار ڪري ٿي، وري گنگنائي ٿي.)

ڪونروُ : پريت ڪر، ڪاهو سک نه لهيو - نه لهيو، نه لهيو!
هم جو پريت ڪري ماڌو سون،
چلت نه اڪ ڪهيو!
پريت ڪر ڪاهو سک نه لهيو... هون هون هون...

(اوچتو ڪوئي زنانو هٿ ڪونروءَ جي ڪلهي تي پوي ٿو. ڪونروءَ کان ڇرڪ نڪري وڃي ۽ هڪدم منهن ورائي ڏسي ٿي.)

ڪونروُ : اڙي جمني! تون آهين؟ مون کي ته ڏڪائي
ڇڏيئه...

بيت : (زنانو آواز)

ڪوڙين ڏيهجون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪالڪ ،
مون کي ڇڏ م داسڙا! ته وڃان نه وڙواند ،
مون ٻڌيءَ ۾ ٻانڌ ، تون ، چندر! هٿ ۾ .

سوتر ڌار (فقط آواز)

راجا چندر سومري گهراڻي جو هو ۽ "ديول ڪوٽ" تي راڄ ڪندو هو. جنهن ته "ديول ڪوٽ" سندو نديءَ جي هڪ شاخ ڀگهاڙ جي ڪنڌيءَ تي آباد هو الڪري ان کي "ديول بندر" به ڪري ڪوٺيندا ها.

درشيه

راجا چندر محل ۾ چهل قدمي ڪري رهيو آهي- هو بيحد خوبصورت ۽ ناهوڪو آهي.

ڀگهاڙ جي ڪنڌيءَ جو درشيه- ڇوليون

ليلا سندس پٽ راڻي هئي...

ليلا ۽ چندر جو پلنگ تي ليٽ- ليٽ ڪرڻ ۽ پيار ڀريون ولڙيون. ٻئي بيحد خوش آهن.

راجا چندر جو وزير هو جکرو .

جکرو ڪجهه سوچي رهيو آهي.

انهيءَ ئي زماني ۾، ڪڇ ملڪ ۾، راڻو ڪنگهار لکپت جو ڇٽ ڌڻي هو...

راڻي ڪنگهار جو ڪلوز- اپ.

مرڪي : ته ڇا بدناميءَ جي ڊپ کان هٿ تي هٿ رکي
ويٺي رهون؟

ڪنگهار : ڪالهه رمز ڪرڻي هوندي.

(ڪجهه دير هو سوچي ٿو.)

ڪنگهار : تون ۽ ڪوڙو وڻجارڪو ويس ڪري، ديبل بندر
وڃو ۽ ڪنهن حيلي حوالي سان وڃي چنيسر جي
ويجهڙائي حاصل ڪريو. پرماتما چاهيو ته ليلاڻيءَ
جو نينهن هٽي وڃي هنڌ ڪندو.

*

ديبل ڪوٽ ۾ گلن واريءَ جي گهر جو اڱڻ / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز گلن جي ٽوڪريءَ تي. ڪئمرا جي ٽال-بئڪ
ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته گلن جي ٽوڪري ٻٽ تي ٽڪي
آهي ۽ ان جي ڀرسان ئي گلن واري مائي، مرڪي ۽ ڪونرو
ويٺا آهن.)

گلن واري: ادي، مون کي ٻڌجو سمجهي منهنجي اڳيان اندر
کوليو اٿو ته مان به اندر جو ڀي ڏس ڏيندياسانءِ.
ڏسجانءِ ادي، تنهنجي ليلاڻي جي راڄ-ڀاڳ نه ماڻي
ته تنهنجا ٻچا ۽ منهنجو منهن...

مرڪي : نه نه ادي، ائين نه چئو! ٻچا تنهنجا وڏن ٿين!

گلن واري: ادي، تنهنجي من جي ڪامنا وڏو ڇڪري، هاڻ
ٿي ٻڌري ٿيندي. چڪرو آهي چنيسر جو چڪرو،
چنيسر جي جان، چنيسر جي ٻروچالي... چڪري هڻا
هڻي نه سمجهانءِ ڪر ليڪو- هان...... هل ته
ادي مان ئي گڏ هلانءِ ڇڪري وڏو وٺ.

(جمني ڪنوروءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڇتائي ڏسي ٿي.)

ڪنورو : ڇا هي ڙي جمني؟ ڪڏهن مون کي نه ڏٺو اٿئي
يا هي وڏا ڪوهه ڏٺا اٿئي؟

جمني : ڏٺو ته توکي به، اڄ ته تنهنجي سڀني وڻن کان به
واقف آهيان، پر هيڏو سينگار مون اکين نه ڏٺو...

(ڪنورو فقط مرڪي ٿو ۽ آئيني ۾ پاڻ کي ڏسي ٿو.)

جمني : ڪوئي نه سبب هوندو هن سينگار جو. پاڻ کي
لاهي وري، پائي ناهين، ڪٿي چنبر تي
ته دل ڪونه اچي وئي اٿئي؟

ڪنورو : چنبر؟ هاهه چنبر! ڪنوروءَ جهڙي پاڻ ۾
چنبر ڪٿي؟

جمني : ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ڪنهن جي پاڻ ۾ ڪهڙ
آهي. دل ۾ ويچار اٿيو آهي ته ڪجهه نه
ٿيو هوندو.

ڪنورو : جمني، چنبر جي ڳالهه - راڻي ليلا جي اڳيان هليا
آهن ڪنهن جا حيلا؟

جمني : ڪلهه نه هليا، اڄ نه هليا ته ڇا سڀاڻي به نه هلندا؟
سؤ کان پوءِ سؤ هڪ به ٿيندو آهي ۽ هزار کان
پوءِ هڪ هزار هڪ به هوندو آهي.

❀

راڻي ڪنگهار جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

ڪنگهار : مرڪي، چنبر سان سڱ ڪرڻ ته مان - شان وارن
جي اِنڪار ڪمائڻ ته جڳ ۾ کلڻ - هاب ٿينداسين.

چنيسر : اسان آخرين ڀيرو دهرايون ٿا ته، پراڻي ليلا جي
وڻي، ايءَ ڪنهن سان به ناتو نه رکنداسين اسان،
توهين هاڻي وڃي سکيو ٿا...

☆

رستو / ٻاهر / ڏينهن

(رستي تي هڪ وڏي وڻ جي هيٺان گلن واري، مرڪي ۽ ڪونرو ويٺيون آهن. رستي تان ڪي لانگهائو اچي وڃي رهيا آهن. هنن ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان ڪونه آهي.)

گلن واري: هاڻي ڇا ڪنديونسين ادي؟

(ڪونرو ڏاڍو مايوس لڳي رهي آهي. هن جي اکين مان درد جھلڪي رهيو آهي.)

مرڪي : هاڻي ته بس هڪ ئي رستو وڃي بچيو آهي...

(گلن واري ۽ ڪونرو هن ڏانهن نهارڻ لڳيون.)

مرڪي : ...... ٻئي ليلا وٽ پورهيتون ٿي ڪري وڃي
پهچنديونسين. سندس سيوا ٽهل ڪنديونسين. جيئن
سالن جا سڀ پورا ڪنداسين، اتي ڏکڙن وڃائي
ڇڏينديونسين. ايشور ڪندو ڪنهن ڏينهن اهڙو
اوسر اوس ملندو جو چنيسر جو چت ليلا تان
ڦري ويندو ۽ ڪونرو جا لاڳا سڀاڳا ٿيندا.

گلن واري: چنيسر کي گھٽ نه ڄاڻجو، ليلا ۾ ساهه اٿس ۽
أنڌو مٺ و ساهه اٿس.

مرڪي : ادي، سيوا - ٽهل جهڙو جڳ ۾ نه ڪوئي جادو
نه ڪوئي هٿيار.

جکري وزير جي محل جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(جکري وزير جي سامهون گلن واري هٿ جوڙي بيٺي آهي)

گلن واري: سائين، هن آسودن جا بس توهان تي آسرا آهن...

(مرڪي هڪدم کٽي تي جکري جا پير اٿاري گولڙو ٻــ
جکري کي پيري پوڻ واري آهي ته جکرو هڪدم کٽي تي گولڙو
جا هٿ پري ڪري ٿو ۽ پاڻ به ڪجهه پوئتي هٽي ٿو وڃي.)

جکرو : تون ڀاڳي آهين، مون تي ڏنل نه چاڙهه... امڙ
اڏي، ويهه - دل نه لاهه - ڪجهه سائين تي ڇڏ.

(جکرو هاڻي پلنگ تي ويهي ٿو رهي. مرڪي ۽ گولڙو پاسي
۾ پيل گديلا ڪرسين تي ويهن ٿيون. گلن واري پٽ ۾
ويهي ٿي رهي.)

جکرو : اڏي، سائين تي ڇڏ، مڙئي ڀلو ٿيندو. سائين
ڪندو سڀ سٺائي ٿيندي. سڀاڻي پرڀات جي
ويل صبح سوير و پاڻ چنيسر وٽ چڙهي ويندس.
اميد ته ٿي، توکي نراس نه ڪندو، ڪري محل
۾ گهرائيندو.

✱

چنيسر جي محل ۾ راجا جو خاص ڪمرو / اندر / صبح

چنيسر : سٺري مهاشه، ٻڌائي ڀلا جي وٽي، اڄ ڪڏهن
سان ٻه ڳالهيون نه ڪنداسين اسان!

جکرو : (هٿ جوڙي) آسودن جي طرفان هٿ ٻڌي ورِي
هڪ دفعو وينتي ٿو ڪريان. ڪولڙو نٿي کا
ڪريا جي ڪٽي وساهو... ڀاسي جي ڀاس اڇڻهو.

اسان مصيبت جي مارين ابلائن تي هٿ رکڻ ته
مهر ٿي ٿئي.

(ليلا ڪجهه دير سوچي ٿي. ان وچ ۾ مرڪي ۽ ڪنوروَ اُٿي - ٻئي
ٻريل نظرن سان هن ڏانهن نهاريندا رهن ٿيون.)

ليلا : ٺيڪ آهي، اڄ کان وٺي توهان ٻئي ماءُ - ڌيءُ
منهنجون خاص ٻانهيون ٿيو... هاڻي منهنجو منهنجو
ڪم سمجهي ڇڏيو.

(مرڪي ۽ ڪنوروَ گڏجي ڪري ٿيون ليلا جا پير پڪڙن. ليلا
هڪدم کين اُٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. ٻئي ڏاڍي ادب سان
بيهي ٿيون رهن.)

ليلا : منهنجو نالو ڪنوروَ آهي نه؟ ... توکي ڪم ٿي
رکان راجا چندر جي سيج وڇائڻ جو - ۽ مرڪي،
تون منهنجي دل جي سرتاج چندر لاءِ هار اُڻندينءَ -
هار به اهڙي جهڙي ڏسي وڏن وڏن ديوتائن
جا سر جهڪي وڃن.

⁂

سوتردار (فقط آواز) — درشيه

ڪنوروَ هر رات چندر جي
سيج سجائيندي رهي ۽ مرڪي
هر روز چندر لاءِ هار
اُڻندي رهي...

ڪنوروَ چندر جي سيج
سجائي حسرت ڀريل نظرن
سان اُن ڏانهن نهاري ٿي...
مرڪي هار اُڻي رهي آهي...

گلن واري: ڀڳوان ڀلي ڪندو……

چنيسر جي محل ۾ ليلا جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز ليلا جي چهري تي. ان وقت مرڪي ڳالهائي رهي آهي.)

مرڪي : سائڻ، اسان غريبڙن تي همت رک. پنهنجي ڪنهن ڪاڄ ۾ لڳاءِ.

(ڪئمرا جي پل ڀر ڪٽ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته مرڪي ۽ ڪونرو غريب عورتن جي ويس ۾ ليلا جي خاص ڪمري ۾ بيٺيون آهن. ٻنهي جا هٿ جوڙيل آهن ۽ نماڻائي ڀري عاجزيءَ جون تصويرون لڳي رهيون آهن. ليلا مهاراڻين جهڙي لباس ۾ شاهي ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. مرڪي جهڪي ڪري کٽي ٿي، ليلا جا پير اکڙي. ڪونرو بيٺي ئي رهي ٿي.)

مرڪي : سائڻ، زماني جي ٺوڪري اسان کي رولي هن در تائين آندو آهي. پيسو - ٻيڙو، ميڙي چونڊي جو ڪجهه هو سواها ٿي ويو. پرماتما پنهنجي ڪرپا سان توکي پٽراڻي ڪيو آهي، وڏا ڏان ڏنا آهن... اسان تي همت رک.

(ليلا مرڪيءَ کي پيرن تان اٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. مرڪي اٿي ڪونروءَ سان گڏ بيهي ٿي رهي.)

ليلا : ڪو هٿ جو ڏانءُ به اٿو؟

ڪونرو : سائڻ! اما اٽڻ جي ڪم ۾ ڪو ثاني نه رکي... مان وري گهرو ڪم ڪار ۾ ڪڙي تڙي آهيان.

ڏک، ڪڙهي سور توکي ڏيئن، وٺڻ لاءِ مجبور
ڪيو؟

(ڪنورُو ڪجهه دير چپ رهي ٿو. هن جي چهري ۽ اکين مان صاف ظاهر آهي ته هو ڪو راز ساڻس لاءِ تيار آهي. ليلا هن ڏانهن نهاري ٿي.)

ڪنورُو : ڪو ڏينهن هو جو مان به راڻين وانگر راڄ ڪندي هئس ۽ هندورن ۾ جهولندي هئس... ساڻس، رات جي وقت منهنجي نَو-لکي هار جا هيرا اکين چمڪندا هئا، چرڪندا هئا جو چنڊ به اولڙي ۾ سوين ڏيئا ٻري پوندا هئا! سوين شمعون روشن ٿي وينديون هيون! اهي ڏينهن ياد ڪندي ۽ منهنجي اڄوڪي حالت ڏسي، تقدير جي تماشي تي روئي ڏيان-

ليلا : مون کي وشواس ڪونه ٿو اچي...

ڪنورُو : منهنجي ڪلهه جي اوچ تي؟

ليلا : نه، نو-لکي هار تي. اهڙو هار تو وٽ ٿي ئي نٿو سگهي.

ڪنورُو : ترس، ساڻس. ترس، هاڻي تو کي اهو هار ڏيکاريان ٿو.

(ڪنورُو جولي ۾ هٿ وجهي اندران هڪ دٻلي ڪڍي ٿو ۽ ان جو ڍڪ کولي ٿو. دٻلي جو ڍڪ کلندي ئي ڪمرو تيز پرڪاش سان ڀرجي ٿو وڃي. ڪنورُو نو-لکي هار جو هڪ هيرو ڪڍي ٿو ليلا جي هٿ تي رکي ٿو.)

ڪنورُو : ساڻس، هي ته منهنجي نو-لکي هار جو فقط هڪ هيرو آهي. ذرا سوچ، جڏهن وقت اهڙا ڪيترن هيرا، هار ۾ پوئجي، منهنجي ڳچي جو سينگار

ان طرح ڪيترو ئي عرصو
گذري ويو پر ڪنرُوءَ لاءِ
وصال جو وارو نه ورندو...
ڪنرُوءَ جي دل جي اُڏاري
وڌندي رهي، اداسيءَ جو
دُونهون وڌيڪ گهاٽو ٿيندو
ويو... وڌيڪ گهرو ٿيندو
ويو...
هڪ رات منهنجي بدقسمتيءَ
تي ڪنرُوءَ جي اکين ۾
پاڻي اچي ويو...

سڄايل سمجهه...
ڪنرُوءَ جون اداس اکيون...

چنيسر جو ڪمرو / اندر / رات

ليلا : ڪنرُوءَ، تنهنجي اکين مان پاڻي ڇو وهي رهيو آهي؟ ڪهڙو درد آهي توکي؟ ڪهڙا سُور ستائي رهيا آهن توکي؟

ڪنرُوءَ : روئان ڪونه ٿي سائڻ! راجا چنيسر جي سيج وڇائيندي چادر جي ڪنڊ وڃي اکين ۾ لڳي، سو پاڻي اچي ويو...

(ڪنرُوءَ منهن ڦيري اکيون اگهي ٿي ڇڏي.)

ليلا : مون کي ٻار ٿي سمجهين ڪنرُوءَ؟ درد جي ڳوڙهن ۽ چادر جي ڪنڊ لڳڻ واري پاڻيءَ جو فرق نه سمجهي سگهندي هيس؟ ٻڌاءِ ڪنرُوءَ، ڪهڙي

سوتر ڌار : (فقط آواز)

ڪورڙو ڪار - ڪلا جي ڄاڻو هئي. اُن ڄاڻ جي
سوني تي سهاڳي جو ڪم ڪيو هن جي جنون،
ديوانگيءَ ۽ تشنگيءَ هڪ راس بڻائي ڪورڙوءَ
چنيسر کي اهڙن نه جسماني سکن جي هندورن ۾
لوڏايو ۽ جهولايو جو هو داسڙي مان داس ٿي پيو!
شاهه لطيف اهو سڀ سمجهندي به لنوائي ويو. اُن
گهٽنا کي ئي اُڏائي ويو. هو جيڪڏهن ائين نه
ڪري ها ته هن جي سڄي روحاني اڏاوت اچي
پٽ پوي ها! پٽ پوڻ ته پري رهيو، روحاني
اڏاوت اڏجي ئي نه سگهي ها! شاهه لطيف کي،
آخر به، چنيسر مان ڏٺيءَ جو ڪم وٺڻو هو! هن
جي پنهنجي مجبوري هئي.
پر، اسان جي ڪهڙي مجبوري آهي جو روحانيت
جي هڪ ڪانپنڪ اونچائيءَ کي دنيوي ۽ جسماني
پرتڪ سکن کان ۽ لذتن کان برتر ۽ بهتر مڃون؟
شاهه لطيف جي مجبوري اسان سمجهون ٿا پر اُن
مجبوري يا تمنا کي، اسان ڇو صاحب والڪرڪاهن
تي پيا ونهندا ڦرون؟
سچ پڇو ته شاهه جي رسالي ۾ دنيوي ۽ جسماني
لذتن جي لفظي چاشني به ڪا گهٽ ڪانه آهي
۽ اها هر ڪنڊ، هر طرف کان ڪلالڪ اسه آهي
ته ڪاوڙ - ميڙ به آهي...
پر عام ماڻهن ۾ اُن ڪهاڻيءَ جو جيڪو روپ
مشهور ٿي ويو سو هي آهي!

پڄندا هوندا، ان وقت ڇا مان ستارن سان ٻرندڙ چانڊوڪي رات، ٻونر جي رات، نه لڳندي هونديس؟

(ڪنورو ڏسندي ئي ليلا جا هوش اڏامي ويا آهن. هوءَ ٻڪ ٽڪ ڪنوري ڏانهن نهاريندي ئي رهي.)

ليلا : سچ ٿي چوين ڪنورا، سچ ٿي چوان... هي چوڏس جي چنڊ جهڙو چهرو، ڳلي ۾ هيرن هيرن جو لڙو-لڙڪو هار؛ تون اڃا به چهري چهري ستارن سان ٻرندڙ ٻونر جي رات لڳندي هوندين، ٻونر جي رات!

(ڪجهه دير لاءِ خاموشي. ڪنورو آنند ۾ آهي جو نه ڪنهن بهشتي منزل بلڪل ويجهي لڳي رهي آهي. ليلا پس و پيش ۾ آهي جو نه هن کي اهو هيرو گهرجي، اهڙن هيرن جو هار گهرجي.)

ليلا : گهر جهڙو گهرڙو هجئي، مون کي تنهنجو نَوَ-لکو هار گهرجي. هن هيري سوڌو نَوَ-لکو هار.

ڪنورو : ڌن-دولت ۽ مال-متاع جي مون وٽ ڪمي ڪونهي... فقط ڇيمر سان هڪ رات گذارڻ ڏي، فقط هڪ رات...

ليلا : فقط هڪ رات؟

ڪنورو : هائو سائڻ! فقط هڪ رات.

ليلا : قبول.

ڪنورو : قبول؟

ليلا : قبول.

(ڪارو پردو جا ٻه ڪٽيا ٿي ٺڪري. پردو ڏاڍي پيار ۽
ادب سان ڪارو ءِ کي هٿ ڪان ٺڪري اُتاري ٿو ۽ ڪٽي ٿو
کي سان لڳائيس .)

نديءَ جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي ٽرال بيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته شاهه لطيف خيالن ۾ گم نديءَ جي ڪناري تي هڪ پٿر تي ويٺو آهي. هو ڪوئل ڪوئل نظرن سان لهرن ڏانهن نهاري رهيو آهي. او چهرو، هو چپن ۾ ڪجهه پڙهڻ ٿو ڪري.)

شاهه لطيف: ليلا! او ليلا!

هيئين ۾ نه گهڻو هوشيار، ڪل نه هئي ڪانڌ جي،
ٿيو پاهو موچاري ٿيان، ڪجهي پائي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نه وڻي، سڀني پڙهي سينگار،
وهم ليلي وڻجهار، دلهون ٿي ڪي داڻو.

(نديءَ جي لهرن ۾ ليلا جو چهرو ڪڏهن ڪجهه چٽو ۽ ڪڏهن ڪجهه ڌنڌلو ۽ ڪڏهن لهرن ۾ لهرائيندو نظر اچي ٿو. شاهه لطيف ٽڪ ٽڪ نگاهن سان لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ليلا جي چهري جو ڪلوز - اپ، اکين جو ڪلوز - اپ.

ڪئمرا ڪلوز ليلا جي اکين تي - اکين ۾ لرزندڙ ڳوڙها. ڪئمرا جي ٽرال بيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته، ليلا ويراڻ جي وچ ۾ اڪيلي اٿي آهي. ليلا جي چوگرد ٻاٻاڪ ڪنڊهر آهن ۽ دڙ، دُونهون ڪنهن اڻي اشر جو ڏالو ته ڪو ته آهي. ليلا غم ۽ پڇتاءَ جي مجسم لڳي رهي آهي. هوءَ لڙڪ ڳاڙيندڙ نظرن

چنيسر جو ڪمرو / اندر / ٻو ڀات

(چنيسر اڪيلو مهندو پلنگ تي اُلٽي ٿو وهي. هن جي پاسي ۾ ڪونرو سمهي پئي آهي ۽ چنيسر هن کي ليلا ٿو سمجهي؛ هن ڏانهن نهارڻ کان سواءِ ٿي آلس پٽيندو پلنگ تان هيٺ لهي جتي پالي، پاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو ته اوچتو هڪ لنوڻ آواز هن جي ڪنن تي پوي ٿو.)

ڪونرو : (مرڪندي، آلس وشواس پريل آواز ۾) ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو منهنجا پران-ناٿ! منهنجي سر جا سائين! منهنجي لئه لال کي ڇڏي؟

(چنيسر هڪدم ڇرڪي ٿو وڃي ۽ پٺ ورائي ڪونرو طرف نهاري ٿو. هن جي اکين ۾ عجب آهي)

ڪونرو : ليلا ته توهان کي نؤ-لکي هار تي وڪڻي ڇڏيو آهي!

چنيسر : تون ڪير آهين؟ اسان جي بستري تي...

ڪونرو : ليلا مون کان نؤ-لکو هار وٺي هڪ رات لاءِ توهان کي بستري سوڌو وڪڻي ڇڏيو. ڪونرو جي چند-جان جا مالڪ! هيءَ ڪرب جي ڪاتيءَ جي ڪٺل، توهان جي محبت جي ماري، توهان جي پد-ڪملن جي داسي، هڪ ته ڇا نؤ لک نؤ-لکا هار، توهان جي پيار جي هڪ گهڙي تان قربان ڪري ٿي سگهي...

چنيسر : اوهه! ته ليلا مون سان دوکو ڪيو! جنهن تي مون وشواس ڪيو، ان مون سان وشواس-گهات ڪيو! سو به هڪ معمولي هار تي هرکمي! ليلا! ٺڳي ڇڏيو، ڪٺي ڇڏيو - اسان کي تنهنجو جسم ڪٺي ڇڏيو..

ليلا : اچي سار لهيج،
ساجن! سور تماري آئون ماري!
اچي سار لهيج.
١- سور تماري جي موان،
تان مون ڏوهه م ڏيج!
اچي......
٢- ٻانهن ٻري هٿڙا،
دارون دوست ڪريج!
اچي......

(ليلا فرش تي اکيون ٻوري ويٺي آهي. هڪ طرف کان چنيسر اچي ٿو ۽ ليلا جي پٺيان اچي بيهي ٿو. ليلا اکيون کولي ٿي ۽ اٿي ٿي چنيسر جا پير ٻڪڙي.
شاهه جي چهري جو ڪلوز-اپ، اکين جو E.C.U.)

شاهه لطيف: ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سئي ساهه! مهن، سئي راحت روح جي!

(ڊزالو - سنگيت. ليلا شاهي ڪپڙي ۾ چنيسر جي سامهون ٿي عاجزاڻي نوع ۾ ٻاڏائي رهي آهي.)

ليلا : ورسيا ويڄ وڻجارا!
دل ۾ درد ٻران جو!
ورسيا ويڄ وڻجارا!
١- آئو وڻجارا م وڃو، وڃو ٻب ڪٽي،
ڪي ڏيندا ٻاجهه جي، آيا سور ڪٽي،
آيا جي جڳهارا،
دل ۾ درد ٻران جو!
ورسيا......

(سنگيت ۾ ڦيرو)

سان هڪ طرف وڌي رهي آهي. شاهه لطيف جا بيت اوور لئپ
ڪن ٿا.

بيت (زناني آواز ۾):

اوڳڻ ڪري اوٿار، تو در آيس ڏاترا!
جنين تو رس سندو روح ۾،
تهين مون پٺي ناهه نهار!
سائين لڳ ستار، ميٽ منداڻون منهنجون.

(ليلا اڳتي وڌندي ٿي وڃي.)

جي مون موڙهي مت، ته، تون ڄاڻ سڄاڻج سپرين!
اصل اوائن جا، عيب ڍڪين تون امت،
اي، ڄار! لڳهڻي ڄمت، جنن ولهون ڍڪين، ولها!

(ليلا دور، ٿيندي ٿيندي ڌنڌ ۾ غائب ٿي وڃي ٿي.)

شاهه جي اکين جو E C.U هو ڪاليڪ درشيه ٽيڪ ۾ مڪو آهي.
نرتيه سنگيت اوور لئپ ڪرڻو.

چنيسر جي تصوير جو ڪلوز اپ

هڪ شاهاڻو ڪمرو - فرش تي ڳاڙهي رنگ جو غلم وڇايل آهي.
ليلا ڏردو غم جي تصوير بڻجي غلم تي اڪيلي ويٺي آهي.
ڪمرو بلڪل خالي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڏهن ٻرندي مان،
ڪڏهن آئيني مان، ڪڏهن ڪٿ مان چنيسر جي صورت جهلڪ
ڏيکاري غائب ٿي وڃي ٿي. چنيسر جي جهلڪ ليلا کي ڄاڻ وڌيڪ
اضطرار ڪري ٿي ڇڏي.
سنگيت جاري آهي.)

اڃان ليلا جو چهرو گهونگهٽ ۾ ڍڪيل آهي.
ڍول ۽ گيت شروع ٿئي ٿو.)

ليلا : دوس منهنجي گهر آيو،
ٿيو ملڪ جو ساعو!
دوس ...
١- ڏينهن ڀڄائون آئي اسان کي
مولي محب ملايو!
دوس ...
٢- ويو وڇوڙو، ٿيو ميلاپو،
واحد واڳ ورايو!
دوس ...
٣- هو جنهن جو ڏس ڏوراڻو،
اوڏو اڄ سو آيو!
دوس :
٤- عبداللطيف چئي اڄ عجيبن،
ڀاڳ فضل فرمايو،
دوس ...

(ليلا مجنون حالت ۾ رقص ڪندي ٿي رهي. منهن اڃا به ڍڪيل اٿس. رقص ڪندي جڏهن ٿي هر ڀيري چنيسر جي ڪڇ، ويجهو ٿي اچي ته چنيسر کڻي ٿو ليلا جو هٿ پڪڙي ۽ ڇڪي پنهنجي ويجهو آڻيس.)

چنيسر : اي نازنين پنهنجي ماهتابي مکڙي مٿان گهونگهٽ هٽائي نوراني جلوه ته ڏيکاريم.

(ليلا هٿڪري کڻي ٿي گهونگهٽ هٽائي. ليلا تي نظر پوندي ئي چنيسر جي دل تي اهڙي ته چوٽ ٿي لڳي جو اُتي ئي دم ڏيئي ڪري ٿو پوي. حال ٿي اهو ڏسي ته ليلا به بيهوش

ليلا : ڳيڙهو ٿيس طبيب،
دارون منهنجي درد جو!
ڳيڙهو......
١- پکي ڏيندم پاڻهه جي، اڃي ڪال ڪجيب.
ڳيڙهو......
٢- لڳان اڃي لساڻ ڪري، سڀڪو غرور خراب.
ڳيڙهو......
٣- ڏ ڪيڏو سڀو ٿي ڏور ڪري، منهنجون تن طبيب
ڳيڙهو...
٤- اڏيون عبداللطيف چئي، هاڻڪ آه حبيب
ڳيڙهو...
(ڏرڻو - چنيسر جي ليلا ۾ داخلي وقت.)
شاهه لطيف جو مقبرو شامل)

شاهه لطيف: منهنجو سڄڻ لاشڪ ماهر و يچ آهي... سالن سدا سڄڻ ۾ هڪ لهظي ۾ لاهي، منهنجو آلهه اهڙو آهي.
(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ.)

شهر جو ٻاهريون حصو / ٻاهر / شام

(لانگ شاٽ. شهر جي ٻاهران ڪڙو ڪمل ۽ شاهاڻي طرز تي سان سينگاريل هڪ شاهي شاميانو. مکيه رستي تان ليلا ۽ سندس ساهيڙيون نچنديون ٽپنديون شاميانې طرف وڌنديون ڏسڻ اچن. شاميانې ۾ اندر محفل لڳي ٿي آهي جنهن ۾ محفل جو مور ڀاڱو چنيسر هڪ شاهي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي.
ليلا ۽ هن جون ساهيڙيون نچنديون ٽپنديون محفل ۾ داخل ٿين

ڪهاوت، ڪافي رسم، ڪافي عادت، ڪوئي ڊر، شيء، ڪوئي ويهم - وشواس، اهي سڀ ڪافي هوندا هئا شاهه لطيف جي ڪلپنائن کي آڪاش ۾ اُڏائڻ لاءِ يا پاتال ۾ اونهو وڃڻ لاءِ! اهڙو سمويدن - شيل ۽ ڪلپنا - شيل ڪوي جي پنهنجن ايتن کي آيتون يا منتر ڪوٺي ته، ته ان ۾ هو سؤ في صدي حق ۾ جانب آهي.

جي تو ڀانءِ ڀانيان،
سي آيتون آهن......
(ڪجهه پل شانتي)

سنڌ جي ارهڻ سمراٽ چچ جي زماني کان وٺي سمن جي حڪومت تائين ڪراچي ۽ جو لاڙ وارو ڀاڱو واپار ۽ هنرن سبب ڪافي مشهور هو. اڳاڻي وقت جا هاڪارا بندر جهڙوڪ ديبل بندر ۽ لاڙي بندر به ان طرف ئي هئا. اهو هڪ هاڪارو بندر جيڪو خود شاهه لطيف جي ڏينهن ۽ وڻج - واپار جي وکر سان ڀرپل، ڇڏي ڏور وڃي رهيو آهي.

وڻجارن جون استريون دريا جي ڪناري تي ويهي امرلال جي پوڄا ڪري رهيون آهن ۽ پاڻيءَ ۾ اکا ڪو جهي رهيون آهن.

شاهه لطيف جي تصوير...

لاڙ جي سرزمين جا نظارا...

ٿي چنبڙ جي ٻرسان ٿي ڪري ٿي ٻري ۽ ٻران ٺهائي ٿي.

شاه لطيف (اکيون اگهيندي)

ٿڙڪي اسي ٿو ڪڇ، ٿو ڪي ٺڪر ۾ اچي…

(ڪجهه دير ترسي)

پاٽان ڌار پراڻا، ڪالڻ ڪنهنجو نه وٽي…

(شاه لطيف ڪٽي ٿو اکيون بند ڪري)

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاه لطيف جي دل ۾ عشق،
درد ۽ روحانيت جو سمنڊ
سدائين پيو ڇوليون ماريندو
هو ۽ سندس مستڪ ۾
ڪلپنائن جو ڇوڏسي چنڊ
چوويهه ئي ڪلاڪ ۽ ٻارنهن
ئي مهنا پيو چمڪندو هو.
شاه لطيف کي فقط ڪنهن
ڀالي يا ننڍڙي سهاري جي
ضرورت هوندي هئي. بس،
پوءِ ته ... ولي ... ٻيڙيان
ڪندو هو.
ڪائي ننڍڙي ڪهاڻي، ڪائي

درشيه

شاه لطيف جون جدا جدا
تصويرون.
سمنڊ - اٿاه سمنڊ
آسمان ۾ ڪڪرن ڇوڏس جو چنڊ
چنڊ جون ڪرڻيون سمنڊ ۾
جي طوفان آڻي ڇڏين.

ننڍڙو ٿان هڪ جهاز، وڻهارن

ڪارو سمنڊ جهاڳيندڙ ونجارا
سنڌو نديءَ جي مٿي ٻاڙيءَ
رستي موٽيا آهن-
ٻاڙيءَ جون اهي ٻڌي جيسون
يعني ڪارو ٻاڙي ۽ مٺو ٻاڙي
ڪراچيءَ جي لاڙ واري ٻاڳي
۾ ئي فقط ملن ٿيون-
(ڪڇ ڀل شانتي)

عربي سمنڊ ۽ سنڌو نديءَ جا
ڪڇ، درشيہ.

•

شاهه جو رسالو سفرنامو ناهي، ڌارمڪ گرنٿ ناهي، نيتي-شاستر ناهي، درشن-پستڪ ناهي، پرچار جو ساڌن ناهي، ۽ نه ئي ڪويءَ جي ڪاويه-ڪلا جي شڪتين جو ثبوت ڏيڻ اُن جو مقصد آهي... رسالو تہ هڪ سچي انسان جي دل جي اندرين تهن جو چٽر آهي.

شاهه جو رسالو ڏيکاريو وڃي ٿو.

تنتر-شاستر چوي ٿو: ڪام رستي ئي آڌياتمڪ اوچ پد پراپت ٿي سگهي ٿو، سماڌي واري استٿي اتي ئي سگهي ٿي... صوفي-پريم مارگي چون ٿا: عشق مجازيءَ مان ئي عشق حقيقي پيدا ٿئي ٿو.

ڪجراهو جي هڪ تصوير-سالمت چٽ سان مٿين-ڪرپا ڪندڙ جوڙي جو درشيہ.

مجذوب حالت ۾ رقص ۾ مست صوفي.

۾ ئي زور هو ۽ جنهنڪري هتان
غلام شاهه ڪلهوڙو پنهنجي
لاءِ پنهنجو "شاهه بندر"
ڪوٺيءَ ۾ فخر محسوس
ڪندو هو ۽ جڏهن بندر تان
جهاز به هلندا هئا، اهو "شاهه
بندر" ۽ ڪراچيءَ جي لاڙ
واري پاڳي ۾ هو.

"شاهه بندر" جو نظارو.

شاهه لطيف جي رسالي جا ٻه
سر: سر سريراڳ ۽ سر
سامونڊي پڙهندي اها حقيقت
صاف ظاهر ٿي ٿئي ٿي ته
شاهه صاحب جوڳين سان گڏ
ڪراچيءَ جي لاڙ واري پاڳي
جو چاهي آس-پاس جي
بندرن جو چڱو چوکو سير سفر
ڪيو آهي ۽ سندس ڪلام
جي چند رما سندس دل جي
جذبات جي سمنڊ ۾ بيشمار
ڇوليون اٿاريون ۽ اڀاريون
آهن!

انهي سرن جا عنوان ڏيکاريا
وڃن ٿا.

شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
بندرن جو سير ڪري رهيو
آهي.

شاهه لطيف سر سامونڊيءَ جي
داستان ٽئين جي پڇاڙيءَ ۾ چيو
آهي:

ڪاري ڪنڌاٺو،
مٿي منهن مونا...

سا سڀ ساريائون، الف جنهنجي اڳ ۾،
" لا مقصود في الدارين"، ان کي اُٿائون،
سيکر سونائون، ٿيا رسولا رحمان سين.

شاھ لطيف ھڪ پانڌي ھو.
پنڌ - راھ تي ھلندي ھلندي
وڃي رُوحاني - راھ تي پهتو.
عشق الاھ ۾ انڌاھي ويو.
اھا وڃڻ پانڌيا ڪندي ڪندي
شاھ جي من ۾ جهڪي اٿي
پانڌائون آيون، جهڪي اٿي
خيال آيا اُهي ئي رسالي جا
ابيات اُٿيا ۽ انهن مان آيتون
پڙهي ويون !

٣

شاھ بندر / پاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاھ لطيف جي چهري تي. ڪئميرا جي پوئتي هٽڻ تي اسان ڏسون ٿا ته شاھ لطيف ۽ مهايوگي پروانڪ اندر تي چهل قدمي ڪري رهيا آهن. دُور دُور تائين ساگر ڦهليو پيو آهي. ڪناري وٽ ڪجھ ٻيڙا ۽ ڪجھ ننڍا جهاز نظر اچي رهيا آهن. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. هن وقت هنن سان گڏ ٻيو ڪولي ۽ جوڳي ڪونه آهي. پروانڪ ۽ شاھ اڪيلا آهن.)

شاھ لطيف: چمڪندڙ ڪسي ڏٺي جي روپ ۾ لاش ڪرڻ سان

انساني ڌرم ۾ ئي ٻڌلجي
ايشوري ڌرم جو روپ ڌارڻ
ڪري ٿو...

هڪ سوال:
ڇا انساني ڌرم ۾ ڪام
شامل ناهي؟

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف جي تصوير...

شاهه لطيف وٽ ڪوئي سلسلو
ناهي- سلسلو ٿي به ڪو نه
ٿو سگهي. سلسلي جو مطلب
ٿي آهي- اول ٿي طئه ٿيل
ڳالهيون. شاهه جي زندگي،
۾ ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه
هو. ڪجهه به طئه ٿيل هجي
ها ته هو مهاڪاوي لکي ها،
کنڊ ڪاويه لکي ها يا
"مهاڀارت" ۽ "رامائڻ" جي
طرز تي "ڪربلا" جي ڪٿا
ڪٿي هڪ مهاڪاوت جي رچنا
ڪري ها. پر شاهه وٽ ته
ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه هو.
هن ته پنهنجي سڄي هستي،
سڄو وجود هڪ اڪال پرش
الله جي حوالي ڪري ڇڏيو
هو!

ڪوئي گدا هجي يا غني، مالڪ هجي يا غلام سڀ
هڪ ئي صف ۾ بيهندا آهن، هڪ ئي طريقي سان
سجدو ڪندا آهن...

پروتڏات : جي ائين آهي ته ارڏون ڪري اعتراض ڇو آهي
هڪ سيد کي پنهنجي نياڻي ڏيندي؟ برابري هڪ
اصول آهي جنهنجو عملي روپ آهي روٽي - بيٽي
جو رشتو.

(شاهه لطيف جو منهن ڪجهه لهي ٿو وڃي. پروتڏات ڏسي ٿو
وري. هو هڪدم اٿي ٿو شاهه لطيف جي ڪلهي تي هٿ رکي.)

پروتڏات : پيارا لطيف! انساني من هاٿيءَ مثل آهي جنهنکو
سدائين هدايتون وٺندو آهي. هنن هدايتن جو
مطلب امرتا ناهي پر نچتا ۽ سوارٿ آهي. اوتار
۽ پيغمبر ڪهڙا به اصول ڏاهي وڃن پر انساني من
جو شيطان پنهنجا سوارٿ ۽ مطلب پورا ڪرڻ لاءِ
ڪوئي نه ڪوئي رستو ڳولهي ئي وٺندو. انساني
سڀاءُ ۽ حالت چلت تي نه گهڻو سوچ ۽ نه گهڻو
پريشان ٿيءُ. دنيا کي پنهنجي ڍنگ هلڻ ڏي تون
پاڻ کي مٿي چاڙهيندو وڃ.

(ائي ڪجهه دير چپ چاپ هلندا ٿا رهن.)

پروتڏات : اسلام جي مطابق الله هڪ آهي ۽ توهان سڀ
مومن بندا آهيو. توهان سڀ هڪ ئي وڏاڻ ۾ شامل
آهيو - بندا ۽ ڀاڳ. ان ڪري توهان ۾ اصولاً
برابري آهي. پر هندن سان ائين ڪونهي. اسان
وٽ چار ورڻ آهن ۽ ڇٽن ڪسي ڇٽن هزارن ۾
ونڊيل انساني من جي شيطان لاءِ هڪ معمولي
ڳالهه آهي...

ڪائي اُڃ اُٿندي ڇا سوامي جي؟

(پروهتانند شاهه ڏانهن نهاري فقط مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: ڏٺي به ته پرسانو ٿي ٿو سگهي- ڏٺيءَ کي ڪبر ۽ اڀمان کان سخت نفرت آهي. ڏٺي ڪڏهن به اهو پسند نه ڪندو ته سندس پوڄاري ڪو دنيوي پدارٿن تي دل هڻائي ...

پروهتانند : سوال به پاڻ ٿو ڪريان ۽ جواب به پاڻ ٿو ڏيان پت لطيف! هندن جي وچارڌارا ته اها آهي ته هي سڄو برهمانڊ پرماتما جو روپ آهي. جڏهن سڀ ڪجهه آهي ئي پرماتما ته پوءِ ڇنيسر ته ڇا تون ٺڪر- پٿر کي به پرماتما چئي ٿو سگهين. سڀ گڻ-دوش، آڪار-پرڪار هن جا ئي آهن. هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه.

شاهه لطيف: منهنجو پاڻ وحدت الوجود ۾ پڪو آهي- ويدانت جي فلسفي ۾ مان سچائي ڏسندو آهيان... پر هڪ ڳالهه مون کي سمجهه ۾ ڪو نه ايندي آهي. توهان هندو ادويت ۾ وشواس رکندي به ذات-پات ۽ اوچ-نيچ جو ڀيد ڇو رکندا آهيو؟

(ڪجهه دير پئي چپ چاپ هلندا رهن ٿا)

شاهه لطيف: اسلام ۾ ته پاڻ دوئيت واد آهي. الله الله آهي بندو بندو آهي. قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته فاذ ڪروني اَذ ڪر ڪم- ياد ڪريو مون کي ته ياد ڪريان توهان کي. يعني الله ۽ بندو ٻه جدا هستيون آهن- هڪ نه آهن. لا تقنطوا من رحمة الله يعني الله جي رحمت مان اميد نه لاهيو. ان مان به ثابت ٿو ٿئي ته اسلام ادويتواد ۾ وشواس ڪونه ٿو رکي. پوءِ به اسان مومنن ۾ اوچ-نيچ ڪانهي.

ٿو چوي ٿو:
جڏهن ڪريان ٻُڌڪ، تڏهن صاحب سامهون!
پٽ لطيف! تون جتي ويهندين اُن پڊ، اُن مقام ٻاهت
هن وقت تون ڪاپڙا ٻه ٽه ڪري سگهندين.
(پروهت جي تصوير اکين جو ڪلوز - اپ)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ ٺٽو ٺٽو هو. اَن - ڌن سان ڀريل هو، شور - شرابي سان ڀريل هو، عاليشان عمارتن سان ڀريل هو، حسين ۽ دلڪش نظارن سان ڀريل هو. ٺٽو، واپار جو ٺاٺ مرڪز هو.	هوائي شاٽس. ٺٽي جو شهر ڏيري ڏيري ويجهو ايندو ٿو وڃي.
سڀ کان وڏي ڳالهه ته ٺٽي ۾ وڏا وڏا عالم ۽ عارف مقيم هئا. انهن مان ڪيترن سان ئي شاهه لطيف ۽ جوڳين جون ملاقاتون ٿيون ۽ روحانيت تي خيالن جي ڏي - وٺ ٿي.	مسلم عالمن سان شاهه لطيف ۽ جوڳين جي ملاقاتن جا ڪجهه شاٽس.
ٺٽي جي عالمن ۽ عارفن مان مخدوم معين جو هتي ذڪر	مخدوم معين ڪنهن ڪتاب جي ورق - گرداني ڪري

پر لطيفا، قرآن شريف ۾ ضرور اهڙا ڪي اشارا هوندا جن جو سهارو وٺي صوفي اڳتي وڌيا آهن ۽ ادويت برهم تائين اچي پهتا آهن.

(شاهه لطيف ڪجهه دير سوچي ٿو.)

شاهه لطيف: ڪجهه آيتون ته هن وقت به منهنجي خيال ۾ اچي رهيون آهن...

هڪ هنڌ فرمايو ويو آهي:

مارأيت شيئا" الا ورأيت الله.

اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو حسن نه ڏٺم.

پروتفات : اشارو ڪافي چٽو آهي... اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو حسن نه ڏٺم. هڪ قدم اڳتي وڌندين ته چوندين: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو روپ نه ڏٺم، الله جو ديدار نه ڪيم ۽ لطيفا! آخر ۾ ڇا چوندين؟

شاهه لطيف: آخر ۾ چوندس: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله نه ڏٺم...

پروتفات : درشن جو چڪر انهن تي هليو اچي...

(پنهي جي چهري تي آزاد مرڪ نمودار ٿئي ٿي.)

شاهه لطيف! پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب، پاڻهين عاشق خوب، پاڻهين طالب تن جو.

پروتفات : واهه!

شاهه لطيف: پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين، هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

پروتفات : جواب ناهي. پر بهت، تنهنجي هڪ سٽ مان جيون-ڀر نه وساري سگهندس. ياد اٿيئي هڪ ڏينهن

ڪلام - پاڪ ۾ موجود آهن. جيڪي شخص انهن ٽا سمجهن ٿا تہ تصوف ڪتان ٻاهران اڌارو ورتو ويو آهي، اهي عظيم غلطي ڪن ٿا.

شاهہ لطيف: صوفي اناالحق جو نعرو ٿا هڻن، پاڻ کي بندو نہ مڃي حق ٿا مڃين. ڇا ان کي اسان ويدانت جي هڪ سوتر ”اهم برهماسمي“ تان کنيل يا ورتل نٿا مڃي سگهون؟

مخدوم : لطيف، جي انهن سوچيندين تہ ڪٿي بہ نہ پهچندين. لفظن کي ڪائي معنيٰ ڪونہ آهي، ڪائي اهميت ڪونہ آهي. اصل چيز آهي اندر جي روشني، اندرين سفر جا تجربا ۽ روحانيت جي آسمان ۾ تصور جو پرواز. جي الله هڪ آهي ۽ هن ٽائين پهچڻ جا رستا علحدا علحدا آهن تہ سطح تي مونجهارا اٿيا ئي آهن. پر هڪ ڳالهہ طئہ آهي تہ آخرين آزمودا هر هڪ سالڪ جا ساڳيا ئي هوندا. پوءِ چاهي انهن جو بيان هن ڪهڙن بہ لفظن ۾ ۽ ڪهڙين بہ علامتن جي سهاري ڪيو هجي.

شاهہ لطيف: ساڳي ئي مشڪلات وحدت الوجود جي باري ۾ بہ پيدا ٿئي ٿي.

مخدوم : ڪجهہ مشڪل ناهي، ڪائي ڏکيائي ناهي. مشڪل فقط اها آهي جو انسان پنهنجي دائري کان ٻاهر نہ ٿو نڪرڻ چاهي. انسان لاءِ دائري ۾ بند رهڻ ڏاڍا سهوليت ڀري آهي. پڃري ۾ بند ٿيل پکيءَ جهڙي حالت آهي انسان جي من جي. دائري کان ٻاهر نڪري هو خطرا کڻڻ نہ ٿو چاهي. دائرن ۾ سهوليت بہ آهي، سلامتي بہ آهي ۽ پڌرائي ـــ

ڪرڻ تمام ضروري آهي
ڇو ته هن ودوان سان شاهه
لطيف جا وڏا ۽ لمبا بحث
ٿيا هئا تصوف تي ۽
روحانيت جي راهه ۾ ايندڙ
رڪاوٽن ۽ اذيت آميز تجربن
۽ آزمودن تي!

رهيو آهي.
مخدوم معين ۽ شاهه لطيف
هڪ ٻئي جي سامهون ويٺي
ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن.

ٽيو / مخدوم معين جي اوطاق / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز ڪتابن جي هڪ قطار تي. ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته ڪيترائي ڪتاب ديوارن ۾ لڳل ڪاٺ جي قطارن ۾ پيا آهن. اها مخدوم معين جي اوطاق آهي. اوطاق جي هڪ طرف مسند پيو آهي جنهن تي غلم وڇايل آهي ۽ آس پاس ڪجهه طول وهاڻا پيا آهن. مسند تي طول وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي مخدوم معين ويٺو آهي. چهري تي ننڍي ڏاڙهي ۽ مڇون اٿس. هن جي اکين ۽ پيشانيءَ مان علميت ۽ ذهانت جا لڇلا اڀري رهيا آهن. هن جي سامهون ئي شاهه لطيف ويٺو آهي. ٻئي روحانيت ۽ تصوف بابت گفتگو ۾ محو آهن. اوطاق جي هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جو گهڙو پيو آهي ۽ ان جي پاسي ۾ لوٽي ۽ ڪجهه گلاس پيا آهن. اوطاق ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪجهه مڙهيون به ٺهيون آهن.)

مخدوم: تصوف اسلامي اخلاق جو جوهر آهي، ست آهي، سار آهي. تصوف جا ارڪان، صوفي مت جا پنج

چو ته هو بيمثل آهي، بيڪا ۽ يگانا آهي. هن جهان ۾ اسان جو ڪجهه ڏسون ٿا اها ڪثرت وحدت مان ئي وجود ۾ آئي آهي. اها گهٽائي هڪ ڏٺي، جي هيڪڙائي آهي... ٻيو ڪجهه به ناهي.

شاهه لطيف: وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي ۾ ٻول،
هوءَ هلاچو هل، لا الاه سندو سڄڻين.

مخدوم : بلڪل ائين... هوءَ هلاچو هل،
لا الاه سندو سڄڻين!... سچ چئو اوهين ته عالم فاضل جيڪو چاهن ٿا، صوفي سو ڏسي ٿو. هڪ سچي صوفيءَ جي سڄي هستي هڪ چشمو - وا آهي، ڪامل اک آهي.

شاهه لطيف: جي ڏٺي ونهن اقرب- تنهن کان ته و پڇهو آهي ته چا هن جي جوڙيل ڪائنات نظر جي دائري کان ٻاهر ٿي ٿي سگهي؟ جن وٽ اک آهي انهن لاءِ ڪجهه به ٻاهري ۾ ڪو نه آهي. سائين، سڀ ڪجهه سچو تماشو اکين جي سامهون ٿي ته ٿي رهيو آهي.

مخدوم : ڏينهن رات، هر پل.

شاهه لطيف: هائو سائين، ڏينهن رات-هر پل.

ٿلو / ڌرمشالا جو ڪمرو / اندر / رات

ڪئمرا ڪلوز اپ تماشا جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪئمرا جي ٽل ٿيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته

ملي ٿي. دائرا لتاڙي ٻاهر نڪري معنوي دنيا جي
سامهون سينو تاڻي بيهي، لطف، اهڙي همت،
جرئت (ڪجھه مرڪي) يا حماقت تمام گهٽ ماڻهون
ئي ڪري سگهندا آهن.

شاه لطيف: مان خود وحدت الشهود کان وحدت الوجود ڏانهن
وڌيڪ مائل آهيان. مڪمل ڪائنات ۾ فقط الله
ئي موجود آهي. هر شيءِ الهي، مان آهي ۽ الهيءَ
۾ آهي. ان فلسفي کي دل مڃي ٿي، دماغ مڃي
ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته روح ۾ هڪ قسم
جي لرزش پيدا ٿئي ٿي...
وحدت الشهود جو فلسفو منهنجي طبيعت سان
ميل نٿو کائي. اهو چوڻ ته جيتوڻيڪ اسان
هر شيءِ ۾ واحد جي موجودگيءَ جي شاهدي ڏيون
ٿا، پر حقيقت ۾ اها موجودگي آهي ڪونه،
ڪجھه ٻڌڻ وارو نه ٿو لڳي.

(مخدوم ڪجھه دير سوچيندو ٿو رهي.)

مخدوم: هون اون اون اون! وجود حقيقي هڪ آهي فقط
الله ئي موجود آهي. ٻيو ڪجھه به نه آهي...
موجون ۽ لهرون ٺهنديون رهنديون پر سمنڊ قائم
دائم رهندو. الله به هميشه کان آهي ۽ هميشه
رهندو...
هون اون اون اون! جيڪڏهن هن کان سواءِ ٻيو
ڪو وجود تسليم ڪيو ويندو ته — وجود حقيقي
نه واحد رهندو ۽ نه ئي لامحدود رهندو. هوءَ ئي
عالم تنزل ۾ موجود آهي ۽ هوئي عالم تشبيهه ۾
به جلوه گر آهي. هو حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي

پڙهي رهيا آهن.)

پروتنات: ههڙيون سڀ جيسار ساڪشي - ٻاوَ سان ڏسندين، لڳو پر ڏو پيٽ - ٻاو هوندو. تون ۽ جيهڙڪي تون ڏسندين آهي ٻه هوندا ۽ انهن کي جوڙيندڙ هوندو درشن. درشن يعني ڏسڻ جي ڪريا، ڏسڻ جو ڪم.

(ڪجهه دير شانتي.)

پروتنات: پوءِ، ٻت لطيف! هڪ وقت اهڙو به ايندو جڏهن تون، نظارو ۽ ڏسڻ ٽيئي هڪ ٿي ويندا. ڏسندڙ، ڏسڻ ۾ ايندڙ شيون ۽ ڏسڻ جو ڪاريه الڳ نه رهندا، پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا. اهو ئي آهي ادويتواد جو رهسيه. اها ئي آهي اها حالت جنهن کي صوفي وحدت الوجود ٿا چون.

شاه لطيف: (مرڪندي) سوامي جي، هڪ فلسفي طور ته اهو سڀ ٺيڪ آهي پر حقيقت ۾ ته سوامي جي سوامي جي آهي، لطيف لطيف آهي ۽ ڪمل ناٿ ڪمل ناٿ آهي.

پروتنات: لطيف، تنهنجي شرارت سمجهان ٿو. حقيقت ۾ تون جيڪو ڪجهه ڏسي رهيو آهين، ٻڌي رهيو آهين، چئي رهيو آهين، اهو سڀ مايا ته آهي. مايا ئي نه آهي: هن هڪ پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪو ئي هستي آهي به ڇا؟

(شاه لطيف مرڪي کڻي ٿو سر جهڪائي)

پروتنات: هڪڙي ڀيري ادويتواد جو پرچارڪ سوامي شنڪر آچاريه پنهنجن ششن سان گڏ هڪ سوڙهي گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هو. اوچتو پل جي سامهون واري پاسي کان هڪ مست هاٿي ايندو نظر آيو. شنڪر آچاريه هڪدم رڙ ڪري ششن کي

پروتناٿ شاهه لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪمرا ذري ذري ٻوٽي ٿيندي ٿي وڃي ۽ اسان جي سامهون ڪنهن ڏسمالا جو هڪ وڏو ڪمرو آهي جنهنجي بناوت مستطيل قسم جي آهي. فرش تي فراشون - ٽڏا وڇايا پيا آهن جن تي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف جدا جدا مدرائن ۾ ويٺا، اڌ - ليٽيا يا ليٽيا پيا آهن. ڪمري ۾ ڪجهه جارا آهن جن ۾ ڏيئا ٻري رهيا آهن ۽ انهن جو ڌنڌلو پرڪاش انساني پرڇانون کي لرزائي رهيو آهي. جوڳين جي هاؤ - ڀاؤ مان لڳي رهيو آهي ته ٽڏن ۽ فراشن تي ليٽڻ هنن لاءِ نه فقط نئين ڳالهه آهي بلڪ ڪجهه ڪجهه پريشان ڪندڙ به آهي.

مستطيل ڪمري جي سامهون واري لنبي ديوار سان وڇايل فراشي تي پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن. هنن جي پاسي ۾ ئي ڪمل ناٿ ۽ هڪ ٻيو جوڳي به ويٺو آهي.

پروتناٿ : ڀٽ لطيف! مخدوم سائينءَ جو اڀياس به گهرو ٿو لڳي. وحدت الشهود اٿئي ساڪشي - ڀاؤ. ٻوڪ - ساڌنا ۾ ساڪشي - ڀاؤ جو وڏو مهتو اٿئي. هن مايا وي جڳت جي مٿيا ۽ ڪوڙاڻ ثنن کي پنهنجي اکين جي سامهون پاڻيءَ جي لهرن وانگر وهندو ڏس. ان وهڪري ۾ پنهنجي من کي، پنهنجي چت جي ورتين کي وهڻ نه ڏي. هن مٿيا ۽ مايامه سنسار جو ڏاهڊ - ماتر ٿي رهه. ڏس، لڳ نه. اهو جي ساڪشي - ڀاؤ سان سنسار جي وهڪرا کي ڏسڻ سکي وٺين ته پوءِ تنهنجي لاءِ ڪجهه به ڪرڻ ۽ ڪجهه به ٿي وڃڻ ناممڪن نه ٿيندو.

(شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ڌيان سان ٻڌندڙ پروتناٿ جا وچن

هو. واپار، مال جي روانگي ۽ ڌن - دولت جي آمد هتان جي ماڻهن کي ايترو ته ان-ڌن سان ڀرپور ڪري ڇڏيو هو جو انهن تي ٻهاڪا ۽ کهاوتون به جڙي ويون هيون.

مکهڙائن جي ٻرپان رڙهيءَ ٺالي هڪ چوڻي هو. هاڻي ته اُتي فقط دلال قبا تي ڏسڻ ۾ ايندا. پر شاه لطيف جي وقت ۾ ان رڙهيءَ جا واپاري ايتري قدر شاهوڪار ها جو هاڻي ان طرف اڀنگا-ٻنگا خرچ ڪندو آهي ته چوندا ٿي اٿس: اڙي ڏون ته ڪو رڙهيءَ جو شاهوڪار ٿو لڳين!

شاه لطيف سر سريراڳ جي داستان ٻئين ۾ لکيو آهي:

ڦوڦل، ڦوڻا، ٻارچا، ٻاڻيڪ ٻاناڻون،
ڪوڙيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪائون،
لاڄون منجهه، لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ جام جو، چڙهندي چاڙهائون،
جي جوهي جوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين!

— ۽ سر سامونڊيءَ جي داستان ٻئين ۾ شاه لطيف لکي ٿو:

سڙهه لئي سڀائون، اندر جن اڙين تي،
مال مهانگا خريون، ٻيڙي ٻوڙيائون،
سڙهه سونياڙون، اوڙڙ ڪنهن ته اوليا.

درياهن ۽ سمنڊن شاه لطيف جي دل کي چڱو ئي ڇڪيو ۽ ڌوڏيو هو. اهي ٻئي سر - سر سريراڳ ۽ سر سامونڊي ان جو ثبوت آهن. انهن ٻن سرن ۾ شاه لطيف سنڌ جي ان ڀاڱي جي ڄڻ ته زنده تصوير اسان جي سامهون پيش ڪئي آهي. ان کان

ڪوڙ - مڙو ۽ ٻڌو.
ٻڌندي ٻڌندي هڪ شش جڳت-گرو کان پڇيو -
سوامي جي، هي سڄو سنسار ته مايا آهي پوءِ پڇون
ڇو؟
جڳت گرو شنڪر آچاريه چيس: مورک، اسان جو
پڇڻ به ته مايا ئي آهي.

(سڀني کان ٺهڪ نڪري ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: سوامي جي! روحانيت ۾ به چالاڪيون ٿينديون آهن
ڇا؟

پروهت: پاڻ سمجهه ٻچا!

سنڌو درياهه / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. سنڌو درياهه چوليون ماري رهيو آهي. تمام پريان هڪ ٻيڙو تردو نظر اچي رهيو آهي. ڪئميرا ڌيري ڌيري درياهه ڪنڌي ڪور ڪندي ٻيڙي جي ويجهو ايندي ٿي وڃي. هاڻي اسان چٽيءَ طرح ڏسي ٿا سگهون ته ان ٻيڙي ۾ پروهت، جوڳي ۽ شاهه لطيف سوار آهن. پروهت ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي ڀرسان ويٺا آهن.
سوتر ڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

سوتر ڌار: شاهه لطيف مهايوگي پروهت ۽ جوڳين جي جٿي سان گڏ ٺٽي وٽان سنڌو درياهه وارو وهڪ اڪري سجاول ۽ مکهر پاڻ تعلقي جتيءَ ڏي وڃو. شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هيءَ ٻاڳو جهڙي پارس

(پڙو اڳتي وڌندو اُسو رهي. جوڳي جدا جدا آڏاڻن ۾ لڳا پيا آهن.)

شاهه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي): انسان جا اهي ناٽڪ ۾ ڪيڏو جنون لــا طلبن ۽ ڪيڏيون قربانيون ڏا گهرن ... تهه سياري جـي ڪاري رات، ڪاري آسمان مان وسندڙ ڦهري مينهن، ڪهڙو گهڙو! آها گهاٽي نينهن جي ديوانگي ٿي هئي جنهنجي آسري. سهڻي پنهنجو پاڻ ڪٽي تڪيءَ وهڪ ۾ اُڇليو ... هلو ته پيون سهڻي، جا ڪر جاڳي نينهن!

پروتمات : ديوانگي ته صوفين ۾ به هوندي آهي. سنگيت جي لهرن ۾ جهومندي جهومندي جنهن حال کي وڃي رسندا آهن اهو درشيه جڻ ادويت جو جٽر ڏٺي چڙهندو آهي.

شاهه لطيف: سائين مخدوم، اوائلي صوفين جي بابت ۾ هڪ ڳالهه ٻڌائي هئي. سوامي جي، اهو وچٽر واقعو ٻڌڻ کان پوءِ توهان پاڻ ٿي فيصلو ڪجو ته صوفين جو بنياد ڪهڙن نه اوچن اصولن تي ٻڌل آهي. توهان خود محسوس ڪندا ته هڪ يوگيءَ ۽ صوفيءَ ۾ ڪوئي فرق ئي ڪو نه آهي.

پروتمات : ۽ هيڻ ٻه چو گهرجي؟

(ڪجهه دير شاهه لطيف درياه جي لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو جڻ ته ڪهاڻيءَ لاءِ بنياد پختو ڪري رهيو هجي.)

شاهه لطيف: سائين صديءَ جي آخر ڌاري درٻار جي هڪ غلام حافظ ان وقت جي خليفي کي وڃي خبر ڏني ته عربستان ۾ هڪ نئون فرقو وجود ۾ آيو آهي. ان فرقي جا پوئلڳ موسيقيءَ جا شائق آهن. نهن لــا،

سواءِ ان ٽوارڪي ھيٺين ڳالھين ۾ اشارو ڪيو اٿائين: ھڪ تہ سنڌين جو واپار، ڪاٺياواڙ، سيلان، بنگال ۽ ساموندي ڪناري تي آباد ھر شھر تائين ڦھليل ھو. ٻيو ڦرنگين، قزاقن، ساموندي ڌاڙيلن جو ذڪر ڪيو اٿائين جيڪي عرب سمنڊ تي لامارا ھڻندا ھا ۽ ڦرلٽ ڪندا ھا.

(ٻيڙو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

شاھ لطيف: (پنھنجي ئي موڙ ۾)

جتي وانءُ جھاز! ڳنڍيو غورابن سين،
ٻوڙيندي ھن ٻار ڏي، سڌر ڪنھن ساز،
آھن ٿا آواز، سنائي سمنڊ جا.

ڪمل نات: شاھ لطيف، آخر پنھنجي جھاز کي ڪھڙن غورابن سان جوڙيندين؟

(شاھ لطيف ڪمل نات جي سوال جو نہ ڪو جواب ٿو ڏئي ۽ نہ ڪوئي ھن ڳالھ ڏانھن ڌيان ٿو ڏئي. ھو درياھ جي لھرن ڏانھن ئي نھاريندو ٿو رھي.)

پروتمات ا پنت لطيف! جي جھاز آھن تہ سدائين غورابن جي چاپا ۾ رھڻ ٿا جڏھن ڪجھ غوراب ٿين تہ پنھنجي چاپا جھازن تي ڇپيندو اچجانءِ.

شاھ لطيف: سوامي جي! ڇا ھڪ ئي ٻيڙو ڪنھن جي اڳيان جھاز ۽ ڪنھن جي سامھون غوراب نہ ٿو ٿي سگھي؟

پروتمات: اسان کي اھو ئي جواب کپندو ھو. چاپا ۾ رکہ چاپا ڏي. آھي تہ سڀ مايا ئي مايا، جھاز بہ مايا، غوراب بہ مايا، ھڪ جو ٻئي سان جنجھڙ بہ مايا تہ سمنڊ بہ مايا ۽ سمنڊ ۾ وھڻ يا ترڻ بہ مايا. ٻر ٻنت، مايا جا ناٽڪي پردا ٻار ڪرڻ لاءِ جيو کي اھي ناٽڪ تہ ڪرڻا ئي اون ٿا.

پر هنن جهڙيون اکيون ! اکين ۾ جڻ ته عشق ۽ عقل جا سمنڊ ڇوليون ماري رهيا آهن. جيتوڻيڪ خليفو ۽ درٻاري ڪافي غصي ۾ آهن ته به هنن کي ڪائي پرواهه ڪونه آهي. هنن جي سڄي وجود جو اطمينان جڻ اعلان ڪري رهيو آهي ته اسان لاءِ زندگي ۽ موت ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي.)

خليفو : (اوچتو ٽهڪ ڏئي) هي پاگل ديوانا ! هنن لاءِ
فتوو جاري ڪيو آهي...... هٽايو هنن ڪافرن کي
هتان. دوَر ڪيو هنن دوزخين کي منهنجين نظرن
کان. چاڙهيو وڃي هنن کي ڦاسيءَ تي. هڪدم...

(درٻار ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي ٿي وڃي. موت جو فيصلو ٻڌڻ جي باوجود انهن ٻنهي ديوانن جي چهرن چاهي اکين مان نه خوف ٿو ظاهر ٿئي، نه معافيءَ جي خواهش! هو بلڪل لاپرواهه آهن. جڻ موت جي سزا کين نه پر ڪن ٻين کي ملي آهي. سپاهي هنن کي گهليندا درٻار کان ٻاهر وٺي ٿا وڃن.)

ڦاسيءَ جو ميدان / ٻاهر / ڏينهن

وائيڊ شاٽ. ميدان جي وچ ۾ ڦاسي ڏيڻ جو بندوبست ٿيل آهي. پنج ئي قيدي قطار ۾ بيٺا آهن. ڦاسيءَ جي اڳيان ٻه جلاد موجود آهن. ميدان جي آس پاس ڪجهه سپاهي بيٺا آهن. ڦاسيءَ جو نظارو ڏسڻ لاءِ عام جنتا به دائرو ٺاهي بيٺي آهي. قيدي قطار ۾ هيئن بيٺا آهن : ابو حمزه ، ابو قاسم ، شبلي، نوري ۽ آخر ۾ جنيد.

ڦاسيءَ جون تياريون مڪمل ٿي ويون آهن. جلاد سپاهين کي

نچيا ٿا ڌُن، ڳائن ٿا، جهومن ٿا، ناٽا ناٽا ڪٽڻا
ٻولن ٿا. هو ايترا ته گستاخ آهن جو نه خليفي کان
ٿا ڊڪن نه دين-ايمان کان. ناٽڪ ۾ ملندا رهن ٿا ۽
بدتميزيءَ جي نمائش ڪندا ٿا رهن.
خبر پئندي ئي خليفو ۽ درٻاري تپي باهه ٿي ويا.
اعلان ڪرائون ته جيئن ته اهو فرقو بد دماغ اپراڌين ۽
مجرمن جو آهي ان ڪري جيڪڏهن خليفو انهن جي
اڳواڻن کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي مارائي ڇڏيندو ته
باقي ديوانن جا هوش پاڻمرادو ٺڪاڻي لڳي ويندا.
خليفي حڪم ڪيو ته ڳولي اچو بدتميز بداخلاق
گستاخن کي منهنجي سامهون درٻار ۾ ... [illegible] ...
ابوحمزه، عرقام، شبلي، نوري ۽ جنائد کي درٻار
۾ خليفي جي سامهون پيش ڪيو ويو...

(ڪئميرا شاهه لطيف جي چهري تي. شاهه لطيف جي اکين جو
ڪلوز - اپ.)

خليفي جي درٻار / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز خليفي جي اکين تي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ
ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته خليفو تخت تي ويٺو آهي. درٻار
لڳي پئي آهي. خليفي جي سامهون قيدين جي حالت ۾ ابوحمزه،
عرقام، شبلي، نوري ۽ جنائد بيٺا آهن. هنن جي آسپاس ڪجهه
سپاهي به بيٺا آهن جن جي هٿن ۾ تلوارون آهن. سڀ ئي قيدي
صورت شڪل مان بلڪل معمولي ۽ اڌ - پاڳل لڳي رهيا آهن.

ڪندس، پڻ دنيا ۾ اوترو ئي الله جي وڏڪ
قريب ٿيندس ۽ ويجهو ويندس.

(جلاد ۽ ٻيا موجود ماڻهو ٺوريءَ جي ڳالهين کي سمجهڻ جي اڃا ڪوشش ٿي ڪري رهيا آهن ته هڪ درٻاري ٽڪڙو ٽڪڙو اُتي اچي پهچي ٿو ۽ هڪ ٻئي درٻاريءَ جي هٿ ۾ فرمان ڏئي ٿو، درٻاري فرمان پڙهي ٿو.)

درٻاري : عالم پناه جو حڪم آهي ته هن جي ڦاسيءَ کي روڪيو وڃي. قاضي صاحب اچي رهيو آهي. اهو هن سان ڳفتگو ڪندو ۽ سوال جواب ڪندو ۽ ان کان پوءِ هن جي نصيب جو فيصلو ٿيندو.

(عام ماڻهن ۾ چؤ پولو مچي ٿو وڃي. پنج ئي دوست خاموش آهن. درٻاري سڌائيءَ ۾ دور نهاري ٿو.)

خليفي جي دربار / اندر / ڏينهن

(والهه شامت خليفو تخت تي ويٺو آهي. درٻاري موجود آهن. پنج ئي دوست هڪ طرف ڪن قطار ۾ بيٺا آهن. خليفي جي سامهون قاضي بيٺو آهي.)

قاضي : عالم پناه! جيڪڏهن ڪوئي هن پنجن الله جي عزيز عالمن کي بغاوتي ۽ ڪافر سمجهي ٿو ته مان هن ئي وقت صاف صاف لفظن ۾ لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ته سڄي زمين تي ڪوئي دينداري، ڪوئي مذهب جو پابند آهي ئي ڪونه.

(دربار ۾ مڪمل خاموشي. خليفو سواليه نظرن سان قاضيءَ طرف

اشارو ڪو ڪري ٿو ته ابوُ همزه کي آڻيو وڃي. جنهن تي سپاهي ابوُ همزه کي اڪڙي ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن وٺي وڃڻ چاهين ٿا، نوُري هڪدم اچي پنهنجن ساٿين جي اڳيان ٿو اچي. هو ڪافي خوش لڳي رهيو آهي.)

نوُري : مان سڀني کان اول موت کي گلي لڳائڻ چاهيان ٿو

جلاد : ميان، ايترو تنهنجو وارو ڪونه آيو آهي. ڦاسيءَ جو تختو يا تلوار ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن لاءِ تون مون کي جلدي ڪرڻ لاءِ چئين. هيءُ موت آهي، انعام ناهي.

نوُري : ابا درا، منهنجي زندگيءَ جو بنياد ئي موت لاءِ پيل آهي. زندگي دنيا ۾ سڀني شين کان وڌيڪ قيمتي شيءِ آهي. مان لذراني طور قربان ڪرڻ چاهيان ٿو منهنجي زندگيءَ جا ڪجهه اهي لمحا جيڪي بچيل آهن، پنهنجن دوستن تي، جيئن انهن جي زندگي، ڪجهه لمحالي سهي، دراز ٿي وڃي.

(جلاد ڪاوڙي ڪنهن رهيا آهن. سپاهي چاهي عام ماڻهون عجب ڀريل نظرن سان نوُريءَ جا لفظ سمجهڻ ۾ - اڻڄاڻ بڻيل بيٺا رهيا آهن. نوُريءَ جا دوست پنهنجو پاڻ ۾ مگن آهن.)

نوُري : منهنجو خيال آهي ته بيءَ دنيا پنا جنت جي هزار سالن جي عمر کان هن دنيا ۾ زندگيءَ جي هڪ گهڙي، هڪ پل، هڪ لمحو وڌيڪ قيمتي آهي... هتي مان بندن جي خدمت ڪري ٿو سگهان، هن دنيا ۾ فقط الله جي قريب هوندس ۽ بندن جي خدمت کان وانجهيل...
هن دنيا ۾ جيتري بهتر نموني مان الله جي خدمت

سواءِ اسان کي ٻيو ڪجهه به نه گهرجي .

خليفو : توهان کي روڪي رکڻ ۽ توهان کي ڀلائي ڇڏڻ نه ڪنهن لاءِ ممڪن آهي ۽ نه مفيد ......

(ٻئي ٿي صوفي درٻار مان وڃن ٿا. ڪئميرا هنن جي پٺن کي ڪوز ڪري رهي آهي.)

درياهه / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. هو ڪجهه چئي رهيو آهي.)

شاهه لطيف : شريعت پنهنجي رسمن رواجن جي سهاري انسانن ۾ ورهاڱا وجهي ۽ دلين کي ڪٽي جدا ڪري ٿي پر صوفين جي طريقت ڪائنات جي هر چيز کي هڪ ٻئي سان جوڙي هڪ ڪري سگهي ٿي.

(ڪئميرا ٿوري پري پٺتي ڪري ٿي ۽ اسان شاهه لطيف، ٻروٽناٿ ۽ جوڳين کي ٻيڙي ۾ سفر ڪندو ڏسون ٿا.)

ڪمل ناٿ : چئبو طريقت صوفين جو اهو برهم - استر آهي جنهن جي سامهون ناٿن جو گهنٽو ٽڪيچ هڪ پل به ٽڪي نه سگهندو !

شاهه لطيف : گهنٽو ٽڪيچ ؟

ڪمل ناٿ : ڀيمسين جو پٽ. وشال آڪار واري گهنٽو ٽڪيچ مهاڀارت جي جنگ ۾ ڪورون جي سينا ۾ هاهاڪار مچائي ڇڏي هئي...

ٻروٽناٿ : گهنٽو ٽڪيچ کي مارڻ لاءِ ڪرڻ کي ارهم - استر ڪم آڻڻو پيو هو، جيڪو ارهم - استر هن ارجن

نهاري ٿو.)

قاضي : حضور، هي ٻئي شخص جيڪي توهان جي سامهون مجرمن ۽ ٻاغين جي صورت ۾ پيش ڪيا ويا آهن، سڄيءَ دنيا ۾ ڏاهامند ڪري ٿي تہ اهي اصل ۾ ڪير آهن؟

(هر ڪو درٻاري هڪ ٻئي جو منهن تڪي ٿو. ڪنهن وٽ بہ ان سوال جو جواب ڪونہ آهي. خود خليفو بہ حيران آهي.)

قاضي : هي ٻئي ٿي اسان جي دور جا شان، عظيم صوفي آهن- ابو حمزه، عرقام، شبلي، نوري ۽ جنائد... هنن جي زندگيءَ جي طريقي تي عجب نہ ڪجو. صوفين لاءِ اهو طريقو طريقت آهي ۽ ان جو سلسلو هو آنحضرت محمد صلعم صلي الله عليه وسلم جي سوچ ۽ ٻاٽي حضرت عليءَ سان ٿا جوڙين...... اڃا هي پردي ۾ آهن. جلوه- نما ٿيندا تہ زمين کي نور سان ڀري ڇڏيندا ۽ الله ۽ ٻندي جي درميان جيڪي دوريون آهن اهي مٽائي ٻنهي کي هڪ ڪري ڇڏيندا.

(خليفي جي دل ڀرجي آئي آهي. هو آگر سان اکين جون آليون ڪنڊون سڪائي ٿو.)

خليفو : اسان پشيمان آهيون جو اسان توهان جو قدر نہ سڃاتو ۽ ٻنا سوچي سمجهي، تڪڙ ۾ سزا جو اعلان ڪيو. يا الله! هي اسان کان ڇا ٿي ويو...... توهان جيڪو ڪجهہ گهرندؤ اسان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪو ڪجهہ چوندؤ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان سچ پچ پشيمان ۽ شرمنده آهيون.

ابو حمزه : اسان کي هتان وڃڻ ڏيو ۽ ڀلائي ڇڏيو- ان کان

ڪسي انهن نهرن جو ذڪر
ڪرڻو هو، ان ڪري ٿي
اها وامت وڃائون.
شاه لطيف "سر رامڪلي"
۾ نارائڻسر جو ذڪر ڪيو
آهي :

منجهين ماڻهو مڪها،
منجهين نارائڻسر.

نارائڻسر جي پرسان ٿي "ماتا
جو مڙهه" نالي استان آهي
جتي ماتا جو مندر آهي.
شاه لطيف "سر رامڪلي"
۾ ٿي هڪ هنڌ ان ڏانهن
۽ اشارو ڪيو آهي:

ماتا جي مندر جو درشن.

مڙهيءَ جو من مذڪور، ڪالهه ڪندا وڃا ڪاپڙي.

لکپت ۽ آبراسو جي وچ ۾
ڇترالو نالي هڪ ڏونگر آهي،
جتان اڳي هڪ درياه وهي،
مانڊوي جي وڃهو ڪڇ
جي نار ۾ ڇوڙ ڪندو هو.
انهيءَ کي "ڇترال" يا
"ڇترڇل" درياه چوندا ها.
اهو درياه ڪيترن سالن کان
سڪي ڊڀون ٿي ويو آهي.

ڇترالو جا شاٽس.

سڪل درياه جا درشن.

کي مارڻ لاءِ رکيو هو.

(شاھ لطيف سوالي نظرن سان پروتدامه طرف نهاريندو. پروتدامه هن جو مطلب سمجهي ٿو وڃي.)

پروتدامات : ڪرڻ فقط هڪ دفعو ٿي پوھ - اسٽر ڪم آڻي ٿي سگهون.

(پڙدو اچتي وڃندو ٿو وڃي. درياءَ ڇولين ماڻي رهيو آهي.)

☸

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيه
مڪھور ماڻهن جي پرهان ڪوري ڪاري آهي. شاھ لطيف مهانرگي پروتدامه ۽ ٻين جوڳين سان گڏ ڪوري ڪاري اکري پار ڪئي ۽ ڪڇ	ٻيڙي ۾ شاھ ۽ جوڳي...
جي هاڪاري بندر "لکپت" اچي پهتو. جوڳين گرنار وڃڻ لاءِ هيءُ رستو جنهن مطلب ڪان چونڊيو هو اهو بلڪل صاف آهي، لکپت جي ويجهو ٻه تيرٿ-استان آهن. هڪ تيرٿ	لکپت بندر جا ڪجهه شاٽس.
جو نالو آهي نارائڻسر ۽ ٻئي تيرٿ جو نالو آهي ڪوٽيسر. اهي ٻئي تيرٿ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آهن. جوڳين	نارائڻسر ۽ ڪوٽيسر جا ڪجهه شاٽس.

سالن کان ٻڌو ھو ڪھڙا
لاڀ ٻلئہ پيا تن جي
تن جو ڪو نہ آھي انت
مشھوري ڪيس واھ جي ملي.
شاھ لطيف ڪيس أمر ڪري
ڇڏيو .
جيون جھڙا ٻار ،
ٻڌڙا وڻ وماس ۾ ...
۽ شايد جيون جي حالت ٿي
شاھ لطيف جي منھن مان
”سُر ڏھر“ ۾ چيو آھي :

صاحب تنھنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون ،
ٻين ٻيو ڏنا ٻاتال ۾ ، ٻھڪ ڪارڻ تون ،
جھڪر اڄھن مون ، تہ مھرباني مان لھان !

۽ انھيءَ سر ”ڏھر“ ۾ پڪار
ڪئي اٿائين :

مديني جا مير ! سڪ منھنجا سڏڙا ...
۽ دل ۾ ڇھو ھونداٿين - شديءَ جي چاٻيا ڪان ٻچاء !

شاھ لطيف جوڳين سان گڏ
ٻج ۾ ويو ھو ۽ اتي ڀالا ٻڌر
جي درگاھ جي زيارت ڪئي
ھئائين ..

ڀالا ٻڌر جي درگاھ جو درشن.

شاھ لطيف جي ڏينھن ۾ سنڌ
مان ٻاٽيءَ رستي ڪڇ ڏانھن
وڃي سگھبو ھو. ١٦ جون

درياھ جو درشن .

شاهه صاحب رسالي جي "سُر
ڏهر" ۾ آهي، ٻڌوءِ جو
ڳالهه ۽ اُتان جي حاڪم جسودن
موراڻي ٻاٻت اشارا ڏنا آهن.
راجا جسودن موراڻي ڏي شهر
جي سائينسوري جو گرهه
اچي ويٺو آهن سائين سٺن
سالن ۾ اٺهل ڏيساهه سڪو
ملڪ ۾ پڌانڪ ڏڪار هو ۽
راجا ٻاڻ فقير لي ڏيش ڇڏي
هليو ويو!

ڪهڙا! تون ڪهڙو، جڏهن ٻڌو بڙو وهي،
جسودن جهڙو، تو ڪو گڏيو هئڙو؟

شهر ڪي ستانهڙ ۽ سخت
ٻيڙائون ڏيهڙ گرهه ڪري
ڇڏيو ويو آهي. ٻئي، شهر
ٻاٻت انهن ٻه چيو ويندو
آهي ته ويندي ويندي هو
ڦاندي واري ليڪ ليڪ هٽي
ويندو آهي. شهر جون
سختيون انسان کي سون ۽
سون کي اسارس
ٺاهي ڇڏينديون آهن. راجا
جسودن موراڻي کي سائين سٺن

شهر ڏيرڻا جو جهڙ جدا جدا
ڀاڻن کان ڏيکاريو ٿو وڃي.

شهر گرهه جو جهڙ.
سچو سڙ ر – معدل.
سڙ رسمدبل جا پارڻهن ڪالپڪ
حصا.
شهر گرهه جو جهڙ.

(ڪئمرا آهستي آهستي پل پل ڪندي ٿي وڃي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پروقناٿ، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي دوارڪاناٿ جي مندر ڏانهن وڃي رهيا آهن. عام رستو آهي ان ڪري ٻيا به ڪيترا ئي ماڻهو اچ - وڃ ڪري رهيا آهن - پرش، استريون، ٻار ۽ ٻيا، جوان. ڪڏهن ڪن ياترين جي منهن مان "دوارڪاناٿ کي جئه" "ڀڳوان ڪرشڻ کي جئه" "جسودا-نندن کي جئه" وغيره جهڙا جئه ڪار جا نعرا به نڪرن ٿا.)

پروقناٿ: ات لطيف، سنسار جي اوتارن، پيغمبرن ۽ ايشوري-پرشن تي نظر وجهي ڏس. سڀ جا سڀ گنڀير، اداس ۽ دکي لڳندا. ڪون اوتارن ۽ پيغمبرن کي نه نچندو ڏسندين، نه بانسري وڄائيندو ڏسندين، نه راس-ليلا ڪندو ڏسندين ۽ نه شرارتون ڪندو ڏسندين. ڪين يا ته وڻن جي ڇانوَ ۾ اپديش ڏيندو ڏسندين، يا ريگستانن ۾ اڪيلو ۽ جنگيون ڪندو ڏسندين يا ڪنهن ڪنڊ پاسي اڪيلائيءَ ۾ من سان واد - وواد ڪندو محسوس ڪندين. ڪرشڻ جهڙو پورڻ پرش ٻيو ڪو هن ڌرتيءَ تي آيو ئي ڪو نه آهي جنهن بانسري به وڄائي سگهي ۽ سدرشن چڪر به هلائي سگهي- جنهن سڀ ڪجهه ڪندي به هر ڪرم کان مڪت رهي...

شاهه لطيف: منهنجو خيال آهي ته شو ۾ به اهي سڀ گڻ ۽ شڪتيون آهن.

(پروقناٿ فخر، خوشي ۽ عجب ڀريل نظرن سان شاهه لطيف طرف نهاري ٿو. شاهه هلڪو مرڪي ٿو.)

پروقناٿ: تنهنجو چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي. شو جهڙو پورڻ پرش سنسار ۾ پيدا ٿيڻ ممڪن ناهي. پر ات،

١٨١٦ع ۾ هتي نهايت خوفناڪ
زلزلو آيو هو. ان جو مطلب
۽ هتي ماڻهن جا سوين هزار
ڪن گهر زمين دوز ٿي ويا ها.
هزارين ماڻهو اجل جو بک
ٿي ويا ها. ۽ ان زلزلي ۾ ئي
پاڻيءَ پنهنجو پاسو بدلائي
ڇڏيو ۽ ڪڇ سنڌ کان ڪٽجي
ويو - ٻنهي علائقن جي وچ ۾
ڪوري درياهي رستو رهيو
ٿي ڪري ...
شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
پنجڪان مالڊوي واٽ ۽ اتان
ڪڇ جي نار اڪري دوارڪا
ويو ...

زلزلي جو درشو.
زمين دوز ٿيندڙ جڳهون ...

ڪڇ جي رڻ جو نظارو.

دوارڪا ناٿ مندر طرف ويندڙ رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز مهايوگي پروتمات جي چهري تي. هو هلندي هلندي ڳالهائي رهيو آهي.)

پروتمات: ڀٽ لطيف، ڪرشن جهڙو اوتار اوش نه اڳي ڪونه ٿيو هو، نه هن وقت آهي ۽ نه اڳتي ٿيندو. ڪرشن ڪرشن آهي. ڪرشن جهڙو ڪوئي ٿيو ئي، اهو سوچي به نه ٿو سگهجي.

ماحول ڪرشڻ - ڌن، راس - ڌن، آنند - ڌن ۽ نرتيہ - ڌن لڳي رهيو آهي.

ٻروتناٿ جوڳين جي اڳواڻي ۾ شاهہ لطيف سوڌو دوارڪاناٿ مندر ۾ داخل ٿي رهيو آهي. سوترڌار جو آواز اوورليپ ڪري ٿو):

سوترڌار (فقط آواز)	درشيہ .
دوارڪا جو تيرٿ سڀني ڀارت جي مکيہ تيرٿن مان هڪ آهي. هي آهي دوارڪاناٿ جو وڏو مندر. نهايت اوچو. وچ واري ڀاڱي ۾ ست ٿنڀا.	ٻروتناٿ، جوڳي ۽ شاهہ لطيف مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.
هن استان کي گومتي دوارڪا چوندا آهن.	گومتي دوارڪا جو درشيہ. جوڳين جا ڪجهہ شاٽس.
گومتي دوارڪا جي ڀرسان آهي مُول دوارڪا. مهاڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ ڀاڻي وٺو هو. ان جي ٻوري اڀهل ڀاڱي کي مُول دوارڪا چون ٿا...... ۽ هي آهي رڻ - ڇوڙ جي جو مندر.	ٻروتناٿ، جوڳي ۽ شاهہ لطيف مُول دوارڪا ۾ رڻ - ڇوڙ جي جي مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.

(ٻروتناٿ، جوڳي ۽ شاهہ لطيف هلندا هلندا هڪ تلاءُ وٽ اچي ٿا پهچن.)

شو اوتار ناهي. شو ديواديو آهي- ديون جو ديو آهي. نٽراج ته تانڊو نرتيه سان ٻوريءَ سرشٽيءَ ۾ پرلي پيدا ڪري ٿو سگهي. مهاديو جو ترشول نه فقط هڪ هٿيار آهي بلڪ "اوم" جو پرتيڪ به آهي ۽ ٽنهي لوڪن ۾ ٽنهي قسمن جي آپدائن کان مڪتي ڏيندڙ آهي. ٽي لوڪ آهن: آڪاش، پرٿوي، پاتال. ٽن قسمن جا دک، يعني ديوتائن طرفان ملندڙ دک، پرڪرتيءَ طرفان ملندڙ دک ۽ سنسار طرفان ملندڙ دک...

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان ٻڌندا رهن.)

پروهتاڻ ! پڇ لطيف، پوءِ ٽئين جي باري ۾ ڪڇهن وارتالاپ ٿيو ته شو ۽ شڪتيءَ جي باري ۾ بـ ڪٿين وچئو وارتائون ٻڌائيندو سانءِ. تو شو جو پرتيڪ لنگ ته ڏٺو ئي آهي. جيڪڏهن ڌيان ڪندين ته اهو به ڏسط ۾ ايندو ته استريءَ جي يونيءَ جي شڪل جهڙي هڪڙي شيءِ هوندي آهي جنهن ۾ لنگ استاپت ٿيل هوندو آهي يعني اُن جي مٿان رکيل هوندو آهي. لطيف، اهي سڀ پرتيڪ آهن، اشارا آهن. پرش ۽ استريءَ جي گڏجاڻي الڳ ڪي شو ۽ شڪتيءَ جو پرتيڪ ڇو بڻايو ويو؟ ان سوال جي ٻڌڻ انساني من جون وڏيون وڏيون ڪرامتون ۽ شرارتون لڪل آهن.

(پروهتاڻ، شاهه لطيف ۽ جوڳي اُٿي وڃي رهيا آهن. ڪجهه دوري تي دوارڪاناٿ جو وڏو مندر نظر اچي رهيو آهي. يڳن ۽ درشن-ابلاشين جي اچ وڃ جاري آهي. ڪجهه جوڳي ٻهڪجن ٻانهن تي دوارڪا جي ڇاپ هڻائي رهيا آهن. سچو

ڏوري ڳولهي رهي آهي.)

پروتشات : ڪرشڻ جهڙو نه ڪوئي ٿيو آهي، نه ٿيندو. ڪرشڻ جو مرڻو به سنگيت ۽ نرتيه جي راس-ليلا هو ۽ هڪ آنند ڀريو مها - اُتسؤ هو.

(جهڙو اڳتي وڌي ٿو.)

پروتشات : هاڻي اسان هلنداسين پور بندر ڏانهن ... جا حاڪم پاڻ کي "راڻو" سڏائيندا آهن. هو جيٺوا راجپوت آهن ۽ هنومان کي پنهنجو اشٽ-ديوتا ۽ ڪل-پتا ڪري مڃيندا آهن. راڻن جي گاديءَ جو هنڌ "ڇايا" نالي شهر آهي جتي جهجهي وڻڪار آهي. ڇايا شهر کان ٿورو پرڀان پور بندر آهي ...

(اڳالو هلندو ٿو رهي.)

پروتشات : ڇو ته پور بندر اهو استان آهي جتي مهاڀارت واري زماني ۾ ڪرشڻ جي بچپن جي سنگتيءَ ۽ اننيه ڀڳت سداما جو شهر "سداما پوري" اڏيل هو.

(جوڳي اڳتي وڌندا ٿا رهن.)

پروتشات : پور بندر جو ڪنارو ڪافي خطرناڪ آهي. تون ان کي طوفاني ڏڙ چڙهي ٿو سگهين.

شاهه لطيف: جهاز ضعيفن جو پاڻيءَ ۾ پرتوءِ،
سهڻ سانگ سمنڊ ۽، پور بندر پهچائين!

پروتشات : پور بندر ...

(پروتشات جي اکين جو ڪلوز - اپ)

پروتنات: لطيف! هي آهي ”گوپي - تلاءُ“...

شاه لطيف: گوپي - تلاءُ!... جنهن تلاءُ ۾ گوپيون سنان ڪنديون هيون يا جنهن تلاءُ جي اڳيان ڪرشن سان گڏ راس - ليلا ڪنديون هيون؟...

ڪمال نات: (وچ ۾) يا جنهن تلاءُ ۾ سنان ڪندڙ گوپين جا ڪپڙا چورائي ڪرشن وڻ تي چڙهي ويو هو؟ پر اهو وڻ ڪٿي آهي؟

(هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو ۽ وڻ کي ڳولهي رهيو آهي - جنهن کان کل ٿي لڪي رهي.)

پروتنات: ”گوپي - تلاءُ“ ۾ سنان ڪرڻ سان من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ اوترو ئي پريم پيدا ٿيندو جيترو گوپين جي هردي ۾ هو. لطيف! هيءُ سچو ڀاونا ۽ وشواس جو ئي ڪمال آهي. ڀاڳوت پراڻ پڙهندين ته گوپين جي پريم ۾ صوفين واري مستي ڏسندين. ڀڳت جي پريم ۾ ساڪار ۽ نراڪار ڪائي معنيٰ ئي ڪونه ٿو رکي. هڪ ڀڳت لاءِ پرماتما سدائين سامهون ئي آهي - ساڪار. پر هن جي سامهون ڪو ئي آهي ئي ڪونه، ڀاونا ۽ ڪلپنا کان سواءِ - نراڪار.

(گوپي تلاءُ مان اٿي ٿي کجهه جيترا وڃي پروتنات، جوڳي ۽ شاه لطيف اڳتي وڌن ٿا. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. جيترو اڳتي وڌندو ٿو رهي، اوترو پروتنات هڪ هنڌ اچي ٿو رهي.)

پروتنات: هيءُ آهي اهو استان جتي هڪ شڪاريءَ ڪرشن ڀڳوان کي تير هنيو هو...

(پروتنات، جوڳي ۽ شاه لطيف ان استان کي پرڻام ڪري اتي ئي ڌيان ۾ ويهي ٿا رهن. ماحول ۾ بانسريءَ ۽ جهانجهن جي صدا؛

بٽ لطيف، ڪڏهن اسان کي خيال ايندو
آهي ته اسلام جو عربستان مان اچڻ وڏي وڏي،
سنڌ جي دروازي کان ڀارت ۾ داخل ٿيڻ هڪ
اهڙو چمتڪار هو جنهن مان ڀارت کي ڪي قدر
لاڀ ئي پهتو آهي...

اسلامي اثر هيٺ، پاڪيزگي ۽ اڳوڻن ڌرمن ۽ مٽن
جي خلاف جيڪا جاڳرتي پيدا ٿي ان جو نتيجو
اهو نڪتو جو اُتر ڀارت ۾ اخلاقي ۽ نئتڪ
قدرن ۽ قيمتن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندڙ
نانڪ-پنٿ جو پايو پيو ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ ويشنو ۽
لنگايت مٽن جو اُدڀو ٿيو... نه ته ڀارت اخلاقي
ڪرانتي جي اٿل پٿل ۾ وڃي پهتي ها.

(شاهه لطيف ڌيان سان پروتناٿ جا وچن ٻڌي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اکيون آلو ماءُ، سدائين سڄاڻين جون،
واري ليڪ نه ڀاءُ، جاڳي جهليا جوڳين!
جماسون جوڙ ٿي، جوڳيءَ لالو جار،
سنڌو ڀُرب پار، اچانئين انڌن کي!

پروتناٿ: لطيف، جوڳي انڌن کي ڪجهه ڏئي آڇيندو آهي.
جوڳيءَ کي ڄڳماسوءِ جو منهن ڏسندي ئي پتو
پئجي ويندو آهي ته هن اکين ۾ ڪائي روحاني
روشني آهي يا هو خاڪ جي تهن ۾ لپٽيل
ڪوئي اُلو آهي يا فقط مٽي ئي مٽي آهي......
جو ته بٽ لطيف! اهڙن کي ڪجهه ڏيڻ بدلي ٻاهري
۾ ٿو اُڇلائڻ يا اُنهن لاءِ تڪليفون ۽ ڪشٽ
پيدا ڪرڻ.

شاهه لطيف: جا هر ڌرم، هر مذهب، هر پنٿ، هر قوم جو

پوربندر جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(وائڊ شاٽ. سمنڊ ڇولين ماري رهيو آهي. پوربندر جي ڪناري تي مهاڻڪي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف موجود آهن. اڪثر جوڳي لوڳ جي ساڌنائن يا ڌيان ۾ رڌل آهن. هرڪو پنهنجي پنهنجي مدون ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيو آهي. پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ پاسي ويٺا هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا آهن. ڪمل ذات هنن جي سامهون ئي پدم آسڻ لڳائي ويٺو آهي.)

پروتناٿ : جڳت-گرو شنڪر آچاريه جو اڌارجڻ پسارس جي
ڌرمي اتهاس جي هڪ اهڃاڻ اهم گهٽنا آهي. هندي
منطقي انرجي ڪري سمهل ۽ غافل سناتن
ڌرم وري جاڳي اٿيو ۽ ويدانت جي ادويتواد
جو نغارو چئني ڌسائن ۾ وڄڻ لڳو.
پت لطيف، شنڪر آچاريه جي تجسوي ۽ اسوئر
هستيءَ جي سامهون عياش، ولاسي ۽ ناستڪ ٻوڌ-
ڌرم جا پير ٽڪي نه سگهيا...

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتناٿ طرف نهاري ٿو.)

پروتناٿ : هائو پت، عجب نه ڪاءِ. ٻوڌ-ڌرم جنهنجو باني
گوتم ٻڌ ونئي ان لاءِ هو جيئن سناتن ڌرم جي
پاکنڊن کان عام جنتا کي مکتي ڏياري سگهي،
اهو ئي ٻوڌ-ڌرم اڳتي هلي خود نه پاکنڊ ۽
اناچار جي جار ۾ ڦاسي ويو ۽ تنترن-منترن جو
سهارو وٺي عام جنتا کي انڌ-وشواس ۾ ڦاسائڻ لڳو.
اڳتي هلي سڌ-پرمپرا ۾ سهج-يالي ۽ وجر-يالي
ٿيا. انهن نه اناچار جي حد ڪري ڇڏي.. اصل
هرڪو لڪو لڻائي ويا!

اُستاد مان مار کائي ودهن ۾ شرارتي ٻڌي وڃي
وسهو! پرڀوءَ جي ليلا اپرمپار آهي، بس!

شاهه لطيف: ڇا هو شنڪر آچاريہ انسان ته هو ودوان، گيان ۽ علم جو اوتار هو...

پروهت : شنڪر آچاريہ لاءِ مشهور آهي ته :

अष्टवर्षे चतुर्वेदी اُٺن سالن جي عمر ۾ هن چار ئي ويد زباني ياد ڪري ڇڏيا.

द्वादशे सर्व शास्त्र वित् ٻارهن سالن جي عمر ۾ سڀني شاسترن جو پارنگت ودوان ٿي ويو.

षोडश कृतवान भाष्य سورهن سالن جي عمر ۾ هن شاسترن تي ڀاشيہ لکيا ۽

द्वात्रिंशे मुनिरभ्यगात ٻٽيهن سالن جي عمر ۾ هن سدا لاءِ سماڌي ورتي.

(جوڳي ڀڄن ڀڄن ڪاڻ ۾ مگن آهن. ڪمل ناٿ ڀساط جمتو ٽمڪ پدم-آسڻ لڳائي ويٺو آهي ۽ ڀاڳ کي ڌيان ۾ گم ڏيکاري رهيو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اکيون ٽمٽ ڪري سمنڊ جي ڇولين کي پيا پروهت ۽ شاهه لطيف ڏانهن ٻه نهاري ٿو.)

شاهه لطيف: ماشاءِ الله! جهڙو شنڪر آچاريہ گلاب جو گل هو - ته گهڻن ڏينهن ۾ سڄي گلشن کي معطر ڪري ويو، سڳنڌن سان ڀري ويو.

ڪمل ناٿ : (اوچتو پدمان اچي ڪري): لطيف، گل ته مان ۾ آهيان- ڪمل جو! ڪيچڙ ۾ جنم وٺان پر سدائين اڻلپت رهان...

شاهه لطيف: ٺالي ۾ ڇا رکيو آهي ڪمل ناٿ! هار ڪنهن گل سڳنڌن سان ته ڇا ان مان خوشبوءِ اچڻ لڳندي؟ موت ته اڪثر رحمن ۽ ڪريمن کي ڇڏگري ظلم ڪندو

انهيءَ اهڙو ئي لڳو آهي؟

پروتڪات: سنسار جا سڀ پدارٿ - جڙ، چيتن، اسٿول يا سوکشم - وناش ڪي آهن، پرتيو مکي آهن. ڪنهن تي ڪٿ چڙهندي، ڪوئي ٽڪجي ويندو، ڪوئي ڪاٽجي ويندو، ڪوئي گسي ويندو، ڪوئي رجي ويندو، ڪوئي سڪي - سڙي ويندو ۽ ڪوئي نستو نپندو ۽ پندو نشٽ ٿي ويندو. هت لطيف، سنسار جا سڀ پدارٿ وناش - مکي ۽ پرتيو مکي آهن - اهو سدائين سنه آهي، اٽل نيم آهي.

(پروتڪات ۽ شاهه لطيف ڪماري تي ڪجهه پيار ۽ ڪن ٿا. سمنڊ جون ڇولهون ڪنارن - وارتا لاءِ بلڪل موزون اٿڪ گرانولب ٿاهي رهيون آهن.)

شاهه لطيف: ڇا اهو سچ آهي ته جڳت-گرو شنڪر آچاريه ٻڌ - ڌرم کي هڪالي ڀارت کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو؟

(جواب ڏيڻ کان اڳ پروتڪات ڪجهه سوچي ٿو.)

پروتڪات: ان حقيقت کي ٻن شبدن ۾ چئي نه ٿو سگهجي. واد - وواد ۾ جڳت - گروءَ جي سامهون ڪوئي اهي نه سگهندو هو. پنهنجن وچن - وچتر دليلن سان سامهون واري جو آلم - پل ئي نشٽ ڪري ڇڏيندو هو... حقيقت ۾ جڳت-گروءَ جي دليلن مار سان گڏو گڏ ٻڌ - ڌرم ۾ گهسي آيل خامين ۽ پاکنڊن ئي ان کي عام جنتا جي دلين تان لاهي ڇڏڻ ۾ وڏو پياڳ ورتو... ۽ ان طرح هڪ مهان وچار - ڌارا، هڪ مهان ڌرم پنهنجي ئي جنم -

ته ڪهڙا منتر پڙهجن ۽ جيئي ڪنهنکي وس ۾ ڪرڻو هجي ته وشيڪرڻ منترن جو جاپ ۽ ڌيان ڪرڻ کجي. مطلب ته، موُرکن کي ڀرڪائڻ جو ٻُڌو ٻُڌو اندو ٻسمڪ ڪمل آهي اُنهن گرنٿن ۾.

شاه لطيف : سواميجي ! ڇا تنتر-شاستر آهي أي انهن ۽ اهڙن شيطاني ڪارستانين لاءِ ؟

(پروفيسر شاه لطيف جي سوال جو جواب هڪدم ڪونه ڏنو ڏئي. هو ڏُور خلائن ۾ نهاري ڪجهه سوچي رهيو آهي.)

شاه لطيف : سوامي جي! ڪرپا ڪري منهنجي سوال جو جواب صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايو. مون کي ڇنڊو جواب گهرجي.

پروفيسر : نه، اُئين ناهي. تنتر-شاستر ڪڏهن ڪرتوُتن جو ودي-ودان ڪونه آهي... تنتر يوگ کان به مهان شڪتي آهي. جتي يوگ پورو ٿو ٿئي، تنتر اُتان شروع ٿو ٿئي. يوگ توتي ٻڌن لءِ وجهي. يوگ چوندو: هي ڪر- هي نه ڪر- هي سٺو آهي، هي برو آهي. يوگ تنهنجي درشٽيءَ کي ڀاڱن ۾ ورهائي ٿو ڇڏي... پر تنتر اُهين نه ٿو چوي...

(ڪجهه دير شانتي)

پروفيسر : تنتر لاءِ نه ڪجهه برو آهي، نه سٺو. تنتر ۾ ورجنا- روڪ ٽوڪ آهي ئي ڪونه. تنتر صفتن ۽ وشيشڻن ۾ وشواس ئي ڪونه ٿو رکي. تنتر لاءِ نه ڀُوت آهي نه ڀوشيه. تنتر لاءِ هڪ ئي ڪال آهي- ورتمان ڪال، زمان حال.

تنتر ڌارا سان گڏجي، هڪ ٿي وهندو وڃڻ ۾ ئي وشواس ٿو رکي. تنتر چوندو: ڌارائن هي

ڏنو آهي.

پروتناٿ : ٻئا ڪار ڪئا ڪرڻ جا مثال مشڪل سان ملندا آهن.
(ڪجهه پل تنهنجي خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن. سمنڊ جون
ڇولِيُون ڏاڍيون زور واريون لڳي رهيون آهن. تنهنجي ڇتا هڪ
هنڌ وڃي ٿا رهن)

شاهه لطيف: سوامي جي! ويدڪ ڌرم ۾ اناچار ڦهليو ته ٻڌ ڌرم
جو ڇا ٿيو...

پروتناٿ : ٻڌ-ڌرم ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو - هينيان ۽
مهايان. هينيان سنياس-پرڌان رهيو ان ڪري عام
جنتا تي نه-گهڻو اثر وجهي سگهيو. عام ماڻهون
مهاياني ڀڪشن کي مان عزت ته ڏيندا ها پر
لوڪ لاءِ اُپيوگي نه سمجهندا ها. مهاياني لوڪ-
پرڌان ها. عام لوڪن سان لهه-وچڙ ۾ ايندا ها.
ان هوندي به هو ڀڪشو پرچار سنياس-پرڌان
مدو رهڻ جو تياڳ نه ڪري سگها. جنهن ڪري
اڳتي هلي ٻڌ-ڌرم اڙهن شاخائن ۾ ورهائجي
ويو، ان هوندي به جو عام جنتا لاءِ ٻڌ-ڌرم
سنياسين جو ڌرم ئي رهيو.

پت لطيف، اهو ٻڌ-ڌرم جڪو ٻوڌيءَ طرح
ٻڌايو ۽ پوءِ وشواس رکندڙ هو، هڪ ڏينهن
منترن-تنترن جو جهملو وڃي رهيو. ٻڌ-تنتر-
گرنٿن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙي سڌي ٻا
شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ديوتا جي
ڪهڙين پوڄا-اُپاسنا ڪجي. تنتر گرنٿن ۾ ٻڌايل
آهي ته ڪنهن کي مارڻو هجي يا بيمار ڪرڻو هجي
ته ڇا ڪجي، ڪنهن کي ٻڌو غلام بڻائڻو هجي

سڌ - پرمپرا جو آدرش ٿيو. سڌن جي سنگيتا ڇوڙيندي آهي. هنن جي دل ۾ سدائين چاهي پوتر بڻجي ڌرمن لاءِ ورود جي ڀاونا هئي. برهمڻن - پوڄن جي پاکنڊ پرپنچ وهنوار، سڌن جي آتما کي ڪنبائي ڇڏيو ۽ هو اڀچار، اتياچار ۽ پاکنڊ جي جڙ ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي ويا......

شروع شروع ۾ سڌ سهج - باني هيا - ساتوڪ، پوتر ۽ تياڳي! سهج - باني سڌن ساڌنا ۾ چت - شڌيءَ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. هنن جي مکيه پرورتي ڪنبن - منبن جي هوندي هئي. سانڀون واري فرقي جي مهتائن جو ڪنور لفظن ۾ ڪنبن ۽ پنهنجي مت جو پرچار منبن......

شاه لطيف: ڪنبن - منبن... لفظ تمام سٺا آهن ۽ انهنجو پاڻ ۾ وڏا مطلب به رکن ٿا.

(ڪجهه دير شانتي)

پروتناٿ: پت لطيف! سهج - باني پنهنجن اونچن وچارن ۽ آدرشي هلت چلت ۽ سهج - سرلتا کي گهڻو وقت قائم نه رکي سگهيا. سهج - بانين مان ئي وجر - باني پيدا ٿيا. وجر - باني سڌن جي مکيه ساڌنا وڃي ٿي: ڪمل - ڪلش ساڌنا!

(شاه لطيف پروتناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪمل ناٿ: سوامي جي! لطيف کي ڪمل - ڪلش ساڌنا مان سمجهايان؟

(پروتناٿ ڪمل ناٿ ڏانهن شوڪي نهاري ٿو.)

پروتناٿ: ڪمل يعني استريءَ جي يوني ۽ ڪلش معني پرش جو لنگ. وجرياني سڌ، ڪمل - ڪلش يعني

اُٿي وهندين ته ڏسجي پوندين - ڪڏهن انسان ۽
سمجهه پرابت ڪري ٿو سگهي ۽ ڪڏهن وري پرابت
ڪمل وسٽن سان آنند نه ماڻي ٿو سگهي. تنهن
ڪري: ڌارائن سان گڏجي هڪ ٿي وهندو هل ۽
ٻيءَ واڳر وهندو هل، سمهندو هل، گسرڻ
ڪندو هل، پوکيندو هل، ڇڏيندو هل، پالڻيندو
هل ۽ آخر ۾ مهاساگر سان ملي هڪ ٿي وڃ.

شاهه لطيف: شايد ان جي ڪري نه ئي تنهن جو ارٿ ئي الٽو ٿي ويو آهي.

پروتغات: تنهن هڪ مهاشڪتي آهي. پر جي ان جو اهوڳ فقط سنساري سک پرابت ڪرڻ لاءِ ڪبو ته اها شڪتي بدنام ته ٿي ئي ويندي.. هڪ ڪانترڪ لاءِ انسان جي دماغ کي، انسان جي سوچڻ واري شڪتين کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ هڪ ساڌارڻ ڳالهه آهي. ۽ پنڊت لطيف، جي دماغ ئي پروس ٿي ويو ته باقي ٿو وڃي رهي ئي ڇا؟

شاهه لطيف: (اکين ۾ چمڪ اچي) اوهه! ائين آهي؟

پروتغات: هائو، ائين آهي.

ڪمل ناٿ: هائو، لطيف! ائين ئي آهي. ڏسين ڪونه ٿو ته انسان سڀئي جوڳين جا دماغ ۽ مغز پروس ٿيا پيا آهن! هڪ به جوڳيءَ جو دماغ پنهنجي وس ۾ ڏسين ٿو؟

(وڌيڪ اچي ٿو ۽ شاهه لطيف جي ڪن جي ڀرسان منهن ڏئي چوي ٿو.)

ڪمل ناٿ: تنهنجي دماغ جو ڪهڙو حال آهي لطيف؟

(شاهه لطيف فقط مرڪي ٿو.)

پروتغات: پنڊت، ڏس ۾ ڦهليل اناچار جي پرتيڪريا ۾ نئي

چڪريون ۾ قائل سمجهان ٿو ... جڏهن ان "هانءُ" کي کُلي اجازت سمجهندو ته پوءِ هر ماڻهو ۾ ٻين لاءِ جو ته سوال ئي نٿو اُٿي، اُلٽو ڪام-واسنا جي دلدل ۾ وڌندين ڦاسندو ...

جن ڪنهن تنهنجي سون آهي ،
راکي ليکي ڀڳوان !

(سنگيت)

تنهنجي گهٽ ڏوهي جاني ،
ڪنهن تو تنهنجي سرنا !

(شاهه لطيف جون اکيون آنند ۾ ٻڏي جهڪي ٿيون وڃن. ڪمل ناٿ اکين جون ڪنڊون اگهي ٿو. مهايوگي پروتناٿ جي تيجسوي اکين جو ڪلوز - اپ.)

جهوناڳڙه ويندڙ رستو / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. مهايوگي پروتناٿ، ڪمل ناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف جهوناڳڙه طرف وڃي رهيا آهن. سوترڌار جو آواز اوورلئپ ڪري ٿو.)

سوترڌار (فقط آواز): جهوناڳڙه !... شاهه لطيف مهايوگي پروتناٿ ۽ جوڳين جي ٽولي سان گڏ جهوناڳڙه وڃي رهيو آهي. هر هندو جو دم سڪائيندڙ دهشت ٻڙ ٻو ساگر ٻو ٿي رهجي ويو آهي. هاڻي هنن سڀ جي ڳولهائن ۽ حق جي طالبن جي منزل آهي جهوناڳڙه ... سنگيت تي سڀ لاهي ڏيندڙ، وڃن - ويو راهه ڏيکاريندڙ جو جهوناڳڙه !

پوني - ليڪن جي مطلب ڪئي ٿي سڀ کان وڌيڪ
مهاتم ساڌنا ۽ آتما - پرماتما جي مطلب جي هڪ
ٿي اڪملي ۽ سرل راهه معلوم لڳا! جڏهن انسان
جي جسماني ڪامڪ سنگم کي پرماتما تائين پهچڻ
جي آڌياتمڪ ۽ روحاني ذاتڪڻ معلوم وچي ته اُن
حالت ۾ لطيفه، ڪهڙا ڪهڙا نه انڪار ٿيا هوندا
ذهن ۽ روحانيت جي ناليءَ ۾؟... شاهه پرڪ سگهي ٿي
ساڌنا جو مقصد وچي رهيو هو لطيف! اهو چوندا ها
ته ڌيان کي پختو ڪرڻ لاءِ شراب پيئڻ، شرير کي
پلوان رکڻ لاءِ گوشت کائڻ ۽ واپرڻ جي رڪشا لاءِ
استرين سان سهواس ڪرڻ تمام ضروري آهي!

(شاهه لطيف پروتمامڪ ڌانهن نهاري ٿو. هن جي نگاهن ۾ شڪ ۽ سوال آهن.)

پروتمات : پُٽ لطيف! هاڻي اسان ڌانهن نهارڻ ڇڏي ڏي. پنهنجي آتما کان پڇ. پنهنجي آتما جو آواز ٻڌڻ سک. پنهنجي آتما ڌانهن نهار - پاڻ فيصلو ڪر...

(ڪجهه پل خاموشي.)

پروتمات : اسان تنهنجي ايمان ۽ تنهنجي لاءِ وڌون ٿا ڪوششون ڪولمپدا- چولب جي جوابداري نڀي آهي.

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف: مون کي فقط هڪڙي سوال جو جواب ڏيو - فقط هڪڙي... ڇا ڪمل - ڪلش ساڌنا رستي اسين پرماتما ۾ ليه ٿي سگهون ٿا، سواميجي؟

پروتمات : (ڪجهه دير سوچي) لطيف پُٽ! جي هڪ شبد ۾ جواب گهرين ٿو ته : هائو! پر اهو ” هائو “ هزار

گيان جو امرت جو سار آهن. هڪ ڀڳت جو اهوئي
ويدانت آهي- اهوئي وديا جو انت آهي ۽ انتم
وديا آهي. جنهن ڀڳت ۾ ابرتي-ڀاؤ هوندو ان
لاءِ سڄو سنسار رڄ - ڪڻ جي برابر آهي- مٽيءَ
جي هڪ ڪڻي جي برابر آهي!

(شاهه لطيف گيان وارتا ٻڌي ٿو ٻالڪ پڻ رهيو آهي.)

پرڀات : سنت دادو ديال هڪ الست ۽ آتڪلي انسان
هو. هڪڙي ٻهري رتن ڪندو ڪندو وڃي
فتحپور سيڪري پهتو. اتي سمراٽ اڪبر سان
ملاميلو ٿيو.

اڪبر پڇيو- سائين، ڪرپا ڪري ٻڌايو ته خدا
جي، ذات، انگ، وجود ۽ رنگ ڪهڙو آهي؟
دادو ديال ان تي مستيءَ ڀريو جواب ڏنو ته:
اسڪ الڪ ڪي جات هئ، اسڪ الڪ ڪا انگ!
اسڪ الڪ اوجود هئ، اسڪ الڪ ڪا رنگ!!
سمراٽ اڪبر سنت دادو ديال جو اهو جواب ٻڌي
باغ باغ ٿي ويو ۽ سنت دادو ديال کي اڪبري
دربار ۾ رهي ان جي شوڀا وڌائڻ لاءِ عرض
ڪيائين. پر جنهن ديوانيءَ هڪ دفعو الک جڳائي
ڏنو، ان پريم جي شرط جو آلد ماڻي ڏٺو تنهن جو
راج-دربارن ۽ راج-محلن ۾ ڪا سورو دم ٿيو گهٽبو.
سنت جي الستيءَ جي اڳيان سمراٽ جي هڪ نه
هلي......

(اوچتو آلاپ جو آواز اوور لئپ ٿيو ڪري. ڪمال ناٿ دادو
ديال جو هڪ سنڌي پد ڳائي رهيو آهي.)

جهوناڳڙهه جو شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ کنگهار ٻئي
ٻڌايو هو. راءِ کنگهار ٻيو جهڙو راءِ گوارو جي نالي
سان ٻيو سڏبو و ٻندو هو تنهن سنه ٨٩٢ع ۾ فاني
دنيا مان چالاڻو ڪيو. راءِ کنگهار ٻئي کان پوءِ راءِ
ڪاوت گاديءَ تي ويٺو ۽ هن کان پوءِ سنه ١٠٠٣ع
۾ راءِ ڏياچ تخت نشين ٿيو. راءِ ڏياچ جو محلات
جهوناڳڙهه جي ڀرسان گرنار ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.
(جيڪو اڳتي وڌي رهيو آهي.)

پرونتات : پريم - ٻڌ پرارٿنا ڪري پرماتما ۾ لئه لي. وچ جو
سوالي ۾ سؤلو ۽ سلامتيءَ ڀريو رستو آهي ڀڳتي!
ڀڳتيءَ جي ڪٿو ۾ وري پرارٿنا يعني شرڌا ڀڳتيءَ
جو وڏو ۾ وڏو ملهه آهي. ڀڳت جو سڀ ڌرم ، سڀ
ڪرم ، سڀ ساڌن ڇڏي هڪ ايشور جي اوٽ ۽
آسرو وٺڻ ئي پرارٿنا آهي- شرڌا ڀڳتي آهي. ان
ڪري پرت لطيف! ڀڳت اهو ئي ڪندو جهڙو
پريتم کي وڻندو هوندو. اهو ڪڏهن به ڪندو
جيڪو پريتم کي ناراض ڪندو هوندو. ڀڳت
کي پورو پورو وشواس هوندو آهي ته پريتم هر
حال ۾ هن جي رکيا ڪندو. ڀڳت سدائين ايڪانت
۾ پريتم جو ڳڻ گان ڪندو رهندو آهي ۽ پريتم
جي ئي ڌيان - چنتن ۾ مگن رهندو آهي. ڀڳت
پوريءَ ريت پريتم جي ادين هوندو آهي ۽
سدائين دين - هين ۽ ويچارو ٿي ڪري ئي ڀڳت
ڀڳوان جي شرڻ ۾ ويندو آهي. پرت لطيف! هڪ
سچي ڀڳت ۾ انهن ڇهن ڳڻن جو هئڻ تمام ضروري
آهي. اهي ڇهه ڳڻ ڇهن شاسترن ۾ سمايل سموري

٣- قاتل ڪمائي ڪري وه ماکيءِ جي ڪن

(ابصف ڏين ڪمٽن آيٿون)

ليٽن لبل حوار : ويٽيو لائڪ - ٣

ڪمل نات: حال اسان جو لال ري،
توکي سڀ معلوم ري! حال ...
١- منجهن ڪاماڻ، منجهن ٻاڻ اَلا!
منهنجي لڳي ٻاڙي ري! حال ...
٢- منجهن مون ري مڇ ٿيو اَلا!
ڪنهن در ڪريان دانهن ري؟ حال ...
٣- ٻره ڪسائي مون گهر اَلا!
منجهن ٻري ٻاه ري! حال ...
٤- سڪون ڪري ڪباب جئن اَلا!
لئن دادوءَ جي همائو ري! حال ...

(ڪمل نات جي درديلي آواز جوڳين تي اثر ڪيو آهي. هو ٻه ٻه جي لئه - تال تڙڪندا تڙڪندا اڳتي وڌي رهيا آهن. يوڳ جي ٻڌران ڀڳتيءَ جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي.)

پروتنات: ڀٽ لطيف! رسالو ٿي رهڻو، هنڌلو نه ...

شاهه لطيف: ڀڳتيءَ ۽ عبادت جي رس ۾ ٻڏل رهان، هٺ-يوڳ ۾ نه ... انهن سوالن جي؟ سمجهم.

پروتنات: ڀٽ لطيف! مهران واري وشواس - ڀري مستيءَ سورداس واري چمتڪاري ۽ تجسوي ڪلپنا ۽ تلسيداس واري هڪ ۾ نشٺا!:

شاهه لطيف: تند تماري ٽاڻ، ڪنهن سو قبول پيو،
خاڪ مٿي ڪاهان، ڪانئا ٻوهه ڪجهه لهن!
سائين، ڪانيا ٻوهه ڪجهه نهين... ڪجهه لهن!

(چنگ جو درديلو آواز. پروتنات ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

گرنار ٽڪري / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. جهوناڳڙهه جي نزديڪ گرنار ٽڪريءَ جو درشيه. راءِ ڏياچ جي محلات جون کنڊهر جهلڪن. ڪئمرا گرنار ٽڪريءَ جي مختلف چوٽين کي جدا جدا ڪور ڪري ٿي. آخر ۾ سڀ کان اوچي چوٽيءَ تي فوڪس.
وايو منڊل جنهن مان لڳاتار سوز ڀريل سرن سان ڀرپور آهي. اوچتو "جئه گورکناٿ" جو نعرو اوور لئپ ڪري ٿو. گرنار ٽڪريءَ جي ترائيءَ ۾ مهاڀوڳي ڀروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف بيٺا آهن "جئه گورکناٿ" جو نعرو انهن جوڳين ئي هنيو آهي.)

ڀروتناٿ : لطيف، گرنار جي ٽڪريءَ جي اها جيڪا اوچي ۾ اوچي چوٽي ڏسي رهيو آهين، اها اٿئي گورکناٿ شکر...

(جوڳي "جئه گورکناٿ" جو نعرو هڻن ٿا.)

ڀروتناٿ : هيءَ سڄي ٽڪري شوالن، مندرن، غارن ۽ گفائن سان ڀري پئي آهي. اسان جوڳين جو هيءُ هڪ تيرٿ استان آهي.

(سڀ اڳتي وڌن ٿا. شاهه لطيف چپ آهي. هو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن جي اندر جي جنگ هن جي خاموشي ڀري منهن مان سمجهي سگهجي ٿي. اوچتو شاهه لطيف ۾ هڪ عجيب ڦيرو اچي ٿو وڃي.
هو گرنار جي ٽڪريءَ ڏانهن نهاري ٿو.

راءِ ڏياچ جو محلات!
گورکناٿ شکر!
راءِ ڏياچ جو محلات!

شاهه لطيف مستيءَ ۾ ٻرجي ڳائڻ لڳي ٿو.)

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماکيءَ جي ڪن،
وٽان وڍي تن، ماکي ڪي ماڻهون.
(سر يمن ڪلياڻ-۴)

ڏوري ڏوري ڏٺه، ڪاهوڙي آئيا،
مون پرين کٿه، ڪه چاڙهان ڪنهن پار جي.
(سر ڪاهوڙي-۳)

جا ڪو ڏلي گودڙي، سا ڏئي الهمدي لاڄ،
سندا تنهن سماج، چلو چولـو ڪمترا؟
(سر رامڪلي-۹)

ڏان ڪي ساٽن اور، جان آهين او ڏاڻن ۾
چولـ
سندي جوڳيان ذات، اٿي مري مس مڙي
؟
وڃا جي هنڪاور، تـ ڪرم ملندم ڪاپڙي
ان ڪري
ڏه ڏه پيرا ڏيهن ۾ پساط ملائن گهور.
(سر رامڪلي-۸)

هو روپ ۾. هن ڏانهن ڀڄڻو ناهي، هن کي ڏسڻو آهي، سامهون، بلڪل سامهون. ان لاءِ ٻاهران جي نه، پر اکين جي ضرورت آهي — اندر جي اکين جي، ڪلپنا جي اکين جي ۽ گيان جي اکين جي!

(ڪجهه پل شانتي)

پروتمات : ڌيان ... سمادي ... ۽ اندر جي اک جي سامهون پرماتما ... ڪڏهن نه روپ ۾، ڪڏهن نه رنگ ۾! ۽ آنند ۾ ... لطيف پٽ! آنند ۾ ... ڪجهه نه نه — شونيه — شونيه — شونيه - اوم! نه - اوم نه نه!
اوم کان به پري — شونيه — شونيه — شونيه!
اوم شبد جي پراپتي آهي - شونيه!
پرماتما سان ۽ پرماتما ۾ ملڻ وڃڻ آهي — شونيه! شونيه — ڪيول شونيه ...

شاهه لطيف: جهاڳي سج، وسعتن کي ويجها ڏٺا!

پروتمات : نه! لطيف پٽ، نه! تنهنجي ان سج جو اُن شونيه سان ڪوئي سمبنڌ ئي ڪو نه آهي. تنهنجي سج لطافت کان پوءِ وسعتن تي اچي... پر شونيه کان پوءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه...

شاهه لطيف : شونيه کان پوءِ پرم پد جي پراپتي ناهي سوامي جي؟

پروتمات : نه.

شاهه لطيف: شونيه کان پوءِ ايشور يا الله سان ميلاپ ڪونه ٿو ٿئي؟

پروتمات : نه... شونيه کان پوءِ ڪجهه ڪونه آهي. شونيه ئي پرم پد آهي - شونيه ئي پرماتما آهي. پٽ، جڏهن پرم پد پاتڻ، پرماتما ۾ لين ٿي وڃن ته ان کان پوءِ باقي رهڻو ئي ڇا؟

شاهه لطيف: اوهه!

شاهه لطيف: اڪيون پير ڪري وڃجي،
وو! وڃجي.
١- سورهيان جي ڳالهڙي،
ڪنهن سان ڪين ڪجي.
اڪيون...
٢- لڪائي لوڪ کان،
ڳجهڙي ڳوٺ نجي.
اڪيون...
٣- مڇيءَ مهار جو،
سُور نه ڪنهن سلجي.
اڪيون...

(شاهه لطيف جي سوز ڀريءَ وائيءَ جو اثر نه فقط جوڳين تي بلڪ پروتنات تي به ٿئي ٿو. وائيءَ ماحول کي درد جي تصوير بڻائي ڇڏيو آهي. ڪمل ناٿ پروتنات ڏانهن نهاري ٿو. شاهه لطيف اڃا به خيالن ۾ گم آهي.)

پروتنات: (شاهه جي ڪلهي تي هٿ رکي) ڀٽ لطيف! اڪيون پير ڪري وڃجي! تو پرم پد پراپت ڪرڻ جي ڪنجي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي...
سمجهين ٿو؟ سمجهين ٿو اسان جهڙا ڪجهه ڇٽي رهيا آهيون؟ سمجهين ٿو، تو جو ڪجهه چيو آهي؟... اڪيون پير ڪري وڃجي! ڀٽ لطيف، ٻيو ڪوئي طريقو ئي ڪونه آهي...

(شاهه لطيف پروتنات ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتنات: پرماتما ڪٿي ويٺو ڪونه آهي، جو اسان ڀٽڪ ڪري، جاڙهيون چڙهي، لڪ لتاڙي هن ڳوليون. هو موجود آهي— هر هنڌ، هر وقت ۽

شاهه لطيف: ره مصاحب مڱڻا قصر ڪين اچن،
لوُر تجلو نـوُر سين، نمو اُٺڻ پسن،
ڇمڪي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوڻا چمڪن،
لڏائين لطيف چئي، سندا ڏاڻ ڏسن،
ٿملان ملڪ ڏٺين، مڱڻهار ڪي.

هڪ جوڳي: جئه گورکنات جئه...

(هروڪنات جوڳين جي اشاري سان روڪي ٿو، شاهه لطيف وري پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. جوڳي هروڪنات ڏي رخ مان سمجهي ٿا ته هو هاڻي ڪجهه وقت اتي ئي شاهه لطيف سان گڏ گذارڻ ٿو چاهي. ان ڪري هر ڪو جوڳي پنهنجي پنهنجي ڪرت ڪار ۾ لڳي ٿو وڃي. ڪرت ڪار يعني ڀوڳ، اڀياس، آسڻ، ڌيان ۽ چنتن.
هروڪنات ۽ شاهه لطيف ڪي اُتي ئي ڇڏي اڳتي وڌي ٿو وڃي ۽ هڪ ڪنڊ وٽ وڃي ڌيان ۾ مگن ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز-اپ.
شاهه لطيف جي ڪلپنا ۾ ڪي درشيه اڀرن ٿا.)

(ٻيڪ گرائونڊ ۾ وڄندو رهندو ڪئمرو. سڀني افساني جو مرڪز آهي چنگ. سرندي مان لڪرندا رهن ٿا درديلا سر ـــ وڻتمار سر!)
(درويش ۽ راءِ ڏياچ جي ملڻ)
درويش . ٿورڪي هڪ ڀيٽ جهندو پر اهو پنهنجي ياءُ راءِ ڏياچ جو سر ڪٽيندو .
(ڪجهه ماڻهو هڪ صندوق درياهه ۾ وجهي رهيا آهن. صندوق

ٻروتناٿ : سڀ لفظي وسعت ۾ اچڻ جو مطلب سمجهين ٿو؟
(شاهه چپ آهي)

ٻروتناٿ : نٿو سمجهين؟ وڏي پـد تي پهچي وري واپس
مايا جار ۾ ڦاسڻ چاهين ٿو؟ لطيف پٽ، تنهنجي
ان ست جي ٻڌان ڪلپنا اها آهي ته انسان حرص
حواسن جو تياڳ ڪري، تن کي تيما ڏئي پرماتما
کي پراپت ڪري ٿو... هي جهلي جي انوسار حال
سنو آهي پر ”شونيه“ واري منزل چهڙ ٿي ئي آهي.
(ٻروتناٿ شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو.)

ٻروتناٿ : تون ڪڏهن چنتا نه ڪر پٽ لطيف! سڀ جهاڳي
وسعت ۾ داخل ٿيڻ ۽ اکين کـي ٻير ڪري ٻند
ڪرڻ جي وچ ۾ جهڪا ولي آهي، اها تو لاءِ ٻرڻ
بلڪل ڏکيو نه ٿيندو... اهي ته روحانيت جي راهه
جا پڙاوَ آهن. پڙاوَ نه هٽندا آهن، ساهي نه ٻيهندا آهن،
آس-پاس جو جائزو نه وٺندا آهن ته ”شونيه“ تائين
پهچي ئي نه سگهندا آهن.

(سڀو ٽولو گرنار تي چڙهندي چڙهندي اچي راءِ ڏياچ جي محلات
تائين پهتو آهي. محلات جي بلند شان جون نشانيون اڃا قائم
آهن.)

شاهه لطيف: سو هي آهي راءِ ڏياچ جو محل— اُن سخي سردار
جو محل جنهن سنگيت تي سر ڏنو، جنهن ڪلا جي
قدر ۽ قيمت کي ان حد تائين پهچائي ڇڏيو جنهن
حد کي اڄ تائين نه ڪو ٻيو لتاڙي سگهيو آهي ۽
نه آئينده ۾ لتاڙي سگهندو...
(اوچتو شاهه لطيف چپ ٿي ٿو وڃي.)

(رتنو ڪنڌ دريا جي ڪپ تي پيل صندوق مان هڪ نياڻي ٻاهر ڪڍي رهيو آهي. هو ڪجهه پل نياڻيءَ جي چنڊ جهڙي چهري ڏانهن تڪيندو ٿو رهي.)

رتنو : ڪهڙي ڪمائيءَ تو سان هئيءَ ڪاسائڪي ڪار
ڪئي آهي؟ ملڪ جي راجا ڏاهپ کي هٿ پوي
ته هوند ڪارائيءَ سان چيرائي ڇڏيس ان هتياري
کي......

(ان وقت اوچتو ئي اوچتو دور کان منو مڌر آلاپ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. ڪوئي سادو پنهنجي موج مستيءَ ۾ يڪتاري تي مهراڻ جو ٻد راڳ سورٺ ۾ ڳائيندو، درياه جو ڪپ وٺيو ڪيڏانهن هلندو ٿو وڃي.)

سادو : (ڳائي ٿو، راڳ سورٺ ۾)
ٿاني ڪانئي ڪهه سمجهائون
مهارا ٻالا گرڌاري! ٿاني...
١- ٻو رب جنم ڪي پريت هماري
اب نهين جات نواري! ٿاني...
٢- مهران ڪهي گوبن ڪر پالهو
همسون ٻيو برهچاري! ٿاني...
٣- چرڻ سرڻ هئي داسي تمهاري،
ٻلڪ نه ڪيجئي نياري! ٿاني...

(گيت جي وچ وچ ۾ رتني کي نياڻيءَ ڪئي پيار ڪندو ڏيکاريو ٿو وڃي. لڳي ٿو جڻ صندوق مان نڪتل ڪنيا کي به مهران جو ڀڄن آنند ڏئي رهيو آهي.)

رتنو : سورٺ راڳ وڻيئي، لڳي ٿو. ڏاڍو خوش ٿي نظر
اچن. چڱو ڏيءُ هگو. رتنو ڪنڌ جهڪو منڪا
نياهيندي منڪا وڃائڻ لڳو ۽ منڪا

لڙهندي لڙهندي اڳتي وهڪري ۾ وهندي ٿي وڃي.)

راجا آڌيراج: (رڙ ڪندي) اسانجي مٿان اول ٿي سمٽ ڏاڍون جو بوجهه آهي. هيءَ ٻالڪهڻ بلا ڪٿان آئي؟ ڦٽو ڪريوس وڃي درياهه ۾...

(سپاهي هڪ صندوق درياهه جي حوالي ڪري رهيا آهن.)

(چارڻ ۽ سندس زال درياهه جي ڪناري لڳي بيٺا آهن. هڪ صندوق ترندي ترندي هنن جي ڀرسان اچي ٿي بيهي. چارڻ صندوق درياهه مان ٻاهر ڪڍي کولي ٿو ته ڏسندو ته ان ۾ هڪ نئون ڄاول ٻالڪ مڙي سان ليٽيو پيو آهي ۽ آڱوٺو چوسي رهيو آهي.)

زال : اڙي هي چنڊ جهڙو ٻالڪ ته ڪنهن راج-گهراڻي جو ٿو لڳي.

چارڻ : شل ٻيج جي چنڊ جيان وڌين و ڦلين... آڌيراج جي ديش ۾ چارڻ تنهنجو سواگت ٿو ڪري.

زال : جي هن لال کي ٻيج جو چنڊ ڪوٺيو اٿو ته نالو ٿي ٿا رکونس ٻيجل...

(زال مڙس ٻيجل کي گود ۾ کيڏائن ڪڏائن ٿا. ٻيجل مرڪي رهيو آهي.)

لاه مچ ۾ ٿي وڃي رهيو آهي.

راءِ ڏياچ : ٽڪري ٿي اچوس رکي... ڪنئر جي ڀت ڪي...

(راءِ ڏياچ جي سامهون رتنو ڪنور هٿ ٻڌي اڀو آهي. هو ڏڙ ڏڙ ڪنبي رهيو آهي.)

راءِ ڏياچ : ڇو ڙي رتنا! ڪالهه اسان جو ۽ ڏيئر ڀڄائين آنيراه وقتا هن ٻڌي ڪوست ۽ ڇا ڏٺئه جو اسان ۽ نظر نه آيئه ڙي؟ تنهنجيءَ ڌيءُ جي ڏوليءَ جي منزل اچي وئي. ڇاهي نالو تنهنجي ڌيءُ جو؟

رتنو : سائين سورٺ.

راءِ ڏياچ : سورٺ، مڏر راڳڻي سورٺ! سورٺ راءِ ڏياچ جي محلات ۾ جادو جاڳائيندي ۽ سون جون ٻارون وسائيندي...

(انيراه بيحد غصي ۾ محلات جي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪري رهيو آهي .)

آنيراه : اُيمان! گهور اُيمان!... هوڪو ڏيارو سڄي ملڪ ۾ ته جيڪو راءِ ڏياچ جو سر وڍي منهنجي سامهون پيش ڪندو تنهنکي سونين مهرن سان تورائي ٿالهه ڏنو ويندو... اِهو اُهو جيڪو ڪجهه گهرندو، سو کيس ملندو! مٿو، مٿو! اسان کي راءِ ڏياچ جو وڍيل مٿو گهرجي!

وڄائيندي وڄائيندي ڇار - ٻيجل راڄ - راڄ ٽٽڻ نه
سگهي ويو... اهو رڳو ڪنهنجو نالو ٿي ڪٿي ٿو رکي-
سورٺ... راءِ، ٻيڙو جي ٽمن تو نهن سورٺ...

(رڻ وڻ ٻڪريون ڇري رهيون آهن. ٻيجل جوان ٿي چڪو آهي ۽ وڻ جي هيٺان ويهي چنگ وڄائي رهيو آهي. چنگ مان اهڙا ته مڌر سُر نڪري رهيا آهن جو نه فقط چوپايو مال مست ٿي چري رهيو آهي بلڪ ٻيجل جي آس پاس ڪيترا ئي پکي ۽ ٻڪي اچي ڪٺا ٿيا آهن.)

(رتنو مٽڪو وڄائي رهيو آهي. سورٺ اچي رهي آهي. سورٺ جون ساهيڙيون اچن ٿيون. سڀ ڪلهيون ڪلهيون ٻاهر نڪري ٿيون وڃن.)

(ڄڃ وڃي رهي آهي. شادمانا. شهنائيءَ جا سُر. ڏوليءَ ۾ ڪنوار. ڏوليءَ جي اڳيان اڳيان رتنو اچيندو وڃي رهيو آهي... پنهنجي محلات جي ڪُرڻي تان راءِ ڏياچ شادمانا ڏسي ٿو.)

راءِ ڏياچ : هيءَ ڪنهن جي ڄڃ وڃي رهي آهي؟

انگرڪشڪ: سائين، ڄڃ لاهيءَ ــ مچ آهي. رتنو ڪنڀار پنهنجيءَ ڌيءَ جي شادي راجا انيراءِ سان ڪرائي

شاهه لطيف: ادا ڪمل، منهنجو راڳ ڏياچ ۽ سرود جي ڪهاڻيءَ
سان نه ڪوئي مطلب آهي ۽ نه ڪوئي لڳاءُ يا
واسطو. منهنجي اکين جي سامهون ته هڪڙو
ڪلاڪار آهي جنهنجي ڪلا ۾ جان کي جسم کان
جدا ڪري ڇڏڻ جي طاقت آهي. جنهن جو سرندي
جي سرن سان سر وڃي ڇاڻي!... منهنجي سامهون
ڪلا جو هڪ پوڄاري آهي جنهن جو سنگيت جي
سرن مان امرت آنند وٺي ڇاڻي جو ڪيس زندگي ۽
خصوص لڳڻ ٿي لڳي، تنهن ٿي لڳڻ لڳي! ۽
منهنجي سامهون آهي هڪ منڊر راڳڻي سرود
جنهنجي منش ۾ اها مدهوشي پيل آهي جو ماڻهو
منهنجو پاڻ کان نه جدا ٿي وڃي!...

ڪمل ناٿ: لطيف، ڀاءُ لطيف! ارٿ جو انرٿ نه ڪر.

پروتناٿ: ڀت ڪمل، لطيفي جي وچار ڌارا کي سمجهڻ
جي ڪوشش ڪر. لطيف قصن ـ ڪهاڻين جي لفظي
۽ دنيوي مطلبن کان گهڻو گهڻو مٿي چڙهي چڪو
آهي.

(شاه لطيف چپ آهي. ڪمل ناٿ مهانو گي پروتنناٿ ڏانهن
نهاري ٿو..)

پروتناٿ: لطيفي جو درشٽيڪوڻ سمجهه. هڪ طرف اسجل
جهڙو سنگيت جو جادوگر، ٻئي طرف سرود
جهڙي منڊر راڳڻي ۽ انهن ٻنهي جي وچ سنگيت
جو پوڄاري راڳ ڏياچ.
آنند جڏهن انتر سما ۾ پار ڪري وڃڻو آهي ته
پوءِ سڀ هستي فنا ٿي وڃي آهي. هستيءَ
بيان ڪڏ آهي سڀ شين ۾ فنا ٿي وڃڻيون آهن

(ٻيجل راءِ ڏياچ جي سامهون ڇنگ وڄائي رهيو آهي. راءِ ڏياچ جي حالت منتر مگن انسان جهڙي ٿي وئي آهي- مدهوش، بيخود، مفتون، قربان ٿي وڃڻ واري تصوير.)

راءِ ڏياچ : گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي چارڻ!

ٻيجل : راڄن! ڏيڻو اٿيئي ته ڪنڌ ڪپي ڏي.

(ڇنگ مان سورٺ ۾ مارو سر نڪرن ٿا. راءِ ڏياچ ڪٽارو کڻي ڪنڌ ڪپڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.)

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ.)

شاهه لطيف: ڪنجهي ڪرت ڪيرو، واڄو وڄائي،
هڻئي تند حضور ۾، تنهن پارس پرائي،
ڏسندئي ڏياچ کي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪڍي تنهن ڪاتي، وڌو ڪرت ڪاپار ۾.

(اوچتو ڪمل ناٿ شاهه لطيف جي سامهون اچي ٿو بيهي)

ڪمل ناٿ: لطيف! هڪ ڪوڙي حقيقت کي پارس ٿو چوين؟!
پورڻ گروءَ جي پدوي ٿو ڏين؟! ٻيجل- پيٽ ڀرشٽ
ڪلاڪار، جنهن ڪماچ ڪان ڪاتيءَ جو ڪم ورتو!
بد اخلاق ڪلاڪار جنهن ڪنري کي ڪٽارو
پڪڙائي ڇڏيو! بيحس ٻيجل، لچڻو ٻيجل، دشٽ ٻيجل،
اهو پارس!

(شاهه لطيف ڪمل ناٿ کي هڪدم جواب ڪونه ٿو ڏئي. هو سوچ ۾ گم آهي. اسان ڏسون ٿا ته پروتدائق ــ شاهه لطيف جي منهن ڏانهن نهاري رهيو آهي پر ذرا مرڪندڙ نظرن سان.)

۾ ۽ ماڻهن کي آئين ۾ تبديل ڪري ٿو سگهن.
(مذاقيه انداز ۾ آشيرواد ڏيندي)
شل اهو مقام توسان ۽ تون ان مقام سان جڳ-جڳ
جڙيو رهين...
(پروهت ۽ شاه لطيف مرڪن ٿا.)

هڪ جوڳي: (اوچتو اچي ڪري) جئه گورکناٿ! سوامي جي، هلون ؟

(پروهت ڪنڌ سان هاڪار ڪري ٿو. سڀ اڳتي وڌن ٿا. گورکناٿ - شکر آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي.)

گورکناٿ شکر / ٻاهر / ڏينهن

(پروهت، شاه لطيف ۽ ٻيا جوڳي گرنار ٽڪريءَ جي سڀ کان اوچي چوٽي گورکناٿ شکر تان پرماتما جي رچنا ليلا جو آنند ماڻي رهيا آهن. اهڙن استانن تي پهچي انسان جو من خود به خود پرماتما ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي.)

شاه لطيف: نه سمنڊ، نه گهري، نه لانگوٽي لڪ،
جنڌانهن پرين وڪ، تنڌانهن صاحب سامهون.

(جوڳي ڌيان-مگن ۾ ويهي "اوم- اوم- اوم" جي ڌني لڳائن ٿا. سڄو ماحول اوم جي گهن گنڀير سُر سان گونجي ٿو وڃي.)

شاه لطيف: جا اسلامان اڳي هئي، سا سڃاتم ٻانگ،
ساميءَ جڏهن سانگ، ڳنڍيا گورکناٿ کي!

(اوم شبد جي گونج اڃا برقرار آهي. شاه لطيف پاڻ به ڌيان-مگن لڳائي ويهي ٿو رهي.)

شاه لطيف: اوم......

(چئني طرفن کان اوم جو پڙاڏو)

جن جو آنند سان لاڳاپو هوندو آهي.

(ڪمل ناٿ ۽ شاهه لطيف پروتمانند ڏانهن نهارين ٿا. هو اڃا به وڌيڪ چٽائيءَ سان سمجهڻ چاهين ٿا.)

پروتمانند: هڪ ڀڳت جي ڀڳتيءَ جي آنند جي وهڪري ۾ وهي اشٽ - ديوتا جي چرڻن ۾ پراڻ ارپڻ ٿو ڪري ۽ شوليءَ ۾ سمائجي ٿو وڃي. ته هن سان گڏ ئي ڀڳتي ۽ خود اشٽ - ديوتا به شوليءَ ۾ سمائجي هڪ ٿي ٿا وڃن.

(شاهه لطيف جي اکين ۾ آنند ڀري عجيب چمڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتمانند: اهڙو راهه ڏاڄ ئي مذهبا پراڻ لٽو لٽائي، هن سان گڏ ئي ساڳي ئي ڇڪيا ۾ سورت ۽ شبد به پيو ٿين ٿا. آنند پوڄيندڙ ويو ته آنند پيدا ڪندڙ به ويو ۽ آنند جي وستو به وئي... اڃا به وڌيڪ ڪولي ڇوان؟ راڳ - پوڄهي ويو ته پاڻ سان راڳ ۽ راڳي به کڻي ويو. لطيفي جـــي سوچ جون اهي آهن سمائون.

(شاهه لطيف ڏاڍو گد گد لڳي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: سڄ سرن پاڻي، جـــي ٿـند برابر تو رهان،
آتل اوڏانهن ٿـئي، جـڏانهن اصل پراڻي،
سڪـڻو هـڏ آهي، سڀ ۾ سڄڻ ناهه ڪي.

پروتمانند: لطيف، تون پاڻ به سنگيت جو ڪمل راهه ڏياڄ آهين تڏهن ئي اهڙا پول پولي سگهين. ٻئي جي جاهه ناهي.

ڪمل ناٿ: ادا لطيف، جي تون پاڻ ئي تيمن راهه ڏياڄ ته پوءِ تو ئي ڪاني مهار ناهي. جو پولين سو واهه واه! جو آکين سو سچا ... منهنجو خيال آهي ته هاڻي تون ان مقام تي پهچي چڪو آهين جتان آئين ڪي پيهن

ڪنڀات ۾ مهاديو جو تلاءُ / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. شِوجي مورت تي جوڳي ڌيـان مگن ويٺا آهن. شاهه لطيف ٽڪٽڪ شو-لنگ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اوليارا در درون -ي - نغمهاست
طالبان را زان حيات-ي-بي بهاست

ڪمل ذات: (اکيون ٻوٽي) يعني؟

شاهه لطيف: مولانا رومي جو ڪلام آهي. چوي ٿو: طالب مرشد وٽـان روحاني رمز پروڙي پاڻ کـي ان ۾ فنا ٿو ڪري. ان کان پوءِ طالب ۽ مطلوب ٻئي هڪ ٿي ٿا وڃن. راجا راڻائي هردو ٿي هڪ ٿيا...

ڪمل ذات: اڄ تنهنجو من ڏياچ ۽ ٻيجل کي ٻڪڙي ويٺو آهي. مهاديو جي لنگ ڏانهن نـهار. سڄي سرشٽي ان ۾ سمائي پئي اچي.

شاهه لطيف: آءُ ٿي ته ڏسي رهيو آهيان. ڏسي رهيو آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان.

ڪمل ذات: لطيف، ڏسڻ ۽ سوچڻ کـان سواءِ ٻيو اسان لاءِ آهي ئي ڇا؟

شاهه لطيف: ڪڪ آهن ان حالت مان؟

ڪمل ذات: ڪڪ ٿي ڪري ته ڪندس ڇا؟

شاهه لطيف: ڪنياٽڙي ٽڙوري آئي تـڙ واجهاءِ،
مان اڇيون ڪاءِ، سواڻـي سڄڻين.

(ڪجهه پل خاموش رهي ٿو)

شاهه لطيف: ڏ ٻهون ڏ ٻـهن لـڏون،
مون ڪـي وره و ٿڙپن جو،
ڏ ٻهون ڏين ٿيون......

گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز مهايوگي ڀروٿماڻ جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

ڀروٿماڻ : مهايوگي گرو گورکناٿ اسان ناٿ - پنٿين کي من - وچن - ڪرم جي پوترتا جو مها منتر ڏنو آهي. اسان ناٿ - پنٿين جي اٺ - انگا جو آڌار آهي: من - ساڌنا، پراڻ - ساڌنا، اندريه - ساڌنا، پاتنجل يوگ ۽ آچار - وچار جي پوترتا...

(ڀروٿماڻ جي سنواد سان گڏوگڏ ڪئمرا به پوئتي هٽندي ٿي وڃي ۽ اسان ڏسون ٿا ته ڀروٿماڻ شاهه لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. آس پاس ٻيا جوڳي به ويٺا آهن. جيئن ته هو هن وقت گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا ۾ ويٺا آهن ان ڪري ڪجهه اونداهو محسوس ٿي رهيو آهي.)

ڀروٿماڻ : اسر يوگيندر گرو گورکناٿ سوامي انهن پرتاپي ۽ تپسوي ورلي پرش سان هو جنهن جو پاو ڪان ڪنهن لاءِ به اڻڄاڻ ممڪن نه هو. پر هو اهو چاهي عام ماڻهو هجي، ڪوي - ڪلاڪار هجي يا تپسوي ۽ سنت پرش هجي. پر لطيف، ڪبير جي واڻي پڙهي ڏسو. توهان ڏسندا ته ڪبير جهڙي اکڙ ۽ فقير طبيعت انسان تي به يوگيراج گورکناٿ ۽ سندس ساٿين جي امٽ ڇاپ آهي...

جوڳي : جئه گورکناٿ...
الک نرنجن......

سڀ کان اول هڏن ٻهر ڏريا
لنگر ڀارڪر ۾ ،
لنگر جهڙو شهر ،
جڏهن ۾ نمرٻاڙي لهر .
ٻر لنگر ڀارڪ آهي ڪارونجهر
ڏڪري، جي هيج ۾ —
ڪارونجهر ڏڪري جهڙا
ٻرلدڙ جبل جي ڀائي آهي.

ٻر جي وڏن جون قطارون.

ڪارونجهر ڏڪري جي ٻهت
مان ڳڙ ڳڙاهٽ جو خوفناڪ
آواز نڪري ٿو.

ڪارونجهر ٻيءَ ڪالنجر —
ڪال جو اُلٽ آٿيندڙ مهاڏ ٻو.
هتي انهيءَ سر، سارنگ ۽
گهو مڪي نالي ٻه نيرٿ استان
به آهن.

جوڳي ۽ شاهه لطيف شو- لنگ
جي اڳيان سر جهڪائن ٿا...
انهيءَ سر وٽ شاهه لطيف ۽
جوڳي. سارنگ ٿي شاهه لطيف
۽ جوڳي. گهو مڪي وٽ شاهه
لطيف ۽ جوڳي.

ستيءَ سيتيءَ سارڀا جي پانڊو جا ڀروهار...

سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري ٿر
کي "پانڊو جو ٿر" ڪري
سڏيندا آهن. هن سر زمين
ڏانهن جوڳي ۽ شاهه لطيف جو
چقمقي ڪشش سان ڇڪجندا
ڇڪجندا اُن ڪري آيا جو
جوڳين کي گوريءَ جي مندر
جو درشن ڪرڻو هو ۽ شاهه
لطيف کي ڏسڻو هو مارئيءَ
جو ملڪ — ملير...

ٻروٽنمائف، جوڳي ۽ شاهه لطيف
تيز رفتار سان اڳتي وڌندا ٿا
وڃن.

ڪمل ذات : سچ آهي- مڪمل سچ آهي. پيار جو پاڻ آڌار نه ٻڌندو آهي، هڏهن ۾ اڪيلو ٻه، حياتيءَ ڀر ڇپندو آهي. هڪ دفعو ٻر ٻر-پاڻ سان جو ڦٽو سو ڦاٽو. ٻيو موسم تائين ڦٽڪندو.

پروتدات : (اوچتو اچي ڪري) ڦٽڪندو، لڇندو، ڀرندو، جلندو ۽ ڀسم ٿي ڪرندو ....

گهٽ ۾ گهٽ لطيفي لاءِ ته اسان اهو دعويٰ سان چئي ٿا سگهون ... مهاديو شو شنڪر جي اکين سر جهڪائي، وڏو ن ٿا اگهي...

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ ڪجرات جي شهرن ۾ گوريءَ جو ميلو لڳندو هو. ميلي ۾ عام جنتا سان گڏو گڏ ڪيترا ئي جوڳي ۽ وڃي ڪنا ٿيندا ها ...

شاهه لطيف ۽ جوڳي ڪيئامص ڪان سڌو جيسلمير ڪر ڻ ويا ها ۽ ڪجرات جا ٻيٽ لعاڙي سمنڊ ڏانهن رخ رکيو هئائين.

درشيه

پارسنامه جي جهانڪي. ميلو.
گوريءَ جا ڪجهه درشيه
راس ليلا
پروتدامه، شاهه لطيف ۽ جوڳي ميلو ڏسي رهيا آهن.
سڀ پارسنامه (گوراچو) جو درشن ڪن ٿا.

شاهه لطيف ۽ جوڳي ڀٽ لعاڙي رهيا آهن.

ٻاٽي ٻڌندا آهن؟

(آواز کي وڏا وارا ٻڌائيندي)

هڪڙي اندر خاني جي ڳالهه ٻڌايانءِ؟

عمر ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي ته مارئيءَ جو

من ڪو موهي — پر نه موهيو، نه موهيو — اڙي ميان!

ڏس الله جا ڪرشما! عمر پاڻ موهي ويو. ٿي

ويو، ٽڙي ويو –

(اوچتو منڪي کي ڪٺي ٿو چانئيءَ سان لڳائي.)

اڌ - چريو : هيءَ مارئيءَ جو منڪو - مان ڪڏهنڪي نه ڏيندس،

ڪڏهنڪي نه ڏيندس، ڪڏهنڪي نه ڏيندس...

(ساڳيا لفظ دهرائيندو دهرائيندو هڪ طرف ٻ ڪندو ٻ ڪندو

هليو ٿو وڃي.)

شاه لطيف: (اکين کان دور ٿيندڙ اڌ-چريي فقير ڏانهن نهاريندي)

اشارا سمجها اٿائين سو اشارن ۾ ڳالهائي ٿو. زمان

۽ مڪان کي فتح ڪري چڪو آهي

پروذات : ٻت لطيف، فقير جي جهڙو- دنيا ڀانئين ٿو. ڏس، دنيا

جا هوش حواس دنيا کي ڏيئي ڇڏيا اٿائين، پر

لوڪ - ڪلهاڙ کان مٿي نه مڙيو اٿائين... اخلاق

جي قيمت اڃا سمجهي ٿو...

(شاه لطيف ٻڪڙڪ ڪولٻيءَ طرف نهاريندو ٿو رهي.)

ڪملذات: ڪولٻيءَ جو ڪنڌ و ڪريءَ جي قلب ۾ اڙجي

ويو! ويو ڪوي ڪم کان!

پروذات : ڏسهون ڏيهن لطيفو ڪم جو ٿيندو لــو وڃي...

ڪمل پت، هي لوڪ - ڪهاڻيون ته ڪليون آهن

جن تي لطيفو آڏيائڪ انهن ۽ آزمودن جا وسنو

ٽڪيندو. ڪئين ڪهاڻيون ته ڏاڍا آهن جن ۾

(سنگيت- ميٺ عورتاڻي آواز ۾)

جهڙي آهيان جهڙين، جي تهڙي وڃان تن ڏي،
ته لالائيءَ جا، لطف ڇڏيءِ، ڪر مڏن آڻا مهڻين،
مارُڙيءَ لڳم مٺو، سڀ ڇانڊر سڀڻين،
تهس ڪاڻاري ڪالڊ جي، هتي اچي هيڻن،
ڪنڊ ڪٽيندس ڪهڻن، مهڻ ماروئڙن جي؟

(درد ڀريو سنگيت ۽ هاڪو.)

ملير ۾ ميدان / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اپ ۾ ڪيل ڀتر جي هڪ وڏيءَ ڪولڙيءَ تي. هڪ اڪيلو فقير منڪي مان ڪولڙيءَ ۾ ٻاڻي اوتي رهيو آهي. ڪئميرا جي اولٽي هٽڻ تي اسان ڏسون ٿا مهايوگي پروتڻاٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان ڪولڙيءَ جي آس پاس اڀا آهن ۽ تنهن مان اڪيلي فقير ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

اڪيلو : ايندي- ايندي- هاڻي ايندي- پنهنجن ڇپرن ڇپرن سان گڏ ايندي- هو هو-

شاهه لطيف: ابا، ڪير ايندي؟

(اڪيلو فقير عجب مان هنن سڀني ڏانهن نهاري ٿو- ڄڻ ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙ هجي ته هن ڪان سواءِ به ڪوئي اچي آهي.)!

اڪيلو : (شاهه لطيف جي منهن سامهون هٿ لوڏيندي) ڇپن
تو ڪير ايندي؟ هو هو هو- مارئي ايندي مارئي!
پنهنجن ڇپرن سان گڏ مارئي ايندي...
خبر ڪو نه آئي ته هن ڪولڙيءَ مان ڇپلا ۽ ڇپرون

علاج آهن. ڪهڙا هو جي پنهن جي ٻاهرئين ڀاسي ڪام - ڪريا جون گڏيون ۽ گڏيون تصويرون آهن ڪنهن ڪامي ٻاڳل جو من جهڙي ڪلپنائون ڪري سگهي ٿو انهن ڪان ٻه گهٽ و ڏيڪ پيالڪ.

ڪمل ذات جهڙا آهي واسنا ڀريون تصويرون ڏسندا رهندا، ڏسندا رهندا جسمن هن جو من ڀرجي نه وڃي، ٿڪجي نه ... پوءِ اندر داخل ٿيندا. اندر، ديوارن جي ٻئي پاسي، ڪجهه نه ڪونهي...سڀڪجهه لطيفه ؟ ڪجهه نه ڪونهي.

ڪام - واسنا جون سڀ ڪلا بازيون ٻاهر رهجي ويون. هاڻي آهي - ڪجهه نه ن. شونيه - شونيه - شونيه. لطيفه ! يوڳي، ڀوڳي، روڳي، ڪجهه ۽ تماڳ ڪان سواءِ پرم پد جي پراپتي، شونيه جي پراپتي ٿيڻي ئي ڪونه آهي. هاڻي، اسان گوري مندر جو درشن ڪرڻ لاءِ هلنداسين. پارسناٿ گروهه جي گوري مندر ڏانهن...

گوري مندر / اندر / ڏينهن

(دالان. گوري ۽ جو مندر جاطي اندر آهي ۽ اڳيان دالان الس. پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف دالان جو ديدار ڪري رهيا آهن. دالان ڏسڻ وٽان آهي. سڀ ڪم سنگمرمر ۽ جرڪندڙ پٿر جو ٿيل آهي. دالان جا ٿنڀا به سنگمرمر جا آهن. گولائيءَ واري ڇت. ديوارن تي دلڪش چٽر چٽيل.

دالان جي سونهن ڏسڻ کان پوءِ سڀ هڪ وڏي صفي ۾ داخل

لطيفو روحاني هيرا موتي جواهر، لعل پوئيندو.

شاه لطيف: پاڇاهي نه پاڙيان، سرتيون سڀئي ساٿ،
ٻڌي أکهاڙن کي، ڪين ٻڌائين پاٿ،
ٻهر ڇاپي چاڪ، اُن جي اوصاف ڪسي!

ڪمل نات: يعني سڀني جا گڻ سمجهڻ لاءِ به ٻيو جنم وٺڻو پوندو؟ يا اهنڪار مارڻو پوندو؟

پروتنات: ڪمل پت، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته لطيفو ڏينهون ڏينهن اڙجندو ٿو وڃي يا آزاد ٿيندو ٿو وڃي؟

ڪمل نات: (شرارت مان) اهو ته سڀ ٺيڪ آهي گروجي! پر ... ڪين ٻڌائين پاٿ... انهن لفظن جي پٺيان ڪائي صورت مورت ته ڪونه لڪائي رکي اٿئي؟ ڀڳوان ڄاڻي، ڪلپنا ۾ ڪنهن کي ٿو أکهاڙو ڏسين!

(پهريون دفعو شاه لطيف مُڪ ٺاهي ڪمل نات تي جهٽڪو ٿو ماري. پر ڪمل نات هڪ طرف هٽي ٿو وڃي. شاه لطيف چاهي ڪمل نات جي چهري تي مرڪ آهي جڻ ٻئي ان مذاق مان آنند ماڻي رهيا آهن. اوچتو ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا، کلن ٿا ۽ ڪٺي ٿا هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀرن.)

پروتنات: پت لطيف، ڪمل جو علاج ڪرڻو پوندو. اسان هن کي کجراهو جون غفائون ڏيکاريندا سين.

شاه لطيف: کجراهو جون غفائون؟ ان مان ڇا ٿيندو سوامي جي؟

پروتنات: ڪمل جي وڪارن جو علاج - وڪرت سوچ جو علاج...

(ڪمل نات مرڪي رهيو آهي. شاه لطيف پروتنات ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتنات: کجراهو جا پالڪ ڪامڪ چتر واسنا جي روپن جو

سوتر‌ڌار (فقط آواز) : هي آهي وڏڙهي جهپ ڳوٺ جي ٻاهران ٻارو فقير جي سماڌي. ٻارو فقير جنهنکي عام طرح "ٻار برهمڻ" چوندا آهن سو اصل ڪڇ جي انجار شهر جو ويٺل هو ۽ ڪڇي برهمڻ هو. ننڍڪڻ ڏالي هڪ سنياسيءَ کان ڀوڳ - ڪرياؤن سکيو ۽ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهيو.

سڀاءَ جو وئراڳي هو - گهمڪڙ هو. رٽن ڪندو ڪندو اچي سنڌ پهتو. وڏڙهي جهپ جو ڳوٺ اهڙو ته وڻي ويس جو هتي ئي رهي پيو ۽ هن ڳوٺ کي ئي پنهنجو سيوا - استان، ڪرم - ڪيتر ۽ سماڌي - استل بڻايائين !

ان وقت ٻئي هن ڳوٺ ۾ ٻهل رهندا ها. شوڊر، اڇوت ۽ گهٽ جاتيءَ وارا ٻهل، جنکان سڀ اوچين جاتين وارا ڇوڇ ڪري دور ٻجهندا ها ۽ جنکي ڌڪاريندا ها ! سو ٻارو فقير ٻهلن جو سيوڪ ٿي ڪري رهيو ! برهمڻ ٻر ٻهلن جو سيوڪ !!

❂

(ڏکڻ ٻنل ٻهل زمين تي سمهيا پيا آهن. ٻارو فقير گهر ۾ اندر اچي ٿو. هنجي مٿي تي هڪ وڏي گهاگهر پاڻيءَ سان ڀريل آهي. ٻي هڪ هٿ ۾ رکيل مٽيءَ جي مٽڪن جي اگهان اچي ٿو. مٽڪا صاف ڪري ٿو ۽ گهاگهر جو پاڻي انهن ۾ اوتي ٿو.)

ٻارو فقير : ويچارا ڪم ڪري ڪري ٿڪا ٽٽي پيا آهن. سمهيا انهن پيا آهن جهڙا ٻون لڙون …

(ٻارو فقير هڪ گهر ۾ ڪانهن جي ٻاري رکي ٿو.)

ڏسون ٿا. صفي جي ٻنهي پاسي کان ڇهه ڇهه، يعني ڪل ٻارهن ڪوٺيون ٺهيل آهن. جيڪي صفو ڏسي رهيا آهن. پروتماشڪ ۽ شاهه لطيف هڪ ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿي ٿا وڃن. ڪوٺيءَ جي ڇت گنبذ جهان آهي ۽ ان ۾ هڪ ننڍڙو تلهو به ٺهيل آهي- پوڪسي، ابياس لاءِ يا ڌيان-گيان ڪرڻ لاءِ.

ڪوٺيءَ ۾ ڏسڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. ان ڪري اسين واپس صفي ۾ اچون ٿا. پوءِ سڀ هڪ ٻئي صفي ۾ داخل ٿين ٿا جنهن ۾ هڪ وڏو تلهو ٺهيل آهي.)

پروتذات : ارچن ڪال جو ڳرو ڪل لڳي رهيو آهي... هي
وڏو شاهي تلهو ڏسو، سڀ ڳروڪل واسي ملي ڪري
هتي اچي ڪندا هوندا... من پرسن ٿي ويو - آنند
اچي ويو.

(سڀ واپس ورن ٿا ۽ مندر جي ٻاهران پر هاڻي هي اندر هڪ غفا جي پرسان اچي ٿا بيهن. پروتمامڪ، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان غفا ۾ داخل ٿين ٿا. غفا ۾ ويهڻ وهڻ لاءِ ڏاڪا ٺهيل آهن.)

پروتذات : هي ڳرڀ-گهر آهي آچاريه جي يوگ ابياس لاءِ ۽
شاسترن جو چنتن ۽ منن ڪرڻ لاءِ...
ست لطيف! هي اُهي اُهي آستان جتان اهڙا لال
۽ هيرا تراشجي نڪرندا ها.

ويڙهي جهپ / ٻارو فقير جي سماڌي / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ٻارو فقير جي سماڌيءَ کي ڪور ڪري رهي آهي. سوتر ڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

ٻارو فقير: هاڻي منهنجي
مٿان مٽي وجهو
۽ مون کي
ڌرتي تي
سمادي ڏيو.

ٻارو فقير جي سمادي جڙندي
ڏسي وڃي.

ٻارُو فقير جي سمادي / ٻاهر / پرڀات

(ٻوٽاڻ جو منظر آهي. ٻڪرين جي ڇهڇهانت وايو منڊل کي قدرتي سنگيت سان ڀري رهي آهي. سج اڃا نڪتو ڪو نه آهي. اوڀر طرف اُفق ۾ لالاڻ آهي.
ٻارو فقير جي سماديءَ جي ڀرسان مهاڻوڪي پروهتاڻ ويٺو آهي. هنجي سامهون شاهه لطيف ويٺو آهي. باقي سڀ جوڳي اڌ - گول لاهي پروهتاڻ جي سامهون ويٺا آهن.)

پروهتاڻ : هيءَ جاڳرت سمادي آهي. مهاپرش ٻارو فقير جي هيءَ سمادي جاڳرت سمادي آهي. هيءَ سمادي اُن شڪتيءَ جي سمادي آهي جنهن جاتي - پاتي ۽ اوچ - نيچ جو ڀيد مٽايو ۽ منش کي منش ٿي ڪري جيئڻ جو پاٺ پڙهايو. هتي جيڪڏهن ڪائي شيءِ دفن ٿيل آهي ته اها آهي نفرت. انسان جي انسان سان نفرت هتي پورل آهي. ان ڪري اسان چئون ٿا ته هيءَ هڪ جاڳرت سمادي آهي.
اڄ اسان هن جاڳرت سماديءَ جي سامهون ڌرم ۽

(ٻارو فقير هڪ ڪُهر ۾ جهڙب هلائي اُن ڏسي رهيو آهي.)

سوترڌار (فقط آواز)

ڪجهه عرصي کان پوءِ ٻارو
فقير موٽي انجار وڃي ۽ ٻهڪندڙ
مائٽن کي چوائين :
مان ونڌي جهڳ ۾ پوراڻ
ٿيا هندس. توهان سڀني
ساڌي اٿي ٿي جو ڙانجو.
دنيا کي ٻل ته ياد رهي ته
ذات - پات جي ڀيد ڀاو
جو آرٿ سڀ کان اول سنڌ
جي ونڌي جهڳ ڳوٺ ۾
ٿيو هو ۽ سو به هڪ ٻڙهڻ
جي هٿان ...

ٻڌو هو ٻهڪندڙ مائٽن کي وٺي
ونڌي جهڳ ۾ آيو.

۽ هڪ ڏينهن ...

درشيه

ٻارو فقير مائٽن سان ڳالهائي
رهيو آهي.

ٻارو فقير ونڌي جهڳ ڳوٺ
جي ٻاهران هڪ ميدان ۾ ڌوڻو
آسڻ لڳائي ويٺو آهي.
هن جي آس پاس هن جا مٽ
مائٽ ۽ ڳوٺ جا ماڻهو ويٺا
آهن.

مُولاڌار جو ڏنو، سواڌستان اهو واپس ورتو. باقي جو ڪجهه رهيو اهو آهي: توهان پاڻ، توهان جي نج هستي... ۽ توهان جي نج هستي، توهان جي ماتا - پتا جي شرير کان به اڳ، هزارين هزارن سال اڳ به وجود ۾ هئي......

پٽ لطيف، پڇاڻ: تون ڪرشڻ کي سڃاڻين؟

شاهه لطيف: ڪرشڻ؟ مان ته ڪرشڻ کان به اڳ جو آهيان.

(جوڳين جي چهرن تي مرڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: بلڪل ٺيڪ، تنهنجو شرير ڀلي اڄ جو هجي پر تنهنجو "آتم"، تنهنجي "هستي" انادي ڪال جي آهي.

شاهه لطيف: انادي ڪال کان وٺي نه؟

پروتناٿ: ها نه، نه ته! "نه" ان ڪري جو چيتنا ڪونه ٿي رهي... اڳين جنمن يعني پراپت ٿيل شريرن ۽ تن جي ياد ڪيري ڪونه ٿي رهي. پر آتما امر آهي، توهان جي نج هستي امر آهي. گيتا جو سار به اهو ئي آهي. گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ ارجن کي اهو ئي سنديش ڏنو آهي ته مهاڀارت جي جنگ ۾ جيڪي به شور وير مرتيو کي پراپت ٿيندا آهي مُولاڌار طرفان ڏنل قرض کان فقط آجا ٿيندا ۽ سواڌستان ۾ اسٿت ٿي پنهنجي نج هستيءَ کان واقف ٿيندا. حقيقت ۾ مرتيو ڪائي سزا ڪونه آهي، فقط قرض جي ادائگي آهي...... مرتيو ئي توهان کي ٻڌائي ٿو سگهي ته توهان اصل ۾ ڇا آهيو ۽ توهان جو اصلي روپ، نج هستي ڇا آهي. ڪنڊليني جي ڏاڪڻ جو ٻيون ڏاڪو آهي:

مذهب جا ڀيد مٽائيندا هئن. اڄ اسان ڀٽ لطيفَ
جي ساموهون چند لفظن ۾ اهو ڀيد کولينداسين جنهن
جي ڄاڻ کان پوءِ هتي ٻن، ڪنهن ٻن قسم جي
فرق جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي.
اڄ اسان ڀٽ لطيف کي ياترا ڪرائينداسين.
ڪنڊليني - چڪرن جي ياترا - مولاڌار چڪر کان
وٺي سهسرار چڪر تائين ستن چڪرن جي ياترا...
ڪنڊليني جي چڪرن جي شروعات ٿئي ٿي
مولاڌار چڪر سان. مولاڌار يعني بنياد. اهو بنيادي
يا شروعاتي چڪر آهي. ان کي اسان واسنا چڪر
به چئي ٿا سگهون ته جنم چڪر به چئي ٿا سگهون.
استري ۽ پرش جا مولاڌار چڪر ئي ٻنهي روپ ۾
ملي سرشٽي کي ٿا، جيون کي اڳتي وڌائن ٿا.
اسان سڀني جو شرير اسانجي ماتا - پتا جي مولاڌار
چڪرن جي ڪري ئي اسان کي پراپت ٿيو آهي.
مولاڌار کان مٿي آهي سواڌستان چڪر. سواڌستان
يعني خود جي رهڻ جي جاءِ. اها جاءِ جتي جيو
پنهنجي اصلي روپ ۾ رهي ٿو. ان کي مرتيو -
چڪر به چوندا آهن...... عجب نه ڪاٿو. جيڪو اصل
۾، مرتيو ۾ ئي نواس ڪري ٿو. ڀٽ لطيف، انسان
مري ڪري ئي پنهنجي اڄ هستي کي پراپت ڪئي
ٿو... جو نه مري فقط اهو ٿو، انهن فقط ان جو
اڇي ٿو جيڪو توهان نه آهيو. فقط توهان جي شرير
جو انت اچي ٿو ۽ شرير نه توهان جي ماتا - پتا
جي مولاڌار چڪرن جو ڏنل تهه آهي. موت فقط
ان تهه کي کسي ٿو.

(ٻروٽناٿ ۽ سڀ جوڳي هلڪي کل کلن ٿا. شاهه لطيف جي اکين ۾ ٻه چمڪ آهي.)

پروتناٿ: وري شيطاني ڪئي نه! انسان جو پنهنجو سوارٿ لاهڻ کي پڪي لوڙکي جهڙن ڳائو پڇن. وري جي ڪوي چوي ته ليکن کي پڪي رکجي ته اهو چوڻ ٻه ته ٻاڻ کي پڌرو ڪرڻ آهي. لطيف، پٽ، دل جون ڀاونائون لڪڻ جون نه آهن. انهن کي انيڪ نڪال آهن...

پٽ لطيف! ڏاڪڻ جا اهي ٽي هيٺيان ڏاڪا آهن. هيٺيان، اهميت جي لحاظ کان نه، پر سلسلي جي لحاظ کان. ان کان پوءِ چوٿون چڪر آهي: اناهت چڪر - هرديه ڪمل. ڪيترو نه سندر شبد آهي - اناهت. اناهت يعني اهو آواز جيڪو ٽڪرائڻ بنان ئي پيدا ٿئي! سمجهين ٿو لطيف؟ بنان آواز جي آواز! شبد هين شبد. هڪ هٿ سان وڄايل تاڙيءَ جو آواز!

(شاهه لطيف عجب ڀريل نظرن سان ٻروٽناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ: ڪنڊليني جو اهو اناهت چڪر کلڻ سان ئي انهد ناد ٻڌي سگهبو آهي. اناهت کي ئي ڪبير ۽ ٻين سنتن انهد ناد چيو آهي. اناهت چڪر بلڪل وچ ۾ آهي- ٽي چڪر هيٺ، ٽي چڪر مٿي. اناهت چڪر دروازو آهي- هتان کان مٿي چڙهڻ لاءِ يا مٿان کان هيٺ لهڻ لاءِ... هرديه چڪر جو وڏو مهتو آهي. نشڪام ڀڳتي، امر ڀڳتي، پورڻ ڀڳتي اناهت يعني هرديه چڪر مان ئي اُتپن ٿيندو آهي. ڌيان، سماڌي ۽ ڀڳتي ان هرديه چڪر مان ئي اُتپن ٿئي

مٺيپور چڪر : اهو چڪر انسان جي جذبات ۽ احساسن جو مرڪز آهي. انسان جون ڀاونائون ئي مٺيون آهن، ههرا آهن. ڀاونائن، جذبن ۽ احساسن جي ڪري ئي انسان جو جيون قيمتي آهي. ورنا، انسان جي شرير ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ پرماتما ڀاونائن ۽ جذبن جي دولت فقط انسان کي ئي ڏني آهي. مٺيپور چڪر ئي انسان کي انسان بڻائي ٿو. نه ته هو جانور آهي، حيوان آهي، درندو آهي، اتياچاري آهي-نرڪنور آهي. پر لطيف، هتي اسان هڪ ڳالهه چٽيءَ طرح صاف ڪرڻ چاهينداسين... يوگ، خاص ڪري هٺ يوگ ڀاونائن، جذبن ۽ احساسن کي روڪڻ جو آديش ڏئي ٿو پر تنتر شاستر چوي ٿو: وهڻ ڏيو، ڀاونائن کي بي روڪ-ٽوڪ وهڻ ڏيو. تنتر شاستر هر قسم جي ڀاونائن کي وهڻ، پڌرو ڪرڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ جي صلاح ڏئي ٿو...

شاهه لطيف : سوامي جي! ان معاملي ۾ توهان جو پنهنجو مت ڪهڙو آهي؟

پروتمات : هڪ ناٿ-پنٿي يوگي هئڻ جي ناتي هئڻ ته اسان کي هٺ يوگ جي طرف گهرجي پر اسان ڀاونائن جي وهڻ جي فائدي ۾ آهيون. آخر ڀاونائن، ڪلڻ ۽ ڇرچو گهيو ڪرڻ ۾ ڏوهه ئي ڪهڙو آهي؟ بيڪار شين جو نيڪال هئڻ ئي گهرجي جيئن دل ۾ قيمتي شين لاءِ جاءِ پيدا ڪري سگهجي.

شاهه لطيف : سوامي جي!

نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

يا تہ ڏنا ويندا آهن. اسان توکي اڳي بہ ٻڌايو
هوسين تہ هاڻي بہ ٻڌايون ٿا تہ ويدن جي رچائڻ
کي رشين ڏٺو هو- ان ڪري انهن کي منتر-درشٽا
بہ چيو ويو آهي. رشين ويد - منترن کي سوچي
ڪو نہ لکيو هو، پر اهي پاڻمرادو هنن جي اکين
جي سامهون پرگهٽ ٿيا ها ... حضرت محمد بہ قرآن
جون آيتون ٻڌايون نہ هيون. جنهن ڏينهن حضرت محمد
سان اِها گهٽنا گهٽي هئي ان ڏينهن هن جي جهڙا
حالت ٿي هئي، ان کي عام ماڻهن لاءِ سمجهي
سگهڻ بہ ممڪن ڪو نہ آهي.

(جوڳي پاڻ ۾ ڪجهہ سس پس ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: گروجي، اسان اِها گهٽنا ٻڌڻ چاهيندا سين.

پروتناٿ: ڇا اُناهت ناد جي توهان کي ڄاڻ ڪو نہ آهي؟

هڪ جوڳي: گروجي، اسان کي سٽن ئي چڪرن جي ڄاڻ آهي
پر تہ بہ اسان جي پربل اِڇا آهي اهو ٻڌڻ جي تہ
حضرت محمد سان اِها گهٽنا ڪيئن گهٽي.

(پروتناٿ ڪجهہ دير چپ ٿو رهي.)

پروتناٿ: هڪڙي ڏينهن محمد پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي ويٺو
هو تہ اوچتو هن پنهنجي اندر مان پاڻمرادو پيدا
ٿيل قرآن جون آيتون ٻڌيون. هو منجهي پيو.
هن کي سمجهہ ۾ ئي نہ آيو تہ هي ڇا ٿي رهيو
آهي...... گهر آيو، ڏڪندو ڏڪندو، پنهنجي سان
شل! پنهنجيءَ زال خديجہ کي چيائين: گهر ۾
جيترا بہ ڪمبل آهن، وجهہ منهنجي مٿان. مون
کي الائي ڇا ٿي رهيو آهي. مون هيتري ڏڪڻي
ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي آهي...

ٿي. جڏهن ڪنڊلنيءَ جو ڇهون چڪر- هرديه- چڪر کلي ٿو ته اندر مان ٿي انهد ناد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو- اوم اوم اوم. اهو انهد ناد پاڻمرادو لڳاتار جاري رهندو آهي.

اِلي هڪ ڳالهه جو ڌيان رکجانءِ پٽ لطيفه! منهن مان ڇهل شبد، ڳلي مان نڪتل شبد يا سوچ سان گڏ هلندڙ شبد اناهت ناد ۾ شامل ڪونه آهن. ٻاهري ٿون زندگيءَ ۾ وينو نام جو جاپ ڪر يا منترن جو اُچارڻ ڪر، پر اهو انهد ناد ناهي. اِهي-آواز آواز پاڻمرادو اندر مان اُٿن ٿي، اندر ۾ ٿي وڄندو رهي ٿو ۽ تون اهو ناد فقط ٻڌي سگهين ٿو. ان ۾ تنهنجي ڪائي ڪريا، ٻڌڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي ڪرم شامل ناهي. هرديه جو آواز ٻڌڻ لاءِ توکي ڪجهه ٻولڻو ناهي، فقط شانت رهڻو آهي. اناهت ناد شانتيءَ مان اُٿڻ لڳل بغير آواز وارو آواز آهي.

پٽ لطيفه! توکي ته خبر هوندي. مسلمانن جي مڃتا آهي ته حضرت محمد قرآن ٻڌو هو، اهو بلڪل سچ آهي. محمد قرآن نه لکيو، نه پڙهيو. ٻڌو، فقط ٻڌو. دنيا ڪجهه به چوي پر اسان چونداسين- اهو بلڪل سچ آهي. قرآن جهڙو گرنٿ فقط ٻڌي ئي سگهجي ٿو...

لطيفه. پٽ! هندن کي اها ڄاڻ پراچين ڪال کان وٺي آهي. اسان وٽ سڀني ڌرم گرنٿن لاءِ هڪ شبد آهي: شرتي! شرتيءَ جو ارٿ ئي آهي: اهو جيڪو ٻڌو ويو. ويدن جهڙا گرنٿ، قرآن جهڙا گرنٿ لکيا نه ويندا آهن. اهي گرنٿ يا ته ٻڌا ويندا آهن

جي شڪتيءَ سان ئي مهران زهر جو پيالو پي وئي
۽ هن کي ڪجهه به ڪو نه ٿيو!
وشڌي چڪر جو نواس ڳلي ۾ آهي. تنتر شاستر
جو متو آهي ته - تڏهن ئي ڳالهاءِ جڏهن پنجين
چڪر ۾ پهچين، چوٿون چڪر پار ڪري- تنهن
کان ڇلانگهه لڳائي ڪري نه.

(جوڳين ۽ شاه لطيف جو هلڪو ٽهڪ)

پروتناٿ : ڳالهائڻو اٿئي ته پريم مان ڳالهاءِ، نه ته نه...
ڳالهائڻو اٿئي ته ڪروڌ مان ڳالهه، نه ته نه...
جيڪڏهن تنهنجو هردو چڪر کليل آهي، جيڪڏهن
تو اَناهت وارو بي-آوازي شبد ٻڌو آهي، جيڪڏهن
تنهنجي اندر ۾ اوم شبد جو سوکم ويد پاڻمرادو
گونجيو آهي ته پوءِ توکي ڳالهائڻ جي اجازت آهي.
پوءِ تون پنهنجي ڳلي مان نڪتل آوازن جي رستي
پرماتما جو سنديش لوڪن جي زبان ۾ لوڪن تائين
پهچائي سگهندين. ان وقت تون ڇپ هوندين،
تنهنجي منهن مان پرماتما ڳالهائيندو ... پٽ لطيف!
جڏهن الاهه ڳالهائڻ شروع ڪيو ته تو ۾ چوڻ لاءِ
باقي رهندو ئي ڇا!

شاه لطيف: سوامي جي! وشڌي چڪر بابت ڪجهه ٻيو به ٻڌايو.

پروتناٿ : وشڌي چڪر جو استان آهي ڳلو. ڳلو سڀ ٿـا
ڪم آڻن ٿا اجايو. وشڌي چڪر بند ٿيو هوندو
آهي- پيجان! جڏهن وشڌي چڪر کلي ٿو ته پوءِ
لفظ ماکيءَ کان به وڌيڪ مٺا ٿي وڃن ٿا، لفظن مان
خوشبوءِ اچڻ لڳي ٿي، لفظ سنگيت ۽ نرتيه سان
ڀرجي ٿا وڃن. پوءِ تنهنجي منهن مان جو ڪجهه

خديجه کي مڙس جي چهري ۾ عجب نور ڏسڻ ۾ آيو. هوءَ سوچڻ لڳي ته هيءَ ماجرا ڪهڙي آهي. محمد جڏهن اڪيلو ايندا هئا تڏهن. پر ڪڏهن ٻئي دلڪش نور سان! جڏهن ٿي گهر ۾ قدم رکيو اڳائين ته سڄو گهر ڄڻ نور سان ٻرجي ويو آهي. خديجه هون به ڪجهه ٻڌڻ لڳي. سو مڙس کي چوائين: توهان کي ڪجهه نه ڪو نئون ٿيو آهي. الله جو رحم ٿيو آهي توهان تي! ٻڌايو نه. مون کي سڀاڳو حال ٻڌايو ته، اڄ توهان سان ڇا ٿيو آهي... مون کي لڳي ٿو الله جي توهان تي خاص مهرباني ٿي آهي- خاص رحمت ٿي آهي. توهان جي دل مان ڪجهه نڪري سڄي گهر کي ٻري رهيو آهي. توهان خود سراپا نور ٿي ويا آهيو.

۽ محمد خديجه کي سڀ ڪجهه ٻڌايو...

۽ خديجه اهڙيءَ اسلام کي قبول ڪندڙ پهرين شخص هئي!

پٽ لطيفه! اهو اٿئي چمتڪار اناهت چڪر جو- هردئه چڪر جو...

ٻيو ڏاڪو آهي - وشدي چڪر. پوترتا جو چڪر. اهو بلڪل سچاويڪ آهي. هڪ دفعو انسان جي اندر ۾ جي سڄي پوڄا جو نواس ٿيو ته پوءِ هن جي هر ڪارج ۾، هر ڪرم ۾ پوترتا رهندي ۽ ٻالڪ جهڙي معصوميت رهندي. پوترتا جو جسم پوڄا مان ئي ممڪن آهي ۽ پوڄا امرت آهي. پوڄا ۾ موتمار زهر کي به پاڻيءَ جهڙو نرمل ڪري ڇڏڻ جي شڪتي آهي... وشدي چڪر

جهڙو سڪلپ ڪنديٰن سو اوس پورو ٿيندو.
پٽ لطيف! ڪن ڦڪڻ جو مطلب هاڻي چڱيءَ طرح سمجهي ويو هونديٰن. حضرت محمد انهن لفظن ۾ ان اسٿتيءَ جو ذڪر ڪري رهيو آهي جڏهن ڪا ڇهون چڪر ڪاٽي ڪاڻ پوءِ پيدا ٿيئي ٿي. ان وقت بندو بندو نه رهي، هو مالڪ ٿي ٿو وڃي. ڪن ۽ ڦڪون - ٿيءُ ۽ ٿي ويو!

(شاه لطيف اکيون ميٽي ٿو.)

پرو ڦڊاٽ : ڏاڍيءَ مشڪل سان ڪوئي انسان ڇهين چڪر تائين پهچي سگهندو آهي. جيتوڻيڪ ڪنڊلنيءَ جا ست چڪر آهن پر حقيقت ۾ ڇهون چڪر ئي انتم چڪر آهي. جيستائين هن دنيا جو واسطو آهي، ڇهون چڪر ئي آخرين چڪر آهي. بندو مالڪ ٿي ويو! ان کان وڌيڪ هن دنيا ۾ ٻيو ڇڏو ئي ڇاهي؟ هن دنيا جي حوالي ۾ ڇهون چڪر آخرين سرحد آهي، انتم سيما آهي. ان کان پوءِ جي گهٽنائن سان هن سنسار جو ڪوئي به واسطو نه رهي. ڇهين چڪر تائين پهچڻ يعني سنسار جي سرحد تائين اچي پهچڻ. هاڻي جي اڃا به اڳتي وڃڻ چاهيندين ته سنسار سان سمورا سمبنڌ ٽوڙڻا پوندءِ. اسان ته انهن چوندا سين ته ان کان پوءِ سنسار آهي ئي ڪونه. سمجهئي؟ سنسار آهي ئي ڪونه.

(شاه لطيف پوري پوري ڌيان سان ڪنڊلني چڪرن جي باري ۾ ٻڌي رهيو آهي.)

پرو ڦڊاٽ : ڪنڊلنيءَ جو انتم ۽ ستون چڪر آهي: سهسرار چڪر! هڪ هزار پنکڙين وارو ڪمل جو گل!

نڪرندو سو ڪويتا ٿي پوندو، منتر ٿي پوندو،
آيت ٿي پوندو. تون جو ڪجهه ٻوليندين تنهن ۾
آنند ئي آنند هوندو.

شاهه لطيف: سوامي جي!

"مون" مرڻهين ۾ سڀجي، مون کي "مون" جڳاهه،
مونهين جي ساڃاهه، مونهين منجهان "مون" ٿئي،
اُنهين اُنس جڳاهه، آن کي اُنس نه ڇوڙو.

پروتگات: جيستائين ليم جي وياڪيا جو سوال آهي، ايمن ٺيڪ آهي. پر وشڌي چڪر جي ڪارڻ جو اثر سمپورڻ ڪاوي مان ٿي اڀري سگهندو. تنهنجي ڪلام جي مڌرتا، سڳنڌ، اثر ۽ سنگيت ٿي الائيندا نه ڪر ٿو ڳالهائي- تون، تنهنجو اهنڪار نا پرماتما! وقت اچڻ ڏي، ڪانون کي پچڻ ڏي پٽ!

(ڪجهه پل خاموشي ٿي رهي.)

پروتگات: ڪنڊلنيءَ جو ڇهون چڪر آهي "آگيا چڪر" اهيءَ چڪر جي ڪارڻ ئي انسان جي جيون ۾ هڪ سلسلو اچي ٿو وڃي، هڪ ترتيب اچي ٿي وڃي ۽ انسان کي زندهه رهڻ جو صحيح شعور ۽ صحيح طريقو ملي ٿو وڃي. انسان جيون-ڪلا کان پوريءَ طرح واقف ٿي ٿو وڃي...

پنجن چڪرن جي ڪارڻ تائين ته انسان غلام آهي، گولو آهي، ڪنهن نه ڪنهن جو ڪاٺيارو آهي پر، ڇهين چڪر جي ڪارڻ سان ئي هو مالڪ جو پد پراپت ٿو ڪري.

ڇهين چڪر جي ڪارڻ کان پوءِ تون جيڪي ڪجهه چوندين، سو ٿيندو ۽ جيڪو گهرندين سو ملندو،

ڪم ڪندو ؟

پروتڻاٿ : جنهن ڀاڳيشاليءَ جو ستون چڪر کلندو، ان جي سامهون جي شعلن ۽ چمڪا ڇڪجي ڪري آيا بـ تـه هن جا ٻهر چنڊ ۽ چمڙ لڳندا. سهسرار چڪر کلڻ ڪان پوءِ تون ٽيج ۽ نور جي ڌارا وهندي پوندين. اهو هزار پنکڙين وارو ڪمل ئي آهي نرواڻ، پرم-پد ۽ پرماتما ۾ لين ٿيڻ!

ان ڪري ئي اسان چئوسي تـه، هن سنسار جون حدون ڇهن چڪرن تائين آهن. ستون چڪر آهي نرواڻ، مڪتي، سنسار کي پار ڪري انادي-اننت استتيءَ ۾ نواس!

موُل آڌار شرير ۽ حواسن واري جيون کي جنم ڏئي ٿو. سهسرار اننت انادي جيون ڏئي ٿو - اهڙو جيون جنهن ۾ نه شرير آهي، نه حواس آهن، نه من-وچن-ڪرم آهي، نه چيتنا آهي. شولهم، شولهم ۽ شولهم!

(شانتي-ڪجهه پل مڪمل شانتي)

پروتڻاٿ : پيت لطيفه! ڌرتيءَ پنهنجو ڌرم نباهيو - پنهنجو فرض پورو ڪيو. ٻج کي سانڀيو. ٻج کي شڪتي ڏني. ٻج کي ڦوڙيو هاڻي ٻج سلي جي روپ ۾ ڌرتيءَ جو سينو ڦاڙي ٻاهر نڪتو آهي. ٻج ٻوٽو ٻئي چڪر آهي. ٻوٽو وڌندو. وڌندو ۽ نم، پيل ۽ ٻڙ جهڙو مضبوط وڻ ٿيندو. ان شڪتيشالي وڻ جي ڇانو سڄي سنسار کي ماٺ ۾ سميٽي ڇڏيندي. اهو وڻ بيشمار جيواتمن جي ٿڪ - اَج دور ڪندو- آڌياتمڪ مارگ تي هلندڙن کي سڌي دڳ لڳائيندو. پيت لطيفه! اج اسان ٽوڪي آهي لفظ ٽا ٻڌايون

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا ان جي ڪري ئي ڪمل ۽ گپ چڪ
کي ايترو مهتو ڏنو ويو آهي؟

پرو ترنات: هائو. پٽ لطيف، تو ٺيڪ ٺيڪ سمجهيو- مول آڌار يعني واسنا يعني گپ چڪ. انسان جي شڪتيءَ اُتان مٿي چڙهي ٿي ۽ آخر ۾ هڪ هزار پنکڙين واري ڪمل جي گل جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي ٿئي! ان ڪري ئي سنت ڪوين ”ڪمل جان ڪن ۾ رهڻ“ واري ڪلپنا ڪئي آهي. آخر ۾ هڪ هزار پنکڙين واري ڪمل جي گل جو مول ڪارڻ - واسنا جي ڪن ۾ ئي ته آهي نه! اها آهي ڪمل جي ياترا. اها آهي انسان جي چيتن جي ياترا. اها آهي انسان جي اونچائيءَ تائين پهچڻ جي ياترا. اها آهي انسان ۾ سمايل شڪتيءَ جي ياترا.

(سڀ ڌيان سان ٻڌي رهيا آهن.)

پرو ترنات: جڏهن ستون چڪر - سهسرار - کلندو ۽ تنهنجي شڪتي اوستائين پهچي ٿي ته پوءِ تون خود هڪ ڪمل جو گل ٿي ٿو وڃين. هاڻي، ماکيءَ لاءِ ترڪي پون گلن ڏانهن وڃڻ جي ڪائي ضرورت ڪونه آهي. هاڻي ماکيءَ لاءِ مکيون تو وٽ اينديون. ستون چڪر کلڻ کان پوءِ تون چمق جو پهاڙ ٿي پوندين. هر شيءِ - جاندار ڇاهي بيجان - توڏانهن ڇڪبندي رهندي...

ڪمل لات: (وچ ۾) گروجي! سهسرار چڪر جي کلڻ ته وڏيون مصيبتون پيدا ڪري ٿو سگهي - جيڪڏهن شينهن، چيتا، بگهڙ، نانگ، بلائون سڀ ڇڪبندا ڇڪبندا اچي اڳيان پهچندا ته... ڪمل جي گل جي رکوا

دونهين کي ٻرڻ جي احساس ۾ بدلائڻو آهي...
دوزخ مان جنت جي راهه ڪڍڻي آهي ...
دونهين مان دلبر جو ديدار ڪرائڻو آهي ...
ٻرڻ جي پرواهه ڇو تو ڪرين؟ تون ڪمل جو گل
آهين- سهسوار !... هزار پنکڙين وارو ڪمل جو گل!

شاهه لطيف: ٻرو جو پاتار،
سو ڪئين ٻرڻ کان پالهو رهي؟

پرو تنداڻ : ان سوال جو جواب ته دنيا کي تون ٻڌائيندين!

(ڪمل ناٿ چاهي ٻين جوڳين جي ڇهري تي گنڀيرتا ڇانيل آهي اها گنڀيرتا هنن جي سڀاءَ کان جدا آهي ڇو ته ان گنڀيرتا جي پٺيان دک جي لهر صاف نظر اچي رهي آهي. جوڳي هرک سوک کان مٿي هوندا آهن - ان هوندي به هنن جي زندگيءَ ۾ ڪي گهٽنائون اهڙيون گهٽجنديون آهن جيڪي هنن جي انساني سڀاويڪ رد-عمل جو اظهار ڏينديون آهن. هرڪو جوڳي سمجهي رهيو آهي ته شاهه لطيف کان موڪلائڻ جو وقت اچي ويو آهي. ڪن ڪن جوڳين جا چهرا اهڙا ٿي ويا آهن جو لڳندو- اڄهو رنا ڪ رنا !)

پرو تنداڻ : هلي آءُ ڀت لطيف !

(پرو تنداڻ ڪٺي تو ٻئي پانهون ڦهلائي، شاهه لطيف جي آئيندي ٿي ڪٺي تو ڪيس گلي سان لڳائي. ٻنهي ٻرندڙ جو هڪڙو نرمل نظارو ڏسي جوڳي به گد گد ٿي ٿا وڃن. هنن جي اکين ۾ آڻڪي آلاڻ آهي ۽ منهن تي آنند جي لهر !... پرو تنداڻ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي سامهون بيٺا آهن. ڪمل ناٿ ۽ ٻيا جوڳي هنن جي ارد گرد بيهي هنن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پرو تنداڻ : ٻار اوهم جي هيءَ سماڌي سنگم - استان آهي-جاتين
جي سنگم جو - فرقن جي سنگم جو، ڌرمن جي
سنگم جو ۽ وشواس جي سنگم جو ! اسان لاءِ بـــ

جهڪي گوتم ٻڌ چنڊڪ کي ان وقت چيا ها جڏهن وقت ٻڌ چنڊڪ کان جدا ٿي ويرانين ڏانهن وڃي رهيو هو. گوتم چنڊڪ کي چيو هو: چنڊڪ، مون کي سڄي سنسار ۾ باهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ٿي ڪونه ٿو اچي. سڄو سنسار ٻرندڙ باهه ۾ جلي رهيو آهي. مان ڪجهه به ٽپائي ڪونه رهيو آهيان. سنسار ۾ ٽپائڻ جهڙو ڪجهه آهي ئي ڪونه! باهه کي ٽپائڻ نه ڇا کو ٽپائڻ آهي؟ مان ته فقط باهه کان پاڻ بچائڻ لاءِ فرار ٿي رهيو آهيان- پنهنجي پاڻ بچائي رهيو آهيان. پيارا لطيف! ٻرندڙ اگنيءَ ۾ جلندڙ سنسار کي توکي بچائڻو آهي. گوتم ٻڌ وانگر توکي باهه کان پري دور وڃڻو ناهي. توکي باهه ۾ رهي، نه فقط پنهنجو پاڻ کي باهه کان بچائڻو آهي پر سنسار کي به باهه جي ٻرندڙتا ڏيکاري بچڻ جي راهه ڏسڻي آهي... اسان توکان اها گرو-دڪشنا ٿا طلبيون.

(مها ٻوڌي پروتماڻ سڏو ٿيو پيو آهي. شاهه لطيف ڌيري ڌيري جهڪندو هن جي قدمن وٽ وڃي ٿو رهي. هن جو من ڏاڍو اُداس آهي ڪجهه دير کان پوءِ مٿس مٿي ڪري پروتماڻ ڏانهن نهاري ٿو.)

شاهه لطيف: مون کي مون ٻولن، پنهنجي وڏو پيار ۾،
اُهيا اُنهن چون — مڃڻ پاڻ پسائين!
سوامجي!
هن پنور ۾، دوزخ جو دونهون...
پيرا پنورن، پڇو تسان ابهو...

پروتماڻ: نه، پيارا لطيف! توکي پڄڻو ناهي. دوزخ جي

ٻيا لهرن واري مَن - ساگر ۾ ٿي،
عڪس صاف نظر اچي سگهن ٿا،
۽ عڪس جي اُبتڙ
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف جي اکين مان ڪجهه ڳوڙها نڪري سندس ڳلن کي آلو ڪري ٿا ڇڏين.)

شاهه لطيف: عڪس جي اُبتڙ
آهي سچ جو وجود!
مان هرگز هرگز ڪين وساريندس ته:
عڪس جي اُبتڙ
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف پروتماڪ جي مٿي تي هٿ ٿو رکي. پروتماڪ کيس ڳلي سان لڳائي ٿو. پوءِ شاهه لطيف ڪمل ناٿ چاهي ٻين جوڳين سان ڳلي ملي ٿو. بئڪ گرائونڊ ۾ شاهه جو ڪلام مرد جي آواز ۾ ترنمي انداز ۾ ڳائبو ٿو وڃي.)

ڪلام : واجهٽ ويراڳين جا، مون وٽ وڏي وٿ،
مون سڀوئي سگهون، ٻئي ڪين م ڪٿ،
وڃاهي ويسل ڪهين، پورب ويندو پٿ،
هل! ڪماڻون هٿ، آئون نه جيئندي اُن ري!

(سنگيت)

وائي : ڪي اُنهين منجهه آهي،
هوُ جي جهورا ٻڌن جهوٽا!
ڪي اُنهين منجهه آهي!
١- اُن در سڀئي اگهيا،
جن ڪي ڪو نه چتائي!
ڪي...

هي سنگم - استان آهي. هن استان تان اسان ان
طرح الڳ ٿينداسين جو سدا لاءِ ملي هڪ ٿي
وينداسين. گنگا - جمنا ملي سرسوتيءَ جو روپ
ڌارڻ ڪنديون ۽ پٽ لطيف، سرسوتي ڏسڻ ۾
اهڙي ٿي ڪونه آهي! سرسوتي هڪ خيال آهي،
هڪ ڪلپنا آهي. گنگا ۽ جمنا جي شونيه ۾ لڪ
ٿي وڃڻ جي هڪ استٿي آهي! شونيه - جيڪو
پورڻ آهي، پرم پد آهي، نرواڻ آهي!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري ڄڻ نهارڻ جي ڏي - وٺ ڪن ٿا. سڀ جوڳي هنن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پروتناٿ : پٽ لطيف، اسان پنهنجي جوڳين جي جٿي سوڌو
ڪڇ ڏانهن گوڙي مندر ۾ رهڻ ٿا چاهيون.
اُتان جي گورکل جهڙي واتاورڻ اسان جي من کي
موهي ڇڏيو آهي.

شاهه لطيف : سوامي جي، مان ملير جي اُن مٽيءَ جي سڳنڌ سان
پنهنجي هستيءَ جو ڪڻو ڪڻو سرابور ڪري ڇڏڻ
ٿو چاهيان جنهن مٽيءَ مارئيءَ کي جنم ڏنو......
ملير ماڻهائون، حڪم سائڻ حبيب جي!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. پروتناٿ جون اکيون ڀاو - هين آهن پر شاهه لطيف جي اکين ۾ ڪجهه ڪجهه آلاڻ آهي.)

پروتناٿ : (شاهه لطيف جي ڀيني ڳٽن کي هٿن جي وچ ۾
جهليندي ۽ اکين ۾ نهاريندي) نه، نه، نه! پٽ
لطيف! من کي نه ڏوڙ، اڏول رک......

ٿر جو پٽ / ٻاهر / ڏينهن

(آسمان مان ورتل شاٽس. ٿر جو پٽ. هر طرف واريءَ ئي واري سڄو ٿر ڀٽن سان ڀريو پيو آهي. قسمين قسمن جون ڀٽون. ڪي ڀٽون هڪ ٻئي سان لڳيون پيون آهن. ڪٿي ٻن ڀٽن جي وچ ڪشادو ميدان آهي ڪٿي ڀٽن جي وچ ننڍڙا ڳوٺ ٻڌل آهن جتي ماڻهون ٻهڪجن روزمره جي ڪمن ۾ مشغول آهن. ڪٿي ڀٽن جي وچ ٽوڪر آهي. ڪن ڍورن ۽ ٽلين ۾ ٻوڪ جا نشان صاف ظاهر آهن. جن ٽلين ۾ ٻوڪ نه ڪهل آهي اُتي ڪافي انداز ۾ قدرتي وڻ، ٽڻ ۽ ٻوٽا نظر اچي رهيا آهن جن ۾ چوپايو مال چري رهيو آهي.
شاه لطيف هڪ ڀٽ تان هيٺ لهي رهيو آهي. مڙهو لتاڙي ٻي ڀٽ تي چڙهي ٿو...
چوطرف ڀٽون ئي ڀٽون!)

سنگيت+سور+ڪلام	درشيه
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جهلندي آن ري...	شاه لطيف مڙهي جو وچارو ٽڪر "ميدر" لتاڙي رهيو آهي.
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جهلندي آن ري...	عورتون کوه مان پاڻي ڀري رهيون آهن. شاه لطيف اُتان لنگهي ٿو.

٢- ڏاڍا پانڌيئڙن ڏاڍيو،
ٻاڙ ٻرٻان سڀن کاڻي!
ڪي...

٣- ٻهڪبي چڙهي ٻـٽ ۾،
رڙهه اُٺن جي راڻي!
ڪي...

٤- خدمت ڪر خلق سڀن،
ٻالڪ ڳچيءَ ۾ ٻاڻي!
ڪي...

٥- اَڏيون عبداللطيف چئي،
اڻاھٺن ڪي آهي!
ڪي...

(وائيءَ جي ھلندي ئي شاہ لطيف ھڪ طرف ھلندو ٿو وڃي. ھو ھڪ ٻيو ئي ٻٽ وائي جوڳين ڏانھن ڪري ٿو نھاري. مھابوڳي پروتناٿ ۽ ٻيا جوڳي ھن ڏانھن نھاريندا رھن ٿا. شاہ لطيف دور ٿيندي ٿيندي اکين کان اوجھل ٿي ٿو وڃي. جوڳي به ٻيان آواز جي گـؤڙي مندر جي طرف جي راہ وٺيو ريندا ٿا رھن.

آس-پاس جي ويرانين کي ڪير ڪندي ڪندي ڪيترا ٻار ٻوھم جي سماڌيءَ تي ڪلوز.)

ڏري : نه سائين نه! اسان ڏر وارن سان اهڙا وچن ڏٺي نه ڪو نه ٻاري... گاهه ڪاٺيون ۽ رب ٻيڙيون...

شاهه لطيف: رب ڪهڙن رڌيو؟

ڏري : ٻه چار لڏون ڪنهن گام جي آئي جون وڏي ڪني ۾ وجهون. ان ۾ اڳسيم دلو پاڻي وجهي ٻره واڄي رڌيون. جڏهن اٽو رڄي رهي تڏهن وٽو ٻه وٽا پٽي ٻهت ٻڌيون.

شاهه لطيف: ابا، اهو ته ڏيو ٺلو پاڻي!

ڏري : سائين جي اهو ملهو ته ٻ لڪ ڪٿاسين. سڪا، هتي ڪڏهن ڪڏهن مينهن ڏيڪاري. ڏڪار جا ڏينهن سدائين رهن. سوڪهڙن تي ٻاڻ ڪي هيرڻو ٻونڊو آهي سائين! ڏر جا ڏڪار اهڙا جو مسڪين ٻنهجا ٻچا وڪڻو ڇڏين. ٻچا ته ڇڏيو، آن ڪڻن تي ننگ به وڪڻو ڇڏين! ڪاڻ لاءِ وٽن جا ڇوڏا ٻه نه ملن! وٽ - ٽڻ سڪو وڃن، مال مرو وڃي!

شاهه لطيف: ابا، هتي ته نسورا ناحق ٻها ڏين!

ڏري : (آسمان ڏي هٿ ڪڍي) هن وڏي سرڪار سان ڪهڙ ٻهي؟ ڪهڙ سوال ڪري؟... سائين، مارئي جهڙي سنهاڻي ڪي جڏهن سُور سهڻا ٻيا ته اسان ڪهڙي حساب ۾ آهيون؟

شاهه لطيف: ٻراٻر ابا! ماڻهو ڪهڙي مڃهه حساب؟

(جنهن وقت شاهه لطيف ڏري سان گفتگو ڪري رهيو آهي ان وچ ڪجهه ٻار ۽ ڪي ٻيا ڏري ٻ آئي اچي اهن ڏيا. ٻه چار ڏر ٻاڻيون ٻ هن جي گفتگو ۾ دلچسپي وٺندي ٻڌيان اچي اهن ڏيون.)

ٻيرسن ڏرياڻي: ابا، اسان ڏر وارن ڪي اهڙا ٻاپ ڪيا آهن جو

هون او ن او ن او ن
هون او ن او ن اون
هون اون او ن اون
آئون نہ جيئندي اُن ري ...

شاه لطيف ڪن ملڪن ۽ ٻيگن
وٽان لنگهي رهيو آهي جڏهن
آس پاس ٿوري ۽ ٿو راڳائيندون
نظر اچي رهيون آهن جيڪي
پنهنجن ڪمن - ڪارن ۾
پوريون آهن.

(شاه لطيف جي ڇوري جو ڪلوز - اپ)
شاه لطيف: ٿوري ۽ ٿاري جو ڳوڙها جهان ۾،
پري جن پاري آئون نہ جيئندي اُن ري!

واڙو! ويراڳين کي، ويل ۾ وساريج،
قدم ڪاپڙين جا، لطائي لهيج،
پهرين پاڻ هٿ جي، وُچن کي وڃيج،
راتو ڏينهن رڙهيج، آئون نہ جيئندي اُن ري!

(شاه لطيف هڪ ٻنگيءَ جي ٻاهران ڪنهن ٿوريءَ سان ڳالهائي رهيو آهي.)
ٿوري : سائين، ڪهڙا ٿو حال پڇين؟ تو آهي ٽٽ ٿي، نہ
ڪٽ ٿي. هو ٿوڙ نہ ڪيو تڏهن ڏني جڏهن ويو.
سو آيا، وسيو تہ آر نہ تہ پيٽ ۽ پو.
شاه لطيف: آيا، ڏکي ٿي ولا ڏنڊ لاهہ تہ پنل آهي.

ڪلام (عورتاڻي آواز ۾)

اُلا! اُئن ۾ هوءِ
جنهن آن مران ٻنڌ ۾ !
جسو زنجيرن ۾
راتو ڏينهان روءِ،
ڀوران و جان لوءِ،
ٻوءِ مر ٻچم ڏينهڙا!

درشيہ

ماروئي عمر جي قيد ۾ بند
آهي.
وار اُڇليا،
زرد چهرو،
اکين ۾ ڏرا،
قاتل ۽ ميرا ڪپڙا...
ماروئيءَ جي اکين جو ڪلوز-اپ.

آئون ٻنڌياڻي ٻنڌ ۾،
ڪ ڪي ٻيس ٻنڌ؟
مٺين لڳو مٺڙو
ڪ مٺين ڪڙو ڪنڌ؟
مران جي من هنڌ،
تہ نجانءِ مٽيءَ ملير ڏي!

ڪوٽ جي ٻرسان
ماروئي عمر کي
ٻاڻي ٻياري رهي آهي.
ڪوٽ تي ماروئيءَ جون سرتيون
ٻہ اُڀيون آهن...

واجهائي وطن کي،
ساري، ڏہان ساهہ،
ٻيٺ مٺهنجو ٻنڌ ۾
قيد ۾ ڪر ٻجاهہ،
ٻرڏيهاڻي ٻارن ري
ڏار ۾ ڏ رہجاهہ،

عمر ماروئي کي ڪنهن زوريءَ
اُٿ تي چاڙهي ٻجائي ٿو
وڃي...

سڀني ۾ ٻه سگهه نه پهچون... ڏک، سُور ته اسان سان
سڄا ڄما آهن، ادا!

شاهه لطيف: تن ولهن ولڙ ٻچن ۾ سدائين سڪار،
چمڪ پر، آٿو چاڙهين، سندو ڏونرن ڏار،
جن جو وڙن سڄن واپار، سي ڏوٿي هون نه ڏيرا.

(سڀ عجب مان شاهه لطيف طرف نهارڻ لڳا.)

شاهه لطيف: ٿوري ۾ قسمت قرار، رهن سچو سٽ،
ڪڻڪي ۾ ڪجهه ڪلها، پُوڻن اهڙي ۾ پٽ،
پنوهارڪي پٽ، پرهي پيچ ملهير ۾!

پيرسن ٿري: ابا، تون ته اسان جو آهين، اسان وانگيان پيو پولهين!
ڪوهيار آهين. هن پٽ ۾ امر ڌرتي اسان جو مان
وڌايو اٿئي ابا! جي اهين اسان کي وسئين ته اسان
جا سُور ۽ سُولهن کي ٻوندا، اسان جا ڏک ـ ڏاکڙا
امر ٿي ويندا.

شاهه لطيف: پرم پاروڙي رهي، جهڙن ۾ اچي اُن،
تہ پٽ وٺي وڃيان، توڙي ٻولس تن،
غافل رکہ غريب کي، عمر! منجهہ امن،
سرتين ساڻ سمن، آهم الي مهڙي!

(ٿري مرد، عورتون ۽ ٻار شاهه لطيف ڏانهن نهاريندا ئي لڳا رهن. هو ٽڪڙو ٽڪڙو اڳتي وڌي اچو وڃي. عجب ڀريل نظرن سان، ويندڙ شاهه لطيف طرف نهاريندڙ پيرسن ٿري جي چهري تي ڪئمرا کلوز.)

شاهه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز - اپ.
ٻروتڏاٽ اهو مرڪي رهيو آهي.
جوڳين جو جٿو هڪ طرف گامزن آهي.
شاهه لطيف جوڳين کان دور هلندو ٿو وڃي.
شاهه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز - اپ.
شاهه لطيف: اکين ۾ لڙي وهه، ته آئون واري ڀي ڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نه پسان ڪي ٻيو!
(ڪجهه دير پنهنجن ئي خيالن ۾ گم سم ٿو رهي.)
شاهه لطيف: هڪڙو دڪ ٻئي دڪه سان ڪٽڻ ٿو چاهيان...

⊗

سوتردار (فقط آواز)	درشيہ
جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سنه ١١٥٦ع ۾ ٻڌو ۽ اتي قلعو به جوڙايائين. علاؤالدين جي لشڪر اهو قلعو اڏائي ڇڏيو ۽ سڄو جيسلمير جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو. جيسلمير ڪيترا سال ويران پيو هو...	جيسلمير جي ويراني جا ڪجهه درشيہ......
سنه ١٦٥١ع ۾ سبلسنگهه نالي هڪ ڀٽي راجپوت پنهنجي وڏن جا وسائل ٻيهر وسايا ۽ شهر جو اصلوڪو نالو قائم	اوسر جا ڪجهه درشيہ

ٿڌي وسائڻ ٿون جي
مٺي مٺي مٺاڻ،
جي اونهون لڳي پساهه،
ته لهاڻو مڙه ملير ڏي.

واجهائي وطن کي
ساري ساهه ڏيان،
هيءَ سر ساڙهه ساهون
منهنجو نج، مهان!
مٺا ماڻائي ماروئڙن
وڃي ٿر ٿيان!
ميائي جيان،
جي وڃي مڙه ملير ڏي.

عمر مارئيءَ کي قيد ۾ بند
ڪري ٿو.
مارئي جي اڳيان زيورن،
اطلس ۽ ڪمخاب جي لباس
۽ سوادي طعامن جا ڍير ٿو
لڳائي ڇڏي.
پر مارئي انهن ڏانهن نهاري
به ڪو نه ٿي.

واجهائي وطن کي
آئون جي همه مهاس،
ڪو ، منهنجي، سومرا!
ڪيچ پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي
منجهان ولڙين واس،
ميائي جهاس،
جي وڃي مڙه ملير ڏي.

مارئي دريءَ مان ٻاهر نهاري
پنهنجي وطن ڏانهن واجهائي رهي
آهي.
پوءِ قيد جي هڪ ڪنڊ ۾
وڃي لي وهي.
سڏڪا ۽ سڏڪا...

ڪاڪ نديءَ جو ڪپ / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلو جهڪي ڪاڪ نديءَ جي لهرن ۾ پنهنجي پرڇائي ڏسي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اڙي او لطيف !

ڪهڙو نصيب کڻي آئين تون جهان ۾ ؟
محبت ڪيئي - دل جا درد مليئي ،
جوڳين جو سنگ ڪيئي - وڇوڙي جا سور مليئي ،
مارئيءَ جي ملڪ جي مٽي مشڪ لائي، تہ
مسڪينن جي مصيبتن ماري وڌو ...

(شاهه لطيف اٿي ٿو بيهي ۽ آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون کڻي منهن مٿي ڪري ڄڻ ڌڻيءَ کان ٿو پڇي.)

شاهه لطيف: او منهنجا ڌڻي ! تون ئي ٻڌاءِ شاهه لطيف جو ڇا ڏٺو آهي ؟

(شاهه لطيف ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تان اٿي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: جيءُ منهنجو جن ، انگڙيارو وَ پيارو.
پڇاڙان ٻروان ، سڀان ، سڄو نہ ٿئي ،
پڇاڙا ٻروان ، سڀان، سڄو نہ ٿئي .

(ڪجهہ وقت شانتي)

شاهه لطيف: مٺ مٺ سوُرن سپ ڪنهين، مون وٽ وٺاڻان ،
ٻريون ڪو ٻٽان ، وڃا وهانءُ نڪري .

(ڪجهہ پل شانتي)

شاهه لطيف: مون پيالو مون وٽ ، هميشه هوندا ٻريون ،
وپڙهو ڏسئي ولڪرو ، ڀڙوي و ٻيا ٻٽ ،
ساهه جمن جي سٽ ، وڪم ٿئي وڪار ۾ .

(ڪجهہ پل شانتي)

رکيو جيسلمير.	
هي آهي اهو جيسلمير شهر جنهن سنڌ جي شاعرن جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائي جنهنجا پير گهمائڻ آيو هو.	جيسلمير شهر جا ڪجهه درشيه
جيسلمير کان ٻيج ڪوه ٻري الهندي طرف هڪ نهايت قديم شهر آهي لڊاڻو!	لڊاڻي جا ڪجهه درشيه
مومل - راڻي جو قصو انهيءَ لڊاڻي شهر سان واسطو آهي.	مومل ۽ راڻي جون تصويرون
لڊاڻي جي اتر طرف ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي هڪ پٿر جي عمارت جا نشان بيٺا آهن جنهنکي عام طرح ”مومل جي ماڙي“ سڏيو وڃي ٿو.	ڪاڪ نديءَ جو درشيه
اِهو اُهي آهي اهو ”ڪاڪ محل“ جنهنکي مومل جي جي پيءُ سومل پنهنجي جادوءَ جي ڪلا سان اڏيو هو ۽ جنهن کيترن ئي قسمن جون طلسمي ڪاريگريون رکيون ويون هيون.	طلسمي ڪاڪ محل جا ڪجهه درشيه

پورو ٿورو ڏيان مومل-راڻي ۽ سومل-ڪاڪ محل جي لوڪ-ڪٿا ڏانهن لڳاءِ. پنهنجن سانسارڪ ڪشٽن کي، دنيوي دردن کي ڪاڪ محل جي طلسمي ٿلاءَ ۾ ٻوڙي ڇڏ. تنهنجي درد جو اهوئي دارون آهي...

ٻڌ لطيف! ٻيو ڪرم-ڪهاڻي ۾ ٽٻي ٻوڙ...
ڏس ته ٻيا ڪهڙا ٿا چمتڪار ٿين...

(پروٽناف جو آواز اوچتو ان طرح بند ٿي ٿو وڃي ڄڻ ڪنهن آواز جي ڏور ڪٽي ڇڏي هجي. شاهه لطيف ٿوري ڪنڌ ڦوڙ ڪري اکيون مهٽي ٿو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. هر طرف ويراني آهي ڪٿي به ڪوئي به نظر ڪونه ٿو اچي. باقي مومل جي ماڙيءَ جي ڊٺل عمارت جا نشان پيا آهن جيڪي ڄڻ ته پروٽناٽ جي ڳالهين جي شاهدي ڀري رهيا آهن.
مومل جي ماڙي—هڪ پٿر جي ڊٺل عمارت!)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيه
ٻند رهينءَ صديءَ جي شروعات ۾ گجر جاتيءَ جو راجا نند مرٻور ماليلي ٿي راڄ ڪندو هو. ڪيس لاءِ ڏيٺر هئون ۽ انهن مڙني ۾ مومل سونهن ۾ بيمثل هئي ته وري سومل سياڻپ ۾ پنهنجو ثاني نه رکندي هئي. سومل جادوءَ ۽	راجا نند دربار ۾ تخت تي ويٺو آهي.
	مومل پنهنجي ڪمري ۾ هار سينگار ڪري رهي آهي.
	سومل اڳني-ڪنڊ جي اڳيان ويهي ان ۾ آهوتيون وجهي رهي آهي.

شاهه لطيف: ڏيهي سونهن کين، ٻروچي کهڙا ٻول؟
لڏيو لاڏ وڻا کيو، پنهنجي ديس وڃن،
ٻاڪارن ٻيرن، کڄي اس اُٺن ڪان.

(شاهه لطيف ڪناري ڪناري اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: جان جيئن تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي!...

(شاهه لطيف اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو ٻروگهراج پروتمانن جو آواز هن جي ڪن تي پوي ٿو.)

پروتمان: (فقط آواز) پٽ لطيف!... پٽ لطيف!

(شاهه لطيف هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. پر هر طرف ويراني لڳي پئي آهي — نه آدم نه آدم - ذات.)

پروتمان: (فقط آواز) پٽ لطيف! ڪيڏانهن ڳولهي رهيو آهين اسان کي؟ اسان ته تنهنجي اندر ۾ آهيون. اسان ته تنهنجي اندر مان ٻولي رهيا آهيون.. پٽ! ڪاڪ ندي جنهن جو ڪنارو وٺيو تون اڳتي وڌندو ٿو وڃين اها ڪاڪ ندي لڏاڻي شهر جي ڀر تان هڪ چشمي مان نڪري ٿي. ڪنهن زماني ۾ ان چشمي وٽ هڪ جوڳي رهندو هو جيڪو مهان تانترڪ به هو. ان تانترڪ جوڳيءَ جو نالو هو ڪاڪ. ان ڪري هن نديءَ کي به ڪاڪ ندي ڪري ڪوٺين ٿا. ڪاڪ نديءَ جي آس پاس ٿنڌر جون ڪيئي ساڌنائون ٿيل آهن. ان ڪري هن استان کي پنهنجو مهتو آهي ... پٽ لطيف! سومل، ان ڪري ئي طلسمي ڪاڪ محل جي رچنا هن جڳهه تي ڪئي هئي... پٽ لطيف! جو ٿيو، سو وساري ڇڏ. هاڻي پنهنجو

انگ جي آهي. جڏهن سوئر جو ڏند پاڻيءَ سان ڇهائي ٿو ته پاڻي سڪي ٿو وڃي.)

راجا نند : اڇا ! ته هيءَ سچي ڪرامت هن ڏند جي آهي. هاڻي اسان پنهنجو سڄو خزانو سنڌوُ نديءَ جي پيٽ ۾ لڪائي رکنداسين......

سنڌوُ نديءَ جو هڪ وڏو ٽڪر سڪو پيو آهي. ان سڪل ٽڪر ۾ وڏي کڏ آهي جنهن ۾ راجا نند پنهنجي خزاني جون پيٽيون لڪائي رکي رهيو آهي. اها شاهي کڏ پٿرن سان پورجي ٿي وڃي.

اونداهي رات. ڀيانڪ سناٽو. شمشان. ڪي مردا جلي رهيا آهن. آڳ جي لرزندڙ روشنيءَ ۾ اسان ڏسون ٿا ته هڪ شاهي ٻڙ جي وڻ جي هيٺان هڪ تانترڪ ڌيان ۾ ويٺو آهي.

تانترڪ ڌيان ۾ ڏسي ٿو:

راجا نند پنهنجو خزانو صندوقن ۾ ڀري رهيو آهي.

راجا نند صندوقون سنڌوُ نديءَ جي سڪل پيٽ ۾ لڪل قدرتي شاهي کڏ ۾ رکي رهيو آهي.

راجا نند جي ساڄي هٿ ۾ هڪ ڏند آهي جنهنجي ڪري پاڻي وڃي ٿو سڪندو ۽ نديءَ ۾ رستو وڃي ٿو ٺهندو.

تانترڪ : هاڪ هو! ته اهو آهي اهو سوئر جو ڏند جنهنجو ذڪر سامري شاستر ۾ ڪيل آهي... هاڪ هوُ!

ننڍو- وديا جي ۽ جاڙو هئي. هڪڙي ڏينهن راجا نند پنهنجن اميرن سان، سنڌو نديءَ جي ڪناري تي شڪار پئي ڪيو ته سندس نظر وڃي هڪ سوئر تي پئي جيڪو سنڌو ندي پار ڪري رهيو هو. راجا نند جي حرص جي حد نه رهي جڏهن ڏٺائين ته جيئن جيئن سوئر وڌيو ٿي هلندو تيئن تيئن پاڻي ويو ٿي سڪندو.

راجا نند ۽ سندس امير گهوڙي تي سوار، شڪار ڪري رهيا آهن.

سوئر جي اڳتي وڌڻ سان ندي وچي ٿي سڪندي ۽ رستو ٺهندو ٿو وڃي.

راجا نند : اسان جا پيارا ۽ وفادار مترو! هاڻي توهان واپس وڃو. اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...

هڪ امير : جو سائين...

راجا نند : (حڪم ارادي سان) وفادار مِتر سوال نه پڇندا آهن. اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...

(سڀ امير هليا ٿا وڃن ۽ راجا نند اڪيلو رهجي ٿو وڃي. هو پنهنجي گهوڙي تي چڙهي سڪل نديءَ جي ٿڪر رستي سوئر جي پٺ ٿو وٺي ۽ جيئن ئي سوئر ۽ راجا نند نديءَ جي اڌ ۾ پهچن ٿا ته راجا نند ڏڦو هڻي سوئر کي ماري ٿو ڇڏي.)

راجا نند : ضرور هن سوئر جي ڪنهن عضوي ۾ اهڙو ڪو اسرار آهي جو پاڻيءَ کي سڪائي ٿو ڇڏي!...

(راجا نند سوئر جا عضوا هڪ هڪ ڪري ڪٽي ٿو ۽ ڪناري وٽ ٿوري پاڻيءَ ۾ وجهي آزمائي ٿو ته آخر اها ڪرامت ڪهڙي

تانترڪ راجا نند جي خزاني جون صندوقون ڀڃيءَ تي ٻه وئي
شاهي ڪڏ کان ٻاهر ڪڍي رهيو آهي.

(راجا نند تمام گهڻو غصي ۾ آهي. هن جي هٿ ۾ ننگي تلوار
آهي)

راجا نند : بيايمان! نالائق! بيوقوف! تو اسان کي تباه ڪري
ڇڏيو - برباد ڪري ڇڏيو. اسان توکي اصل نه
ڇڏينداسين.

(راجا نند غصي ۾ مؤمل کي تلوار سان ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارو
ئي آهي ته وچ ۾ سؤمل اچي ٿي وڃي.)

راجا نند : تون هٽي پري ٿي وڃ سؤمل! اسان اڄ مؤمل کي
هرگز نه ڇڏينداسين!

سؤمل : مؤمل کي مارڻ مان ڪو خزانو ڪونه ملندوَ - شانت
ٿيو. اهو خزانو توهان مون کان لهڻو.

سوترڌار (فقط آواز)
مؤمل جي ڀيڻ سؤمل ڪنتر -
وديا جي ڄاڻو هئي ۽ جادوءَ
جي فن ۾ به ماهر هئي. هن
سوچيو ته اهڙو ڪو رستو
اختيار ڪجي جو دولت جو
وڪرو سدائين اسان ڌالهن

درشيه
سؤمل اسد ڪمري ۾ اگهي-
ڪمري جي ٻرسان وڃي آهي
۽ آهوڙمون وڃي رهي آهي.
سؤمل جي ڪاپڙا ۾ ڪاڪ
لديءَ جي ڪناري تي اڏيل
ڪاڪ محل جي ڏياڻي تصوير

اهو ڏينهن اسان هر حال ۾ حاصل ڪنداسين - اهو
هزاري ڏينهن اسانجو آهي، اسانجو!

راجا نند جي محل جو باغ. باغ جي وچ ۾ هڪ شاندار گول چبوترو. چبوتري جي وچ ۾ پيل هڪ شاهي گديدار ڪرسي. ڪرسيءَ تي مؤمل ويٺي آهي. آس پاس ڪجهه ساهيڙيون بيٺيون اٿس. چبوتري کان ڪجهه دور هٿيار بند پهريدار بيٺا آهن.
چبوتري جي ڏاڪڻ وٽ ڊاڪٽر بيٺو آهي. هن وقت هو ڪمزور، روڳي ۽ بيحد ويچارو لڳي رهيو آهي.

ڊاڪٽر : سائينڙا! مان هڪ اهڙي ڳوري مرض ۾ ڦاسي ويو آهيان جنهنجو علاج سوٽر جي ڏينهن سان ئي ٿي ٿو سگهي. توهان راڄ - ڌڻي آهيو، اهڙيون بيشمار شيون توهان وٽ ضرور هونديون. سوٽر جي ڏينهن جي آس رکي راجا نند جي در تي سوالي ٿي آيو آهيان.

مؤمل : (ڪجهه وقت سوچي) پناهيءَ وٽ اهڙو هڪ ڏينهن آهي ته سهي پر پناهي ياترا تي ويا آهن...

ڊاڪٽر : سائينڙا! هيءُ غريب سوالي وڏيون آسون رکي توهان جي در تي آيو آهي.

مؤمل : تون اتي ترس، مان اهو ڏينهن ڳولهي اچي ٿي توکي ڏيان.

ڊاڪٽر : ڀڳوان توهان جي ڀلي ڪندو - سدائين شان - مان وڌندو رهندو، اقبال بلند ٿيندو رهندو...

گجگوڙ آسمان تي ڏاريو ۽
ڌليون تي لرزايون!

ديوان خاني ۾ هڪ جهڙا
سينگار ۾ سنواريل ست ڪٺولا!

ديوان خاني ۾ ڪُل ست هڪ
جهڙا ڪٺولا.

ڇهہ ڪٺولا ڪهڙي ست سان
واڳيل-

جن جي هيٺان اونها کوهہ!
باقي هڪ ڪٺولو ٻوڙ ۽ فريب
کان آجو!

هڪ اونهي مؤلائي کوهہ جو
درشن.

ڪاڪ محل اَڏجي راس ٿيو
تہ ليلائي شهر ۾ هوڪو
گهمايو ويو.

هوڪيوارو: (ڪجهہ پل دهل تي ڏاڪو هڻڻ کان پوءِ)
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو.
ڪاڪ محل جي رچناڪار، راجڪماري مومل جو
ٻڌرنامو ٻڌو-
جيڪو بہ ماڻهو ڪاڪ محل جو باغ لنگهي، تلاءُ پار
ڪري، شينهن جي چنبي کان پاڻ بچائي، ديوان
خاني ۾ وڃي ست ڪٺولن مان سچي ڪٺولي تي
اچي ويهندو تنهن کي سونهن جي ديوي راجڪماري
مومل جو هٿ نصيب ٿيندو...
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو!
(هوڪيواري جي ارد گرد ڪٺا ٿيل ماڻهون ڳالهائڻ شروع
ٿا ڪن. ماڻهن جا آواز هڪ ٻئي سان ان طرح وڃي ويا آهن جو

جاري رهي ۽ هميشه مال متاع هٿ ايندو رهي.	جهلڪ ڏيکاري غائب ٿي وڃي ٿي.
هڪڙي ڏينهن سُومل پنهنجن ڀينرن ۽ داسين کي ساڻ ڪري، ماڻهو ڇڏي، جهنگ جي وچ ۾ ليلاڻي شهر ۾ وڃي ڏيرو ڄمايو.	سڄو آئالو گامزن آهي.
اُتي ٿي عرصي ۾ سُومل ليلاڻي جي ڀرسان ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي هڪ طلسمي رنگ محل جوڙايو.	ڪلهدا ۾ پرگهٽ ٿيل محل جڙي راس ٿي ويو آهي.
ڪاڪ محل جي چوڌاري هڪ عمدو ۽ خوشنما باغ!	باغ جا ڪجهه درشيه.
باغ جي چوگرد وڻراهه ۾ ٻُول ٻلٻلان وارو پکيڙو!	ٻُول-ٻلٻلان جا هوائي شاٽس.
محلات جي اندر وٽ هڪ شيشي جو تلاءُ - هُو ڏسندڙ کي انهن لڳي ٿو ته درياءُ ڇولين ماري رهيو آهي! ساڳي مهاڀارت واري ڪارستاني!	تلاءُ جو درشيه.
محلات جي چئني ڪنڊن تي ۽ دروازي وٽ جادوءَ جا شينهن! شينهن جي نقلي	شينهن گرجنائون ڪري رهيا آهن.

جي اهميت ۾ سُورنل خزاني کان سونُو خزانو لِڪل آهي، سو توهان کي ملي رهيو آهي. سُومل کي ماري ڇا ملندو ها ؟

راجا نند : سُومل ڌيءَ، اهو ته سڀ سچ، پر ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته توهان اسانجون ڌيئر ڪنهن ڏينهن ڪنهن مصيبت ۾ نه ڦاسي وڃو!

سُومل : اهڙيون اشيون ڳالهيون توهان سوچيندا ئي نه ڪريو. جهڙي ڏسوان نوجوان ۽ راجڪمار ڪاڪ محل ۾ لهندا آهن، اهي شوم کان ٻاهر نه ڪيندا آهن. اهڙو منهن ڪري ليڪي مان ئي لڏي ويندا آهن.

راجا نند : پر ڌيءَ سُومل، ڪي ته ديوان خالي ڪانئين اچي پهچندا هوندا ؟

سُومل : اهڙا لڪ - ڪتما، فريبي - ڪتولي ئي وڃي وڃي ڪوڙه جي ٽري ۾ پوندا آهن ۽ اُتي ئي چيچلائي چيچلائي دم ڏيندا آهن.

راجا نند : سُومل! اهي ته نسورا اهڙا ڏٺا، خون ٿيا!

سُومل : پتاجي، بيشمار خزانا ڪنڌ ۾ وڃي هري رام هري رام جپ سان ڪونه ملندا آهن!. ڏڪڙ - ودبا جو ستانس آهي ته ڪامنا جي پراپتيءَ لاءِ ڪوڙ رستو اپرو لساهي. در اصل سنسار ۾ ڪجهه سچو - اپرو آهي ئي ڪونه. ڪرم ڪرم آهي- بس!

ٽن لفظن ”سومل“، ”هومل“ ۽ ”ڪاڪ محل“ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به سمجهه ۾ ڪو نه ٿو اچي.)

(هڪڙو ناهوڪو ڏاڍو نوجوان ڪاڪ محل جي مکيه ڦاٽڪ وٽ رکيل نغاري تي ڏونڪو هڻي رهيو آهي. جلد ئي سومل جي خاص خدمتگار ناتر ڦاٽڪ جو ننڍو دروازو کولي ٻاهر اچي ٿي ۽ نوجوان کي پنهنجي پٺيان پٺيان اچڻ جو اشارو ڪري ٿي.

نوجوان ناتر جي پٺيان پُل پاڻمان واري پڇري تان هلندو ٿو وڃي.
اوچتو ناتر غائب ٿي وڃي ٿي.
نوجوان وائڙن جان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ٿو.
سومل جا نمرا اچي ٿا نوجوان جي مٿان مارو ڪن ۽ هن جا سڀ هيرا جواهر ۽ زيور ڦري اڌمئو ڪري ڦاٽڪ جي ٻاهران ڦٽي ٿا ڪري اچن.

(راجا نند جي محل ۾ راجا نند ۽ سومل)
سومل : پتاجي، جيڪڏهن سومل ڏند ڏيئي چڙڻ واري غلطي نه ڪري ها ته بيشمار خزانا توهان وٽ ڪيئن ڪٺا ٿين ها؟ توهان جي پاڳ ۾ سمدو نديءَ.

هوس ۾ ڪاڪ محل جي
مومل مون سان هيءَ ڪار
ڪئي آهي...

(شاهه لطيف جي چوري جو ڪلوز-اپ)

شاهه لطيف: ڪالهه ڪڏهن سون ڪاڪڙي ڀر سج ڪان لٿو هو،
اسو سونهن ساويءَ جي، رس ورلو روهه،
جو منهن مومل جي پوءِ، موٽڻ تنهن مس ٿئي!

(جوڳيءَ تي ڪيف (خمار) چڙهي ٿو وڃي. هن جي اکين مان جهر جهر ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن. هڪ وڻ جي اوٽ وٺي هو اُتي ئي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ليٽي ٿو پوي.
همير ۽ سندس ساٿي دڪ ۽ عجب مان جوڳيءَ طرف نهارن ٿا.)

شاهه لطيف: بيڪاريءَ کي اسر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا الڪ اڙي، جنهن چيا قت چڙي ليا!

سوتر ڌار (فقط آواز)

هلو هلو ڪاڪ ٽڙن
چورو جمع چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن
هلو ڙي هڪ سمن!

درشيه

همير ۽ سندس ساٿي ڊاڍو جوش و خروش سان مومل جي ڪاڪ محل طرف وڌندا ٿا وڃن.

سوتر ڌار (فقط آواز)

جنهن وقت مرلو د ماليلي ۾
راجا نند حڪومت ڪري
رهيو هو ان وقت ٿر جو ملڪ
سومرن جي حڪومت هيٺ
هو. انهيءَ گهڙيءَ جو پويون
حاڪم همير سومرو ١٤٠٠ع ۾
گاديءَ تي ويٺو هو. سندس
راڄڌاني هئي امرڪوٽ.
همير سومري کي ٽي پڪا
يار ها: ڍولڻ ڄٽي، سنهڙو
ڌماچاڻي ۽ راڻو مينڌرو.
راڻو مينڌرو همير سومري جو
سالو به هو.

چارئي يار عيش و عشرت جا
ڪوڏيا ۽ شڪار جا شوقين!

هڪ دفعي شڪار ڪندي
ڪين ان ۾ هڪ "ٻاٻو رنگ
پيوٽ" ڳڏيو. جوڳيءَ جو
سچو رالو مستڪ ڏسي ڪيس
نمسڪار ڪيائون ۽ ڪيائنس
رڳ ۾ ٻڌڪ جو ڪارڻ
پڇيائون:

جوڳي: مان به هڪ راڄڪمار

درشيه

راجا نند جو محلات

همير سومرو پنهنجي محل ۾
خاص ڪمري ۾ ويٺو آهي.
سندس ڀر ۾ سندس ٽي يار
ويٺا آهن.
ڍولڻ ڄٽي-
سنهڙو ڌماچاڻي-
راڻو مينڌرو ...

شراب جو دؤر - قهقها.
شڪار جا ڪجهه درشيه.

همير ۽ سندس يار جوڳيءَ کي
نمسڪار ڪن ٿا ۽ ڪجهه
ڳالهائن ٿا.

مومل : چار شڪار اچي ويا آهن ناتر؟

ناتر : هائو راجڪماري، پُورا ۽ پڪا چار شڪار.

مومل : صبح ٿئي- پوءِ هنن جي خبر وٺڻ وڃجانءِ.

ناتر : ٺيڪ آهي...

ڪاڪ محل جي ٻاهران ميدان / ٻاهر / پرڀات

(چار ئي ڄڻا ميدان ۾ وڇايل فراس تي ويٺا آهن. ناتر خوب هار- سينگار ڪري هنن جي مرحبا لاءِ آئي آهي. هن سان گڏ چار ٻانهيون به آهن جن مان هر هڪ جي هٿن ۾ هڪ ٿالهي آهي.

ناتر هر هڪ اُميدوار جي اڳيان چڻن جي ٿالهي رکي ٿي ۽ منجهيل سٽ جي ڦاري رکي پاڻ ٿورو هٽي بيهي ٿي رهي.

راڻي مينڌري کان سواءِ باقي ٽيئي ڄڻا چڻن کي چٻي ٿا وڃن ۽ کائي پورا ٿا ڪن. صاف ظاهر آهي ته هو ڪجهه ڏينهن جا بکايل آهن.

ناتر سڀ ڪجهه چتائي ڏسي رهي آهي.

راڻو چڻن جي ٿالهي کڻي گهوڙي جي اڳيان ٿو رکي.

همير ۽ هن جي ٻن يارن چڻا کائي پيٽ ڀريو آهي ۽ هاڻي هو منجهيل سٽ سلجهائي رهيا آهن پر ڪاميابي ملڻ جا آثار نظر ڪونه ٿا اچن.

راڻو منجهيل سٽ کي ڪاتيءَ سان ڪپي ٿو ۽ اُن مان مکٽهارو ناهي پنهنجي گهوڙي جو سينگار ڪري ٿو. ناتر سڀ ڪجهه عجب مان ڏسي رهي آهي.)

راڻو : وڃ ۽ وڃي پنهنجي راجڪماريءَ کي ٻڌاءِ ته گهوڙي لاءِ موڪليل مال گهوڙي کي ئي ڏنو ويو.

هلو هلو ڪاڪ ڙاڻان،
جتي گهوڙا نه بيهن،
نه ڪا رات نه ڏينهن،
سڀڪو ٻسي ڙاڻان ڪي!

هوُ سڀ اُتساهه ۽ اي ڊپائي*
جي تصوير لڳي رهيا آهن.
تن اُتن جي تيز رفتار جا
ڪجهه ڏرشيه.
راڻو گهوڙي تي سوار آهي-
سمند گهوڙي تي.

ميدان / ٻاهر / ٿما شام

وائيڊ شاٽ. ڪاڪ محل جي ٻاهران سنهو - ڊوار جي ڀرسان هيٺ ۾ سندس ٻار ن اچي ڊيرو ڄمايو آهي. اُتن جي سواري ۾ سڀ چار ٽي ٻار ڪجهي بيا آهن ۽ ميدان تي ليٽي ٽڪ مٿاڪي رهيا آهن.

ڪاڪ محل صاف نظر اچي رهيو آهي.

ڪاڪ ندي مستاني وَهڪ سان وهي رهي آهي.

تي اُت جگالي ڪري رهيا آهن. سمند گهوڙو گاهه چري رهيو آهي.

ڪاڪ محل ۾ مومل جو خاص ڪمرو / اندر / رات

(ڪمرو بيحد خوبصورت طريقي سان سجايل آهي. مومل پلنگ تي ليٽي پئي آهي. سندس ڀرسان هن جي خاص داسي ناتر ويٺي آهي.)

ميدان.

(راڻي جي پرسان ناٽر بيٺي آهي. هن جي هٿن ۾ ٿالهه آهي. راڻو پيڪڙ لاهي ٿو ۽ پستن، ٻادامن، ڪاجن ۽ طرح طرح جي شڪل مڻين سان ڀريل حلوو ڏسي ٿو. راڻو هڪدم زور سان ڪٽي ٿو پيڪڙ ٿالهه جي مٿان رکي.)

راڻو : ڇا تنهنجيءَ راجڪماريءَ اسان کي زالون سمجهيو
آهي جو هيڏو زنانو طعام موڪليو اٿائين؟
(ناٽر ڏجي ٽڪڙو ٽڪڙو واپس وري ٿي.)

همير : راڻا مهندرا! تون آهين ته اسانجو سالو،
پر ڪڏهن دل ۾ ائين چوندو آهيان
ڇڙ ڪو زهريلو ٻالو!
گهوڙن وارا ڇٽا اسان کي ڪانئڻ ڏنءَ، پر پستن پادامن
وارو حلوو موٽائي ڇڏيئه...

راڻو : منهنجا يار همير! دل نه لاهه!
اڄ هو طعام آيو، آيو...

ڏونگر . اڙي — آيو — آيو...

سنهڙو : سچ پچ آيو — ٻڪ اچي ويو —

ناٽر : (اوچتو فرم ۾ داخل ٿي.)
هي ڇٽيهن ٻدارٿن وارو ڀوڄن راجڪماري موڪل
پنهنجي شب هٿن سان پاڻ تيار ڪيو آهي ۽ منٿ
ڪئي آهي ته ڪرپا ڪري هي ڀوڄن سوُيڪار
ڪري اسان کي ڪرتارٿ ڪريو...

(ناٽر پاڻ سان گڏ آيل ڇهن داسين جي هٿن مان سونيون ٿالهيون وٺي هرهڪ نوجوان جي اڳيان رکندي ٿي وڃي. پنجين داسي

(ناٿر جو منهن لهي ٿو وڃي. هوءَ چٽيءَ پاڻهين سوڌي واپس
وڃي ٿي. راڻو هن ڏانهن نهاري به ڪونه ٿو. گهوڙو ۽ چٽا ڪاٺي
رهيو آهي.)

مومل جو خاص ڪمرو / اندر / ڏينهن

(مومل جي سامهون ناٿر بيٺي آهي.)

ناٿر : راجڪماري، چار پروانا تنهان جي روپ جي جوالا ۾ پچڻ آرڻ لاءِ آيا آهن. آهن ته چارئي لاهوڪا ۽ من موهيندڙ ٻر... پر، راڻو راڻو آهي...

(مومل ناٿر جي اکين ۾ نهاري ٿي .)

ناٿر : منهنجي ته مرضي به آهي ۽ صلاح به آهي ته راڻي کي ڪٺي پنهنجي هردي جي سنگهاسڻ تي ويهارڻ... هوُنئن به اهڙي روپوان ۽ پڙهيل نوجوان جي جان وڃڻ کو عقل جو ڪم ڪونهي.

(مومل ڪجهه پل سوچي ٿي.)

مومل : ناٿر، جي روپوان راڻو سچ پچ اهڙو سهڻو به آهي ته پاڻهي اچي اسان تائين پهچندو... هو سامهون پيو انئي حلوي جو ٿالهه - مهمانن جي ناشتي لاءِ کڻي وڃ...

(ڪمري جي هڪ طرف ميز تي چانديءَ جو وڏو ٿالهه پيو آهي
ٿالهه جو ڍڪڻ به چانديءَ جو ئي آهي. ناٿر ٿالهه ڏانهن وڌي ٿي.)

ميدان

(راڻي جي سامهون ناٿو بيٺي آهي.)

ناٿو : جي همت اٿوَ ته هڪ هڪ ٿي اچي ملاقات ڪريو ۽ پنهنجو نصيب آزمايو.

سڀ : (هڪ آواز ۾) اسين ٿي ايندو.

(ناٿو واپس وڃڻ لاءِ پوئتي مڙي ٿي.)

همير : ترس ۽ اسان همير سومرا آهيون- هن ملڪ جا حاڪم. سڀني کان اول اسان تو سان گڏ ڪاڪ محل ۾ داخل ٿينداسين ۽ پنهنجو نصيب آزمائينداسين.

ناٿو : ته هلو حضور!

ڪاڪ محل جو باغ / ڏينهن

(همير ۽ ناٿو ڪاڪ محل جي باغ مان لنگهي رهيا آهن. باغ جو در لتاڙي پول پڪڙي واري پڇري ۾ داخل ٿين ٿا. اوچتو ناٿو غائب ٿي وڃي ٿي ۽ همير اڪيلو رهجي ٿو وڃي. ناٿو جي لاپتا ٿيڻ تي سڄو وايومنڊل ڀيانڪ آوازن سان ڀرجي ٿو وڃي. آواز اهڙا ته خوفناڪ آهن جو انسان کي پاڳل ڪري ڇڏين. همير جيئن جيئن ٿاٻا کائيندو کائيندو پٺي جان ڇڏائي ٿو. ٺهڪن جو ڀيانڪ آواز.

همير پنهنجي هٿن جي آڱريون ڪنن تي اچي ٿو ڪري. سڀ حيران ٿي ٿا وڃن.)

همير : مومل مهڙي مومل. پڇي جان ڇڏايو. سر سلامت هوندو ته مومل به ماڻينداسين...

سوني صراحي نوجوانن جي ڀرسان رکي ٿي ۽ اُن جي پاسي ۾ چار
سونا گلاس به رکي ٿي.
همير ۽ هن جا ٻه يار کائڻ شروع ڪرڻ وارا ٿي آهن ته راڻو هٿن
کي روڪي ٿو.)

راڻو : همير، تون اڄ منتري ۽ جي صلاح شايد ڀلائي ويٺو
آهين... او ٻيهري جو ڏنل کاڌو ۽ پاڻي بنا جاچ
ڪرڻ جي ڪڏهن به نه ورتائجي.

(راڻو ڪجهه کاڌو سامهون ٻيٺل هڪ ڪتي جي اڳيان ڦٽي ٿو
ڪري. ڪتو کاڌو کائڻ سان ئي ولي ٿـو ڪوڪون ڪري ۽
ڦٿڪي ڦٿڪي اُتي ئي مري ٿو وڃي.
همير هڪدم جوش ۾ اُٿي ٿو کڙو ٿئي. هن سان گڏ ٻيا ٻه اُٿي
ٿا اٿهن.)

همير : هلو ته موٽي وطن هلون. اسان لشڪر وٺي ايندا سين
۽ هن طلسمي محل جي هڪ هڪ پرزي جا پرچا
اُڏائي ڇڏينداسين.

راڻو : (شانت - ڀاو سان) دوست، واپس ورڻ و ٻين جو
ڪم ناهي. هاڻي ته مانجهي مٽس ٿي ميدان ۾ نپي
پونداسين ۽ ميدان مارينداسين.

(ان وچ ناٿ ۽ ٻيون داسيون ڪسڪي هلي ٿيون وڃن.)

مومل جو ڪمرو

(مومل جي سامهون ناٿ بيٺي آهي.)

مومل : گهوڙي! زبان بند ڪر. راڻي جي اڳيان جهڪي مان
ڪا ٻانهڻ ڪي ڪانڊ - هاب ڪمدس چا؟ ...... هاڻي
سڌو وڃ ۽ وڃي ڇٽين ته......

ڪري رهيو هو. ويچارو باغ مان ٿي وٺي ڀڳو.
سچ ٿي چوان، جي ٻول-ٻلهڻان ۾ پير رکي ها ته
پڪ ٿي پڪ دل ڌڙڪي ٻوس ها ۽ اسان کي...

مومل : (وچ ۾ ئي ناتر کي ڪٽي) هڪ ٻئي لاش جي انتم ياترا جو بندوبست ڪرڻو پوي ها.

(ناتر زور سان کلي ٿي. مومل جي منهن تي هڪ خوني مرڪ آهي— ڀيانڪ، ڪٺور ۽ حيواني.)

ناتر : تون راڻي وري سنهڙي سپنو ساهيو. سنهڙو ته ٻڌيءَ کان ٻه ٻه ڏينهن وڌ ٻڏل لڳو. باغ جي ٻاهران ٿي هيبتناڪ آوازن جا پڙاڏا پئي وٺي لايو باني ڀڳو.

مومل : باقي ڪيڏو آهي راڻو؟

ناتر : هائو راجڪماري! پر... مان چاهيان ٿي ڪاش هو سويارو ٿئي — ٽنهان ٻنهي جي جوڙي لاجواب رهندي.

مومل : (اک ٽيڙي ڪري) ناتر! مٺان اسان کي دوکو ڏئي ۽ راڻي جي مدد ڪرڻ.

(ناتر چپ آهي.)

مومل : چڱو، هاڻي وڃ ۽ وڃي راڻي مندري کي آزماءِ.

⊛

ڪاڪ محل جو باغ / رات

(ڪئميرا ڪلوز راڻي مندري جي ڇوري تي. ڪئميرا جي پل هڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو گهوڙي تي سوار آهي ۽ ٻول-ٻلهڻان واري ٻچڙي تان اڳتي وڌي رهيو آهي. ناتر

راڻو : دوستو، تو پنهنجو نصيب آزمايو. پڻ ڪي ٻه وارو ڏيڻ گهرجي. اچايو نه ته خلق اڳيان شرمندا ٿينداسين.

(هن جو جواب ۾ ڪجهه به نه ٿو چوي.)

ميدان / رات

(پُر اسرار ماحول. جهڪي روشني)

ناتر : (ٿنولي ڪندي) قبلا! توهان ته همير سومرا آهيو! تون ملڪ جا حاڪم آهيو! طلسمي آوازن کان ڏڪي وٺي پيگا! ولهون اُنهن همت ڪجهون آهن؟

(ناتر چپ ٿي وڃي ٿي. چار ئي يار شرم کان خاموش آهن.)

ناتر : آهي ڪو اهو جو ڪاڪ محل ۾ داخل ٿيڻ جي همت ڪري؟

ڏونر ڀٽي : (ميدان مرو ڙهي) مان ٿو هلان — مان ڏونر ڀٽي!

مومل جو ڪمرو / رات

(مومل پلنگ تي ليٽي پئي آهي. ناتر ٿڪ ڏيئي رهي آهي — مومل جي پلنگ جي پاسي ۾ اٺي ڪري)

ناتر : سو راجڪماري، ڏونر ڀٽي هليو. پهانڪ رات. اونده. هر پاسو چڙهي ڪر پوس. باغ جو هڪ هڪ گل پوس جي پهانڪ اک. اٺهي پنهنجو روح قبض

محلات جي اڳيان راڻي کي ڏسڻ ۾ لڳي جڻ ڪوئي تلاءُ هجي
پاڻيءَ جي ڇولين جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي.)

راڻو : تلاءُ ۾ ڇوليون!؟ يعني طلسم — هون...

(راڻو زمين تان هڪ گول لوڙهو پٿر کڻي تلاءُ ۾ اڇلي ٿو. پٿر
پڙي ڪونه ٿو بلڪ ٽڙڪندو ٽڙڪندو اوندهه ۾ غائب ٿي ٿو وڃي.
راڻو اهو طلسمي تلاءُ گهوڙي تي سوار ٿي پار ٿو ڪري ۽ محلات
جي ڏيڍيءَ تي وڃي ٿو پهچي.
اوچتو هڪ داسي اچي ٿي پرگهٽ ٿئي.
راڻو گهوڙي تان هيٺ لهي ٿو.)

داسي : (هٿ جوڙي) سائين، ڪاڪ محل ۾ توهان جو
سواگت آهي... اچو.

(اُن وقت هڪ ٻي داسي به اچي ٿي اتي پهچي.)

داسي : توهان پنهنجي گهوڙي جي چنتا نه ڪريو. گهوڙي
جو به پورو پورو خيال رکيو ويندو.

(راڻو اول آيل داسيءَ سان گڏ محلات ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ هن
جي پٺيان پٺيان هلندي هلندي اچي ٿو ديوانخاني ۾ پهچي. اتي
ست ڪٽولا هڪ جهڙا سينگاريل پيا آهن. راڻو ڪٽولن ڏانهن ڇتائي
نهاري ٿو)

داسي : سائين، توهان ڪٽولي تي ويهي آرام ڪريو — مان
راجڪماري مومل کي وٺي ٿي اچان.

(داسي هڪ طرف هلي ٿي وڃي.)

راڻو : طلسمي محل ۾ ست ڪٽولا — يعني حرڪتبازي ۽
حرفتبازي. چڱو، جي تون مومل آهين ته اسان به
راڻا آهيون. تو وٽ طلسمي تالا آهن ته اسان وٽ
طلسمي چاٻيون...

(راڻو مياڻ سوڌي تلوار سان ڪٽولي تي ڌڪ ٿو هڻي. ڪٽولي

گهوڙي جي اڳيان اڳيان هلي رهي آهي. ٻانڪ راس. ڏيئي روشني. هڏ ڪنبائيندڙ آواز. ٻوڏن. هانڪا. چيخون. ٻوڙن جا ٺهڪ. سرگوشيون. اهڙا لفظ جهڙي ڪوئي ارٿ نه ڏين. شين جو ڪرڻ. سازن جو وڄڻ. چوڙين جي ڇماڇم. ٻر راڻي جو هوش برقرار آهي. هو هڪ پل لاءِ به پنهنجي نظر ناٿو تان ڪونه ٿو هٽائي. او چتو راڻي جو گهوڙو ٺهڪ جي ڪري ٿو.)

راڻو : يار سمند! هيءَ وقت ٺهڪ جو ناهي. فولادي دل سان هر مصيبت جو مقابلو ڪندي اڳتي وڌڻ جو آهي.

(راڻي جو ڌيان گهوڙي طرف ويل ٻل ڏسي ناٿو گوهي ڏيئي ڪسڪڻ جي ڪري ٿي ته راڻو هڪدم گهوڙي تان ڇلانگ لڳائي وڃي ٿو ڪمس ڳتر کان جهلي ۽ گهلي پڇري تي آڻي ٿو ٻاهر اس.)

راڻو : خبردار! جي چالاڪي ڪئي اٿئي. ورنه اسان جي تلوار جي پياس سڀ کان اول تنهنجي خون سان بجهندي. گهوڙي جي اڳيان اڳيان هل ۽ شرط گهوڙن وانگر نه ڪاٻي نهار نه ساڄي نه ٻنيان. اکيون جهڪائي اسان جو رستو صاف ڪندي هل.

(اڳيان اڳيان ناٿو ۽ پٺيان راڻو سمند تي سوار ٻول پلٽيا وارو ٻمبرو ٻار ڪري رهيا آهن پڇري جي ٻيڙي ۽ وقت بلڪل اوندهه آهي. او چتو ناٿو وڃي وٺي گهوڙي کي ٺاهو تي ڏئي ۽ اوندهه ۾ غائب ٿي وڃي ٿي. راڻو گهوڙي تان هيٺ ڪري ٿو پوي. راڻو پاڻ سنڀالي اٿي ٿو. اکيون مهٽي ٿو. سامهون محلات جو ڪارو روپ ڏسي ٿو. ڪاري اوندهه ۾ پڌل محلات ۾ اندر ڪٿي ڪٿي روشني آهي جنهن جا هلڪا ڏورا محلات کي ڪجهه ڪجهه پڌرو ڪري رهيا آهن.
خوفناڪ آواز اڃا به جاري آهن.

راڻو : اڇا ! ڪو امتحان هجي ته اسان تيار آهيون.
مومل : (محجاب ٿي) اي ڍٽ ڌڻي راڻا ! اسان کي وڌيڪ
شرمندو نه ڪريو. اسان جي جان، توهان تي قربان.
اسان زندگيءَ ڀر توهان جا گولا ٿي گذارينداسين.
(راڻو ۽ مومل ٻئي ٻاکر پائن ٿا .)

شاديءَ جا شاد مانا .
شادي .
سهاڳ رات .

(شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ.)
شاه لطيف: گهر گهٽا ني گهائما ،
هاڻي لڳ —
ڀاڻا لڳندس گهاءِ !
ڪان ڪپار ڀر !

امر ڪوٽ: همير جو قيد خانو / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز راڻي مينڌري جي چهري تي . ڪئميرا جي ٽل ٿيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو قيد آهي. قيدخاني جي ڪمري جي ٻاهران سپاهي پهرو ڏيئي رهيا آهن. راڻو ٻهنجن ني

تي ڇوڪرا گڏ ٿين ٿا، خاليچا ۽ طول وهاڻا وڃي ٿا هيٺ اوڙاهه ۾
ڪرن. راڻو اندر اوڙاهه ۾ لهڻو چاهي ٿو ۽ سندس اکيون
ڦاٽي ٿيون وڃن.)

راڻو : مومل! ڇا تون آهين يا خواب ۾ آهيان، ڀالا! ٻڌايون!
(راڻو هڪ هڪ کٽولي کي آزمائي ڏسي ٿو. ڇهن کٽولن جا استرا
وڃي ٿا اوڙاهه ۾ ڪرن. ستين کٽولي جو استرو ڇهين جو ٽٽڻ
برقرار رهي ٿو. پوءِ به پڪتائي جي خيال کان راڻو ان جي هيٺان
۽ آس پاس چڪاس ڪري ٿو. سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ آهي — اهو
پڪين ٽيڪ کان پوءِ راڻو پالر اٿجي، طول وهاڻي کي ٺيڪ ڏئي
کٽولي تي ويهي ٿو رهي. تلوار پنهنجي پاسي ۾ ڪڍي ٿو رکي.
ان وقت هڪ داسي اچي ٿي.)

داسي : ڪرپا ڪري مٿي ڳالها آڇو.

۞

ڪاڪ محل جو شاهي ڪمرو / رات

(ڪمري ۾ شاهي لباس پهري پندرهن رو ٻوتيون جو پنوليون
جدا جدا جڳهين تي ويٺيون آهن. سڀني جي چهري تي هڪ
جهڙي مرڪ آهي.
راڻو داسيءَ سان گڏ اندر داخل ٿئي ٿو.)

داسي : هي پندرهن مومل مان پنهنجي مومل پاڻ ڳولهيو.

(ان وقت هڪ ٻوڙو ٻون ٻون ڪندو اچي ٿو ۽ هيٺين مومل
جي چوگرد ڦيرا پائي ٿو. راڻو اندازو لڳائي ٿو ته اها ئي
ڪاڪ محل جي اصلڪاري مومل آهي. هو سڌو وڃي ٿو مومل
جي اڳيان بيهي رهي.)

ڪري توکي اُن شرط تي آزاد ڪيوسين ته، اُن زهريلي ناڳڻ جو وري منهن نه ڏسندين. ڇا تو انجام پاڙيو؟... نه، تو انجام ڪونه پاڙيو. تون اسان جي اکين ۾ سرمو پائي مومل سان ملڻ لاءِ ويندو رهين... ثبوت ملڻ تي اسان وري ڪٺي توکي قيد ڪيو...... اسان جي راڻي يعني تنهنجي ڀيڻ جي منٿن ۽ ايلازن جي ڪري اڄ اسان هڪ دفعو وري توکي آزاد ڪري رهيا آهيون... دل ته اسان جي بلڪل نٿي چاهي ته ڪو تنهنجا بند خلاص ڪجن، پر... پر اسان پنهنجي راڻيءَ کي به هرو ڀرو ناراض نٿا ڪرڻ چاهيون- راڻا تون آزاد آهين... اسان اُميد ٿا ڪريون ته تون وري اسان کي ڪوئي اڳرو قدم کڻڻ لاءِ مجبور نه ڪندين......

(همير تيز تيز قدم کڻندو بنديخاني مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

راڻو ڏاچيءَ جي هڪ گوڏوڙي تي سوار ٿي مومل سان ملڻ لاءِ ڪاڪ محل طرف وڃي رهيو آهي.

خيالن ۾ گم هڪ ڪنڊ ڪان زمين تي ويٺو آهي.
هميرو اچي ٿو. پهريدار کيس باعزت سلام ڪن ٿا. هميرو پهريدارن کي هٿ خالي جو دروازو کولڻ لاءِ اشارو ڪري ٿو. پهريدار دروازو کولين ٿا. هميرو اندر وڃي راڻي جي سامهون اچي ٿو رهي.
راڻو پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي. کيس اها به سڌ ڪونه ئي ٿوي ته ڪو دروازو به کليو آهي ۽ هميرو اندر داخل ٿي چڪو آهي. پر جڏهن هميرو هن جي ڀرسان اچي بيهي ٿو تڏهن قدمن جي آواز ۽ ان ٽنگن جي اڳيان اچي بيهڻ جو درشيه هن جي تندرا کي ٽوڙي ٿو ۽ هو اکيون مٿي کڻي نهاري ٿو. پر ٻيهر وري اکيون جهڪائي ويٺو ئي ٿو رهي.)

هميرو : جنهن حسن جي اسان تمنا ڪريون اهو حسن اسان کي، فقط اسان کي حاصل ٿيڻ گهرجي. اسان پنهنجي پيار کي ٻئي جي ٻانهن ۾ هرگز - هرگز گوارا نه ڪري سگهنداسين، پوءِ چاهي اهو اسان جو سالو - اسان جي راڻيءَ جو ڀاءُ ئي ڇو نه هجي!...

(راڻو ڪوئي رد عمل ظاهر نٿو ڪري. هو لڪڪار روپ سان سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو آهي.)

هميرو : تنهنجي ڪري اسان جي سراسر بي عزتي - زبردست بي عزتي ٿي آهي. اسان مهاراڪو وس ڪري توسان گڏ ڪاڪ محل ۾ هلياسين ته مومل جاڙي واڙي اسان کي مٿهن ڏهڻ لاءِ چيو! ۽ تون؟ تون مومل کي پاڻ سان گڏ وٺيو هلڻو وٺين ۽ وڃي عيش ڪيئي!
چا اسان غلط آهيون؟

(راڻو اڃا به خاموش آهي.)

هميرو : اسان غصي ۾ ٻيهي باڙ تي ويٺاسين ۽ توکي ڪٽي ڪاڪ ۾ وڌوسين؛ پر ڇئن ڇگن جي وچ ۾ اوڻ

روڪي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي تلوار مومل جي پاسي ۾ رکي ڇپچاپ ٻوٽان ٻاهر ڪري هلندو ٿو وڃي.)

(ڪاڪ محل ۾ مومل تڙڦي رهي آهي. بيڪ او ورليپ ڪري ٿو - زناني آواز ۾ .)

بيت : شمع ٻاريندي شب، ٻره ٻاکون ڪيئون،
مومل، مران ٿي، مهندرا! راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجيء آس طلب، ڪالهه، اڏايم ڪاڪ جا!

(مومل، سومل ۽ سندن داسيون ڪاڪ محل ڇڏي امرڪوٽ طرف وڃي رهيون آهن.
بيڪ او ورليپ ڪري ٿو - آواز زنانو.)

بيت : سوڍا صبر تنهنجو، مرڪ لڳائين،
ڇپ سڄڻ جي چون، ادب ڪجي اُن جو.

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ)

شاهه لطيف : جڏهن انسان جا سڀ حيلا وسيلا ناڪام ٿيا ٿين،
هارائي ٿا وڃن تڏهن هڪ ئي آڌر ٻن سهارو وڃي
ٿو بچي...

(مومل باهه ۾ جلي رهي آهي. راڻو ! ب ڪندو ب ڪندو اچي ٿو مچ ۾ ٽپي پوي !)

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
اسر ڪوٽ جي قيدخاني ۾، جي هڪ طرف راڻو مومل جي ياد ۾ اُداس هو ته ٻئي طرف ڪاڪ محل ۾ راڻي جي جدائي ۾ مومل به اداس هئي!	راڻو قيدخاني ۾.
	مومل اداس بيٺي ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي آهي
ڏينهن ته جيئن تيئن ڪري گذاري ڇڏيندي هئي پر جدائي جي رات جو هڪ هڪ پل ڪارو نانگ ٿي ڪنهن ڏنگيندو رهندو هو.	مومل اوسيئڙي ۾ ڦرهو پاسا بدلائي رهي آهي.
پاڻ کي ٻرپاڻ لاءِ ۽ اڪيئن مَن کي ڪجهه تسلي ڏيڻ لاءِ مومل پنهنجي وڏي ڀيڻ سومل کي راڻي ميندري جا ويس وڳا پهرائي رات جو پلنگ تي پاڻ سان گڏ سمهاريندي هئي- ۽ ڪيس ڪهڙي خبر ته: هڪ ڏينهن......	مومل ۽ سومل هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي سمهيون پيون آهن. سومل کي راڻي جو لباس پهريل آهي.

(راڻو ميندرو ٻرندو هنيالي مومل جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اوچتو رکجي ٿو وڃي. مومل هڪ غير مرد سان ڀاڪر پائي سمهي پئي آهي!

راڻو غصي ۾ ٻيهر لوڻ ٿي ٿو وڃي. تلوار ڪڍي پنهنجي جا سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ وارو ئي آهي ته اوچتو ڪجهه سوچي همٿ

سائين، اها سٽ ساهه سان وڃي اهڙي نموني سمجهي وٺجي آهي جو ساهه وڃي ته وڃي، ان سٽ جو سمجهو نه ويندو...

شاهه لطيف: ممان، جي مرضي هجئي ته سڄو بيت ٻڌايان جنهن جي هيءَ سٽ آهي.

جت : سائين، ان کان وڌ ته مون جت لاءِ قارون جو خزانو به ڪو نه ٿيندو... ڌڻي توهان جو ڀلو ڪندو...

شاهه لطيف: ٻڌ ممان -

هڪلائي هل، پورهيندس پنهنجو ڏي،

(جت خوشيءَ ۾ اُٿي اهو جهومڻ ٿو لڳي.)

شاهه لطيف: آڏا ڏُونگر لڪون، سُور ٻئون سڄڻ سنل،

(جت وجد ۾ اچي رقص ٿو ڪري.)

شاهه لطيف: ته ڪر ڀلي آهن ڀل، جي سُور ٻريان جا ساڻ مون!

(جت جو ٽين سٽ ٻڌڻ ۽ بيهوش ٿي ڪري پوڻ.

شاهه لطيف جهڪي جت کي جاچي ٿو. هو مري چڪو آهي.)

شاهه لطيف: ممان، تو جهڙو درد وارو انسان نه مون ڪڏهن ڏٺو آهي ۽ نه وري ڏسڻ جي اميد ئي آهي...

رب تنهنجي روُح کي مغفرت بخشي.

(شاهه لطيف پنهنجن هٿن سان اڪيلي سر قبر کوٽي ٿو ۽ عشق جي تصوير، جت جو لاش دفن ڪري ٿو. زمين جي اُن ٽڪر تي شاهه لطيف خاص قسم جون سرُون رکي نشان-دهي ڪري ٿو جيئن اڳتي هلي قبر جوڙي سگهي.

شاهه لطيف ان جڳهه ڏانهن ڪجهه دير نهاريندو رهي ٿو.

شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز-اپ.)

— فيض آنومت

ٻاهه جا اُلا آسمان ڇهي رهيا آهن.)
شاهه لطيف: اڳتي... اڳتي... ۽ اڳتي....
سڀ ڪجهه سواها... سواها... سواها......

ننگر ٺٽي ڏانهن ويندڙ رستو / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلو ئي اڪيلو ننگر ٺٽي ڏانهن واپس وري رهيو آهي. اوچتو سندس ئي ڪلام جي هڪ سٽ ڏاڍي دردناڪ آواز ۾ ادا ٿيل ڪن پوَنس ٿي.)

سٽ : هيڪلائي هل،
هو ريندس پنهوءَ ڏي...
هيڪلائي هل، هو ريندس پنهوءَ ڏي...

(شاهه لطيف دردناڪ آواز طرف نهاري ٿو.
(سامهون هڪ غار ۾ هڪ شخص مايوسيءَ جي عالم ۾ ويٺو آهي ۽ ور ور مٿين سٽ پيو پيو دهرائي.
شاهه لطيف غار طرف وڃي ٿو.)

شاهه لطيف: ابا، تون ڪير آهين؟
شخص : سائين، مان هڪ جت آهيان.
شاهه لطيف: ابا، تون ور ور ڇا پيو ٿو دهرائين؟
جت : سائين، خون ۾ ڪاڪ ٻوڙي لکيل ڪنهن دردناڪ ڪلام جي هڪ سٽ آهي.
شاهه لطيف: ابا، اها سٽ ڪٿان مليئه؟
جت : سائين، هالن جي ڀرسان لنگهي رهيو هوس ته ڪن فقيرن اها سٽ ور ور پئي دهرائي...

ويٽا پبليڪيشن جو اسڪرپٽ - ساهت

(١) جوڳي جادو لائي ويا (١٩٨٧) - منوهر - جڳديش

[مرڪزي سرڪار جو انعام حاصل ڪيل]

(٢) ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان (١٩٨٧) - منوهر - جڳديش

(٣) پؤ - ڦٽي پوپٽي (١٩٨٨) - منوهر - جڳديش

(٤) ڪريو نہ تنهنجو ڪير (١٩٩٠) - منوهر - جڳديش

(٥) جل ۾ جوتين وارو (١٩٩٢) - منوهر - جڳديش

(٦) نيڻين ننڊ حرام (١٩٩٣) - منوهر - جڳديش

Cover Designed & Printed by **ART SPOT**, BOMBAY-Tel: 464134-395057



منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

عشق تمامُ، بِرهه تمامُ، وڙا! مئن لوُنِي يارَ لوڪو!
سيجَ سُتي نوُن جَهپَ نه آوي، نيڻين ننڊ حَرامُ،
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيرانِدا ڪامُ،
مَتِ عقلَ دِي مُنجهه گئي، آيا عشق اِمامُ.

VEENA PUBLICATION
وينا پبليڪيشن

NENEN NIND HARAM —MANOHAR BEDI
JAGDISH LACHHANI.

VEENA PUBLICATION